ABC
CERTIFIED

# مهراڻ

نمبر4/2017ع



سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات "لطيف" جي

پاڻَهِين جَلّ جَلالَهُ، پاڻهِين جانِ جمالُ،
پاڻهِين صورت پِرينءَ جي پاڻهِين حُسن ڪَمالُ،
پاڻَهِين پِير مُريد ٿئي پاڻهِين پاڻَ خيالُ،
سڀ سيوئي حالُ منجهان ئي معلوم ٿئي

(سُر ڪلياڻ)

***

هو پاڻ ئي وڏي شان وارو آهي ۽ پاڻ ئي سونهن جو جوهر (تت) آهي. هوُ پاڻ ئي پرينءَ جو روپ آهي ۽ پاڻ ئي پورن سونهن آهي. هو پاڻ ئي مرشد (ستگرو) تو بنجي ۽ پاڻ ئي مريد (شش) تو ٿئي. هوُ پاڻ ئي "خيال" آهي (جنهن مان هيءُ سمورو مانداڻ يا پسارو نروار ٿيو آهي). اِهو سمورو حال اندر مان ئي تو پروڙي سگهجي

("شاهه جو رسالو" ڪلياڻ آڏواڻي تان ورتل)


سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين
شاهه لطيف

## محمد خان مجيدي



(جنم: 5- جنوري 1918ع - وفات: 7- اپريل 2003ع )

### رهون ڪٺا

رهون هر مصيبت ۾ دائم ڪٺا،
تہ دشمن جا دٻجي وڃن انسنا.

رهون پاڻ ۾ تيئن اسان گڏ سدا،
رهن سنگ ۾ جيئن داڻا ڪٺا.

اسان ڪالهہ ڪشتيون ڪلهن سان ڏڪيون،
اچا ڪين مٿا گلابي گٿا.

اسان ديش دشمن سان وڙهندا اچون،
رکون سارم ساٽ سانگا سٿا.

نوان ڳوٺ نجهرا اڏيندا اچون،
نہ آهن ڪُٺا بانٺون بٺا.

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 67 | آڪٽوبر- ڊسمبر 2017ع | نمبر 4

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

صوبائي وزير روينيو کاتو، حڪومت سنڌ
چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏنو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)

**ثمينه ميمڻ**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# سوچ -لوچ

## محمد ابراهيم جويو- هڪ صديءَ جو سفر



سنڌ جو عظيم فرزند محمد ابراهيم جويو 102 ورهين جي ڄمار ۾ 09- نومبر 2017ع تي صبح جو لاڏاڻو ڪري ويو. اِناللہ وِانا عليه راجعون. سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي صحت گهڻي عرصي کان بهتر نہ هئي ۽ هُو ڏکهي وقت کان علاج ڪرائيندڙ هو. نومبر جي 9 تاريخ تي صبح جو سندس طبعيت بگڙجي ويئي. ڪين اسپتال نيو ويو، پر سندن ساهہ جو پکيڙو اُڏامي ويو!

جويي صاحب جون زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪيل خدمتون بيشمار آهن، انهن سڀني جو هتي وستار ڪرڻ سج کي آرسي ڏيکارڻ جي برابر آهي. هُو سنڌ جو غيرتمند سپوت، سنڌ جو پروانو، پنهنجن فرضن سان مخلص ۽ انهن جي حاصلات لاءِ هر وقت جاڳندڙ ۾ رهندڙ، سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ خودمختياريءَ ۾ ويساهہ رکندڙ محب وطن اڳواڻ، سچو فڪري رهبر ۽ ساٿي هو. پروفيسر ڊاڪٽر انورفگار هَڪڙو صاحب پنهنجي مضمون، ”دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس“ ۾ جويي صاحب لاءِ بلڪل درست لکيو آهي تہ: ”بيشڪ هُو سنڌ جو منفرد انسان هو، جنهن جي شخصيت هر لحاظ کان رهبر ۽ رهنما واري رهندي آئي. سندس تعليم ۽ تربيت ڪامل استادن جي رهبريءَ ۾ ٿي. هُو مُفڪرن ۽ عالمن جي صحبت ۾ رهيو، مٿس انهن جو اثر ايترو تہ گهرو رهيو جو پاڻ بہ تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان فرائض سرانجام ڏيڻ پسند ڪيائون ۽ انتظامي عهدن تي بہ وڏي مدبر وانگر پنهنجيون ذميواريون سرانجام ڏنائون، جتي بہ رهيا، اتي پنهنجا داستان ۽ قصا ڇڏي آيا.“

جويي صاحب جو وڇوڙو سنڌ جو هڪ وڏو نقصان آهي. جنهن جي تلافي ڪرڻ ڏکيو آهي. ڇو تہ هر ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ۽ ان جو، عمل ۽ ڪردار جو تاثير پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. ۽ ان جي وڃڻ کان پوءِ اُن هنڌ جاءِ يا شهر ۾ هڪڙو وڏو خال پيدا ٿي پوندو آهي، جيڪو نہ پرجي سگهندو آهي. تاريخ ۾ ڪي اهڙا فرد بہ هوندا آهن، جيڪي قومن لاءِ درسگاهہ ليکبا آهن، محمد ابراهيم جويو بہ سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ هڪ درسگاهہ جي حيثيت رکندا هئا. جنهن ۾ ڪيترائي فرد علم جي زيور سان سينگارجي سنوارجي، تيار ٿيا، جن جو زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ انفرادي يا اجتماعي طرح ڪردار بيهي ٿو. هُو سنڌي ادب جو اهو سگهارو نانءُ هو. جنهن جي پاڇي هيٺان ڪيترن ئي اديبن جي پالنا ٿي. محمد ابراهيم جويو صاحب جي پنهنجي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ميدان ۾ وسيع خدمتون آهن. خاص طور تي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو جائز مقام ڏيارڻ ۾ سندن ڪوششون تمام گهڻيون آهن.

جويي صاحب سنڌي ادبي سنگت، سنڌي ادبي بورڊ، بزم صوفياءِ سنڌ، انجمن ترقي پسند مصنفين ۽ ٻين ادارن جي تعمير ۽ بنياد لاءِ ڪوششون ورتيون. سنڌي ادبي بورڊ اهو اهم ادارو آهي، جنهن ۾ جويي صاحب جي زندگيءَ جو گهڻو عرصو گذريو. هن اداري ۾ سيڪريٽري، چيئرمين ۽ ماهر ايڊيٽر جي حيثيت ۾ تمام وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن جويو صاحب ٽماهي ”مهراڻ“ رسالي جو ايڊيٽر مقرر هو، ان وقت جا سندن ايڊيٽ ڪيل ”مهراڻ“ جا پرچا ڏسڻ ۽ پڙهڻ وٽان آهن. انهن ۾ سندس لکيل ايڊيٽوريل ڪمال جا ايڊيٽوريل آهن، ڇا تہ انهن جي ٻولي ۽ ان جون علمي ۽ ادبي خوبيون آهن. ٻوليءَ جي نفاست، ان جي پنڪچوئيشن، تلفظ، بيهڪ جون نشانيون، هر چيز، پنهنجي پنهنجي جاءِ

تي، سونهن ۽ ترتيب ۾ نظر ايندي. جويي صاحب "مهراڻ" رسالي کي پنهنجي ايڊيٽرشپ جي ڏينهن ۾ اوج تي پهچايو. جويي صاحب "مهراڻ" رسالي ۾ ادبي ۽ تنقيدي خطن ڇاپڻ جو هڪ سلسلو شروع ڪيو هو، جنهن جي ذريعي ادبي تنقيد جا بهتر رجحان ۽ گوشا نروار ٿيا ۽ اُن وقت جي نامور اديبن انهيءَ ۾ دلچسپيءَ سان حصو ورتو. نثر ۾ افساني ۽ ڪهاڻيءَ جي فن ۽ فارميٽ تي وڏا وڏا تنقيدي بحث کُليا، جن مان پڙهندڙن جي وڏي اصلاح ٿي ۽ خود تنقيد جي روشن خيال ۽ ترقي پسند رخن جي نئين سر اپٽار ٿيڻ لڳي، جنهنڪري ان وقت تنقيد جهڙي جامد ۽ فريز ٿيل مضمون ۾ نئين سر حرارت پيدا ٿي.

مجموعي طرح سائين جويي صاحب جو ڪردار، سنڌ، سنڌي ادب، ٻوليءَ سنڌي قوم لاءِ روشن، تابناڪ ۽ قلدائڪ ثابت ٿيو آهي، جو سندن خيالن ۽ طرزِ زندگي هڪ اهڙي رهنما اصول جي صورت اختيار ڪري بيٺي آهي جو هاڻي هر محبِ وطن ۽ ڪميٽڊ ماڻهوءَ تي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ اُن کي سونهون بڻائڻ گهرجي ته جيئن گهر گهر ۾ محمدابراهيم جويو پيدا ٿئي.

**"مهراڻ" آيو موج ۾:**

سال 2017ع جو آخري شمارو پڙهندڙ حضرات جي هٿن ۾ ڏسندي اسان کي خوشي ٿي رهي آهي. ڇو ته ادارو هڪ ڏکي ۽ تڪليفده مالي مامرن مان گذرندو رهيو آهي. جنهنڪري "مهراڻ" رسالي جي وقت سر اشاعت ۽ اجراء ۾ تاخير ٿيندي رهي آهي. پڙهندڙ ۽ "مهراڻ" رسالي جي وچ ۾ جڙيل رابطو، ٽُٽي ويو آهي. مالڪ سائينءَ جا لکين احسان ۽ ڪرم جو وري اسين انهن وقتي مشڪلاتن سان منهن مقابل ٿيندا پنهنجي منزل طرف روان دوان آهيون. رب پاڪ کان دعا آهي ته اسان انهن مڙني معاملن مان خير خوبيءَ سان نڪري هميشه لاءِ آجا ٿيون، آمين.

هن شماري ۾ سنڌي ٻولي، ادب، تاريخ، ثقافت جي مڙني رنگن کي شامل ڪيو ويو آهي. اسين ڪا دعويٰ ته نه ٿا ڪريون، پر ڪوشش اها هوندي آهي ته رسالي کي اهڙو خوبصورت بڻائي پيش ڪريون، جيئن اوهان پڙهندڙن کي پسند اچي. هن شماري ۾ سنڌي صورتخطيءَ جي پيچيده مامرن تي سير حاصل ڪيل مضمون ڏنو ائڻون. جنهن ۾ ڊاڪٽر الطاف حسين جوکئي صاحب وڏي علمي مهارت سان هيءُ مضمون تيار ڪيو آهي. نذير شاڪر بروهي صاحب سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جو هڪ وڏو اسڪالر آهي، جنهن کي گذارش ڪئي ته هُو اسان کي سنڌ جي حوالي سان ڪو مقالو تيار ڪري ڏين، پاڻ مصروفيتن مان وقت ڪڍي، اسان کي "سنڌ" جي وجود ۽ نالي تي تحقيقي مقالو لکي موڪليو اٿن، اهو به هن ۾ شامل آهي، اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر محمد ادريس السندي ”ضلعي نوشهروفيروز ۾ مخطوطات جا ذخيرا“ جي عنوان تي تحقيقي مقالو ڏنو، اهو به هن ڪهڪشان رنگ ۾ شامل آهي. ڊاڪٽر نور احمد سنڌي صاحب، "اضحي جا احڪام، تاريخ، اهميت ۽ فلسفو" جي عنوان تي آرٽيڪيل ڏنو. تاريخي اعتبار کان ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي جو مضمون "وارهه" تي لکيل آهي. ان کان علاوه سائين جويي صاحب تي لکيل ٽي آرٽيڪل، جن ۾ هڪ پروفيسر ڊاڪٽر انورفگار هَڪڙي صاحب، محسن جويي صاحب ۽ عبدالرئوف عباسيءَ جا مليا آهن، جيڪي به هن انڊلٺي ڪهڪشان ۾ شامل آهن.

هن پرچي جي تياريءَ ۾ جن به اداري جي ساٿين جو تعاون ۽ سهڪار شامل رهيو آهي، مان انهن سڀني جي ٿورائتي آهيان، جن جي سٿ ۽ مدد کان سواءِ هيءُ ڪم نامڪمل هو.

ڪا جا آندي ڪيچئين وڻڪاران وائي،
سُٺي مون سائي، نيٺين ننڊ وهه ٿي.
(شاهه)

ثمينه ميمڻ
ايڊيٽر (انچارج)

## متفرقه


- تولاءِ موت تہ ڪا شيءِ ناهي
بابا سائين محمد ابراهيم جويي جي ياد ۾
- محسن جويو 177
- دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس
- پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 183
- محمد ابراهيم جويو: علم ۽ ادراڪ جو
صاحب
- عبدالرئوف عباسي 185
- سؤ سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون-1
(مختصر تبصرو)
- دين محمد ڪلهوڙو 187
- شيخ اياز
- ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 191
- علم جي جوت ورهائيندڙ لازوال ڪردار
(تاثراتي ليک)
- شبنم گل 194
- واجد جي شاعريءَ ۾ سماج جي پيڙا
- لطف الله سيال 197
- پهريون خيرپور لٽريچر فيسٽيول علم،
ادب، فن ۽ ثقافت رنگن جو جهان (رپورٽ)
- آصف نظاماڻي 204
- ڪتاب: ڪٿي مان ڪيچ جو مختصر جائزو
- پروفيسر لعل بخش جسڪاڻي 208
- رثائي ادب جو شاهڪار، سياهه پوش حرم
آ، سرخ پوش حسين (تبصرو)
- ميرزا فياض علي بيگ 210
- ڪهاڻين جو ڪتاب: "ٻرورو" (تبصرو)
- علي نواز آريسر 213

## هڪ صديءَ جو پڙاڏو

سنڌ جي عظيم تاريخ ساز شخصيت



# سائين محمد ابراهيم جويو

جنم: 13_ آگسٽ 1915ع

وفات: 09_ نومبر 2017ع

## محمد ابراهيم جويو



(جنم: 13- آگسٽ 1915ع - وفات: 9- نومبر 2017ع)

# او سنڌ.....!

او سنڌ!
منهنجي پنهنجي سنڌ!
اڄ ٿو آئون توکان پڇان،
ٻڌاءِ
تون مون کان ڇا ٿي گهرين؟
تون مون کان ڇا ٿي طلبين؟
آئون ڪير آهيان؟
تون ٿي مون کان پڇين؟
.... ماءُ
آئون.... تنهنجو اولاد!
تنهنجي مامتا جي گهراين،
تنهنجي شادابين، سبزين،
تنهنجي مٽيءَ تنهنجي پاڻيءَ، تنهنجي هوا،
۽ تنهنجي وسعت مان اُٿيل هڪ ٻالڪ!
تنهنجو اولاد....!
تنهنجو آنڊو، تنهنجو هڏ، تنهنجو رت!
منهنجو جسم تون، منهنجو جياپو تون،
تو مون کي ڄڻيو،
تو مون کي پاليو، نپايو، وڏو ڪيو،
تنهنجي ئي هنج ۾، مون تو کي ڏٺو:
تنهنجو سدا حيات سنڌو درياهه،
تنهنجيون ٻنيون، تنهنجا ٻيلا،
تنهنجون ماٿريون ۽ ميدان،
تو مون کي ڄڻيو،
تو مون کي پاليو، نپايو، وڏو ڪيو،
تنهنجي ئي هنج ۾، مون تو کي ڏٺو:
تنهنجو سدا حيات سنڌو درياهه،
تنهنجون ٻنيون، تنهنجا ٻيلا،
تنهنجيون ماٿريون ۽ ميدان،
تنهنجا جبل ۽ پهاڙ،
تنهنجيون جهوپڙيون، تنهنجا واهڻ ۽ ڳوٺ
هي تنهنجا هاري، ڪمي، ڪاسبي ۽ پورهيت
منهنجا ڀائر،
هي تنهنجي آسمان جا قسمين قسمين پکي،
هي تنهنجي تلائن ۾ ڍنڍن ۾،
ڀانت ڀانت جون مڇيون ۽ نَنڍڙا جيت،
هي تنهنجي ٻيلن ۽ جبلن ۾،
گهمندڙ ڦرندڙ طرح طرح جا جانور ۽ حيوان:
هي اسان جا رنگ، اسان جا آواز، هي اسان
جون نگاهون:
.... منهنجا ئي رنگ، تنهنجا ئي آواز،
تنهنجون ئي نگاهون تہ آهن!
هي سڀئي!
تنهنجي ئي هنج ۾، مون تو کي ڏٺو:
هي ۽ آئون ..... اسين سڀئي تنهنجو ئي تہ
اولاد آهيون!

اسان سيني جو ساهه، تنهنجي ساهه سان ئي تہ
ڳنڍيل آهي!
اسان سيني جو جسم، تنهنجي جسم سان ئي
تہ جڪڙيل آهي
اسان مان هر ڪوئي، پنهنجيءَ پر ۾ توسان
ڳالهائي ٿو،
.... توکان ڪجھہ گهري ٿو، توکان ڪجھہ طلبي
ٿو:
۽ تون،
جيڪي ڪجھہ تو وٽ آهي،
سو سڀ ڪجھہ اسان سيني کي،
لڱ گهريو ۽ لڱ ميو، پئي ٿي هميشہ ڏين!
۽ آئون....
انهيءَ جي عيوض ڪجھہ ڏيان،
ڪجھہ ڏيڻ چاهيان ٿو،
۽ ڪجھہ ڏيندس
اهو ڪجھہ جو توکان،
تنهنجي وسعتن مان،

تنهنجي شادابين مان،

چورائجي ويو....
ديده دانستہ ۽ ڏنو وائنو!
۽ تون هڪ سوال بڻجي وئينءَ

منهنجي لاءِ منهنجي پاڻرن لاءِ

ڪمين، ڪاسبين ۽ پورهيتن لاءِ
جيجل....!
..... تڏهن ٿو اچ توکان آئون پڇان!
سنڌ! منهنجي پنهنجي سنڌ!
منهنجي مهربان منڙي ماءُ!
ٻڌاءِ....
تون مون کان ڇا ٿي گهرين؟
تون مون کان ڇا ٿي طلبين؟

ٿر جي نالي بابت ڪن مؤرخن، بحث ڪندي لکيو آهي ته؛ اهو سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ سٿل جي بگڙيل صورت آهي. جنهن جي معنيٰ؛ ”اها خشڪي، جتي پاڻيءَ- ٿنڀ نه هجي.“

ڪن وري، پڻ ڪي ٿري ۽ سندس جمع ڪي ٿريون چوندي، لکيو آهي؛ ”پڻن وارو ملڪ جيڪو، ٿرين جي نسبت سان، ٿر سڏجي ٿو.“ ڪن ته ڪير مٿان ٽيندڙ ملائي يا ٿر ڏانهن مشابهت ڇڪيندي لکيو آهي؛ ”ٿر جي ايراضي، سنڌ ڌرتيءَ تي ائين آهي، جيئن ڪير مٿان ٿرا!“

لسانيات جي دائري اندر ٿيل تحقيق ۽ جاچ جوچ مطابق؛ ’ٿر‘ لفظ ’ٿل‘ مان نڪتل ٿو معلوم ٿئي. نحوي قانون هيٺ، ’ل‘ جو ’ر‘ ۾ بدلجڻ پڻ، ان جو سبب آهي. يعني ’ٿل‘ مان ’ٿر‘ ائين ٿيو آهي، جيئن ’جل‘ مان ’جر‘ ’هل‘ مان ’هر‘، ’پاتال مان پاتار‘، ’نيلو‘ مان ’نيرو‘ وغيره. اگر ان کي بنياد تسليم ڪجي ته، پوءِ ٿر يا ٿل جي معنيٰ آهي؛ مٽيءَ يا واريءَ جو ڍڳ. جنهن جو اسم تصغير آهي ٿلو يا ٿلهو.

ابتدائي دور ۾، جڏهن ڪنهن واريءَ جي ڍڳ، ڍيگهه يا واڙ ڪائي، ديوار يا ٻٽ جهڙي شڪل اختيار ڪئي ته ان کي ٻٽ سڏيو ويو. جيڪو واهپي ۾ اچڻ سان، تبديل ٿي ڀٽ ٿيو ۽ جمع ڀٽون ٿيو. اڳتي هلي، جڏهن هترادو مٽيءَ جا ڍڳ ٺهيا تن کي ٻڌ سڏيو ويو. جيئن ڀٽ شاهه يا لطيف جي ڀٽ، منڌن جي ڀٽ يا منڌر ڀٽ وغيره.

سنڌ جو ٿر، اٽڪل 8496 چورس ميلن تي پکڙيل آهي. ان جي اُتر ۾ هندستان جي رياست جوڌپور ۽ سانگهڙ ضلعي جو کپرو تعلقو، اوڀر ۾ جوڌپور، ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ ۽ اولهه ۾ ٽنڊو باگو، ڏگهڙي ۽ عمرڪوٽ آهن.

ٿر، جيڪڏهن هن وقت واريءَ جي ڍڙن ۽ ڀٽن، ڍٻن ۽ ڍڳن جي شڪل ۾ نظر اچي ٿو، ڪي اهڙا اهڃاڻ مليا آهن، جن تحت اهو ڪنهن دور ۾ وسندڙ علائقو هيو. خاص طور تي هاڪڙو ندي، جيڪا ”چور يا چوڙ شهر“ وٽان داخل ٿي پاري ننگر وٽ سمنڊ ۾ پوندي هئي. مٿس ساڪي جوگيد، پاري ننگر، ويرا واهه ۽ پوڏيسر جهڙا شهر آباد هئا. مهراڻ ندي تي وري ڪاروڙو، امراڻو، ڪيجڙياري، نبي سر، نوهٽو، ساموئي/سامروٽي، ڳاهيار، ونگو، راحموڪي بازار ۽ وگهه ڪوٽ جهڙا شهر آباد هئا.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

ڪتاب: ”ٿري ٻهاڪا ۽ چوٽيون“ تان ڪنيل

پيون ۾ حالتون: 'مُؤنّث' ۽ 'مُؤمن' عربي صورتخطيءَ جي نسبت آهن، جنهن جو استعمال عربيءَ جي ڄاڻو استادن وٽ ٺٺي ٿو ۽ اهي ٿي عربيءَ جي وزنن آهر، اهڙي صورتخطيءَ جي تاڪيد ڪن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾، مٿي ڄاڻايل ڇهن حالتن مان پهرين حالت جي لفظن جو تعداد، ڪو گهڻو ڪونهي. عربي صورتخطيءَ ۾ هن قسم جي ٻهري سُر (اَو) ۾ ڪم ايندڙ 'واؤ' لاءِ 'واؤ لِيَن' جو اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي. عبدالهادي سرهيو قرئت جي 'صفت لِيَن' بابت ڄاڻائي ٿو ته: "جن حرفن ۾ اها صفت هوندي آهي، انهن کي 'حرف لين' چئبو آهي. 'لين' معنيٰ نرم ڪري پڙهڻ. حرف لين ٻه آهن: واؤ ساڪن ۽ ي ساڪن. نوٽ ڪندا ته انهن 'حروف علت' جي ماقبل کي مخالف حرڪت يعني زبر هوندي ته پوءِ نرم ڪري پڙهبو: مثلاً: طَور، والصَّيف، خوْف." (سرهيو، 1976: 30)

سرهئي صاحب جو ڄاڻايل دائرو عربيءَ جي نسبت سان آهي، ان جي مثالن مان صورتخطيءَ جي حوالي سان اها ڄاڻ ملي ٿي ته 'واؤ لين' جي صورت ۾ زبر يا ٻي صورت ۾ همزي جو استعمال ٻه ٿئي ٿو، جڏهن ته 'ي لين' ۾ همزي جي استعمال کان سواءِ، صرف زبر جو استعمال ٿيندو آهي. البت، صاحب موصوف جي ڄاڻايل 'واؤ ساڪن ۽ ي ساڪن' واري ڳالهه غير علمي ٿي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته 'واؤ لِين' يا 'ي لِين' ۾ ڪم آندل 'و' يا 'ي' وينجڻ (Consonant) يا حرف صحيح ناهن، بلڪ حرف علت آهن جيڪي ساڪن نه ٿيندا آهن. عربي صورتخطيءَ جي نسبت 'حرف علت' تي 'جزم' مناسب ناهي. اهڙو علمي بحث ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ ڪيو آهي، جيڪو درست رخ سان آهي.(الانا، 1993: 145)

سنڌي ٻوليءَ توڙي صورتخطيءَ ۾ 'واؤ لِين'واري قسم جي ٻگهن سُرن کي علمي لحاظ کان ڊاڪٽر الانا توڙي ٻين عالمن 'ٻهرو سُر' ڪوٺيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي لفظن جو استعمال پورو سارو آهي؛ جيئن: سَو/ سئو/ سؤ. مذڪوره حالت ۾ مقرره صورتخطيءَ جي ضرورت پوندي آهي. ان حالت ۾ هڪ ڳالهه اهم هوندي آهي ته ڪنهن به صورت کي غلط نه ٿو چئي سگهجي. ذاتي اڀياس موجب ٻوليءَ جي عالمن پاران سَو/ سئو/ سؤ مان لفظ 'سؤ' کي معياري ڄاتو ويو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ان حوالي سان لکي ٿو ته: "ڪيترن ئي سنڌي لفظن ۾ هڪ ئي پد وارا (يڪپدا) 'ٻهرا سُر'(Diphthongs) جهڙوڪ: 'اَيَ' ۽ 'اَوَ' جي بدران 'ي' ۽ 'ؤ' ٻه لکيا ويندا آهن. مثال طور:

پيَسو      جي بدران      پئسو

چوَ      جي بدران      چؤ." ( الانا، 1993: 117- 118)

(نوٽ: ڊاڪٽر الانا 'ٻهري سُر' سبب، ديوناگري صورتخطيءَ پٽاندر 'واؤ' تي زبر جو استعمال ڪري ٿو ٻي صورت ۾ 'همزي وارو واؤ' ڪم آڻي ٿو. جڏهن ته سُرهيو صاحب عربي صورتخطيءَ موجب 'واؤ/ يي' کان اڳئين اکر تي زبر جو استعمال ڪري ٿو. سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهو معاملو به علمي اڀياس سواءِ ٽنگيو پيو آهي، جنهن تي الڳ سان ڪم ڪيو ويو آهي.)

اڀياس موجب، سنڌي صورتخطيءَ ۾ هن قسم جو 'واؤ' ڇهن حالتن ۾ ڪم آيو آهي، جنهن جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

### 3.3.1 'واؤ لِين' جي حالت جو جائزو

سَو/ سؤ، پَو/ پؤ، ڏَو/ ڏؤ، چَو/ چؤ، ٺَور/ ٺؤر، چَوٻول/ چؤٻول، پَونڪ/ پؤنڪ، چَونڪ/ چؤنڪ، ٺَونس/ ٺؤنس، چَونرو/ چؤنرو، ٿونر/ ٿؤنر، ٿونر، پئونر/ پؤنر/ پنئور ۽ ڏئونرو/ ڏؤنرو/ ڏنؤرو، ڏئونرا/ ڏؤنرا/ ڏنئورا، زنؤر/ زئونر/ زنئور، کونر/ کئونر/ کؤنر، ڪَونرو/ ڪؤنرو، نئون/ نؤن وغيره.

عام طور تي سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'مونث' لفظ مختلف اعرابن/ آوازن سان سڏيو يا لکيو ويندو آهي، جڏهن تہ مذڪوره قسم جا عربي لفظ مختلف وزنن سان فاعل مفعول ڀڃبا آهن. لفظ 'مونث' ۾ ڪم آندل 'و' متحرڪ آهي، جنهن صورت ۾ سنڌ جي پراڻن عالمن يا ڪاتبن اهڙن لفظن ۾ همزي وارو واؤ (ؤ) ڪم آندو ۽ ڪي آلين پيا. ان صورت ۾ هيٺين صورتن جي راءِ رکجي ٿي:

| ترجيحي صورت | مختلف صورتون | |
|---|---|---|
| مُؤنث | مؤنث | مونث |
| مُؤرِخ | مؤرخ | مورخ |
| مؤثِر | مؤثر | موثر |
| مؤلِف | مؤلف | مولف |
| مُؤذِن | مؤذن | موذن |

نوٽ: سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان عربي لفظن تي 'شد' جي استعمال ۾ نرميءَ کي قبول ڪيو ويو آهي. ياد رهي تہ ڌارين ٻولين جي لفظن جي صورتخطيءَ جو ممڪن حد تائين احتياط ڪرڻ ۾ انگريزي صورتخطي پڻ محتاط رهندي آهي.

## 3.3.4 'ؤ' ساڪن جي حالت جو جائزو

مَوَلُود/ مَؤلُود (اسم مفعول، بروزن: مَفعُول)، مُوَمِن/ مُؤمِن (اسم فاعل، بروزن: مُفعِل) وغيره.

لفظ مَوَلُود/ مَؤلُود جو ڇيد:

| تہ- حرفي | مصدر | اسم مفعول | مَـ | فـ | عُـ | و | ل | مَفعُول |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ولد | تَوَلُّد | مَفعُول | مَـ | آ > وَ | لُ | و | د | مَولُود/ مؤلود |

ياد رهي تہ عربي صورتخطيءَ ۾ 'ا، و، ي' حرف علت ان نسبت سڏبا آهن جو بنيادي لفظن ۾ هڪٻئي سان پيا بدلبا آهن: لفظ 'مومن' جو وڌيڪ ڇيد خيال خاطر هيٺين ريت بيهارجي ٿو:

بنياد: 'امن'، بروزن 'فعل'؛ مصدر: 'اِيمان'، بروزن 'اِفعال'؛ اسم فاعل: 'مُوَمِن/ مُؤمن'، بروزن 'مُفعِل'؛ اسم مفعول: بروزن 'مُفعَل' مستعمل ناهي.

لفظ مُوَمن/ مُؤمن جو ڇيد:

| تہ- حرفي | مصدر | اسم فاعل | مُـ | فـ | عِـ | ل | مُفعِل |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| امن | اِيمان | مُفعِل | مُـ | آ > وَ | ـمِـ | ن | مُوَمِن/ مؤمن |

لفظ 'مومن' ۾ 'و' جو ڪردار سُر وارو ناهي بلڪ ساڪن حالت ۾ وينجڻ آهي: لفظ جي اچار جي نوعيت موجب سنڌ جي عالمن ان قسم جي 'واؤ' تي همزو ڪم آندو تہ جيئن ان جو وينجڻ آواز ڪڍي سگهجي: ٻي صورت ۾ عربي صورتخطيءَ جي اها خامي آهي جو جزم واري 'واؤ' کي ٻن صورتن: ڊگهي سُر ۽ ساڪن وينجڻ طور ڪم آڻيندا آهن، جنهن سبب ڊگهن سُرن ۾ 'جزم' جو استعمال رد ٿيڻ جوڳو آهي.

مٿي لفظ 'مومن' جي ڪيل ڇيد مان اها ب مراد آهي ته 'ا، و ۽ ي' عربي اصولن موجب پيا ڦرندا رهندا آهن، جنهن سبب مذڪوره اکر حرف علت سڏبا آهن. ياد رهي ته سُر يا وينجن ۽ حرف علت يا حرف صحيح الڳ الڳ دائرا رکندڙ اصطلاح آهن؛ جنهن سبب انهن ٻنهي کي ساڳي ٿي ۾ توري نه ٿو سگهجي.

'ؤ' ساڪن جا سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان چند لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

مَؤزُون، مَؤلُود، مَؤجُود (شيوڪاڻي- مترجم، 2007: 215)مُؤنِس، مُؤرِث، مُؤجِد وغيره.

نوٽ: مٿي ذڪر ڪيل اکر 'ؤ'، جيڪو سنڌي صورتخطيءَ ۾ چئن صورتن: واؤ لِين، مضموم همزي جي بدل، متحرڪ ۽ ساڪن طور استعمال ۾ آيو آهي، سو عربي ٽولي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪنهن لفظ جي اڳيان ڪنهن به صورت ۾ ڪم نه آيو آهي.

### 3.3.5 حاصل مطلب

- واؤ لين/ ؤ متحرڪ/ ؤ ساڪن ۽ مضموم همزي جي بدل طور سنڌي ٻوليءَ ۾ چئن حالتن ۾ ڪم اچي ٿو:
  - دهري سُر طور، جيئن: سَو، سؤ؛
  - مضموم همزي طور، جيئن: گهاؤ، ڦهلاؤ؛
  - واؤ متحرڪ طور، جيئن: مؤنث، مؤلف؛
  - واؤ ساڪن طور، جيئن: مؤمن، مَؤلود.

## حوالا/ ذريعا


- اجواڻي، لعل سنگهه [1970] 2007ع، سنڌي ادب جي تاريخ، *سنڌيڪار: هيرو شيوڪاڻي*. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر[1964] 1993ع، سنڌي صورتخطي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- پنهور، ايم. ايڇ (2008ع) آپ بيتي- جڳ بيتي *(ايم. ايڇ پنهور جي آتم ڪهاڻي) مترجم: حاڪم علي شاهه بخاري*. حيدرآباد: فينڪس بوڪس ۽ ايم. ايڇ پنهور ٽرسٽ.
- سرهيو، عبدالهادي (1976ع) علمي تحفو- لاڙڪاڻو: هادي پبليڪيشنس.
- شيوڪاڻي، هيرو، مترجم[1970] 2007ع، سنڌي ادب جي تاريخ، ليکڪ: اجواڻي، لعل سنگهه. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.



نذير شاڪر بروهي

# ”سنڌ“ نالي جو بنياد

## (تاريخ، مذهب، لسانيات ۽ تنقيد جي تناظر ۾ تحقيقي جائزو)

سنڌ، پاڪستان جو تاريخي اهميت جو حامل هڪ اهم صوبو آهي. ان تي ”سنڌ“ نالو ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪنهن وڌو يا رکيو؟ ان لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ جهڙا سوال اڃان تحقيق طلب آهن. اِن باري ۾ مشرق وسطيٰ، هند، سنڌ ۽ يورپ جي عالمن ، تذڪره نگارن، سياحن ۽ مؤرخن قلم کنيو آهي. ان اهم تضادي ۽ علمي سوالن جي حوالي سان پروين ٽالپر لکي ٿي ته:

"Sindhu and Indus. what in name? take the case of Sindhu the original Name of River Indus different people and different platforms discuss it in different ways. The more fact has been anglicized since centuries is important......................(1)

اهڙن تضادي سوالن جي موجود هجڻ ڪان پوءِ به سنڌ لفظ جي بنياد متعلق هر ڪنهن عالم پنهنجي مطالعي ۽ سمجهه آڌار ۽ قديم مذهبي تحريري روايتن کي بغير ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيق جي، تقليد ڪري نقل ڪيو آهي.

”سنڌ“ لفظ جي بنياد ۽ نالي پوڻ جي متعلق پنج مفروضا پيش ڪيا ويا آهن جيڪي هن ريت آهن:

(1) سنڌ، حضرت آدم عليه السلام جو پُٽ يا سندس پوٽي جو نالو آهي.

(2) سنڌ، حضرت سام بن نوح عليه السلام جو پٽ يا سندس پڙپوٽي جو نالو آهي.

(3) سنڌ، حضرت حام بن نوح عليه السلام جو پٽ يا سندس پوٽي جو نالو آهي.

(4) سنڌ، حضرت يافت بن نوح عليه السلام جو پٽ يا سندس پوٽي جو نالو هو.

(5) سنڌ تي آرين ”سنڌ“ نالو رکيو ۽ اهو لفظ آريائي ٻوليءَ جو آهي!

هيٺ مٿين پنجن مفروضن جو تفصيلي وچور پيش ڪيون ٿا.

**1: سنڌ، حضرت آدم جو پٽ يا سندس پوٽي جو نالو آهي.**

هن مفروضي جو پهريون راوي محمد بن اسحاق، امام فن مغازي (المتوفي- 151هه/ 768ع) آهي، جنهن کي علامه جلال الدين سُيوطي (732هه/ 1334ع- 9- 808هه/ 1406ع) نقل ڪيو آهي. علامه جلال الدين سُيوطي، روايت پيش ڪندي لکي ٿو ته:

”ابن اسحاق چئي ٿو ته آدم عليه السلام جي اولاد چاليهه هئي ۽ اهي ويهن حملن (ويمن) ۾ پيدا ٿيا هئا. هرهڪ حمل ۾ هڪ مڙد ۽ هڪ عورت پيدا ٿيندو هو. آدم جي پٽن ۾ قابيل، هابيل، اياد، شبوانه، صرابيس، مخور سند، بارق، شيث، عبدالمغيث، عبدالحارث، ود، سواع، يغوث، يعوق ۽ نسر، اقليمه جي ڌيئرن ۾ اقليمه، اشوف، جزوزه، عزورا ۽ امة المغيث جا نالا معلوم ٿيا آهن. ......................“ (2)

شمس الدين رڪن الدين قريشي، حضرت آدم عليه السلام جي پُٽ ”شيث“ کي ”سنڌ“ تسليم ڪري ٿو. هو لکي ٿو ته:

”سنڌ جو نالو، حضرت آدم عليه السلام جي هم شڪل پُٽ حضرت شيث عليه السلام جو ٻيو نالو آهي، جنهن کي تورات ”سيت“ جي نالي سان سڏيو آهي ۽ رگويد ”ورڻ“ ڪوٺيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي- ”پاڻي“. جنهن ۾ سمنڊ ۽ درياهه اچي وڃن ٿا. الله تعاليٰ، حضرت آدم عليه السلام جي انهيءَ پٽ کي اها عزت بخشي جو

زمين خواه پاڻي، جتي هو رهيو، سڀ هن جي نالي سان سنڌ ڪوٺجڻ ۾ آيا ۽ الله تعاليٰ آدم عليه السلام جي ٻين سڀني پٽن جي نسلن کي فنا ڪري هن جي نسل کي دنيا جي تختي تي قائم رکيو جو روز قيامت تائين رهندو..................“ (3)

ان کان پوءِ ڏيهي تنڪره نگار ۽ ليکڪن حضرت آدم عليه السلام جي پٽ ”شيث“ کي ”سنڌ“ قرار ڏنائون(4). اهڙن تنڪره نگار ۽ ليکڪن ۾ ڄاموٽ حاجي خان چاچڙ، (5) سردار احمد چنو، (6) لعل بخش نائچ، (7) اياز پاڳت، (8) ۽ ٻيا شامل آهن.

**ii. سنڌ، حضرت سام بن نوح عليہ السلام جو پٽ يا سندس پڙپوٽي جو نالو آهي:**

هن مفروضي جي سلسلي ۾ پهرين لکيل ۽ مليل روايت طبقات ابن سعد (پيدائش 168هه/ 85- 784ع- وفات 230هه/ 45- 844ع) جي آهي. جنهن سنڌ کي سام بن نوح جو تڙپوٽو يا پنجين پيڙهي ۾ ڏيکاري ٿو. هو لکي ٿو ته:

”ابن عباس رضہ فرمائي ٿو ته عرب، ايراني، نبطي، هندستاني، سنڌي ۽ ٻندي سام بن نوح عليه السلام جو اولاد آهن.

محمد بن سعد رحہ فرمائي ٿو ته هندستاني، سنڌي ۽ ٻندي، يوفربن يقطن بن عابد بن شالغ بن ارفخشد بن سام بن نوح جي اولاد آهن (ٻند جي پٽ جو نالو مڪران هو)..................“ (9)

علامہ ابن خلدون (732هه/ 1332ع- 809هه/ 1406ع) تقريباً 1380ع ڌاري طبقات ابن سعد جي مٿين روايت کي تسليم ڪري ”سنڌ“ کي حضرت سام جي پنجين پيڙهيءَ ۾ ڏيکاري ٿو. هن هڪ شجرو ڏنو آهي جيڪو هن ريت آهي:




مولاناسيد ابوالحسن، ”سنڌ“ کي سام بن نوح جو پٽ سڏي ٿو(11). رحيمداد مولائي شيدائي، مولانا سيد ابوالحسن جي تقليد ڪئي آهي(12). رحيم بخش ”قمر“ لاکو پنهنجي هڪ شعر ۾ ”سنڌ“ کي حضرت سام بن نوح جو پٽ سڏي ٿو (13).

**iii. سنڌ، حضرت حام بن نوح عليه السلام جو پٽ يا سندس پوٽي جو نالو آهي.**

هن مفروضي بابت مليل پهرين تحريري روايت جي آڌار تي پهريون تنڪره نگار علامہ ابن جعفر محمد بن جُرير الطبري (متوفي 310هه/ 922ع) آهي، جنهن 890ع ڌاري ”سنڌ“ کي حضرت نوح جي پٽ حام جو پوٽو قرار ڏنو آهي. هو لکي ٿو ته:

"حام بن نوح عليه السلام جي زال نحلب بنت معرب بن درمسيل بن محويل بن خنوح بن قيس بن آدم هئي. ان مان حام کي ٽي پٽ پيدا ٿيا. اڪوش بن حام، 2 قوت بن حام، 3 ڪنعان بن حام.

**حبش، هند ۽ سنڌ جي پيدائش:** ڪوش بن حام بن نوح، قريفيل بنت

تاويل بن ترس بن يافث بن نوح عليه السلام سان شادي ڪئي. چيو وڃي ٿو ته ان جي بطن مان ڪوش کي ٽي پٽ 1 حبشه 2 سنڌ ۽ 3 هند نالي سان پيدا ٿيا............" (14)

ان کان پوءِ ٻيو تذڪره نگار ابو حنيف الدينوري (282هه/ 895ع) آهي، جنهن "سنڌ" کي حضرت حام بن نوح عليه السلام جو پٽ قرار ڏيندي لکي ٿو ته:

"حام بن نوح........ جا ست پٽ هئا.

سنڌ، هند، رنج، قبط، حبش، نوبه ۽ ڪنعان." (15)

ياقوت حموي (621هه/ 1224ع) پڻ مٿين روايت کي تسليم ڪيو آهي.

"السنڌ" سين جي زير، نُون جي جزم ۽ دال مهمله سان هڪ ملڪ آهي جيڪو هند، ڪرمان ۽ سجستان جي وچ تي آهي. چوَن ٿا ته سنڌ ۽ هند ٻه ڀائر هئا. توقير بن يقطان بن حام بن نوح عليه السلام جا پٽ هئا......" (16)

ايراني تذڪره نگار زڪريا قزويني (682هه/ 1284ع) (17) پڻ يا قوت حموي جي روايت کي مَن وعن تسليم ڪري نقل ڪيو آهي. ان کان بعد هند ۽ سنڌ جي مقامي مؤرخن ۽ تذڪره نگارن مٿين روايتن ۽ تذڪره نگارن جي بيانن کي مد نظر رکي جيئن جو تيئن تسليم ڪري نقل ڪيو آهي، جن ۾ پهريون هند جو مؤرخ محمد قاسم فرشته (1018هه 1015هه/ 1609ع- 1604ع) آهي، جنهن مٿين حوالن کي تسليم ڪري "سنڌ" کي حام جو پٽ قرار ڏنو. هو لکي ٿو ته:

"حام.......کي......... ڇهه پٽ عطا ڪيا. هڪ هند ۽ ٻيو سنڌ، ٽيون حبش، چوٿون افرنج، پنجون هرمز ۽ ڇهون بويه ۽ مذڪوره ملڪ انهن جي نالن سان مشور ٿيا............" (18)

سنڌ جي مقامي تذڪره نگار ۽ روايتي مؤرخن، مٿين روايتن کي مدنظر رکي، انهن جي پيرويَ ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ادارڪي بيگلاري (1017هه/ 1610ع) پهريون مؤرخ آهي، جنهن انهن روايتن جي تقليد ڪئي. هو لکي ٿو ته:

"سنڌ" حضرت نوح نبي عليه السلام جي پٽ حام جو پٽ هو. هي ملڪ انهي سنڌ ۽ ان جي اولاد جي قبضي ۾ هو. تنهن ڪري ان ملڪ تي نالو ئي پنجي ويو آهي سنڌ.............." (19)

ٻين مؤرخن ۾ ميرعلي شير قانع ٺٽوي (1181هه/ 1767ع) (20) شيخ محمد اعظم بن شيخ محمد شفيع ٺٽوي (1207هه/ 93- 1892ع) (21) خدا داد خان (1900ع) (22) شيخ صادق علي شيرعلي انصاري (1901ع) (23) مرزا قليچ بيگ (1929ع) (24) مولوي نورمحمد نظاماڻي (1932ع) (25) الوحيد سنڌ آزاد نمبر (1936ع) (26) رحيمداد مولائي شيدائي (1958ع) (27) ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ (1978ع) (28) ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر (1982ع) (29) الهه رکيو ڀٽ (1984) (30) مخدوم الحاج شفيع محمد عرف عبدالخالق هاشمي (1997ع) (31) ڊاڪٽر غلام محمد لاکو (1997ع) (32) ڪامران اعظم سوهدروي (2012ع) (33) ۽ ٻيا شامل آهن، جن سنڌ کي حضرت حام بن نوح جو پٽ يا سندس ٽڙ پوٽو قرار ڏنو آهي.

**iv. سنڌ، حضرت يافث بن نوح جو پٽ يا سندس پوٽي جو نالو هو.**

تحريري ثبوتن جي آڌار تي هن روايت جو پهريون راوي احمد بن يعقوب بن جعفر اليعقوبي (متوفي 292هه/ 905ع) آهي. هن سنڌ کي حضرت يافث جو پٽ قرار ڏنو آهي. هو لکي ٿو ته:

"يافث بن نوح جي پٽن جي حصي ۾ هند، سنڌ، ترڪ، خظر، تبت، بلغر، ويلم ۽ ارض خراسان جي آس پاس جا علائقا آيا............. (34)

هن کان پوءِ هن مفروضي کي مقامي حوالي سان علامہ مولوي عبيدالله "شائق" (1929ع) پيش ڪيو. هو لکي ٿو تہ:

"سنڌ ڏيهہ جو پهريون آبادگار سند بن يافث بن نوح عليه السلام هو، جو سندس نالو ملڪ تي پئجي ويو." (35)

**مٿين مذهبي مفروضن جو تاريخي، لسانياتي، تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو:**

مٿين مذهبي مفروضن ۾ پيش ڪيل ضعيف حديثن ۽ روايتن کي مذهبي عالمن، تذڪره نگارن ۽ مؤرخن باربار دهرائي سنڌ جو عربن سان پختو تعلق ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هڪ روايت آهي تہ جنت مان چار درياءَ نڪتا/وهن ٿا. جن جا نالا نيل، فرات، جيحون ۽ سيحون آهن. نيل، مصر ۾ آهي، جنهن تي مصر جي زراعت جو دارو مدار آهي. فرات، عراق جي ساوڪ ۽ شادابي جي ضمانت آهي. جيحون، ترڪستان جو درياءُ آهي، ۽ سيحون گنگا آهي ۽ ڪجهہ ماڻهو جنت جي هن دريا کي سنڌ قرار ڏين ٿا(36).

حديث ۽ تفسيرن ۾ آيل آهي تہ جڏهن حضرت آدم عليه السلام کي جنت مان نيڪالي ڏني وئي تہ هو "هندستان" ۾ لٿو/ لاٿو ويو ۽ سندس پهريون قدم سرانديپ (لنڪا) ۾ پيو، جتي اڄان سندس قدم جا نشان (ڏکڻ وچ لنڪا ۾ ڪولمبو کان پنجيتاليهہ ميل ڏکڻ- اوڀر جي طرف هڪ جبل واقع آهي. جنهن جي بلندي 7360 فوٽ آهي. ان جي چوٽيءَ تي هڪ هموار سطح 74-44 فوٽ آهي. جنهن تي پنج فوٽ چار انچ ڊگهو ۽ ٻہ فوٽ ڇهہ انچ ويڪرو انساني پير جو نشان آهي. جنهن کي مسلمان حضرت آدم جي پير جو نشان قرار ڏين ٿا) هڪ جبل تي موجود آهن. (37) ابن جرير ابن ابي حاتم ۽ حاڪم جي ڪتابن ۾ آهي تہ هندستان جي سرزمين مان مراد "دجنا" يعني دکن آهي. جيڪو ڏکڻ هندستان جو مشهور حصو آهي. جتان عربن جي گهڻن ملڪن ڏانهن گهڻا خوشبودار مصالحا، هن حصي مان موڪليا ويندا هئا، جيڪي عربن جي توسط سان سموري دنيا ۾ ڦهلجندا هئا. ان لاءِ عربن جو چوڻ آهي تہ هي شيون انهن تحفن جو يادگار آهن، جيڪي حضرت آدم عليه السلام پاڻ سان گڏ جنت مان کڻي آيو هو. حجر اَسوَد بہ جنت مان کڻي آيو هو. جيڪو لنڪا، ڏکڻ هندستان مان ٽيندو ڪعبہ شريف پهتو. هڪ روايت مطابق امرود (زيتون) پڻ جنت جو ميوو آهي. ڪن تذڪره نگارن جو چوڻ آهي تہ حضرت آدم عليه السلام جڏهن هندوستان ۾ لاٿو ويو تہ هتي ئي ان تي پهرين وحي نازل ٿي. جهڙوڪ نُور محمدي حضرت آدم عليه السلام جي پيشاني مبارڪ ۾ امانت هئي. ان کان ثابت ٿئي ٿو تہ محمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم وسلم جو ابتدائي ظهور هن سنڌ سر زمين تي ٿيو. ان لاءِ پاڻ فرمايائون تہ:

"مون کي هندستان (سنڌ) مان رباني خوشبو ايندي آهي............" (38)

نامور اردو شاعر علامہ محمد اقبال، حضوراڪرمؐ جي ان روايت کي هڪ شعر ۾ قلمبند ڪيو آهي. تہ:

"ٹوٹے تھے جو ستارے فارس کے آسمان سے
پھر تاب دیکے جس نے چمکائے کہکشاں سے
وحدت کی لے سُنی تھی دنیا نے جس مکان سے
میر عرب کو آئی ٹھنڈی ہوا جہاں سے
میرا وطن وہی ہے، میرا وطن وہی ہے" (39)

اهڙين روايتن جي هوندي بہ مٿي پيش ڪيل مفروضن جي تحقيقي ڇنڊڇاڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. هيٺ اسان انهن مفروضن جو تنقيدي جائزو پيش ڪيون ٿا.

**الف**: حضرت آدم عليه السلام کان وٺي حضرت نوح عليه السلام يا سندس ٽنهي پٽن تائين جي نسل يا سندن اولاد جي نالن جي معلومات لاءِ اسان وٽ صرف بہ اهم الهامي ڪتاب، ڪتاب مقدس ۽ قرآن شريف موجود آهن. ٻنهي جي محتاط مطالعي، عالمن، محققن ۽ مفسرن جي تفسيرن جي روشنيءَ ۾ حضرت آدم عليه

السلام کان حضرت ابراهيم عليه السلام تائين هي هيٺيون شجرو سامهون اچي ٿو.






هن شجري ۾ ڪٿي به ڪنهن نبيءَ جا ”سنڌ“ ۽ ”هند“ نالي پُٽ نه ٿا ملن. پوءِ به تذڪره نگارن، مفسرن ۽ منهبي ليڪڪن، سنڌ ۽ هند کي پائر ڄاڻائي، هڪ ئي وقت حضرت آدم، حضرت سام، حضرت يافث، حضرت حام، حضرت شيث يا حضرت ارفڪسد جو پٽ يا ڏوٽو قرار ڏنو اٿائون. يعني جيترا وات اوتريون ڳالهيون. حديثن جا راوي ۽ مفسر خود لاتعداد متضاد ۽ ضعيف حديثن جي ڪري سنڌ کي ڪنهن پڪي پُختي ثبوتن جي بنيادن تي ڪنهن هڪ نبيءَ جو پُٽ قرار ڏيڻ لاءِ متفق نه آهن. ان لاءِ محتاط، غير جانبدار سائنسي ذهن رکندڙ مؤرخن ۽ محققن اهڙن حديثن ۽ روايتن کي ظعيف قرار ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ علامه سيد سليمان ندوي لکي ٿو ته:

”هي سڀ روايتون فن حديث جي لحاظ کان گهٽ درجي (ضعيف) واريون آهن......“ (41)

رحيمداد مولائي شيدائي لکي ٿو ته:

”ان قسم جون حديثون يا روايتون........ ضعيف آهن .........“ (42)

شيخ محمد اڪرام رقمطراز آهي ته:

”هي بيان (حديثون) ته گهڻو ڪري جوش محبت جو ڪرشمو ۽ قصن ڪهاڻين تي مبني آهن............“ (43)

ب: هند ۽ سنڌ جا به اسلامي مؤرخ مولانا عبدالحليم شرر (1907ع) (44) ۽ مولانا سيد ابوظفرندوي (1947ع)(45) جن ”تاريخ سنڌ“ جي نالي سان به ڏار ڏار ڪتاب لکيا آهن. تن پنهنجي ڪتابن ۾ ”سنڌ“ نالي جي بنياد متعلق بحث ڪندي ”سنڌ“ کي ڪنهن نبيءَ جو پُٽ، پوٽو يا ڏوٽو قرار ڏيڻ وارين حديثن کي نقل نه ڪيو آهي. حالانڪ انهن پنهنجن ڪتابن ۾ ابن حوقل، ابن خلدون، تاريخ فرشته، مروج الذهب، طبقات ابن سعد، معجم البلدان، ياقوت حموي، تحفته الڪرام (ايليٽ وارو)، ٽي پوسٽنس ۽ ٻين عالمن جا حوالا ڏنا آهن. حالانڪ انهن ڪتابن ۾ اِهي منهبي مفروضا پيش ڪيل هئا. پوءِ به انهن عالمن اهي ضعيف حديث ۽ روايتن کي نقل نه ڪيو. ڇو ته انهن کي خبر هئي ۽ انهن جي نظر ۾ اهي حديثون ۽ روايتون ضعيف ۽ مستند نه هيون. ان لاءِ اُنهن، هِنن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو.

ج: ڪيترن يورپي ۽ هندو مؤرخن انهن مذهبي مفروضن کي رد ڪيو آهي. جيمس مئڪمرڊ (1834ع) هن مفروضي کي نه ٿو مڃي. (46) ٽي.پوسٽنس (1843ع) هن مفروضي کي ڏند ڪٿا تصور ڪري ٿو. (47) ايڊورڊ ٿارنٽن (1844ع) هن مفروضي/ مفروضن کي مقامي سنڌي مؤرخن جو اختراع سمجهي ٿو. (48) ڪاڪو ڀيرومل (1957ع) پڻ انهيءَ خيال جو آهي. هو انهن مفروضن کي رد ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪجهه لسانياتي ۽ تاريخي شاهديون پڻ ڏئي ٿو. هو لکي ٿو ته:

"سنڌ ملڪ تي نالو "سنڌ" تان پيو. جيئن هندستان يا هند تي نالو "هند تان پيو. سنڌ ۽ هند ٻئي ڀائر هئا ۽ حام بن نوح عليه السلام جا پٽ هئا ۽ حضرت نوح عليه السلام مشهور وڏو نبي هو جنهن طوفان کان پوءِ دنيا کي آد ڪيو.

ڏسو ته ڪٿي جي ڳالهه ڪٿي اچي پهتي آهي. اهي آسرپوٽائيون ڳالهيون هن وقت جا يورپي عالم سچيون ڪري نٿا سمجهن.......... "شيم" (سيم) ۽ "هئم" نالن سان "سنڌ" ۽ "هند" نالن جو ڪو به لاڳاپو آهي ئي ڪو نه، ته به اهو هُل پيو ته اهي حضرت نوح عليه السلام جي پٽن جا نالا آهن........" (49)

د: حضرت آدم عليه السلام کان وٺي حضرت نوح عليه السلام جي دور جي تعين جي حوالي سان محققن، مورخن ۽ عالمن ۾ اختلاف آهي. مير احمد يار خان براهوئي (رياست قلات جو آخري براهوئي حاڪم) حضرت آدم عليه السلام کان وٺي موجوده (2017ع) دور تائين جي عرصي جو ڪاٿو 7601 سال قرار ڏئي ٿو. (50) امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد، حضرت نوح عليه السلام کان وٺي موجود دور (2017ع) تائين جي عرصي جو ڪاٿو 5355 سال ٻڌائي ٿو. (51) حبيب الله صديقي حضرت آدم عليه السلام کان وٺي موجوده دور (2017ع) تائين جي عرصي جو ڪاٿو 7399 سال ٻڌايو آهي. (52) ٻئي اوسر هولو انسان يا حضرت آدم عليه السلام جي تخليق جي دور جو تعين جو سال 5800 ق.م قرار ڏنو آهي. جڏهن ته حضرت نوح جي ٻوڏ کي 3400 ق.م جو ٻڌائي ٿو. (53) اهڙي طرح حضرت آدم کي موجوده دور (2017ع) تائين 7817 سال ۽ حضرت نوح عليه السلام کي موجوده دور (2017ع) تائين 5417 سال ٿي گذريا آهن.

انهن تذڪره نگار ۽ مؤرخن جي ڏنل عرصن کي مدِنظر رکي ڪري ٿلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو ته حضرت آدم عليه السلام کان موجوده دور (2017ع) تائين جو عرصو تقريباً 8000 (اٺ) هزار سال آهي. جڏهن ته حضرت نوح عليه السلام اڄ جي دور (2017ع کان 5500 هزار سال اڳ ٿي گذريو آهي.

جڏهن اسان سنڌ کان ٻاهر، ٻاهرين دنيا جي قديم تهذيبي قدامتن کي پاسيرو رکي صرف قديم سنڌ سان لاڳاپيل قديم تهذيبي ماڳ "مِهرڳڙهه" جي قدامت تي نظر وجهون ٿا ته اهو 9000 هزار سال پراڻو ٻڌايو وڃي ٿو. مهرڳڙهه تي تحقيق ڪندڙ آرڪيالاجسٽ جين فرانڪوئس جريگي (Francois Jarriege) لکي ٿو ته:

"Without discussing at length the chronology of Mehrgarh, it can be reasonable claimed that the internal sequence of the site, cansidered in relation to comparisions from other areas and the dates ascribed to the most recent occupation periods, indicates that the founding of the neolithic settlement did not post- date 7000 B.C........" (54)

ترجمو: "تنهن ڪري مهر ڳڙهه جي پراچينستا تي بحث مباحثي ڪرڻ بدران هن ماڳ جي اڏاوتن جي داخلي سلسلي ۽ ان جي پوئين دور جي وسندين ڏانهن منسوب ڪيل مختلف دورن کي نظر ۾ رکي چئي سگهجي ٿو ته پٿر جي پوئين زماني وارو هي ماڳ 7000 ق.م کان ڪنهن به گهٽ قديم نه آهي......"

هن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هي تهذيبي ماڳ حضرت آدم عليه السلام کان 1000 سال قديم يا اڳ جو آهي. هتي هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن هي تهذيبي آثار، حضرت آدم عليه السلام کان اڳ جا آهن، ته پوءِ دنيا جو پهريون انسان "حضرت آدم" جو هجڻ واري دعويٰ مشڪوڪ بيهي ٿي.

مٿين سڀني منطقي دليلن ۽ علمي شڪ ۽ شبهات کي مدِنظر رکي، اهو چوڻ تي مجبور آهيون ته اسلامي

۽ مذهبي عالم حضرت آدم عليه السلام جي دور جو تعين سان گڏ "سنڌ" کي صحيح سائنسي طريقي سان ڪنهن نبيءَ جو پُٽ قرار ڏيڻ لاءِ سائنسي، آثاراتي، بشرياتي ثبوت فراهم ڪرڻ جون ڪوششون وڌن. هنن جو حضرت آدم جي دور جو عرصو ڪڍڻ جون ڳالهيون يا تحقيق صحيح نہ آهي. ان لاءِ پڻ سائنسي، ارضياتي ۽ بشرياتي شاهدين ۽ ثبوتن کي مدِنظر رکي ڪري دور جو تعين ڪيو وڃي.

**٧. سنڌ تي آرين سنڌ نالو رکيو ۽ اهو لفظ آرياڻي ٻوليءَ جو آهي.**

هن مضروضي پيش ڪرڻ وارا تقريباً ماهرلسانيات، مؤرخ، آرڪيالاجسٽ، اينٿراپا لاجسٽ، سياح ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جا ملازم هئا/ آهن. انهن ۾ گهڻائي يورپي لوڪن جي آهي، جن سنڌي زبان جي بڻ بنياد تي بہ ڪم ڪيو. جيئن تہ انگريز يا يورپي لوڪ لساني ۽ نسلي طور يورپين هئا، ان لاءِ سنڌ تي قبضو ڄمائڻ لاءِ سنڌين کي لساني ۽ نسلي طور انڊو- يورپين قرار ڏيڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪيائون، جنهن مان هنن اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مشرقي ۽ مغربي ماڻهو اصل ۾ هڪ آهن. پنهنجي انهن سياسي مفادن کي پوري ڪرڻ لاءِ هنن ادبي، تاريخي، لسانياتي، آثاراتي ۽ بشرياتي حوالي سان پنهنجي سياسي مفادن کي پوري ڪرڻ لاءِ انهن، علمن جو سهارو ورتو. يورپي لوڪن جي اهڙي تحقيقي تحريرن جو مقصد گهڻو ڪري سياسي هو، پر پوءِ بہ ڪي قدر منجهانئن علمي تحقيق جي بوءِ اچي ٿي.

يورپي لوڪن "سنڌ" لفظ جي بنياد متعلق اِها دعويٰ ڪئي تہ اهو لفظ سنڪرت ٻوليءَ جو آهي، جنهن جو بنياد "سڌ" (sidh) ۽ ان جي معنيٰ نهر يا ندي آهي(55). ايبورڊ ٽارٽن (1844ع) "سِنڌ" يا "سِنڌو" لفظ کي سنسڪرت بنياد جو قرار ڏئي ٿو. هو لکي ٿو تہ:

"Sindh or Sindh sanscrit for sea or collection of water......." (56)

ميڪس مُلر رقمطراز آهي تہ:

"The meaning of Sindhu, river, runs into the meaning of Sindhu, `sea`.........."(57)

ڊيوڊ راس رقمطراز آهي تہ:

"Sindh is th Sanskrit word Sindh or Sindhu, A river, or ocean. It was applied to the river Indus, the first great body of water encountered by the Aryan Invaders."(57-A)

مونيئروليمز "سنڌو" لفظ جي معنيٰ نهر،ندي ۽ سنڌ جا ماڻهو ڏنا آهن(58). ڪاڪو ڀيرومل پڻ ساڳي ڳالهہ ڪري ٿو(59). ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ساڳين ڳالهين جي تقليد ڪئي آهي(60). ڊاڪٽر مشتاق الرحمٰن بہ اها ڳالهہ ورجائي آهي. هُو لکي ٿو تہ:

"سنڌ" نالو سنسڪرت لفظ سنڌو تان ورتل آهي. اهو نالو آرين، سنڌو درياءَ تي رکيو هو......(61)" سرمونيئر وليمز، "سنڌ" لفظ جو بنياد "سِڌ" (Sidh) قرار ڏنو آهي. (62)

اليگزينڊر ڪننگهام، سنڌ لفظ جي بنياد متعلق لکي ٿو تہ: "يونان وارن هن علائقي کي سِنڊو (Sindo) ۽ عربن سَڌُو (Sadu) لکيو آهي. جيڪي هن علائقي جي سنسڪرتي نالي سِنڌو (Sindhu) ڏانهن اشارو ڪن ٿا. هن ٻوليءَ ۾ هتان جي رهاڪن کي سَنڌاوا (Saindhava) يا سَنڌو، (Saindhu) چيو ويو آهي ۽ عام مشهور اُچار بہ اهو آهي." (63)

اليگزينڊر ڪننگهام واري ڳالهہ کي "انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا" جا مرتبين تسليم ڪندي نقل ڪيو آهي. ڪاڪو ڀيرومل ان انسائيڪلو پيڊيا جي حوالي سان ڪننگهام واري ڳالهہ ورجائيندي لکي ٿو تہ:

"سنسڪرت ۾ ان کي "سَنڌَو (Saindhava) چوندا هئا، جنهن جي معنيٰ سنڌو ڪناري تي رهندڙ لوڪ......" (64)

ڊاڪٽر غلام علي الانا مٿين سمورن حوالن کي مدنظر رکي پنهنجي حتمي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: "رگويد واري زماني ۾ سنڌو ماٿر جي قديم لوڪن (رهواسين) کي سَنڌو (Saindhava) جي نالي سان سڏيندا هئا، جنهن جي مراد هئي- سنڌو ڪناري يا سنڌوماٿر ۾ رهندڙ لوڪ آرين، يا هنن لوڪن (سنڌو ماٿر جي اصلوڪن رهاڪن،

کي انهيءَ نالي (سَئنتو/ سئندوئي) سڏيائون. هونئن بہ تہ سنڌي ويا ڪرڻ جي اصولن موجب 'سنتو' لفظ جي صفتي صورت 'سِئنتوئي/ سئنتو ئي ٿيندي. اها صورت (سئنتو ئي)، اڳتي هلي پهرين 'سنڌ ئي' بڻجي هوندي ۽ پوءِ 'سنڌي' بڻجي وئي ۽ وچ واري سُر [او]کي [اُ] سُر ۾ تبديل ڪيو ويو....... اهڙي طرح 'سنڌ ئي' جا اڳتي هلي 'سِنڌي' بنجي وئي آهي......." (65)

ڊاڪٽر الانا 'سَئنتو' لفظ جو 'سنتو' (يعني أ حرف علت جو اِ ۾ بدل) ۾ تبديلي ٻڌايو آهي. اِها ساڳي ڳالهہ سراج ميمڻ چاليهہ سال اڳ ڪئي هئي. هو لکي ٿو تہ:

"جڏهن بہ سنسڪرت مان نُون لفظن ناهڻ لاءِ ڪنهن ڌاتوءَ سان اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ڳنڍيون وينديون هيون تہ ان عمل کي سڏيندا ئي هئا "سَنڌي"، جو پوءِ ڦري "سنڌي" اچارجڻ لڳو ۽ اڄ خود يورپي ماهرن ان لفظ "سَنڌي" (Sandhi)کي هڪ ٽيڪنيڪل لفظ طور انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ان لفظ ۾ ڪافي وقت اندر ( اِ ) حرف علت جو ( أ ) حرف علت ۾ مٽجڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. خود اسان وٽ ان جون ڪي صورتون انهي طريقي سان بدلجي چڪيون آهن. هن لفظ جو ڌاتو آهي سُڌ < سِڌ (سنسڪرت- سِيند) = وهڻ، ڳنڍڻ، ڳنڍ، ڏڪ هڻڻ، آباد ٿيڻ، محدود ٿيڻ وغيره. جنهن مان سنڌ، سنتو، سِنڌو، سِنڌ، حرف علتِ (اِ) سان موجود آهن. تہ ٻئي پاسي سَنڌڻ، سَند، سنداڻ، سَنڌ وغيره موجود آهن.......(66)."

مٿين عالمن جي تحريرن مان اِها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ "سنڌ" لفظ جو اصل روپ/ بنياد/ ڌاتو "سَئنتوَ" (Saindhava) آهي. جنهن وقت سان گڏ صوتياتي تبديلي (حروف علت 'أ' جو اِ ۾ تبديلي) ايندي رهي ۽ اهو پوءِ سَئنتوَ< سنڌ ئي< سنڌي< سنڌ روپ اختيار ڪيو. هنن لفظن سان لسانياتي اصطلاح "سَنڌي" (Sandhi) جو ڪو بہ واسطو نہ آهي. ان جو بنياد "سمدا" آهي، جيڪو پوءِ سمدا< سَمدي< سَنڌي جو روپ ورتو، جنهن جي معنيٰ ڳنڍ، جوڙ ۽ ميلاپ آهي. 67)

سنسڪرت ۾ سنڌ جو مطلب "سمندر" يا "وڏو درياءُ" آهي. سنسڪرت ٻوليءَ ۾ 'سنڌ' لفظ جو بنياد 'سيند" (Syand) آهي، جنهن جو مطلب اهڙي زمين جيڪا هميشہ وهندي رهي يا وهندڙ ندي بهرحال، 'درياءُ' فارسي/ پارسي لفظ آهي، جنهن کي سنسڪرت ۾ 'ندي'، عربيءَ ۾ 'نهر'، ترڪيءَ ۾ "نيلاب"، بروهيءَ ۾ 'درياب' ۽ انگريزيءَ ۾ 'River' چيو ويندو آهي. مطلب تہ مختلف دورن ۾ مختلف قومن پنهنجي زبان ۾ هن سر زمين يا درياهہ جو نالو صوتي اختلافن جي وَر چاڙهي نالو تبديل ڪندا رهيا آهن. ايران جي دارا 518 ق.م ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو تہ ان "سنڌ" کي "هند" چيو. چو تہ انهن جي زبان ۾ 'س' کي 'هہ' ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح 'سنتو' کي 'هندو' ڪوٺيائين. يوناني دور (326 ق.م) ۾ يونانين 'سنڌ' کي 'اِنڊ' ۾ تبديل ڪيائون. درياهہ کي 'انڊوس' (Indos) ۽ ملڪ کي 'انڊيڪا' (Indica) سڏيائون. لاطيني زبان ڳالهائيندڙن سنڌ کي 'سنڌوس' (Sindhos) ۽ هن کي 'هندوس' (Hindos) بڻايائون. چيني سياح هيون تسانگ/ شئنگ (641ع ۾) 'سنڌ' کي 'سنن تو' سنتو- (Sin- tu) لکيو آهي. (68) عربن 'مهراڻ' ۽ بروهين "سِندُل" (Sindhu) نالو ڏنو.

**آريائي مفروضي جو لسانياتي، تاريخي، لغتي ۽ تنقيدي جائزو:**

**1.** هن مفروضي تي وڏو اعتراض اِهو آهي تہ آريا 1500 ق.م کان پوءِ آيا، تہ ان جي معنيٰ "سنڌ" تي نالو 1500ق.م کان پوءِ پيو. ڇا آرين کان اڳ سنڌ جو وجود نہ هو يا ساري سنڌ واريءَ سو ۽ بنجر علائقو هو، جو هت ڪو بہ ماڻهو نہ رهندو هو؟ نہ بلڪل نہ، ائين نہ آهي بلڪ آرين کان اڳ دراوڙ نسل جا ماڻهو رهندا هئا(69). دراوڙن کان اڳ جنهن قوم يا نسل جي ماڻهن سنڌ کي آباد ڪيو، تاريخ انهن کي آسٽرو ايشيائڪ چئي ٿي(70). اڄ جا ڀيل انهيءَ نسل جو يادگار آهن. جي ان نسل جا ماڻهو رهندڙ هئا تہ پوءِ انهن پنهنجي ڌرتي ۽ ملڪ کي ڪهڙي نالي سان سڏيندا هئا؟ ان متعلق عالم سڳورا چپ آهن. پر تاريخي حقائق جي مطابق انهن قومن جي ڌرتي، ملڪ ۽ درياهہ تي نالو ضرور هوندو! جي هوندو تہ اِهو نالو ڪهڙو هو ؟ ۽ آهي. اِن تي تاريخ، مِٽيءَ جا

تائين پهچايو. اِهو سنڌ جو ميوو يا وڻ هجڻ جي ناتي ان مثان قديم دراوڙي ٻوليءَ ۾ 'ڪنڌ' نالو پيو ۽ پوءِ اِهو لفظ آريائي ٻولين جي صوتي مزاج مطابق/ڪ/ آواز/س/ ۾ ۽/ نڌ/ آواز (ند) ۾ تبديل ٿي "سند" صورت اختيار ڪيائين. سنڌ، لفظ آريائي لفظ نه بلڪ قديم دراوڙي ٻوليءَ جي "ڪنڌ" لفظ جو آريائي روپ آهي.

10- جيڪڏهن 'سنڌي' لفظ، سنڌ تهذيب ۽ سنڌي ٻولي دراوڙي الاصل آهن ته پوءِ ضرور ڪجهه دراوڙي قبيلا، ذاتيون ۽ نُکن جي باقيات سنڌي قوم ۾ موجود هونديون. ان سلسلي ۾ اسان جي محققن اشارتاً قلم کنيو آهي. پر پوءِ به هن موضوع تي وڌيڪ سائنسي انداز ۾ بشريات ۽ لسانيات جي تناظر ۾ تحقيق جي ضرورت آهي. تحقيقي نڪته نگاهه کان معلوم ٿئي ٿو ته اڄ به گهڻن سنڌي قبيلن، ذاتين ۽ نُکن جا نالا دراوڙي ملن ٿا. جن جا ڪجهه نالا مثال طور پيش ڪجن ٿا:

ناريجو = نار دراوڙي ٻوليءَ ۾ پاڻيءَ کي چئبو آهي.
= جو صفت نسبتيءَ جي نشاني آهي. يعني
= پاڻي جي مُلڪ جو واسي، ماڻهو يا مُهاڻو.
مَرڪياڻي/ مَرڪِيار = مرڪياڻي، دراوڙي قبيلي مَرڪاير
= رمرڪاني حمرڪياڻي) نالي جي تبديل
= ٿيل صورت آهي. هي هڪ دراوڙي قبيلو آهي.
پَليو = پَليو هڪ دراوڙي قبيلو آهي. سنڌ ۾ اڄ به
= ان نالي سان پَلي، پُلي، پلياڻي، پلي پوٽا،
= پليجا، پليجاڻي، پلي خيل نالي سان قبيلا موجود آهن.
ڪُورگ/ گورک = هي دراوڙي قبيلو آهي، جيڪو سنڌيءَ
= ۾ تبديل ٿي گورک بڻجي ويو آهي. هن
= نالي سان گورک هِل اسٽيشن موجود ۽ مشهور آهي.
وَڏيو = هي دراوڙي قبيلي ودا، بَدا نالي جي
تبديل صورت آهي.
مالهيا/ مالي = مالهيا، مالي ماليا، ماليجا دراوڙي نسل
جا ماڻهو آهن. سنڌن اصل نالو 'مَل'
يعني 'جبل' جي تبديل ٿيل صورت آهي.
= مالهيا يا ماليءَ جي معنيٰ جبل جا رهواسي آهي.
ڪوريجو = ڪُور دراوڙي لفظ جي معنيٰ پاڻيءَ جي
ٻن چاڙن جي وچ ۾ رهندڙ يا آباد
ٿيندڙ ماڻهو يا مهاڻا. (103)

11- سنڌ جي ڪيترن شهرن، ڳوٺن ۽ وسندين جا نالا يا انهن جي نالن جون پڇاڙيون اڄ به دراوڙي الاصل هجڻ جون ياد ڏيارين ٿيون. اهڙي ترڪيب وارن نالن جي فهرست تمام گهڻي آهي. هت صرف ڪجهه نالا مثال طور پيش ڪيون ٿا.

ٽنڊو = ٽنڊوآدم، ٽنڊوالهيار، ٽنڊو ڄام، ٽنڊو محمد خان
ناڙ، ناڙيمر نار، ناري = گوراناڙي، ناڙي، نارا ڪئنال، ڊنگاناڙي نارا =
انگ = ڳُونگ واهه، اڙينگ
اِني، آٽو، آٽي = هالاڻي، ٻهلاڻي، لاڙڪاڻو

"ur, a city, a town, a village comp. Heb. ar or ir, a city., Babylonian er, Assyrian urn, Accadian uri............"(109)

پر هي راءِ درست نہ آهي. جو نہ صرف قديم عبراني (هيبريو)، بابلي، اڪادي زبانن ۾ اِهو لفظ "گهر" يا "شهر" لاءِ اُر، اَر ۽ اير صورتن ۾ ملي ٿو. پر بعد جي انهن جي لساني خاندان جي بين زبانن ۽ دنيا جي بين مختلف لساني خاندان جي زبانن ۾ اهو لفظ ناپيد آهي. هيٺ دنيا جي ڪجهہ زبانن ۾ گهر/ شهر لاءِ مستعمل لفظن جي لڙهي مثال طور پيش ڪجي ٿي.

| زبان | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|
| سميري | اُل، اُر، ايشارا، اُردو | گهر، شهر |
| اڪادي | اُل، بيت | گهر |
| هيبريو | بييت (bayith) | گهر |
| باسڪ | هومر | گهر |
| بوسنائي | بومر | گهر |
| ڪٽالني | ڪَس | گهر |
| ڪروئيشائي | دومر | گهر |
| چيز | بومر | گهر |
| استوني | ڪودس | گهر |
| فنشي | ڪوٽي | گهر (ڪوٽي= گهر |
| فرينچ | بوميسائل، ميسن | گهر |
| جرمني | هائوس، زُهوس | گهر |
| هنگاري | اوٽون | گهر |
| آئيس ليندي | هيمر | گهر |
| آئرشي | بيلي | گهر |
| اٽالين | ڪَس | گهر |
| لٽويني | ماجبس | گهر |
| ناروِيني | هيمر | گهر |
| ليٿوئين | مامو | گهر |
| پولش | بومر | گهر |
| پورچوگيزي | ڪَس، ريپوسو | گهر |
| روماني | اَڪسا | گهر |

| | | |
|---|---|---|
| سولويڪي | بمورو | گهر |
| سولويني | بمورو | گهر |
| اسپيني | ڪَسَ | گهر |
| سويڊشي | هيم | گهر |
| ويلشي | ڪارتِ ريف | گهر |
| آرمينيائي | اُنلو، بيٽا | گهر |
| آذربائيجاني | اِيو، اِو | گهر |
| همونگي | ٿسيو | گهر |
| اُزبڪي | اُيي | گهر |
| ويٽنامي | نها | گهر |
| عربي | منزل، الصفه الرئيسية | گهر |
| فارسي | صفحہ، اصلي، خانہ شهر | گهر |
| ترڪي | اِيو، اِو | گهر |
| افريڪي | هُئِس | گهر |
| چيچني | ڪُنيمُبا | گهر |
| هوسائي | گدا | گهر |
| اگبوئي | هوم | گهر |
| سوٿو | لپينگ | گهر |
| سوماليائي | گريگا | گهر |
| سواحلي | نيمُباني | گهر |
| يوروبائي | اِلي | گهر |
| زُلو | اِخايا | گهر |
| چيوتوئي | سبالي | گهر |
| فلپائني | تهاتد | گهر |
| انڊونيشي | رُماھ | گهر |
| جاواني | نگاريپ | گهر |

| | | |
|---|---|---|
| ملگاسي | ان- ترانو | گهر |
| ملائي | رُماھ | گهر |
| مائوري | هوم | گهر |
| اسپرانتو | هيجنو | گهر |
| هيتن ڪرولي | لڪي | گهر |
| ليٽن | ڊومس | گهر |
| ڊچ | هُيئس | گهر |
| سنڌي | گهر/ شهر | گهر/شهر |
| اردو | گهر/ شهر | گهر/شهر |
| سنسڪرت | گڙهم، گيهام/ پورم، نگارم | گهر/شهر |
| انگريزي | هوم/ سٽي | گهر/شهر |

هن مان صاف طور ظاهر آهي تہ اِهو لفظ سميري، اڪادي، اشوري زبانن کان سواءِ ڪنهن بہ زبان ۾ مستعمل نہ هو ۽ نہ هاڻي آهي. جي ان مذڪوره زبانن ۾ اِهو لفظ مستعمل هو تہ اِهو ضرور ڪنهن ٻئي قديم زبان جي اثر جو نتيجوآهي. جيئن هاڻي اسان وٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ گِهرو لاءِ انگريزي زبان جو ’گلاس‘ ۽ سَراءِ لاءِ ’هوٽل‘ لفظ مستعمل آهن. اِن لاءِ اهو چوڻ غلط ٿيندو تہ انگريزي لفظن جا نعم البدل سنڌيءَ ۾ نہ آهن، پر ان لاءِ اهو چوڻ مناسب آهي تہ اهو انگريزيءَ جو اثر آهي.

اسلام جو نامور عالم دين، محقق ۽ مؤرخ ڊاڪٽر حميد الله پڻ ’اُر‘ (اُور، جي معنيٰ ۽ نالي) لفظ جو سمير يا اڪادي هجڻ طرف اشارو ڪري ٿو ۽ پڻ ان لفظ جو هندستان ۾ رائج هجڻ کي تسليم ڪري ٿو. هو لکي ٿو تہ:

”حضرت ابراهيم عليه السلام جي زماني ۾ ان جي ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ "اُور" هو ۽ "اُور" جي معنيٰ بہ شهر آهي، ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان هندستان ۾ هي لفظ پهچي گهٽو ڪري دکن جي بنگلور، ميسور، ناگور، متور وغيره نالن ۾ بطور پڇاڙي موجود آهي. روم ۾ بہ پنهنجي شهر ”روم“ کي بہ عام طور تي اُربُس چوندا آهن. ان جي معنيٰ بہ شهر جي آهي. انگريزي لفظ اربن (urban) بہ معنيٰ شهري. انهيءَ کان مشتق آهي........“ (110)

لسانياتي، لغتي ۽ تاريخي حقائق جي مطابق ”اُر“ (ur) (يا اُور) لفظ دراوڙي الاصل آهي. چو تہ هي لفظ سموري دراوڙي ٻولين ۾ ٿوري صوتياتي فرق سان مروج آهي. مثلاً:

| | | |
|---|---|---|
| Tamil: | ul | = inside, interior of a place. |
| Malto: | ullu | = inside, whatever is inside. |
| kotea: | ul | = the inside, in into. |
| Toda: | ul | = the inside. |
| kodagu: | oli | = the inside. |
| tulu: | ula | = inside, innerpart. |
| Telugu: | ullamu | = the heart, mind. |
| to= inside, inner, internal | | |
| kolami: | lo. pal | = the inside, in inside. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| جُهڪ | + أر | + | جهڪر (116) | |
| شاهہ | + أر | + | شهر | |
| بند | + أر | + | بندر | |
| گهہ | + أر | + | گهر | |
| آمر | + أر +اي | + | آمري | |

قديم سنڌين جون اهڙيون وسنديون ميسوپوٽيما ۾ أر يا أريڪ (يعني گهَر يا شهرَ جمع ۾، جو تہ دراوڙي ٻولين ۾ 'ڪ' پڇاڙي جمع طور ڪم ايندي آهي.) جي نالي سان تاريخ اندر مشهور ومعروف آهن.

13- هندستان جي ڪرناٽڪ رياست جي دراوڙي قبيلن جي ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ هڪ راڳ جو نالو "سنڌ ڀيروي" (Sindh Bhairavi) آهي. جيڪو اساوري ناٽ سُر سان تعلق رکي ٿو. (117)

14 - دراوڙي ٻولي "تامل" جي ڳالهائيندڙن ۾ هڪ طبي علاج جو سائنسي طريقو "سنڌا" (Sidha) جي نالي سان مروج آهي، ان جا خالق قديم دراوڙ (قديم سنڌين جا ابا ڏاڏا) هئا ۽ اهو طريقو سنڌ ڌرتيءَ تي جميو ۽ عروج تي پهتو. آرين ڪان پوءِ هندستان جا دراوڙ قبيلا ڏورانهين علائقن ۾ رهڻ جي باوجود پنهنجي اصل ماتر ڀوميءَ جي سِڪ کي ساهہ ۾ هنڍائڻ لاءِ ان طريقي تي "سنڌ" نالو رکيائون. ان باري ۾ هڪ جاءِ تي لکيل آهي تہ:

"The Siddha medicine is one of the oldest medical system known to mankind. the system of medicine originated from south India Tamil Traditional medicine, as part of the trio Indian medicines ayurveda, Siddha and unani. the siddha science is the oldest traditional treatment system, generated fram Dravidian Culture. the Siddha which flourish in the period of Indus valley civilization......"(118)

15- هندستان جي مها راشٽر، ڪرناٽڪ، تامل نادو ۽ تلنگانہ رياستن ۽ صوبن ۾ هڪ قبيلو مادِيگا (هن کي مديگا، ماديگا، ماديگار، ماتنگي، مڪالو، مادي گاو، مادي گري، مودي گولو، ادي آنڌ راءِ جمبالو بہ سڏيو ويندو آهي.) رهي ٿو جيڪو دراوڙي قبيلي تيلگو جي ذات يا ننڍو قبيلو آهي. هن قبيلي جا ماڻهو مختلف دراوڙي قبيلن سان گڏ رهڻ جي ڪري انهن جي ٻولي پڻ ڳالهائيندا آهن. اهڙين زبانن ۾ ڪنادا، تامل ۽ ٻيون ٻوليون شامل آهن.

ماديگا قبيلي ۾ هڪ جُهمر (dance) مروج آهي جنهن کي هو 'چِندُ' (Chindu) يا 'سندُ' (Sindu) چوندا آهن. سماجي جاڻ رکندڙ ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهو نالو اصل ۾ 'سِنڌ' (Sindhu) آهي هي ماڻهو هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ ان جهمر جي طريقي تي، پنهنجي وطن جي مناسبت سان 'سنڌ' نالو ڏنائون جيڪو هاڻي صوتي تبديلي جي وجهہ کان 'چند' (Chindu) بہ سڏجي ٿو. ان 'سند' يا 'چند' جهمر جي حوالي سان هڪ جاءِ تي لکيل آهي، تہ:

"Sindu or chindu is an ancient form of dance- drama protected and kept alive and by Madiga community of Andhra pardesh. maha adi community more popular known as madiga in Andhra pardesh appear to be a society on its own rather than a caste. they kept alive ancient forms of art since eons. they claim ancestory from jamba maha rhishi and Tilottama an appsara Arundhati the wife of Sage vasist belongs to madiga community. matangi is worshipped as meeutly madiga community evolved from hunters and gathers to the initiators of agriculture that kick started Sindhu (Indus) valley civilization.

The word Sindollu is a compound on which is Sindhu- valley which is Telugu means the people of Sindu. sindullu are also called as chindollu....... " (119)

16 - هندستان جي مهاراشٽر رياست جي ڪونڪن ڊويزن جي هڪ ضلعي جو نالو "سِنڌ درگ" (Sindhu dung) آهي، جنهن جي معنيٰ "سنڌ سمنڊ قلعو" يا "سنڌ، سمنڊ جو قلعو" آهي. ضلعي هيڊ ڪوارٽر جو نالو "اوروس" (oros) آهي. هي ضلعو 5207 همچورس ميلن تي ڦهليل آهي ۽ ڪل آبادي 825، 868 اٿس. (120)

17- مٿي جڳ مشهور دراوڙي ٻولين جي لسانياتي، تاريخي، لغتي، بشرياتي عالمن جي تحقيق ۽ ٻين علمي شاهدين مان اِها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ "سِنڌ" آريائي ٻولين جي بڻ بنياد جو لفظ نہ بلڪ قديم دراوڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ان لاءِ قديم دراوڙ جيڪي سنڌ جا هئا. اهي هندستان وڃي بہ پنهنجي اصل ماترڀومي جي

نالي ۽ ڪلچر ڪي نہ وساريو. هنن پنهنجي شهرن، ڪلچري شين، رسمن، طبي طور طريقن جا نالا "سنڌ" رکي، پنهنجي اصلي وابستگي مضبوط ڪندا اچن ٿا.

18- سراج ميمڻ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي مطابق تہ 'سنڌُ' (Sindhu) ۽ سَنڌُ' (Sandhu) هڪ ئي بنياد جا لفظ آهن. ٻنهي لفظن ۾ صرف هڪ سُر جي تبديلي آهي. ان لاءِ ٻنهي لفظن جي لغوي معنيٰ ۾ فرق نظر اچي ٿو، پر جيڪو نہ هئڻ جي برابر آهي. سنڌي ٻوليءَ انهن لفظن ۾ اِ جو اَ سُر ۾ تبديلي وانگي، جديد دراوڙي ٻولين ۾ بہ i / (اِ) جو a/ / اَ) سُر ۾ تبديليءَ جا مثال موجود آهن. مثال طور.

"PD Pic- ar name, kui paru, Gondi parol/padur name......." (121)

ٻولين ۾ سُرن جي اهڙي تبديليءَ کي جڳ مشهور ماهر لسانيات بلومفيلڊ معنوي فرق پيدا ڪندڙ، آوازي نوعيت جو ايڪو سڏيو آهي. (122)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'سنڌُ' ۽ 'سَنڌُ' لفظن کي وري علم لسانيات سان وابستہ 'سنڌي' (Sandhi) لفظ سان ملائي، ٻنهي کي هڪ ئي بنياد مان مشتق تصور ڪري ڄاڻايو آهي. مثلاً: هو، "جامع سنڌي لغات" ۾ لکي ٿو تہ:

"سَنڌُ: [ج. سَنڌُ) ذ [سن. سَنڌي<سمدا- ميلاپ، جوڙ [ بدن اندران هڏن جو جوڙ، عضون جو ڳنڍ، شراڪتي، جوڙ، ڊرڙ، ڳري، گڏيل، جوڳ، سنگر، ميلاپ، چيرُ، ڏارُ، حَدَ، نِشانُ، جيلن جو وچ (ٻيلا)........" (123)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاران "سنڌُ" لفظ لاءِ پيش ڪيل بنياد "سَمدا" ۽ ان لاءِ ڏنل معنائون مثلاً: ميلاپ، جوڙ، عضون جوڳنڍ، شراڪتي، ڊرڙ، ڳري، گڏيل جوڳ، جوڙ، سَنگر، چيرُ ڏارُ، جبل جو وچ (ٻيلا) صحيح نہ آهن. ڇو تہ اهي سڀ معنائون لسانياتي لفظ 'سَنڌي' جون آهن. جڏهن تہ "سنڌُ" لفظ جون معنائون صرف نشان، حَدُ، عضون جي ڊيگهہ جي حد وارو نشان (هڏن جي جوڙ واري جڳهہ) يا ورهاست واري لڪير يا نشان واريون آهن.

دراصل 'سَنڌُ'، 'سِنڌُ' لفظ سان تعلق رکي ٿو، ٻنهي جو بنياد قديم دراوڙي (Proto- Dravidian) لفظ 'ڪِنڊُ' (آريائي روپ سِڌُ) (Sidhu) آهي جڏهن تہ 'سَنڌِي' (Sandhi) جو بنياد 'سمدا' آهي. جيئن علي نواز خان حاجن جتوئي لکي ٿو تہ:

"صوتيات ۾....... ادغا م يا سَنڌي (Sandhi) (لفظ آهي........... سنسڪرت جو لفظ "سَمدي" ڦري 'سَنڌي' ٿيو آهي........" (124)

ڊاڪٽر الانا رقمطراز آهي تہ:

"سَنڌِي" جو ڌاتو 'سمدا' آهي. سَمدا<سمدي<سَنڌِي جنهن جي معنيٰ آهي ڳنڍ، جوڙ........" (125)

ڊيوڊ ڪرسٽل تحرير ڪري ٿو تہ:

"Sandhi (sandi/ adj. in.) a term used in syntax and morphology to refer to the phonological modification of grammatical forms which have been juxtaposed. the term comes from a Sanskrit word meaning`joining`. sandhi forms are forms which have undergone specific modification in specific circumstances (i.e: various sandhi rules have applied). Assimilation and dissimilation are two widespread tendencies which could be classified under this beading." (126)

ڊاڪٽر بلوچ، 'جامع سنڌي لغات' ۾ پيو بہ اسان جي موضوع سان واسطو رکندڙ 'سِينڌ' (Seendh) لفظ جو اندراج غير علمي طريقي سان ڏنو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 'سِينڌِ' لفظ جي معنيٰ ڏيندي لکي ٿو تہ: "سِينڌ ج سِينڌون<سِينڌيُون: ث [ سَن. سَيمنتَ<سيمن= حد ] پيشاني کان سڌ وچوٽيءَ تائين وارن وچان خط، ليڪ يا سِيرُ، مانگ، پٽ ۾ ڪيل سير، سيراٽ، ليڪ، واٽ، چيپ، اِقرار، انجام........" (127)

دراصل 'سينڌ' لفظ پڻ ڪِنڊُ (آريائي صورت، سد، سِڌ) مان مشتق آهي. ان جي بہ اهائي معنيٰ، جيڪا 'سِنڌ' لفظ جي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ ان لفظ جي يڪ، سير، واٽ، وچيون خط (يعني حد)

معنائون ڏنيون آهن، جيڪي ’سِنڌُ‘ لفظ جي معنائن سان هڪجهڙائي رکن ٿيون.

براهوئي زبان جا ”سِندهه“، ”سَندهه“ ۽ ”سِيم“ لفظ ۽ سنڌي جا ”سِنڌُ“، ”سنڌ“ ۽ ”سيمُ“ لفظ هڪ ئي معنيٰ ۽ بنياد وارا آهن. انهن ٽنهي لفظن جو بنياد، قديم دراوڙي لفظ ”ڪِنٽُ“ آهي، جنهن جي معنيٰ ڪچيءُ جو وڻ آهي. پر پوءِ ان ۾ لغوي تبديلي اچڻ ڪري، ان جي معنيٰ پاڻيءَ جو وهڻ، سِيرَ، سِينڌِ، سَنڌ، سِنڌ، وچ واري لڪير، حد ۽ نشان بڻجي ويون. (128) بلڪل ائين جيئن ’حيوان‘ جي اصل معنيٰ حياتي رکندڙ آهي. يعني ننڍڙو يا وڏو ساهه وارو آهي، مگر هاڻي چوپايو جانور ۽ خونخوار جانور جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. ’جيت‘ (جيوت) جي معنيٰ جياپو رکندڙ آهي، جنهن ۾ حيوان ۽ انسان بہ اچي سگهي ٿو. مگر هاڻي معنيٰ اٿس تمام ننڍڙو ڪيڙو يا جيت. ’شراب‘ جي معنيٰ پيئڻ جي شيءِ، مگر سنڌي ۾ معنيٰ اٿس نشو ڪندڙ يا ڏيندڙ پاڻي. ’ڪسبياڻي‘ لفظ جي معنيٰ پورهيو ڪندڙ زال. ’ڪاسب معنيٰ پورهيو ڪندڙ مرد‘ ان جو مونث آهي ڪاسبياڻي، جو ڦري ٿيو آهي ڪسبياڻي. ان لفظ جي معنيٰ هاڻي بُري يا برو ڪم ڪندڙ عورت.

**حاصل مطلب:** سنڌ، سرزمين يا ملڪ جو هاڻي اصل نالو ’سِنڌُ‘ (Sindhu) يا ’سِنڌ‘ (Sindh) آهي. عارف مصطفيٰ جتوئيءَ ’سِند‘ (Sind) نالي کي ’سِنڌ‘ (Sindh) نالي ۾ تبديليءَ جو بل 12- فيبروري 2013ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو، جيڪو منظور ڪيو ويو، ان کان پوءِ سرڪاري سطح تي سند (Sind) نالي کي ’سنڌ‘ (Sindh) نالي ۾ تبديلي ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. (129)

’سِنڌُ‘ يا ’سِنڌ، نالو حضرت آدم عليه السلام جو يا ان جي ڪنهن پٽ يا پوٽي، حضرت نوح عليه السلام جي ڪنهن پوٽي يا ڙڙپوٽي جي نالي تان نہ پيو آهي، ان لفظ کي نبين جي نالن ۽ ان جي اولاد قرار ڏيڻ ۾ مذهبي عنصر وڌيڪ غالب آهي. ان عمل ۾ ٺوس تاريخي ثبوت ۽ سڌي شاهديون نہ هئڻ برابر هجڻ ۽ ان جي برعڪس انومان، گمان ۽ روايتن جو وڏو عمل دخل آهي. چو تہ هن وقت جيڪي بہ روايتون ملن ٿيون، انهن ۾ سنڌ، اصل ۾ ڪنهن جو پٽ آهي؟ جي باري ۾ ڪا بہ هڪجهڙي ۽ مشترڪ هجڻ واري روايت نہ ٿي ملي ۽ نہ ئي راوي خود سنڌ جي اصلي پيءُ متعلق يقين سان ۽ پڪي پختي روايت ۽ راءِ سان ٻڌائي نہ ٿا سگهن. ان لاءِ جديد سائنسي تناظر ۾ ارضياتي، بشرياتي، لسانياتي، لغاتي ۽ آثاراتي تحقيقات انهن روايتن ۽ انومانن يا گمانن جو ساٿ نہ ٿي ڏي. نبين جي عمرين ۽ دورن جي قدامت ۽ تعين تي اسلامي يا مذهبي مفسرن ۽ محققن کي مذهبي ڪٽرپڻي کان آزاد ٿي نئين سِر جديد سائنسي انداز سان تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

’سِنڌ‘ نالو يا لفظ سنسڪرت يا آريائي ٻولين جي بڻ بنياد جو لفظ نہ آهي. آريا تہ سنڌ ۾ 1500ق.م کان پوءِ آيا. ان کان اڳ يعني 3500 ق.م کان اڳ دراوڙ ۽ انهن کان اڳ ڪول/ منڊا ٻوليون ڳالهائيندڙ موجود هئا. هن سر زمين جو نالو، انهن جي دور ۾ ’ڪِنٽُ‘ (Cinttu) جي نالي سان مشهور هو، جيڪو قديم دراوڙي (سنڌي يا براهوئي) ٻوليءَ جي بڻ بنياد جو لفظ آهي. قديم دراوڙن پنج هزار سال اڳ هندستان، بنگال، سريلنڪا، ايران، بابل، ميسوپوٽيما، آفريقا، فلسطين ۽ ٻين ملڪن سان خشڪي ۽ سامونڊي ذريعن سان مختلف سنڌ جي شين جو واپار ڪندا هئا. انهن ۾ ڪچيءُ جو ميوو يا ان سان منسلڪ شين جو واپار بہ شامل هو. اهي شيون سنڌ کان ٻاهرين ملڪن لاءِ هڪ نئين شيءِ هوندي هئي، ان لاءِ قديم دراوڙن سنڌ سرزمين جي سوکڙي هئڻ جي مناسبت سان ان تي نالو ئي ’ڪنٽُ‘ رکيائون. اسان جا مؤرخ، سنڌ ۾ ڪچيءَ جي وڻ کي عربن جي دور جي حملن جو يادگار قرار ڏين ٿا، جيڪو درست نہ آهي. دراصل عربن جي حملن کان چار هزار سال اڳ سنڌ ۾ ڪچيءُ جو وڻ نہ صرف پوکيو ويندو هو، بلڪ ٻين ملڪن سان واپار دوران ان جو واپار بہ ڪيو ويندو هو. قديم دراوڙي ٻوليءَ ۾ ان ڪچيءَ جي وڻ کي ’ڪِنٽُ‘ (Cinttu) سڏيو ويندو هو، اهو لفظ سنڌ ۾ 1500 ق. م ۾ آريائن جي حملن دوران، آريائي ٻولين جي لب ولهجي ۾ تبديل ٿي ڪِنٽ (ڪ< س، نٽ < نت < ند) مان سِنڌ (سد < سند < سنڌ) لفظن ۾ تبديل ٿيو.

فادر هيراس ۽ ٻين 'سنڌ' لفظ جو بنياد "سد" قرار ڏنو آهي، جيڪو دراصل قديم دراوڙي لفظ 'ڪنڌ' جو قديم هند آريائي روپ آهي. انهن مؤرخن يا ماهرلسانيات 'ڪنڌ' لفظ کي زير بحث ئي نہ آندو آهي. ان لاءِ اِها ڳالهہ تحقيقي طور سامهون اچي ٿي تہ آرين جي اچڻ کان اڳ قديم دراوڙن جي دور ۾ "سنڌ" نالو 'ڪِنڌ' طور مشهور هو.

## حوالا، حاشيا ۽ اضافا

(1) Talpur, parveen, `what`s in name? the case of Sindhu and indus". dec. 5, 2012, 31 jan, 2016. www. Sindhulogy. org/ cdn/ uncategorize..........
perveen talpur. com/ 2012/ 12/02/whats........

(2) سُيوطي، جلال الدين، علامہ، "الاتقان في علوم القرآن" (جلد دوم)، اردو ترجمہ: محمد حليم انصاري دولوي ابن محمد سليم، ڪراچي، دارالاشاعت ڪراچي، 2008ع، ص. 318.

(3) قريشي، رڪن الدين، شمس الدين، "آئينہ قديم سنڌ"، حيدآباد، احمد بُڪ، 1956ع، ص. 1، 80.

(4) مولوي عبداللطيف قادري، حضرت شيث جي روضي جي جڳهہ جي تعين لاءِ رقمطراز آهي تہ:

"حضرت شيث جي مزار شريف بہ اجوديا (ضلع فيض آباد) ۾ آهي. ان جو حوالو بہ محقق صوفي عالم مفتي احمد يار خان گجراتي جي ڪتاب مواعظ نعيميہ حصہ اول 151 تان نقل ڪيو اٿم........"

پر اها ڳالهہ درست نہ آهي. دراصل حضرت شيث جي قبر عراق جي شهر موصل ۾ واقع آهي، جنهن کي 26 جولاءِ 2014ع تي عراق ۽ شام ۾ سرگرم داعش (آءِ ايس آءِ ايس) دهشت گرد تنظيم جي دهشتگردن شهيد ڪري ڇڏيو. تفصيل لاءِ ڏسو:

سهتو، غلام نبي، فقير، "سنڌ، حضرت نوح جي نظر ۾"، ڪراچي، فقير پبليڪيشن 1991ع، ص. 26.
Babulilm. news, home>> urdu, july 27, 2014, Babulilm. 2 feb, 2016.

(5) سنڌي، حاجي خان چاچڙ، چاموڻ، "حضرت سنڌ"، (ٽي ياڳا گڏ)، هگورجا، فاران ايجوڪيشنل سوسائٽي ۽ پبليڪيشن، ٽيون ڇاپو 2013ع، ص. 14، 15.

(6) سنڌي، سردار احمد چنو، "حضرت سنڌ ۽ سنڌوءَ جي سڃاڻپ بابت ڪجهہ حقيقتون" (مضمون)، پندرنهہ روزه عبرت مئگزين حيدرآباد، 15 مئي 2004ع، ص. 12.

(7) نائچ، لعل بخش ڊاڪٽر، "حضرت سنڌ جي عظمت،" (مضمون)، ماهوار سنڌ دوست، 97- 1996ع، بحوالہ چاموڻ حاجي خان چاچڙ سنڌي، "حضرت سنڌ" حوالو ڏنل آهي، ص. 20.

(8) ڀاڳت، اياز، "سنڌ ۾ رهندڙ ذاتيون، قومون ۽ قبيلا" ڪراچي، مهراڻ پبلشرز، ڇاپو ٻيو 2010ع، ص 35، 36.

(9) طبقات ابن سعد، "طبقات الڪبريٰ" (حصہ اول)، اردو ترجمو: عبدالله العمادي، ڪراچي، دارالاشاعت اردو بازار ڪراچي، 2003ع، ص. 56.

(10) خلدون، عبدالرحمٰن ابن، علامہ، "تاريخ ابن خلدون"، جلد 2 (حصہ اول ودوئم)، اردو ترجمہ: علامہ حڪيم احمد حسين، ڪراچي، دارالاشاعت، 2009، ص. 24.

(11) ابوالحسن، سيد، مولانا، "آئينہ اودهہ" (اردو)، ڪانپور (هندستان)، 88- 1887ع، ص. 3.

(12) شيدائي، رحيمداد خان مولائي، "تاريخ سکر"، ڄام شورو/ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1992ع، ص. 3.

(13) لاکو، رحيم بخش قمر، "دردمنديءَ جو ديس"، نوابشاهہ، لاکو ڦلاٽي پبليڪيشن، ص. 69.

(14) الطبري، ابن جعفر محمد بن جُرير، علامہ، "تاريخ الامم والملوڪ، تاريخ طبري"، (جلد اول) اردو ترجمو: ڊاڪٽر محمد صديق هاشمي، ڪراچي، نفيس اڪيڊمي، اردو بازار، 2004ع، ص. 104.

(15) الدينوري، ابوحنيف، "اخبار الاطوال"، اردو ترجمو: پروفيسر مرزا احمد منور، لاهور، اردو سائنس

عبدالرحمٰن شهيد اڪيڊمي درگاهه المخادير کهڙا، 1997ع، ص. 12 13.

(32) لاکو غلام محمد، ”سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو“، (مقالاءِ مضمون)، ملير/ ڪراچي، مارئي سماجي سنگت، 1997ع، ص. 3.

(33) سوهدروي، ڪامران اعظم، ”تاريخ سنڌ“ (اردو)، ڪراچي، سٽي بڪ پوائنٽ، 2012ع، ص. 7.

(34) بن وارح، احمد بن ابي يعقوب بن جعفربن وسب، ”تاريخ يعقوبي“ (جلد اول)، اردو ترجمو: مولانا اختر فتح پوري، ڪراچي، نفيس اڪيڊمي، س. ن. ص. 35.

(35) عبيدالله شائق، مولوي، علامہ، ”دولت علويہ يعني سومرن جي تاريخ“، حيدرآباد/ لاڙڪاڻو، گلشن پبليڪيشن، ٻيو ڇاپو 2003ع، ص. 19.

(36) ندوي، سيد سليمان، علامہ، ”عرب و هند ڪي تعلقات“ ڪراچي، اردو اڪيڊمي سنڌ، 1987ع، ص. 28 .

(37) ”شاهڪار اسلامي انسائيڪلوپيڊيا“ (اردو): مدير: سيد محمود قاسم، ڪراچي، شاهڪاربڪ فائونڊيشن، 1984ع، ص. 22.

(38) ندوي، سيد سليمان، علامہ، حوالو ڏنل آهي، ص. 27، 28.

(39) اڪرام، شيخ محمد، ڊاڪٽر، ”آبِ ڪوثر“، (اردو) لاهور، اداره ثقافت اسلاميہ، ٻارهون ڇاپو 1986ع، ص. 20- 19.

(40) ڪتاب مقدس يعني پرانا اور نيا عهدنامہ (عهد عتيق اور عهد جديد)“، لاهور، پاڪستان بائبل سوسائٽي، 2010ع، ص 11 کان 20 تائين.

(41) ندوي، سيد سليمان، علامہ، حوالو ڏنل آهي، ص. 29.

(42) شيدائي، رحيمداد مولائي ”جنت السنڌ“، حوالو ڏنل آهي، ص. 9.

(43) اڪرام، شيخ محمد، ڊاڪٽر، حوالو ڏنل آهي، ص. 20.

(44) شرر، عبدالحليم، مولانا، ”تاريخ سنده“ (اردو)، لکنوء، دلگذار پريس، 1907.

(45) ندوي، سيد ابوظفر، مولانا، ”تاريخ سندھ“ (اردو) اعظم ڳڙھ (هندوستان)، دارالمصنفين، 1947ع.

(46) منٽگمري، جيمس، ”سُکاري سنڌ ڏکارا ماڻهو“، سنڌي ترجمو: عطامحمد ڀنڀرو، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، 1998ع، ص. 13.

(47) پوسٽنس، ٽي، ”سنڌ جيئن مون ڏٺي“، سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، 1997ع، ص. 13.

(48) Thornton. Edward, "a gazetteer of the countries adjacent to india on the north- west includinp Sinde, Afghanistan, Beloochistan, the Punjab and the neighbouuring states", (vol: ii), karachi, indus publication, reprint- 1996, p. 200 ft. nt.

(49) آڏواڻي، مهرچند، ڀيرومل، ”قديم سنڌ“، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1980ع، ص. 42- 43.

(50) بلوچ، ميراحمد يارخان، ”مختصر تاريخ قوم بلوچ و خوانين بلوچ“، (اردو)، ڪراچي، ايوانِ قلات، 1972ع، ص. 23.

(51)آزاد، ابوالڪلام، مولانا، ”انبياءِ ڪرام“ (اردو)، مرتب: غلام رسول مهر، لاهور، شيخ غلام علي اينڊ سنز پبلشرز، 1972ع، ص. 29.

(52) صديقي، حبيب الله، ”انسان جي تاريخ“ (حصو پهريون) ڇاپو شورو، حبيب الله صديقي اڪيڊمي، 2002ع، ص. 225، 143، 142، 120، 115.

(53) Tim, osterholw," the history of mankind,"www. wgrogan. net/ history/ history% 20 of % mankind. html. 3 march 2006.

(54) Jansen Michael and other editors, "forgotten cities on the Indus- early civili zation in pakistan from th 8th to the 2nd millennium bc", germany, verlag philip von zabern, second edition (ع 1991) p. 37.

(55) williams, monier, sir, "a sanskrit dictionary", oxford, 1956, p. 1217.

(56) Thornton, edward, op. cit. p. 199 ft. not.

(57) Muller, friedrich max, "india what it can teach us", (a course of lectures delivered before the university of cambridge), green (germany), longmans, 1883, p. 171.

(57-A) Ross, David, "The Land of the five Rivers and Sindh, Historical Descriptive sketehes", London, Chapman and Hall Limited, 1883, P.1

(58) williams, monier, op. cit. p. 1217.

(59) آڏواڻي، مهرچند، پيرومل، حوالو ڏنل آهي، ص. 44.

(60) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مرتب: ”جامع سنڌي لغات“ (جلد چوٿون)، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1985ع، ص. 1265.

(61) "Exploring Sindh", a publication of the information and archieves department, government of Sindh, karachi, 2010, p. 15.

(61) Mushtaq- ur- rehman, dr, "a geography of Sindh province of pakistan", karachi, eeographical association, 1975, p. 2.

(62) Williams, monier, op. cit. p. 1217.

(63) ڪننگهام اليگزينڊر، ”سنڌ- هند جي قديم جاگرافي“، سنڌي ترجمو: عطامحمد ڀنڀرو، ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 2007ع، ص. 266.

(64) آڏواڻي، حوالو ڏنل آهي، ص. 46.

(65) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ٽئون ڇاپو 2004ع، ص. 127.

(66) ميمڻ سراج، ”سنڌي ٻولي“، حيدرآباد، سنڌ لئنگويج اٿارٽي، ٻيو ڇاپو 2009ع، ص. 63، 64.

(67) Macdonel, A.A, "Sanskrit- english dictionary", london, 1893, p. 1166 ۽ پڻ ڏسو:

الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع، ص. 105.

(68) Mushtaq- ur- rehman, op. cit. p.2.

(69) ايضاً = ، لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڇاپو پهريون 1977ع، ص. 154.

(70) ايضاً، = = = ═══ =

(71) عبدالحليم شرر، حوالو ڏنل آهي، ص. 1-2.

(72) ندوي، سيد ابوظفر، مولانا، حوالو ڏنل آهي، ص. 1

هتي هڪ اهم علمي ڳالهه جي تصحيح ڪرڻ جي تمام سخت ضرورت آهي. اُها اِها ته هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو محمد اسماعيل پناڻ ڪيو آهي. جيڪو پهريون دفعو 2005ع ۾ ۽ ٻيو دفعو 2008ع ۾ سنڌ جي جڳ مشهور اشاعتي اداري ’سنڌيڪا اڪيڊمي‘ طرفان شايع ڪيو ويو آهي پر وڏي غلطيءَ جي ڳالهه اِها آهي ته مولانا سيد ابوظفر ندوي جو اِهو ڪتاب علامه سيد سليمان ندوي جي نالي سان ڇپيو آهي. سيد سليمان ندوي، هند ۽ سنڌ جو نامور اسڪالر ۽ عالم هو. جنهن ڪيترائي ڪتاب لکيا پر ’تاريخ سنڌ‘ تي ڪو به ڪتاب نه لکيو اٿس. خبر نه آهي ته هڙو جڳ مشهور اشاعتي ادارو ههڙي علمي غلطيءَ جو مرتڪب ٿئي، اهو سمجهه کان بالاتر آهي. هن ڪتاب جا ٻه ڇاپا نروار ٿيا آهن. ٻنهي ۾ ساڳي غلطيءَ کي ورجايو ويو آهي، ان جي معنيٰ ته

سنڌيڪا اڪيڊمي سان گڏ مترجم ڪي به سنڌ جي اهم تاريخي ماخذن جي ترِ برابر به ڄاڻ نه آهي. اهي صرف واپاري بنيادن تي ڪتاب شايع پيا ڪن. اهو عمل سنڌ جي علمي ادبي ۽ ٻوليءَ جي خدمت نه چئبي:


(A-72) سولنگي، محمد عرس 'اظهر'، "دادو ضلعو- هڪ اڀياس" واڌارا، سڌارا، تصحيح ۽ مقدمو: دين محمد ڪلهوڙو، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 2013ع، ص ٽ.

(73) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"

حوالو ڏنل آهي، ص. 109.

(74) ٽاڊ، جيمس، ڪپتان، "تاريخ راجستان حالات مارواڙ" (اردو) (جلد اول)، ڪراچي، انڊس پبليڪشنز، 1991ع، ص. 26.

(75) ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، "سنڌ، هندستان جو دروازو ۽ ان جي ادبي قدامت" (مضمون)، ٽماهي "مهراڻ"، جلد 11، نمبر- 3، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1962ع، ص. 125.

(76) مِهر، غلام رسول، "سومرا راڄ گهراڻو" سنڌيڪار: عمر سومرو، ڪراچي، ثقافت کاتو سنڌ، 2010ع، ص. 37، 38.

(77) Khatak, Iltaf, "udyana to day", a quarterly newsletter of environmental protection" society, swat, Issue no:4, vol: 7, october december 1991 and also see: www. valleyswat.net/ article/ misname.......

(78) Kasipandian. p.s., "India: that is "sid", newdelhi, allied publishers limited, 1996, p. 19.

(A-78) سولنگي، محمد عرس 'اظهر'، حوالو ڏنل آهي، ص ٽ

(79) Bryant, edwin and francis bryant, Edwin, "the quest for the origin of vedic-culture, the indo- Aryan migration debate", Newyork, Oxford university press, 2001, p. 320.

(80) مُو، وَرداجن، "تاريخ تامل ادب"، اردو ترجمه: حيات افتخار، نئي دهلي، ساهتيه اڪيڊمي، 1991ع، ص 9.

(81) Krishnamurti, Bhadriraju, "The Dravidian languages," Uk, cambridge university press. 2003, p. 11

(82) Ibid, = = p. 62.

(83) Caldwell, Robert, R. "A comparative grammar of the Dravidian or south- Indian family of languages", newdelhi, orient- books corporation, reprint first indian edition, 1974, pp. 131, 146.

(84) Ibid, = = = = = pp. 131, 141, 142, 143.

(85) Burrow. T and Emeneau. M.B., "A Dravidian etymological dictionary", london, oxford university press, 1961, p. 42, entry no: 459.

(86) johana, "board- straightdope. com>straight dope message board>main>general guestions, 25 january 2001.

(87) www. morsmall. no morsmall. no/ ta/ morsmal- tamil/ungdoms.

(88) Krishnamurti, Bhadriraju, op. cit. p. 12

(89) Ibid, ========= p. 126.

(90) Emeneau, M.B. "Dravidian studies" (Selected papers), Newdelhi, MLBD, 1996, p.1.

(91) Krishnamurti, op. cit. p. 48.

(92) Ibid, = === p. 123

(93) Ibid, ===== p. 127.

(94) Caldwell, Robert, r, op. cit. p. 139.

(95) Krishnamurti, op. cit. p. 145

(96) Ibid = = = =p. 158

(97) Ibid, ====. p. 168.

(98) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، مرتب: 'جامع سنڌي لغات" (جلد چوٿون)، حوالو ڏنل آهي، ص. 2012.

* Maharashtra tourism and travel>General.
(121) Krishnamurti, Bhadriraju, op. cit. p.104.

(122) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، حوالو ڏنل آهي، ص. 105

(123) بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات"، جلد چوٿون، حوالو ڏنل آهي. ص. 1664.

(124) جتوئي، علي نواز حاجن خان، "علم لسان ۽ سنڌي زبان"، چار شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1983ع، ص. 93.

(125) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، حوالو ڏنل آهي، ص. 105.

(126) Crystal, David, "A dictionary of linguistics and phonetics", U.S.A, Blackwell publishing, sixth edition 2008, p. 422.

(127) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات"، (جلد چوٿون)، حوالو ڏنل آهي، ص. 1745

(128) براهوئي، نذير شاڪر، حوالو ڏنل آهي، ص. 233، 234.

(129) سنڌ اسيمبليءَ ۾ "سِند" نالي کي "سِنڌ" ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پيش ڪيل قرارداد متعلق، مختلف اخبارن پنهنجا بيان شايع ڪيا، جيڪي هت پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجن ٿا:

"ڊيلي ڊان" پنهنجي بيان ۾ تفصيل ڏيندي لکيو ته:

"Dawn, feb. 12, 2013, 10:37 am. the provincial assembly has approved the Sindh laws Amendment bill 2012, which calls for the change in Spelling the "H" has new been added to the province's name. karachi: following the passage of a new bill approved by the provincial assembly on tuesday, Sindh province will now officially be referred to as "Sindh".

The provincial Assembly has approved the Sindh laws Amendment Bill 2012, which calls for the change in spelling the "H" has now been added to the province name.

The bill presented by opposition lawmaker, Arif Mustafa Jatoi, is the first private bill to be unanimously approved in the provincial assembly in the past five years.

According to the bill, the spelling for the province will be Ammended with the addition of an "H" in all leged acts and ordinances............"

"ڊيلي ايڪسپريس" پنهنجي رپورٽ هن طرح پيش ڪيائين ته:

"Karachi: The official spelling for the province Sind will now be Sindh. the provincial Assembly Approved Sindh law`s Amendment bill 2012 which adds the latter "H" to the province`s spelling as substituted by the consstitution (18th Amendment) act 2012.

The statement of objects and reasons on the bill says:

The 18th Amendment of the coustitution corrected the name of the province of Sindh from "Sind" as the british empire spelled it to "Sindh" to reflect more accurately the actual pronunciation of the word by the people of the province This Act shall bring all legal documents issued in the province into confirmation with the constitutional Amendment....................".

تفصيل لاءِ ڏسو:

* Daily dawn karachi, 02 feb, 2013, 31, Jan: 2016.
http://dawn.com/2013/02/ 12/ same-territory-new-name-Sindh-drops-its-h/
* Daily Express, "Sindh not sind" 02 feb, 2013, 31, jan: 2016.
tribune.com.pk>the Express Tribune>pakistan
http://tribune.com.pk/story/506227/sind-not-Sindh/
* Sind is now Sindh- spelling changed/ Awamiweb, 13th feb, 2013, 31 Jan, 2016.
www.awamiweb. com>Home>pakistan.

4. زرادي ڪاتب: ابو طالب بن عبدالرزاق ساڪن ڪوٽڙي
5. شرح مثنوي رومي، مير محمد، ڪاتب محمد جعفر خاڪپائي تلامذه مدرسه محمد عاقل حسيني
6. صراح (لغت جو ڪتاب) مؤلف: جمال الدين ابن عمر الخالدي القرشي 681هه ڪاتب: صوفي جمال الدين بن محمد القرشي الخالدي الڪنديلوي 1117هه (نالي مان معلوم ٿئي ٿو ڪاتب، مؤلف سان خانداني رشتو رکي ٿو)

چند اهم خطي نسخن جو بيان هيٺ ڪجي ٿو:

1- عين العلم،ڪاتب: محمد هاشم بکري بن مخدوم ابوبڪر سومرو، ملتان 1119هه

(اهو نسخو عبدالقادر بن محمد 1277هه جي ملڪيت رهيو آهي،جنهن کي مولانا محمد عالم نوشهروي مولانا فيض الڪريم ساندائي جي وساطت سان خريد ڪيو هو.)

2- انيس انجمن، تاليف: فقير نظام الدين ولد عبدالرزاق دربيلي، ڪاتب به پاڻ آهي، ڪتابت جو سال 1115هه .

(نوٽ: هن ڪتب خاني ۾ فقير نظام الدين جو ٻيو ڪتابت چشم چراغ به 1258هه ڪتابت ٿيل موجود آهي)

3 سراج الهدايه فارسي(ملفوظات مخدوم جهانيان) مؤلف: احمد برني سياه پوش علوي ساڪن اُچ 1103هه جنهن جي سرورق تي لکيل آهي: اين ڪتاب سراج الهدايه خادم العلماء فقير عبدالواحد پيرزادو، ڪوٽڙي ڪنديارو است.

4. رساله در اثبات آخر الظهر، جنهن جي پڇاڙي ۾ چئن عالمن جو مهرون لڳل آهن.

1. مخدوم عبداللطيف
2. خادم شرع ابو المعالي 1186هه
3. المتوسل بالبني الامجد سيلمان بن احمد 1195هه
4. فقير محمد محسن 1176هه

5. القول الانيس والدر النفيس علي منظومة الشيخ الرئيس، تاليف مدين بن عبدالرحمن الطبيب المصري
6،12 سنڌي رسالن جو مجموعو ملڪيت: آخوند ڏني پرتو قوم واڍو ساڪن نئڻ موسيٰ پرڳڻو نوشهرو.
7. شرح جامي جو نهايت نادر خطي نسخو جنهن تي چاليهن علماء ڪرام جا حاشيا لڳل آهن، جن مان 15 عالم سنڌ جا آهن (مخدوم جعفر بوبڪاڻي، سيد حسين ڪنديلوي، مخدوم عبدالروف، مخدوم عبداللطيف دربيلي، مخدوم محمد جان دربيلي، مخدوم عبدالملڪ دربيلي، محمد ڪبير گنبذي محمود ٺٽوي، قاضي نعمت الله ٺٽوي وغيره)
8. الوان الفيض في احڪام الحيض، (سنڌي) تاليف: علي بن حافظ

بهرحال هيءُ عظيم ڪتب خانو محققن کي پاڻ ڏانهن توجهه ڇڪائيندڙ آهي، ڪو به محقق، تحقيق دوران هن ذخيري کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهي.

## ڳوٺ علي محمد ڦرڙو (لڳ خانواهڻ)

**2- محمد پناهه ڦرڙي جي لائبريري:**

جناب محمد پناهه ڦرڙو، درگاهه لنواري شريف جو پانڌيڙو آهي، علم وادب سان واڳيل هي شخصيت هن وقت شايد 80 سالن جي لڳ ڀڳ هجي، پر ڪتابن سان ذوق اڃان جوان اٿس، خانواهڻ لڳ پنهنجي ڳوٺ علي محمد ڦرڙي ۾ سنڌس لائبريري آهي، جنهن ۾ درگاهه لنواري شريف سان وابسته ڪافي مواد دستياب آهي، هن لائبريري ۾ ويهارو کن قلمي ڪتاب آهن، جن مان چند اهم مخطوطات هن ريت آهن:

1- ابيات سنڌي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جا 3 قلمي نسخا
2- مرآة العارفين عربي، شيخ محمد حسين،
3- مرغوب الاحباب، مؤلف: خليفه نظر علي ٽالپر، جو اڻپورو نسخو
4- رساله گل نما منظوم از مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (جيڪو خواجه گل محمد لنواري جي شان ۾ چيل آهي.)
5- تڪميل المعرفه، فارسي، سيد نور محمد شاهه ڪنڌائي، ڪاتب: مخدوم قاضي عارف سيوستاني 1261هه (يعني مؤلف جي حياتي ۾ لکيل)

(نوٽ)هن ذخيره جي معلومات مون کي برادرم سائين بخش ٽبولائي (ڏوڪري) ڏني.

محمد پناهه ڦرڙو صاحب "تصوف جو سنڌي ادب تي اثر" (سنڌ جو صوفيائو ادب) جي عنوان تي علامه غلام مصطفي قاسمي جي نگراني ۾ PhD جومقالو لکيو، جيڪو 1986هه ۾ مڪمل ٿيو.

## ديهات

### 3- سومرن جو ڪتب خانو:

قاضي سومرا، ديهات وارا علائقي ۾ سٺي شهرت رکن ٿا، علم وادب سان واڳيل هن گهراڻي ۾ جنهن گهڻي شهرت ماڻي سو عبدالرحمٰن قاضي هو جنهن جا 3 پٽ ٿيا، مولانا نظر محمد سومرو، جان محمد سومرو ۽ خان محمد سومرو، انهن مان نظر محمد سومرو جيد عالم دين هو، 45 سالن جي مختصر عمر ۾ وفات ڪيائين، ننڍي عمر ۾ وڏو ڪم ڪري ويو. هيٺيان ڪتاب يادگار آهن:

1- انوار احمديہ تذڪره مشائخ نقشبنديہ 3 جلد(جن مان فقط پهريان 2 جلد شايع ٿيا)
2- احسن التقرير في جواب التحرير(ڇپيل)
3- مجموعہ خطب ديهاتي (ڇپيل)
4- الدر المنظوم في تذڪرة المخدوم (مخدوم نوح سرور هالائي جي سوانح)

**اڻڇپيل:**

نظر محمد سومري کي 2 پٽ هئا: مولانا غلام حسين سومرو ۽ مولانا نور احمد سومرو، ٻئي جيد عالم هئا. مولانا نظر محمد جي ڇپيل ڪتابن جي ڪتابت مولانا نور احمد ڪئي هئي.

هوڏانهن جان محمد سومري کي جام اولاد ٿيو جن مان مولانا عبداللطيف وڏو عالم هو. ان جي زيارت راقم الحروف بہ ڪئي، اهو بہ صاحبِ تصانيف هو.

سندن ڪتبخانو تمام وڏو آهي، جنهن ۾ مخطوطات بہ آهن. هڱورجا شهر جي مشهور مير محمد مقبول سومري جي بقول ان ۾ 5000 کن ڪتاب 11،10 ڪٻٽن جي صورت ۾ موجود آهن. اسان مخطوطات جي زيارت جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نہ ٿياسون.

## 2- تعلقو ڪنڊيارو

### (ڪنڊيارو، شيخ احمد، سليم آباد، الہ آباد، دربيلو، سيدو باغ چنيهاڻي، ٻيري، ڳوٺ محمد خان آگرو، ڳوٺ سعيد خان خشڪ)

## ڪنڊيارو

### 4- قاسميہ لائبريري:

هن لائبريري جو باني مولانا محمد قاسم سومرو (راقم الحروف جو والد صاحب) آهي، جن جي ولادت 1942ع ۾ ٿي، سندن نسب هن طرح آهي:

**مولانا محمد قاسم بن آخوند محمد ادريس بن مولانا محمد عالم بن مولانا محمد عمر بن مولانا محمد اسماعيل بن محمد طالب بن محمد لونگ سومرو.**

مولانا محمد قاسم جو خانداني ڳوٺ”چنيهاڻي“ آهي، جيڪو ڪنڊياري کان 6،5 ڪلوميٽر اولهہ طرف، ڪمال ديرو طرف ويندڙ رستي تي هڪ ننڍي بستي آهي، ان جي پرسان اتر ۾ سيدو باغ آهي، جنهن جو اصل نالو ڳوٺ (رقبہ ڪلهوڙن جو هو) مولانا محمد عالم سومري کي بہ گهر واريون هيون، هڪ سيدو باغ ۾ رهائيندي ۽ ٻي چنيهاڻي ۾. سيدو باغ واريءَ مان محمد ادريس ۽ محمد ابراهيم ڄاوا، جن مان محمد ابراهيم ننڍي هوندي فوت ٿيو ۽ محمد ادريس (جيڪو درس نظامي جا ابتدائي ڪتاب مولانا محمد ڪامل دونگهہ واري وٽ پڙهيو هو) سو 1957ع ۾ 37 سالن کن جي عمر ۾ فوت ٿيو. مولانا محمد عالم کي سيدو باغ واريءَ مان محمد يامين ۽ محمد دلاور ڄاوا جيڪي ٻئي مولانا محمد قاسم صاحب جا سهرا آهن. سيدو باغ ۾ مولانا محمد عالم سومري جي نالي سان ”عالميہ لائبريري“ موجود آهي، جنهن ۾ قلمي ۽ ڇاپي ڪتاب ججهي تعداد ۾ دستياب آهن.

مولانا محمد عالم سومرو 1298هہ ۾ ڄائو ۽ 1361هہ/1942ع ۾ وفات ڪري ويو اهو ابتدائي ڪتاب پنهنجي والد مولانا محمد عمر وٽ پڙهيو ۽ دستار فضيلت مولانا عبدالرحمٰن فيروز شاهي وٽ 1327هہ ۾ ٻڌائين، اهڙي سَنَدَ مولانا عبدالرحمٰن فيروزشاهي طرفان مولانا محمد عالم جي هڪ قلمي بياض ۾ موجود آهي، مولانا عبدالرحمٰن فيروزشاهي، مولانا عطا الله فيروزشاهي جو شاگرد هو جيڪو پڙهيو مولانا نور محمد شهدادڪوٽي وٽ، ان جي سند سيالڪوٽي سند آهي، مولانا محمد عالم، عالم هئڻ سان گڏ ڪاتب ۽ شاعر بہ هو. مولانا محمد عمر ۽ مولانا محمد عثمان ٻئي ڀائر هئا، وڏا عالم هئا، مولانا محمد عثمان 1327هہ ۾ ۽ مولانا محمد عمر 1348هہ ۾ وفات ڪري ويا، ٻنهي جا قلمي شهپارا پونيٽرن وٽ ۽ قاسميہ لائبريري ۾ محفوظ آهن، اهي سڀ ڪاتب پڻ هئا.

مولانا محمد قاسم کي ڪتابن سان ذوق ننڍي هوندي کان ئي هو آهستي آهستي ڪتاب گڏ ڪندو

رهيو، 1971ع ۾ ونس صرف هڪ ڪبٽ ڪتابن جو موجود هو، جنهن ۾ خانداني ڪتاب به هئا، پوءِ قاسميه لائبرري ترقي ڪندي رهي، راقم الحروف به والد صاحب کي هٿ ونڊايو. هن وقت قاسميه لائبرري ۾ تقريباً 35000 (پنجٽيهه هزار) کن ڪتاب ۽ رسالا آهن، هت قاسميه لائبرري جو باقاعده تعارف ڪرائڻ مقصد نه آهي، صرف قاسميه لائبرري جي مخطوطات بابت لکڻ گهرون ٿا.

قاسميه لائبرري ۾ چار سو 400 کن مخطوطات آهن، جن مان 40 ڪان مٿي مخلوم محمد هاشم ٺٽوي جي تصنيفات جا خطي نسخا آهن جن مان هيٺيان اهميت رکن ٿا:

1- بياض هاشمي 3 نسخا
2- حياة القلوب في زيارت المحبوب فارسي، مخدوم ٺٽوي جي تصنيف ۽ سندس ملڪيت ۽ سندس تصحيح ٿيل 1146ھ ۾، جنهن جي سرورق تي سندس مهر به لڳل آهي، محمد هاشم عفي عنہ 1134ھ جنهن جي هيٺيان سندس پوٽي مخدوم محمد ابراهيم جي مهر لڳل آهي، "سلام علي ابراهيم 1184ھ"
3- اتحاف الاکابر بمرويات الشيخ عبدالقادر، 2 نسخا
4- مظهر الانوار عربي
5- حياة الصائمين
6- السيوف القاهرة علي ساب الخمسة الطاهرة عربي
7- وسيلة القبول في حضرة الرسول صلي الله عليه وآله وسلم
8- فتح العلي في حواث سني نبوة النبي، عربي
9- عقائد الاسلام سنڌي (مولانا محمد عثمان سومري جو ڪتابت 1327ھ
10- تحفة التائبين، سنڌي
11- ڪفاية القاري في مشتبهات القرآن
12- بذل القوة في حوادث سني النبوة
13- بسط البرده لدي ناظم البرده
14- شذ النطاق فيما يلحق الصريح من الطلاق
15- تمام العناية في الفرق بين صريح الطلاق والڪناية
16- فاڪهة البستان
17- نظم الجواهر بذيل اتحاف الاڪابر
18- نور البصائر تڪملة ذيل اتحاف الاڪابر
19- حواشي دلائل الخيرات

مخدوم جعفر بوبڪاني جي تصنيفن مان هيٺين ڪتابن جا مخطوطات هن لائبرري جي زينت آهن:

1- عجالة الطالبين في انتقاد الحافظين، عربي
2- فتح الدارين، فارسي
3- اقل و اعدل ڪلمات في حڪم فصوص الحڪم والفتوحات، فارسي
4- العراضة في العروض والقافية، عربي
5- ڪشف الحق للصادق المنصف المحق، عربي
6- الحجة القوية في جواب الرسالة الحلفية
7- حواشي ميزان الصرف
8- بداية النحو

مخدوم محمد معين ٺٽوي جي تصنيفن مان هيٺين ڪتابن جا مخطوطات موجود آهن:

1- تنبيه الناسي حقوق الشريعة في الاناسي (تنبيه الغافل في ميز المنشي عن الناقل) عربي.
2- التنبيه علي سوء الفهوم في ان المثلية توجب العموم، عربي
3- غاية ما ظهر لاضعف الانام في ان الڪلام المحتمل لا يوجب الاسلام، عربي 2 نسخا
4- البرهان اللازب علي استحالة ترويج الڪاذب عربي

شيخ حيات سنڌي جي ڪتابن مان 3 مخطوطا دستياب آهن:

1- اتخاذا لما تر من الماثر
2- تحرير الاجارة علي العبارة
3- زاد المتقي والمهتدي

بين سنڌي عالمن جي تصنيفات مان هيٺيان خطي ڪتاب قاسميه لائبرري ۾ موجود آهن:

1- مصابيح الظلام في دار الاسلام، محمد اڪبر بن قدوة العلماء حافظ احمد
2- الدليل الاقوي علي صحة اعادة الدعوي، فاضل ميان احمد لڪرائي،جنهن تي مخدوم محمد معين جي مهر لڳل آهي "هوالمعين 1147ھ" جنهن جي

2- رفع الفرية والمرية، ابو الحسن ڏاهري
3- بياض واحدي، مخدوم عبدالواحد سيوستاني.
4- منتخب بياض هاشمي، جنهن جي آخر ۾ شيخ حيات سنڌي جي ڪتاب اتحاف الاثر من المآثر جو اختصار از طرف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي شامل آهي، هن منتخب بياض هاشمي جو ٻيو ڪو خطي نسخو ڪٿي نظر نہ آيو آهي.

بياض عثمان (جنهن اندر مخدوم محمد جان دربيلي جو هڪ رسالو اشارة في التشهد بابت بہ شامل آهي)

## شيخاڻي

8-ڪتب خانہ شيخ احمد:

ڳوٺ شيخ احمد يا شيخاڻي، ڪنبياري کان ڏکڻ طرف ريگوليٽر ڏانهن ويندڙ رستي تي پراڻي ڪاٽن فيڪٽري جي سامهون واقع آهي، جيڪو شيخ احمد قتال (وفات 702ھ) ڏانهن منسوب آهي، شيخ احمد قتال قريشي، صديقي خاندان جو چشم چراغ هو، جيڪو اج کان 750 سال اڳ ملتان کان ڪنبياري لڳ اچي رهيو، سندس نسب نامو هن ريت آهي:

شيخ احمد قتال بن شيخ عجائب بن يوسف بن يحيىٰ بن زڪريا بن نور الدين بن يحيىٰ بن يونس بن ابراهيم بن عبدالله بن شهاب الدين بن زڪريا بن نور الدين بن سراج الدين بن وحيد الدين بن مسعود بن رضي بن ابي حفظ بن قاسم بن محمد بن امير المؤمنين ابي ابڪر الصديق.

شيخ احمد قتال جي ٻن فرزندن جا نالا ملن ٿا:
1. محمد
2. حسام الدين (جنهن جي قبر شيخ احمد جي مزار لڳ آهي)

هيءُ هڪ علمي خاندان رهيو آهي، جنهن ۾ ابوطالب بن علي الحڪيم القرشي، مخدوم محمد عالم بن ابي طالب، جهڙا عالم ۽ شيخ محمد شريف بن علي الحڪيم (ابو طالب جو برادر) ۽ محمد علي بن شيخ عبدالواسع بن ابي طالب ۽ آخوند محمد افضل بن شيخ عبدالواحد جهڙا ڪاتب پيدا ٿيا. علي الحڪيم کي 2 پٽ هئا (ابو طالب ۽ محمد شريف) ابوطالب کي 2 پٽ هئا (عبدالواسع ۽ محمد عالم) عبدالواسع جي هڪ پٽ (محمد علي) جو نالو ملي ٿو.

هن ڪتب خانہ شيخ احمد ۾ تقريباً 70 ڪن ڪتاب ۽ رسالا خطي صورت ۾ موجود آهن، جن جي زيارت راقم الحروف پهريون دفعو اج کان 22 سال پهريائين 1993ع ۾ ڪتب خاني جي سنڀاليندڙ پروقار علمي شخصيت استاد محمد حسن صديقي قريشي جي تعاون سان ڪئي، جيڪو تازو هن سال 85 سالن کن جي عمر ۾ فوت ٿيو سندس نسب نامو هن ريت آهي:

استاد محمد حسن بن محمد اشرف (محمد اشرف کي 3 پٽ هئا: شيخ محمد افضل، علي محمد ۽ محمد حسن) بن عبدالواحد (عبدالواحد کي هڪ پٽ ابراهيم نالي هو) بن شيخ محمد افضل بن شيخ عبدالواحد بن محمد افضل بن شيخ محمد رضي (شيخ محمد رضي کي شيخ ستار نالي هڪ پٽ هو) بن شيخ عبدالغفور بن شيخ ضياء الدين بن شيخ ابراهيم بن شيخ عيسىٰ بن شيخ مبارڪ بن شيخ جاده بن شيخ جلي بن شيخ جاده بن شيخ علم الدين بن شيخ اسحاق بن شيخ نور الدين بن شيخ مهتہ بن شيخ محمد بن شيخ احمد قتال.

هن ذخيره مخطوطات ۾ قديم ترين خطي نسخو"رسالہ در ڪيميا" فارسي 1054ھ آهي، جنهن جو مؤلف فقير ابوطالب بن المرحوم علي الحڪيم آهي، (ياد رهي تہ ابوطالب جي هڪ تصنيف "الحجة البالغة في تحريم الدخان" جا بہ خطي نسخا مدينہ منوره ۾ موجود آهن، جنهن تہ ان جي هڪ ٻئي ڪتاب "البرهان في تحريم الدخان" جي ڄاڻ پاڻ "الحجة البالغة" جي پڇاڙي ۾ ڏني اٿائين) ان کان سواءِ "خلاصة الحقائق في الحڪم والدقائق" علي متقي هندي، ڪاتب: محمد بن علي الحڪيم 1062ھ (جنهن جو مالڪ ابوطالب بن علي الحڪيم آهي)، شرح عقائد عضديہ جلاليہ مع الحاشيہ المسماة بيوسفي، ڪاتب: عبدالواسع 1173ھ ،
شرح الشمسيہ ڪاتب: عبدالواسع 1073ھ
السيف المسلول، بضرب برنج القفال المقفول. ڪاتب: فقير عبدالستار بن محمد 1103ھ ،قابل ذڪر آهن.

ان سان گڏ محمد افضل جا هٿ اکر خانداني، بياض ۾ موجود آهن.

هن ڪتب خاني ۾ شيخ ابو طالب جي فرزند مخدوم محمد عالم جو فارسي ۾ تصنيف ٿيل رسالو "عادات النبي صلي الله عليه وآله وسلم" فارسي ۾ دستياب آهي.

هڪ قرآن مجيد جو خوبصورت نسخو منقش به ملي ٿو جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ هيءُ عبارت لکيل آهي:
مالڪ اين ڪلام الله شريف محمد الياس بن حاجي الحرمين الشريفين حاجي الهنوازيه اولاد غفران پناه شيخ احمد بن مخدوم عجائب قريشي صديقي نورالله مرقدهُ وغفرالله مضجعهُ بتاريخ شانزدهم شهر رجب المرجب سنه 1281هه

فائدو: ياد رهي ته شيخ عبدالواسع بن ابي طالب جي فرزند محمد علي جي هٿ اکري 1119هه ۾ لکيل مجموعه رسائل در علم رمل، هن وقت سنڌ آرڪائيوز ڪراچي ۾ محفوظ آهي.

## سيدو باغ

### 9-عالميه لائبريري:

هيءُ اسان جي نانائي لائبريري آهي، جنهن جو نالو هن لائبريريءَ جي باني مولانا محمد عالم سومري جي نالي تي رکيو ويو آهي، جن جي وفات کان پوءِ سندس فرزند آخوند محمد يامين سومرو، ان کان پوءِ سندس فرزند استاد عمر الدين سومرو ۽ ان کان پوءِ ان جي فرزندن جي سنڀال هيٺ آهي. (خاندان جو بيان مٽي قاسميه لائبريري جي ضمن ۾ اچي چڪو آهي) جنهن ۾ وڏو ذخيرو ڇاپي ڪتابن جو آهي ۽ ڪجھ قلمي ڪتاب به آهن، جيڪي تقريباً اسان جي وڏڙن جا ئي هٿ اکري اهن، جن مان منهنجي پڙڏاڏي مولانا محمد عالم سومري جا 5 قلمي بياض، سرفهرست آهن، سيد نور محمد شاهه ڪنڌائي جا 2 ڪتابه قواعد المعرفت ۽ تڪميل المعرفت (هڪ سنڌي ٻيو فارسي) مولانا محمد عالم سومري جي ڀاڄي مولانا محمد عثمان جا هٿ اکري به هن لائبريريءَ جي زينت آهن. ان کان علاوه چند مخطوطن جا نالا ڏجن ٿا:

1- طب يوسفي فارسي، ڪاتب: مولانا محمد عثمان سومرو (1327هه)
2- نور الابصار سنڌي مخدوم عبدالله نريائي، ڪاتب محمد عثمان
3- رسالہ موعظة القبر
4- هڪ قرآن شريف، ڪتابت: مولانا محمد عمر سومرو (ت: 1348هه) جيڪو مولانا محمد عالم سومري جو والد هو)

هن لائبريري ۾ خواجه محمد عمر جان چشمويءَ جا خط فارسي زبان ۾ مولانا محمد عالم سومري (جيڪو سندن مريد هو) ڏانهن فارسي ۾ لکيل خط جهجهي تعداد ۾ موجود آهن، جن کي ترتيب ڏئي شايع ڪجي ته هوند فارسي ادب ۾ هڪ اضافو ٿي پوي.

## چيهاٽي

### 10-عثمانيه لائبريري:

هن لائبريري جو باني استاد محمد عثمان عباسي ولد محمد چنيهه عباسي آهي، جنهن ۾ ڪتابن جو تعداد 13000 هزار کان مٿي آهي، استاد محمد عثمان جيڪا شخصي محنت ڪئي آهي، سا داد ۽ تحسين جي لائق آهي، پاڻ 48 کن ڪتابن جو مصنف به آهي، جنهن مان 40 کان وڌيڪ ڪتاب ڇپيل آهن. ۽ خود هن لائبريريءَ طرفان اشاعت جو سلسلو به جاري ڪيائين، جيڪو هيلتائين قائم آهي، جيڪي ڪتاب ۽ رسالا هن لائبريريءَ طرفان شايع ٿيا آهن، تن جو تعداد تقريباً 25 کن آهي.

هن لائبريري ۾ مخطوطات جو ڪو وڏو ذخيرو ته ناهي البته هت 6 جلدن تي مشتمل سنڌيءَ ۾ لکيل هڪ قلمي تفسير قرآن هڪ نايات شي آهي، جنهن جو ٻيو ڪو قلمي نسخو ناهي، اهو آهي: تفاسير معتبره حسيني، ليکڪ: محمد حسين لربابه ساڪن ڪاڪٺار، ايٽ"خان آباد"، پوسٽ ڪلوئي، تعلقو ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر ان کان سواءِ مجموعه خطبات، تاليف احمد ملاح (منظوم) 1359هه راقم :غلام حسين لربابه ۽ هڪ قرآن شريف قلمي، هن لائبريري ۾ موجود آهن.

## درٻيلو

### 11-مخدومان درٻيلا جو ڪتب خانو:

هن خاندان جو باني مخدوم محمد عثمان، مشهور صحابي رسول صلي الله عليه وآله وسلم حضرت سعد بن ابي وقاص جي اولاد مان آهي، جيڪو

عبدالله بن عبيد الله ميمڻ لاهور ۾ سرڪاري آفسر ٿي رهيو، ڪتابن سان ڪيس جنون جي حد تائين شوق هو، سندس لائبرريءَ ۾ قيمتي ڇاپي ڪتابن سان گڏ ڪجهه قلمي ڪتاب به آهن، جن جو تعداد هڪ سؤ جي اندر آهي، راقم الحروف انهن جي فهرست تيار ڪئي هئي، جيڪا خزينة المخطوطات جي 2 ۾ شامل آهي.

ابن ابي العز حنفي جي تاليف " الاتباع" جو قلمي نسخو، جنهن جي آڌار تي لاهور مان اهو ڪتاب شايع ٿيو، سو به عبدالله ميمڻ صاحب کين ڏنو هو. جيڪو عبدالرحمٰن بن عبداللطيف ڪنڊياري جو هٿ اکري آهي. ان ڪاپيءَ مختلف عرب ملڪن ۾ اهو ڪتاب ڇپيو، پر حوالي طور عبدالله ميمڻ دربيلوي جو ئي نالو نروار رهيو.

هن ذخيري ۾ عربي، فارسي، اردو سنڌي مخطوطات موجود آهن، سڀ کان قديم خطي نسخو مثنوي چنيسرنامہ ادراڪي بيگلاري جو آهي، جيڪو 1142هه ۾ لکيل آهي، ڪيترا ڪتاب ۽ رسالا عبدالله جا هٿ اکري به آهن.

عبدالرحمٰن بن عبداللطيف ڪنڊياروي پاران 1255هه ۾ ڪتابت ڪيل ڇهن عربي رسالن جو مجموعو به هن ذخيري جي زينت آهي(ياد رهي ته انهي ئي ڪاتب جو لکيل، فارسي رسالن جو هڪ مجموعو اسان جي قاسميہ لائبرري ۾ به آهي.)

التعليق المحڪمة شرح المقدمة الجزريہ تاليف شيخ الاسلام زڪريا انصاري جو 1294هه ۾ لکيل هڪ خطي نسخو مخدوم عبدالڪريم بن عثمان نوشهرائي جو هٿ اکري به هتي موجود آهي.

ڪجهه اهم مخطوطات هن ذخيري جا هيٺ لکجن ٿا:

1- تفسير در منثور عربي علامہ سيوطي 1220هه
2- الحجة التامة في ثبوت الڪرامۃ مخدوم عابد سنڌي
3- يواقيت العلوم، فارسي
4- اساس المصلي، بدر رڪن سنڌيءَ جو، بچل قريشي دربيلوي جو هٿ اکري
5- مجموعہ رسائل شاه ولي الله دهلوي، مترجم وغيره

## ڳوٺ محمد خان آگرو

### 14- مولانا عبدالحليم آگرو جو ڪتب خانو:

مولانا عبدالحليم ولد مولانا محمد صالح ولد احمد علي ولد حاجي دودو آگرو، ويجهي دور اندر ڳوٺ محمد خان آگرو ۾ هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي، سندس والد صاحب به وڏو عالم هو، جنهن جي تحرير آخري سمجهي ويندي هئي. مولانا عبدالحليم پير ڳوٺ ۾ پڙهيو. ڪافي عرصو ظفر آباد (لڳ اڪري چوڏگي خيرپورميرس) ۾ پڙهائيندو رهيو، پر آخر ۾ اچي پنهنجي ڳوٺ کي فيض پهچائڻ لڳو، 78-1979 ڌاري فوت ٿيو، هن ڳوٺ جي فعال شخصيت حافظ عجيب الرحمٰن آگرو ٻڌايو ته: مان ننڍي هوندي وٽس قاعدو پڙهيو آهيان، ياد رهي ته حافظ صاحب 1972ع ۾ ڄائو، مولانا عبدالحليم جو فرزند رٽائرڊ ماستر خادم حسين به فوت ٿي ويو آهي.

سندس ڪتب خانو مختصر ، پر نهايت نادر ڪتابن تي مشتمل هو جنهن ۾ هند، سنڌ جي ڇپيل عربي،فارسي،اردو ۽ سنڌي ڪتابن سان گڏ ڪافي مخطوطات به هئا، جن جو تعداد 40،30 جي لڳ ڀڳ ٿيندو، چند مخطوطات جا نالا هن ريت آهن:

1- منافع القلوب از خواجہ ابو حفص بخاري، ملڪيت: نصيرالدين، ڪاتب: حفاظ محمد صديق معلم مدرسہ "ٻهر" علاقہ وارہ ضلع لاڙڪاڻہ 1341هه
2- مجمع الفوائد (طب)، مولف: محمد امين بن ملا سومر.
3- طب داودي فارسي، دائود خان عباسي، ڪاتب: پريل آگرو 1309هه
4- فرهنگ همايوني، مولانا عبدالغفور همايوني، ڪاتب: عاصي عبدالله در شهر هالائي 1308هه
5- اربعين حديثا (بخشش بابت) محمد بن ابي بڪر،ڪاتب: عزيز الله جوڻيجو ولد لعل بخش، ساڪن در قصبہ منڊ ڏيرہ ضلع شڪارپور، تعلقہ وارہ
6- بياض سنڌي شاعري ،تعويذات وطبي نسخہ جات راقم : مسڪين عبدالحليم آگرو.
7- درهم الڪيس، فارسي، حامد بوبڪاني، 1341هه

8- ڪتاب "مهر الفقہ" 1340ھ
9- ديوان العالمين في الفقہ مولف: ابو سعيد سعد عمر غفاري ڪاتب: حافظ محمد صديق 1341ھ
10- لذت النساء، ضياء الدين نخشبي جا 2 نسخا

ياد رهي تہ هي ذخيرو هن وقت قاسميہ لائبرري ڪنڊيارو ۾ محفوظ آهي.

**15- فقير قادر داد آگري جو ڪتب خانو:**

ڳوٺ محمد خان آگري ۾ فقير قادر داد خان آگري وٽ بہ ڪتابن جو ذخيرو هو. سندس فرزند ميان محمد خان آگري (جيڪو پڻ فوت ٿي ويو آهي) ڪجھ ڪتاب قاسميہ لائبرري (ڪنڊيارو) کي ڏنا هئا. جن ۾ قلمي ڪتاب بہ هئا، جن مان اهم ڪتاب "انشاء فارسي" آهي، جيڪو ڪنهن آگري عالم جو لکيل آهي.

## ڳوٺ سعيد خان خشڪ

**16- محمد عثمان خشڪ جو ڪتب خانو:**

محمد عثمان خشڪ جو احوال ۽ سوانح عمري نہ ملي سگهي، سندس ڪتب خانہ ۾ موجود ڇاپي ۽ قلمي ڪتابن جي فهرست خود پاڻ صاحب ڪتب خانہ يعني محمد عثمان مرتب ڪئي هئي، جيڪا 109 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جو ڪاتب بہ پاڻ آهي. اها فهرست هن وقت "الڪبير اڪيڊمي" ڪوٽڙي ۾ موجود آهي، جو تہ ان ڪتب خانو جو وڏو حصو انهي اڪيڊمي کي مليو، ڪجھ مخطوطات قاسميہ لائبرري ڪنڊيارو کي مليا.

محمد عثمان جو فرزند "خان صاحب حبيب الله خشڪ"، ڊپٽي ڪليڪٽر رهي رٽائرڊ ٿيو، جيڪو ڪجھ سال اڳ فوت ٿيو، اهو بہ ڪتابن جي سلسلي ۾ باذوق هو، پنهنجي والد کان پوءِ ڪتب خانہ کي انهي سنڀاليو. هن ڪتبخانہ جي ذخيرہ مخطوطات کي ڏسي ڪري اندازو ٿيو تہ حيدرآباد جي حڪيم عبدالواحد جا قلمي بياض بہ هن ذخيري ۾ جمع ٿيا، چند مخطوطات جو ذڪر فائدي کان خالي ناهي:

1- طب يوسفي منظوم
2- معراج نامہ سنڌي
3- تحفة المومنين (طب) 1121ھ
4- رسالة في خواص الفلاذهن فخر الدين صهلباني ڪاتب: فقير پير محمد 1233ھ
5- طب داؤدي فارسي، ڪاتب: فقير نور محمد 1278ھ
6- مجربات زبدة الحڪماء ميان علي محمد
7- ڪتاب در طب، فارسي، قائم شاہ نصر پور 1303ھ
8- زنبيل واحدي9 حڪيم عبدالواحد حيدرآباد
9- زنبيل واحدي12، حڪيم عبدالواحد حيدرآباد
10- زنبيل واحدي20، حڪيم عبدالواحد حيدرآباد
11- آئينہ واحدي حڪيم عبدالواحد حيدرآباد

سڀ کان نادر ترين خطي نسخو، فارسي ۾ لکيل "مجربات السادات" تاليف: مفتي سعد الله انصاري بخط مفتي سعد الله انصاري 1340ھ آهي، جنهن ۾ هن لکي غلام شاہ جي سادات حڪيمن جا مجربات جمع ڪيا آهن. اهو نسخو عبدالڪريم هالائي جي ملڪيت رهيو آهي.

## پيري

**17- مخدوم عبدالواحد پکي ڏني جو ڪتب خانو:**

مخدوم عبدالواحد پکن ڏني (1243ھ-1291ھ) جنهن جو سلسلہ نسب، حضرت سعد بن ابي وقاص سان وڃي ملي ٿو. دربيلي وارا مخدوم بہ انهي سلسلي جا آهن. پاڻ سيد نور محمد شاہ ڪنڊائي جو خليفو هو، آخر ۾ شاہ صاحب کين ۽ خليفہ محمد عيسيٰ ڊينگائي کي درگاہ ميل شريف، قاضي احمد جي بزرگ مخدوم ميان نور الله جي حوالي ڪري ويو جنهن کان پڻ کين خلافت جو خرقو مليو.

سندس فرزند مخدوم حبيب الله (ولادت 1267ھ) وڏو عالم هو، جنهن وٽ فولاد فقير (نري ميرواہ خيرپور جي مشهور شخصيت) بہ پڙهيو. مخدوم حبيب الله کي 4 فرزند هئا، جيڪي چارئي صاحب فتوي عالم هئا، شاعر بہ هئا.

1- مخدوم غلام محمد
2- مخدوم غلام صديق
3- مخدوم غلام فاروق
4- مخدوم محمد بخش

هن خاندان وٽ بہ قلمي ڪتابن جو ذخيرو آهي، پر ڏسڻ اڃان نصيب نہ ٿيو آهي.

هي معلومات مون کي برادرم سائين بخش قبولائي (ٽوڪري) وٽان ملي.

## 3- تعلقو پريا
## (ڏينگو، بگو دڙو)
### ڏينگو

**18- خليفه محمد عيسيٰ ڪيريو جو ڪتب خانو:**

خليفه محمد عيسيٰ ڪيريو، سيد نور محمد شاه ڪنڊائي (ت: 1270هه) (ڪنڊاڪلهي، نوشهرو فيروز وارو) جي وڏن خليفن مان هو، جنهن جو ڪتبخانو ۽ ان ۾ موجود مخطوطات سندس پوٽيٽرن وٽ محفوظ آهن. جنهن ۾ هيٺيان ڪتاب نادر شمار ٿين ٿا:

1- فردوس العارفين، بلوچ خان ٽالپر، ڪاتب: حاجي پير محمد قريشي خانائي در سال 1277هه

2- جواهر بلالي (جواهر البدائع مان ملفوظات بزرگان لنواري جي چونڊ) فقير بلال نهڙيو ڪاتب: قاضي پير محمد قريشي خانائي، در سال 1277هه

3- مڪتوبات فارسي، سيد نور محمد شاه ڪنڊائي، جامع ملفوظات: محمد اسماعيل ٽگرائي خليفه سيد نور محمد شاه ڪنڊائي، ڪاتب: قاضي پير محمد قريشي خانائي 1277هه

4- مڪتوبات سنڌي منظوم از سيد نور محمد شاه ڪنڊائي، بطرف خليفه محمد عيسيٰ ڪيريو ڏينگائي،ڪاتب: ميان الهڏنو ڪيريو.

5- گوهر شب چراغ،سيد نور محمد شاه ڪنڊائي.(منظوم سنڌي، 25 بيتن تي مشتمل) ڪاتب: پير محمد قريشي 1278هه

ربان العارفين (قواعد المعرفة جو ٻيو نالو) از سيد نور محمد شاه ڪنڊائي، ڪاتب: پير محمد ولد قاضي دوست محمد قريشي خانائي 1278هه

### بگودڙو

**19- مولانا الله بخش سيٺر جو ڪتب خانو:**

مولانا الله بخش ولد حاجي خان سيٺڙ ڪنڊيارو لڳ ڳوٺ شهمير ديري ۾ ڄائو ۽ والدين شهمير کي ڇڏي بگي دڙي ۾ رهڻ لڳا، مولانا الله بخش سيٺڙ مولانا عبدالغفور همايوني وٽ فارغ التحصيل ٿيو ديهات (تحصيل ڪنڊيارو) ۾ ٻه سال، ڳوٺ ڄام نور الله (لڳ ڪنڊيارو) ۾ اٺ سال ان کان پوءِ محبت ديرو جتوئي، درگاه شريف پير ڳوٺ ۽ ڳوٺ 42 داد(نواب شاه) ۾ ڪجهه وقت، ڳوٺ حاجي ٻاجهي خان زرداري ۾ هڪ سال ۽ ان کان پوءِ ڳوٺ خير محمد جهتيال (ڏوڪري) ۾ مسلسل 40 سال تدريس ڪرڻ بعد اچي پنهنجي ڳوٺ بگو دڙو وسايائين، سال 1385هه/1965ع ۾ 120 سالن جي عمر ۾ فوت ٿيو. ڪيس ٽي فرزند هئا: مولانا عبدالباقي، عبدالهادي ۽ عبدالباري مولانا عبدالباقي جي مون زيارت ڪئي، ۽ ڪانئس سندالاجازة بہ حاصل ڪئي، پاڻ سٺو ليکڪ ۽ ڪاتب هو. والد صاحب جي وفات بعد ڪتب خانو مولانا عبدالباقي سنڀاليو. وفات کان ٿورو اڳ قلمي ڪتابن جو ذخيرو مولوي امام بخش قادري (پڪا چانگ) جي حوالي ڪيائين، جتي مولوي صاحب جي مهرباني سان ڪتابن جي زيارت نصيب ٿي.

هن ذخيره ۾ مخطوطات جو تعداد لڳ ڀڳ 50 آهي، ڪجهه مخطوطات جو ذڪر فائده کان خالي نہ رهندو: (ياد رهي تہ هن ذخيره ۾ اڪثر مخطوطات مولانا الله بخش ۽ سندس فرزند مولانا عبدالباقي جا هٿ اکري آهن)

1- ڪتاب در عمليات وطلسمات مولانا الله بخش سيٺر
2- بياض واحدي مترجم مولانا عبدالباقي سيٺر
3- سوانح حيات مولانا الله بخش، عبدالباقي سيٺر
4- سوانح حيات مولانا عبدالباقي، مولانا عبدالباقي سيٺر
5- منظوم ترجمه قرآن مجيد مولانا عبدالباقي سيٺر
6- تفسير سورة يوسف سنڌي ،مولانا عبدالباقي سيٺر
7- مدح نامہ منظوم شاه مردان شاه مولانا الله بخش سيٺر
8- بياض متفرقات مولانا الله بخش سيٺر

## 4- تعلقو نوشهرو فيروز
## (نوشهروفيروز، ابڙي، قادر بخش ساند، اٿل پوهيو، ڪاهي راهو)
### نوشهروفيروز

**20- قاضين جو ڪتب خانو:**

هن ڪتب خاني جو سنڀاليندڙ قاضي غلام نبي تازو وفات ڪري ويو آهي، ان جي زيارت مون

1- الادراڪ لضعف ادلة التنباڪ، مخدوم عبدالواحد سيوستاني.
2- التعريفات، مير سيد شريف، 1279ھ
3- شرح هداية الحڪمة، محمد بن ابراهيم شيرازي 1279ھ
4- عقد الجيد في احڪام التقليد، شاھ ولي الله دهلوي 1296ھ
5- شرح مراح الارواح، مسعود بن علي بن مسعود، 1304ھ
6- قال اقول شرح ايساغوجي
7- شرح نور محمد، نور محمد بن شيخ فيروز
8- بهجة النظر شرح نخبة الفڪر، ابو الحسن صغير، 1308ھ
9- انموذج اللبيب في خصائص الحبيب للسيوطي، 1309ھ
10- شرح قصيده برده، 1295ھ
11- زرادي فخر الدين زرادي، 1295ھ
12- شرح الزنجاني، 1286ھ
13- يڪروزي شرح ايساغوجي، 1279ھ
14- عقود الدرر في حل ابيات المطول والمختصر، حسن بن شهاب، 1281ھ
15- التدريب شرح التقريف للسيوطي، 1292ھ

هيءُ تہ ٿيا اهي ڪتاب، جن جي ڪتابت مخدوم عبدالڪريم نوشهرائي ڪئي، پيش ڪيل ڪتابت جي سالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ 1279ھ کان سال 1309ھ تائين مسلسل 30 سال لکندو رهيو.

حڪيم شمس الدين جي انهي ذخيره ۾ بين ڪاتبن جا هٿ اکري هيٺيان ڪتاب آهن:

1- تفسير حسيني، فارسي، فضل الله بن مير عمر دربيلوي، 1181ھ
2- حسن التوسل في فضائل الصلوة علي افضل الرسل، شهاب الدين احمد بن جعفر الهاشمي، فضل الله بن مير عمر دربيلوي، 1186ھ
3- شرح الشمائل النبويہ مع غاية الڪمال، ڪاتب: فضل الله بن مير عمر دربيلوي
4- حلية النبي صلي الله عليه وآله وسلم، 1186ھ
5- الرشيديہ عبدالرشيد بن عبدالمصطفيٰ، ڪاتب: غلام علي نوشهرائي.
6- شرح عضديہ ڪاتب غلام علي نوشهرائي
7- شرح الصادقية علي الرسالة العضدية في آداب البحث، محمد صادق بن محمد درويش، ڪاتب: غلام علي نوشهرائي، 1280ھ
8- ظهيري علي الهمداني (منطق)، ڪاتب: حسن الله سانده 1287ھ
9- زرادي فخرالدين زرادي (صرف) ڪاتب: حسن الله سانده 1285ھ
10- رسالہ در صرف، ڪاتب: حسن الله سانده 1285ھ
11- ميزان الصرف، ڪاتب: حسن الله سانده 1285ھ

انهن ڪان علاوه بہ نهايت نادر مخطوطات هن ذخيري جي زينت آهن.

### 23- مولانا محمد اسماعيل سڪندري جي لائبريري:

مولانا محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري، اصل سنڌس ڳوٺ سومر چنڙ نزد ڪنڊيارو آهي، پاڻ جامعہ راشديہ پير ڳوٺ مان فارغ التحصيل عالم آهي ۽ باذوق انسان آهي، سنڌس مدرسو ۽ لائبريري نوشهروفيروز ۾ آهي، ڪتابن سان سنڌس دلچسپي قابل ديد آهي، سنڌس لائبريري اندر قلمي ڪتابن جي ذخيري ۾ 30 کن مخطوطات آهن، جن مان چند هيءُ آهن:

1- ٻارهن عربي رسالن جو مجموعو، مؤلف: محمد ايوب بن عبداللطيف پشاوري
2- خلاصة الفتاوي عربي (فقہ)
3- منتخب المشڪواة، مخدوم محمد عثمان متعلوي (ت: 1219ھ) (هن ڪتاب جا ٻين لائبريرين ۾ بہ قلمي نسخا موجود آهن)
4- تيسير البيان شرح مقدمہ جزريہ (فارسي) ڪاتب: عبداللطيف 1279ھ

پاڻ عالم هئڻ سان گڏ بهترين ڪاتب هئا، سنن والد صاحب حافظ داؤد به بهترين ڪاتب هو، پنهنجي جا ڪتابت شده شهپارا پونئرن وٽ محفوظ آهن.

ميان محمدي صاحب 12 ذوالقعده 1293ھ ۾ وفات ڪري ويا، سندن عمر 75 سال هئي ڪين ڪتابن جو از حد اشتياق هوندو هو. ڪتابن جو تمام وڏو ذخيرو گڏ ڪيو هئائون، جنهن ۾ سندن وڏن جا ڪتاب به شامل هئا.

البته ميان صاحب جي وفات کان پوءِ ڪيترا ڪتاب کڄي ويا، يا ڪنهن بهاني سان ماٺهو کڻي ويا، بچت سچت ڪتابن جي فهرست سندن پوٽاڻ مان ميان محمد شريف قريشي 1338ھ ۾ ترتيب ڏني، اها فهرست منهنجي سامهون آهي، جنهن جي زيارت انهي خاندان جي لائق فائق فرد ميان عتيق الرحمٰن قريشي صاحب جي عنايت سان نصيب ٿي.

ان فهرست جي ابتدا ۾ ميان محمد شريف صاحب لکي ٿو ته:

جناب جد امجد صاحب مرحوم جڏهن وفات ڪئي هئي، تڏهن آءٌ ڏهن سالن جو هوس. قرآن شريف، قرات جي قاعده سان ۽ ڪريما فارسي پڙهندو هوس، انهن ڏينهن ۾ پڙهيل علماء ۽ بزرگ پسگردائي جا تعزيت جي بهاني سان اچي ٽڪندا هئا، ۽ ڪتب خانو ڏسندا هئا، پوءِ ڪي ڪتاب وڏا معتبر تفسير ۽ فقہ وغيره جا چوندي عاريتي طور کڻي ويا، ڪن چيو ته: به ٽي مهينا ڏسي پوءِ موڪليندا سون، ڪن چيو ته: جڏهن تون ڪجهه سجيه پڙهيو تڏهن موڪليندا سون، پوءِ به ٽي سال گذريا ۽ مان ڪجهه وڏو ٿيس ته ڪتابن جي طلب ڪيم، پر ڪي بزرگ ته وفات ڪري ويا هئا، ڪن ڪتابن ڏيڻ کان گسايو:

ڪتاب از دست دادن سست رائي است
ڪہ اڪثر خوئي مردم بي وفائي است

پوءِ اسان يقيني ارادو ڪيو ته آئنده عاريتي ڪتاب اصل نه ڏبو باقي جيڪو صاحب قرب ڪري به ٽي ڏينهن ٽڪي ڪتاب ڏسندو ۽ پاڻ به فائدو وٺندو ۽ اسان کي به فائدو پهچائيندو ته نهايت شڪرگذار رهنداسون، بتاريخ چهارم ماه رجب المرجب 1338ھ

ان فهرست ۾ قلمي ڪتابن جو ڳاڻيٽو 445 ۽ ڇاپي ڪتابن (جنهن جي فهرست الڳ ترتيب ڏنل آهي) جو تعداد 570 ڄاڻايل آهي، جڏهن ته رهيل ڪتابن جي فهرست ضميمي طور ڏنل آهي، جنهن ۾ 114 ڪتاب ڇاپي ڀيا به لکيا ويا آهن.

اسان هن مقالي ۾ ڇاپي ڪتابن جو ذڪر ته نه ڪنداسون، باقي قلمي ڪتابن جي زيارت راقم الحروف کي 2003ع ۾ برادرم عتيق الرحمٰن قريشي جي وساطت سان نصيب ٿي. جن جي فهرست ٺاهڻ شروع ڪيم، اهو ڪم به ٽي قسطون هليو، ان کان پوءِ وري موقعو نه مليو، ۽ ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. هي فهرست پهرئين فهرست کان 65 سال بعد ۾ ترتيب ۾ آئي. راقم الحروف ان ۾ صرف 269 ڪتاب درج ڪري سگهيو، جن جي زيارت نصيب ٿي.

اهو مخطوطات جو نهايت قيمتي ۽ علمي ذخيرو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي نادر ۽ نايب ڪتاب شامل آهن. انهن قلمي ذخيري ۾ اڪثريت عربي ۽ فارسي ڪتابن جي آهي، جڏهن ته سنڌي ۽ سرائڪي ۾ به ڪتاب موجود آهن.

هن ذخيري ۾ قديم ترين ڪتاب هي آهن:

1. شرح الاربعين النووي، مؤلف: معين بن صفي، ڪاتب بهاء الدين بن نوريه بن عثمان بن - في بلده تته، سال993ھ

2. حاشيه بر ديباچہ حاشيه هندي از قاضي محمود تتوي، ڪتابت سال 1014ھ

3. الاقتراح لجلال الدين السيوطي، ڪاتب لطف الله بن عبدالرحيم، سال 1018ھ

سنڌي عالمن جي ڪتابن مان هيٺيان ڪتاب هن ذخيري ۾ موجود آهن:

1. مخدوم ٺٽوي جي تاليفات مان، 1. النفحات الباهرة، سفينة السالڪين، وسيلة الغريب، قصيدة في

سيلسي خدمت بابت PhD جو مقالو تحرير ڪري رهيو آهي.

## 5- تعلقو مورو
## (موري ۽ ڏيپارجا)
## مورو

**28- پروفيسر شمشاد احمد سومري جي لائبريري:**

پروفيسر شمشاد احمد سومرو ولد فتح محمد بيدار مورائي، موري جو رهواسي هڪ علمي خاندان سان تعلق رکي ٿو، سندس والد صاحب 50 کن ڪتابن جو مصنف آهي، وٽس 5000 کن ڇاپي ڪتابن جي ڪليڪشن آهي، جيئن ته شمشاد صاحب قاضي عبدالرؤف مورائي جي پوٽي قاضي محمد هاشم (رٽائرڊ ڊپٽي ڪمشنر) جو ڏوهٽو آهي، يعني سندس والده قاضي خاندان سان تعلق رکي ٿي، انڪري پروفيسر شمشاد صاحب وٽ قاضي خاندان جون ڪافي تحريرون، فتاوي، خط ۽ بياض ۽ ٻيو قلمي مواد موجود آهي، جنهن کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي، جن مان مثال طور ڪجهه شيون ڄاڻائجن ٿيون:

1- قاضي عبدالرؤف مورائي (ت: 1306ھ) جون تحريرون، فتاوي سندس مهرن سان.
2- ان جي والد صاحب قاضي عبدالواحد جون تحريرون، سندس مهرن سان.
3- قاضي خاندان جي مورث اعليٰ قاضي دوست محمد اول جون تحريرون سندس مهرن سان.
4- قاضي محمد صديق ولد قاضي عبدالرؤف مورائي جون سنڌي ۽ فارسي تحريرون سندس مهرن سان.
5- قاضي محمد صادق ولد قاضي عبدالرؤف جي شاعري جو بياض.
6- قاضي محمد صديق ولد قاضي عبدالروف جي شاعري جو بياض
7- قاضي محمد عثمان مورائي جي بياض جا ڪجهه ورق (جن تي جمر ۽ وفات جون تاريخون تحرير ٿيل آهن)

انهي کان علاوه

1. مولانا الهرڪيو ڏيپارجائي جي هڪ تحرير /فتويٰ سندس مهر سان، جن تي تصديق خاطر ٻين عالمن جون مهرون به ثبت آهن.
2. مخدوم محمد عارف سيوستاني جو پنج ڇهه تحريرون سندس مهرن سان

پروفيسر شمشاد صاحب قاضي خاندان بابت"تذڪره قاضي خاندان مورو" نالي ڪتاب به لکيو آهي، جيڪو ڇپجي رهيو آهي.

**29- قاضي عبدالرؤف مورائي جو ڪتب خانو:**

قاضي عبدالرؤف بن قاضي عبدالواحد مورائي (ت:1306ھ)، موري اندر هڪ نهايت وقيع علمي شخصيت ٿي گذريو آهي، پاڻ 1222ھ ۾ ڄائو، مخدوم عبدالڪريم متعلوي، مخدوم عبدالرحيم ٺٽوي وٽ پڙهيس ڪافي ڪتاب تصنيف ڪيائين جن مان چند هي آهن:

1- تنزيه از تشبيهه (فارسي منظوم)
2- الاستدلال القوي لا زلال الحشوي (عربي)
3- ازالة الغين من العين لاثبات الانتقاض بالخارج من غير السبيلين

سندس ڪتب خانو عظيم هو، قاضي نذير بن قاضي محمد قاسم بن قاضي محمد صادق بن قاضي عبدالرؤف مورائي انهن مان ڪافي مخطوطات سنڌالاجي کي ڏنا، جڏهن وٽس الطاف عباسي ۽ نياز همايوني ان لاءِ آيا.(جڏهن سنڌالاجي کي باهه لڳڻ جو واقعو ٿيو) ۽ ڪجهه مخطوطات قاضي نذير صاحب وٽ ڪراچي ۾ سندس گهر رکيل آهن (اها معلومات پروفيسر شمشاد احمد سومري ڏني)

سنڌالاجيءَ ۾ رکيل سندن مخطوطات مان ڪجهه جا نالا لکجن ٿا:

1- تحفه نصائح، ڪاتب: قاضي عبدالرؤف مورائي.
2- فتوي رد الوهابيه تاليف: قاضي عبدالروف مورائي.
3- ازالة الغين من العين لاثبات الانتقاض بالخارج من غير السبيلين.

4- مختصر فتاويٰ قاضي محمد صادق مورائي.
5- چند فتاويٰ ۽ مولود قاضي محمد صادق مورائي.

30- قاضي محمد اڪبر مورائي جو ڪتب خانو:

قاضي محمد اڪبر بن قاضي خدا بخش بن قاضي نبي بخش مورائي به موري جي قاضي خاندان جو چشم وچراغ آهي، سندس ڏاڏو قاضي نبي بخش مورائي، انگريز سرڪار واري دور ۾ سب رجسٽرار هو. سندس والد صاحب قاضي خدا بخش (ت: 1944) ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي ورڪنگ ڪاميٽي جو مجلس خلافت صوبه سنڌ جي ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر رهيو، ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو پهريون مسلمان ميئر چونڊيو. قاضي اڪبر وٽ ڪراچي ۾ مخطوطات جو ذخيرو آهي.(اها ڄاڻ پروفيسر شمشاد سومرو صاحب ڏني)

31- ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري جو ڪتب خانو:

ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري، سنڌ جي مشهور شخصيت آهي، جنهن مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي ڪتاب "سراج المصلي" جي ايڊيٽنگ ۽ سنڌي ترجمو ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ مان PhD جي ڊگري حاصل ڪئي، ۽ پوءِ اهو ڪتاب شايع ٿيو. سندس لائبريري تقريباً 2000 بن هزار ڇاپي ڪتابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 20 ڪن قلمي نسخا به موجود آهن. جيئن ته مخدوم ابوالحسن ڏاهري سندس موضوع رهيو آهي، انڪري ان جي ڪتابن جا قلمي نسخا وڏي جستجو سان ڊاڪٽر صاحب پنهنجي لائبريريءَ ۾ گڏ ڪيا آهن: مثلاً

1- سراج المصلي، جنهن جي ڪتابت پير رشيد الدين شاهه جهنڊائي جي مريد خليفه محمد خان جمالي ڪئي.
2- ڪچڪول نالي ڪاتب: عبدالستار، ساڪن ڪارياڻ(؟)
3- رفع القرية والمرية جو اهو خطي نسخو جيڪو خود مؤلف جي نسخي تان محمود ٺٽوي اتاريو
4- نبراس تصريف سارين جا به قلمي نسخا

بين قلمي ڪتابن ۾:

اصول فقه ۾ عبدالرحيم نالي هڪ سنڌي عالم جو عربي ۾ لکيل رسالو.

### ڏيپارجا

32- مخدوم قاضي پير محمد ڏيپارجائي جو ڪتب خانو

هيءُ قاضي پير محمد ڏيپارجائي اهو آهي، جنهن ڏانهن پير محمد راشد روضي ڌڻي (ت: 1234ھ) جا لکيل خط مڪتوبات روضي ڌڻي ۾ موجود آهن. ڏانهس قاضي دمائي جا لکيل خط، مڪتوبات قاضي احمد مرتب: ڊاڪٽر محمد مسعود احمد ۾ موجود آهن، جن جو تعداد 25 آهن.

سندس پونيئرن ۾ قاضي الهجياريو بن قاضي ابوالخير ڏيپارجائي وڏو عالم ٿي گذريو آهي، جنهن جي هٿ اکري 2 قلمي ڪتاب، سال 1277ھ ۾ ڪتابت ٿيل، قاضي غلام محمد لائبرري پراڻا هالا ۾ موجود آهن:

1- وسيلة الغريب الي جناب الحبيب، مخدوم ٺٽوي
2- بحر الانساب

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي "رهاڻ هيرن ڪاڻ" مطابق ڏيپارجائي مخدومن جو هڪ بياض، مختيار محمد ابراهيم وٽ موجود آهي، بهرحال سندس پونيئرن وٽ مخطوطات جو ذخيرو آهي، پر ان تائين پهچ ناممڪن ته نه پر مشڪل ضرور آهي، (هن بابت معلومات به برادرم سائين بخش قبولائي، (ڏوڪري) عنايت ڪئي، جنهن جو مان شڪر گذار آهيان).



ڊاڪٽر نور احمد سنڌي

# اضحي جا احڪام، تاريخ، اهميت ۽ فلسفو


**ABSTRACT**

On the occasion of "Eid al Adha" (sacrifice festival) this year there was a discussion/ an argument on facebook that "sacrifice of animals" is an action of cruelty which should be unlawfull. I was shocked to see that most of them were "Muslims" and belong to muslim country Pakistan. same were very glad on the incident took place in "Minna" at Saudi Arabia during Peroming the Hajj this year at performing. "Staring the Satan & the call it the re-action of satan against the stoning him. there were many well wishers of Islam who answered them in a good manner and satisfactorily.

Here are some words to clearify the matter, in this regared. it discussed that "sacrifice of animals" is not unlawful but it is according the will of Almighty Allah who is the only creator of them and as well as of hunanbeings who perform this task every year. it is also declaired that this job is not only done by muslims but is from the very bigninig of human beings Hazrat Aadam (AS) the very first person on the earth his two sons Habeel & Qabeel also performed this task of sacrifice the father of Prophets Hazrat Ibrahim (AS) performed this task in compliance the order of Alnighty Allah and was ready to sacrifice his beloved son Hazrat Ismail (AS) and so it remain continous among all nations of the world in various conditions and shapes. most of non muslims also perfom it in various shapes and all divine faiths have made it lawfull and necessary. The well wisher of animals have to control on hunting and every day slaughterous of animals for the purpose of luxury and merriment as well as of human beings.


تمهيد:

الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي مخلوق تي بيحد مهربان آهي. ان پاڄهاري رب پنهنجي بهترين مخلوق لاءِ بهترين دين جو انتخاب ڪيو آهي. ان ڪان منهن موڙڻ کي بغاوت ۽ ڪفر سڏيو آهي. ان جي پيروي عين اسلام آهي ۽ اسلام دين فطرت آهي. اسلام جا سمورا قانون ۽ قاعدا انساني فطرت جي عين مطابق آهن. ارشاد باري تعاليٰ آهي.

ترجمو:

”بيشڪ “الدين“ الله تعاليٰ وٽ ”الاسلام“ آهي. (يعني اصلي فطري دين سڀني جو اسلام آهي) مگر اهلِ ڪتاب علم هوندي به بغاوت ڪري پاڻ ۾ اختلاف ڪيو. (الله تعاليٰ کي ڪنهن جي به پرواهه نه آهي) جيڪو به خدا تعاليٰ جي آيتن جو انڪار ڪندو ته (ياد رکي) الله تعاليٰ تڪڙو حساب چڪائيندڙ آهي. (ان جي باوجود) جيڪڏهن توهان سان جهڳڙو ڪن ته توهان فرمايونِ، مون پنهنجو ۽ منهنجي پوئلڳن به پنهنجو سر الله تعاليٰ جي آڏو جهڪائي ڇڏيو آهي، ۽ انهن کي چئو جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي (اهلِ ڪتاب) ۽ جيڪي امي (عرب جا اڻپڙهيل) آهن ته توهان به خدا جي حضور ۾ سر جهڪايو (جيئن اسان جهڪايو آهي. يعني سندس احڪام مڃو) پوءِ جيڪڏهن مڃن ته هدايت وارا ٿيندا ۽ جيڪڏهن منهن موڙنِ (نه مڃن ته تون پريشان نه ٿي). تنهنجي مٿان صرف احڪام پهچائڻ آهي (مڃڻ جي ذميواري انهن جي آهي) ۽ الله تعاليٰ (پاڻ) پنهنجي ٻانهن کي ڏسي رهيو آهي.“

يعني الله تعاليٰ وٽ دين، فقط اسلام ئي (قابلِ قبول) آهي، جيڪو اسلام کان سواءِ ڪو ٻيو دين اختيار ڪندو ڪانئس قبول نه ڪيو ويندو. اسلام انسان ذات جي بهتريءَ کي مدنظر رکندي سندس زندگيءَ جي هر موڙ تي رهنمائي ۽ رهبري ڪندي احڪام جاري فرمايا، انهن مان ڪي احڪام عام آهن ته ڪي خاص. عام ۽ خاص به صرف انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ آهن. انهن مان ڪي لازمي ته ڪي اختياري آهن. ڪجهه فرض، ڪجهه واجب، ڪجهه سنت ته ڪجهه مستحب آهن. هن مقالي ۾ هڪ اهڙي حڪم تي بحث ڪيو ويندو جيڪو واجب جي زمري ۾ اچي ٿو پر اهو ڪجهه ناعاقبت انديش مسلمانن وٽ اعتراض جوڳو عمل ٿي پيو آهي، اهو آهي قرباني يعني اضحي.

**تعارف:**

**قرباني (اضحي):** اضحي هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو سال ۾ فقط هڪ ڀيرو ادا ڪيو ويندو آهي. قرباني هر عام مسلمان تي واجب ناهي، پر صاحبِ نصاب (سرندي وارن) مسلمانن تي واجب آهي ۽ ان جو فائدو هر عام مسلمان کي ٿئي ٿو. هن ۾ مسلمان پنهنجي حق حلال جي بچت ڪمائيءَ مان ڪو حلال جانور خريد ڪري (يا گهر ۾ پاليل) کي الله تعاليٰ جي راهه ۾ قربان ڪندو آهي، ان جو گوشت پاڻ به کائيندو آهي ۽ ٻين عام مسلمانن کي به ورهائي ڏيندو آهي(2) .

**قربانيءَ جا احڪام:**

پنهنجي وطن ۾ مقيم هر صاحبِ نصاب (سرندي واري) مسلمانن تي عيد الاضحيٰ جي مقرر ٽن ڏينهن مان ڪنهن هڪ ڏينهن ۾ شرعي طور مقرر جانور کي ذبح ڪري ان جو گوشت ورهائڻ واجب آهي. ان عمل جو نالو اضحي يا قرباني آهي. ان جو وقت عيد نماز ادا ڪرڻ سان شروع ٿيندو آهي، اها سال ۾ فقط هڪ ڀيرو ادا ڪئي ويندي آهي. هي قرباني حج جي موقعي تي ڪئي ويندي آهي. حج اسلام جو اهم رڪن آهي. هر سال لکين مسلمان پوري دنيا مان اهو فرض ادا ڪرڻ لاءِ مڪه معظمه ۾ پهچن ٿا. حج جي احڪامن مان هڪ حڪم قرباني آهي، جيڪا هر حاجيءَ تي حج سان گڏ فرض آهي. زندگيءَ ۾ فقط هڪ دفعو واجب آهي، پر جيڪڏهن ڪو وڌيڪ حج (نفلي) ادا ڪندو ويندو ته ان کي قرباني به ادا ڪرڻي پوندي(3).

**قربانيءَ جا ڪجهه اهم احڪام:**

اضحي ڪرڻ مسلمانن جي اڪثريتي مسلڪ "حنفي مسلڪ" ۾ واجب آهي ۽ هر ان ماڻهو تي واجب آهي، جنهن تي صدقه فطر واجب آهي يعني جيڪو صاحبِ نصاب آهي. صاحبِ نصاب ان ماڻهو کي چئبو آهي، جنهن وٽ زندگيءَ جي ضرورتن کان بچت ساڍا ٻاونجاهه تولا چاندي يا ساڍا ست تولا سون يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قيمت نقد جي صورت ۾ يا ڪاروبار جي صورت ۾ هجي. جيڪو زڪوات جو نصاب آهي. البته زڪوات لاءِ ضروري آهي ته اهو مال سڄو سال يا سال جو اڪثر حصو وٽس موجود رهيو هجي جڏهن ته فطراني يا قربانيءَ لاءِ مال جو سڄو سال موجود هجڻ ضروري نه آهي. اگر ڪو ماڻهو صاحبِ نصاب نه هوندو ۽ قرباني ڪندو ته ڪيس اجر ملندو مگر مٿس شرعي طور تي واجب نه آهي(4).

قرباني صرف پنهنجي طرفان ۽ پنهنجي صغير اولاد طرفان ڪئي ويندي آهي(5). حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن اضحيءَ جي ڏينهن ۾ ڪاري رنگ جا ٻه دُنبا خريد ڪندا هئا جيڪي وڏن سڱن سان ۽ ٿُلها متارا هوندا هئا. نماز ۽ خطبي مان فارغ ٿي پنهنجي مبارڪ هٿن سان انهن کي ذبح ڪندا هئا جيئن ابن ماجه ۾ روايت آهي:

ترجمو:

"بيشڪ رسول الله جڏهن اضحي ڪرڻ جو ارادو فرمائيندا هئا ته ڪاري رنگ جا ٻه دُنبا خريد ڪندا هئا جيڪي وڏن سڱن سان سڱها ۽ ٿلها متارا هوندا هئا انهن مان هڪ پنهنجي پوري امت جي طرفان ذبح ڪندا هئا، جن الله تعاليٰ جي توحيد ۽ سندن رسالت جي شاهدي ڏني آهي. پوءِ ٻيو دنبو محمد ۽ آل محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي طرفان ڪندا هئا."

**قربانيءَ جا جانور:**

• قربانيءَ ۾ هر حلال جانور جيڪو گهر ۾ پاليو وڃي ٿو ۽ ان جي عمر بلوغت کي پهچي ۽ ان ۾ ڪو به اهڙو عيب نه هجي، جنهن سان سندس قيمت ۾ فرق پوي يا گوشت گهٽ ٿئي، جائز آهي.

• ڪو به جهنگلي حلال جانور جن جو شڪار ڪيو ويندو آهي، تن جي قرباني نٿي ڪري سگهجي، ڪو به ڪمزور يا نبل ۽ بيمار جانور قربان نه ڪيو ويندو.

• قربانيءَ لاءِ اُٺ، مينهن، ڍڳو، ٻڪر، دنبو، رڍ مادي يا نر جانور جائز آهن جن ۾ مٿيان سڀ شرط پورا هجن(7).

**قربانيءَ جو عمل:**

قربانيءَ جو جانور ڪهڻ ڪانپوءِ ان جي سموري گوشت کي گڏائي ان جا ٽي حصا ڪيا ويندا آهن. هڪ حصو قرباني ڪرڻ وارو ڪندو، ٻيو حصو

دوستن يارن، مٽن مائٽن کي ڏنو ويندو آهي ۽ ٽيون حصو عام غريب غربي کي ڏنو ويندو آهي(8).

**قربانيءَ جي مختصر تاريخ:**

اسلامي تاريخ مطابق قربانيءَ جي ابتدا به انسانيت جي ابتدا سان گڏوگڏ ٿي. حضرت آدم عليه السلام جي ٻن پٽن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ قربانيءَ جي حوالي سان هن طرح آيو آهي.

ترجمو:

"انهن کي آدم عليه السلام جي ٻن پٽن جو قصو سچائيءَ سان ٻڌاءِ جنهن وقت الله تعاليٰ جي حضور ۾ قربانيون پيش ڪيائون ته هڪڙي جي قبول ٿي ۽ ٻئي جي قبول نه ٿي، ته چيائين ته مان توکي قتل ڪندس. ٻئي چيس ته بيشڪ الله تعاليٰ تقويٰ وارن جي قرباني ئي قبول فرمائيندو آهي."

ان کانپوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام جي سندن فرزند حضرت اسماعيل عليه السلام جي قربانيءَ جو ذڪر اچي ٿو. مشهور قصو آهي، جنهن ۾ پهريان پٽ جي قربانيءَ جو حڪم ٿئي ٿو جيڪو پوءِ تبديل ٿي دنبو قربان ٿيڻ جي صورت ۾ پورو ٿيو ۽ اها ئي قرباني آهي جيڪا اڄ تائين سنت ابراهيمي طور اسلام ۾ به رائج آهي.

يهودي مذهب ۽ عيسائي مذهب بلڪ هر الهامي يا غير الهامي مذهب ۾ قربانيءَ جو ذڪر ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ملي ٿو. يهودي توڙي عيسائي پاڻ کي ابراهيم عليه السلام جو پيرو ڪار چوائن ٿا. ابراهيم عليه السلام جي قربانيءَ جي ذڪر ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

ترجمو:

"پوءِ اسان ابراهيم عليه السلام کي هڪ بردبار پٽ جي بشارت ڏني سون، پوءِ جڏهن ان سان گڏ گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿيو ته (سندس پٽ اسماعيل عليه السلام کي) چيائين ته پٽڙا مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته جڻ توکي ذبح ڪري رهيو آهيان، پوءِ سوچ ته ڇا ڪرڻ گهرجي. چيائين ته (اهو پالڻهار جو حڪم ٿي سگهي ٿو) جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي، ائين ڪر ۽ مون کي به صبر ڪرڻ وارن ۾ ڏسندين، پوءِ جڏهن ٻئي ڄڻا متفق ٿي ويا ته ان کي (زمين تي) پيشاني ڀر ليٽايائين ته اتي اسان (ابراهيم عليه السلام کي) پڪاري چيو ته اي ابراهيم عليه السلام (بس) تو پنهنجو خواب سچو ڪري ڏيکاريو، بيشڪ اسان نيڪو ڪارن کي بدلو ڏيندا آهيون، بيشڪ اها وڏي ظاهر ظهور آزمائش هئي (جنهن لاءِ تون تيار ٿي وئين) ۽ ان کي ذبح عظيم جي فديي سان تبديل ڪري ڇڏيوسين."

هن قربانيءَ کي الله تعاليٰ طرفان ابراهيم عليه السلام جي آزمائش قرار ڏنو ويو آهي، جنهن تي هُو بلڪل پورو لٿو. سچيءَ دل سان پنهنجي جگر جو ٽڪرو فرزند الله تعاليٰ جي راه ۾ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. وڏي ڳالهه ته ان ۾ سندس پٽ اسمٰعيل عليه السلام به برابر جو شريڪ رهيو. ننڍڙو ٻار هو، پر الله تعاليٰ جو حڪم نه ٽاريائين، خوشيءَ خوشيءَ سان قبول ڪيائين. الله تعاليٰ کي سندن اهو عمل ۽ خلوص ايترو ته پسند آيو جو قيامت تائين سندن ياد تازي ٿيندي رهي ٿي. هر مومن جيڪو الله تعاليٰ جي رضا چاهي ٿو، اهو خوشيءَ خوشي سان پنهنجي مال مان خرچ ڪري ٿو ۽ الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن.

**مال خرچ ڪرڻ جا احڪام ۽ طريقه ڪار:**

خرچ ڪرڻ جا طريقا ۽ ذريعا، جايون سڀ الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ واضح ٻڌائي ڇڏيا آهن، صحابہ ڪرام رسول الله کان پڇن ٿا ته ڪيئن ۽ ڪيترو خرچ ڪري سگهجي ٿو. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

ترجمو:

"۽ (اهو به) توهان کان پڇن ٿا ته ڪيئن (ڇا) خرچ ڪن توهان فرمايونِ ته بچت (پنهنجي معاشي ضرورتن کان جيڪي وڌيڪ هجي) ائين الله تعاليٰ توهان کي احڪام واضح ڪري ٻڌائي ٿو ته جيئن توهان فڪر ڪريو."

ارشاد باري تعاليٰ آهي ته:

ترجمو:

(اي نبي) توهان کان پڇن ٿا ته ڪيئن (ڇا) خرچ ڪن، توهان ٻڌايونِ ته پنهنجي مال ۾ جو ڪجهه

(خوشيءَ سان) خرچ ڪري سگهو ٿا سو ڪيو (ان جا حقدار) والدين، ويجها مائٽ، يتيم مسڪين ۽ مسافر آهن ۽ جيڪا به نيڪي توهان ڪيو ٿا ته ان جي الله تعاليٰ کي سڀ خبر آهي (هُو دلين جا راز ڄاڻي ٿو توهان جي نيڪي رائگان نه ويندي).“

ائين ٿي ٻئي هنڌ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

”۽ الله تعالي جي راهه ۾ خرچ ڪريو. پنهنجي هٿن سان پاڻ کي هلاڪي ۾ نه وجهو ۽ نيڪي ڪريو. بيشڪ الله تعاليٰ نيڪي ڪندڙ کي پسند ڪري ٿو.“

الله تعاليٰ سندس راه ۾ خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏيندي ارشاد فرمايو:

ترجمو:

”انهن جو مثال جيڪي پنهنجا مال الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪن ٿا، داڻي وانگر آهي (جيڪو زمين ۾ پوکيو آهي، جنهن وقت پوکيو آهي ته هڪڙو پر ان مان ) ست سلا ڦٽن ٿا ۽ هر سلي (سنگ) ۾ سو داڻا (هوندا آهن) (پر) جنهن جي لاءِ (رب) چاهي (اجا به) ٻيڻا ڪري ڇڏي ۽ الله تعاليٰ ڪشادگي ڪندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي راهه ۾ مال (ملڪيت) خريد ڪن ٿا، پوءِ ان خرچ ڪيل مال سان (ٿورو جتائي) ڪنهن کي ايذائن به نه ٿا. انهن جي لاءِ پنهنجي پالڻهار وٽ (وڏا) اَجُر آهن، انهن جي مٿان ڪو به خوف (خطرو) نه آهي، نه ئي اهي غمگين ٿيندا. (سائل سان) سٺو ڳالهائڻ ۽ بخشش انهيءَ صدقي کان بهتر آهي، جنهن جي پٺيان ايذاءُ هجي ۽ الله تعاليٰ بيپرواهه (شاهوڪار) بردبار آهي.“

اتيئي وري احسان جتائي ڪنهن کي ايذاء ڏيڻ کان به منع فرمائي ٿو، اهڙي احسان کان ته معاف ڪريو چوڻ بهتر آهي. احسان جتائڻ وارو صدقو بلڪل بيڪار ٿي وڃي ٿو. اها ڳالهه سمجهائڻ لا سهڻا سهڻا مثال ڏئي ٿو. حڪم ٿئي ٿو ته:

ترجمو:

”اي ايمان وارو پنهنجي صدقن کي ٿوري (احسان) ۽ ايذائڻ سان برباد نه ڪريو، ان (ماڻهو) وانگر جيڪو فقط ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪندو آهي (ته جيئن منهنجي نيڪي ٿئي ۽ ماڻهو وهوا ڪن) الله تعاليٰ ۽ قيامت جي ڏينهن (جزا سزا) تي ايمان نه ٿو رکي. (پوءِ اهڙن ماڻهن جو مثال انهيءَ (ترڪڻي) پٿر وانگر آهي، جنهن جي مٿان مٽين جو تهه جمي وڃي. پوءِ جنهن وقت ان تي زوردار مينهن پيو ته ان کي صاف پٿر ڪري ڇڏيائين، اهي (رياڪار) به ائين آهن جيڪي ڪجهه ڪن ٿا (خير خيرات وغيره) سو (ريا ۾) ختم ڪري ٿا ڇڏين ۽ الله تعاليٰ ڪافرن جي ٽولي کي هدايت نٿو ڏئي ۽ انهن جو مثال جيڪي پنهنجي مال الله تعاليٰ جي رضامندي خاطر خريد ڪن ٿا ۽ دلجمعي سان ڪن ٿا. ان باغ وانگر آهي جيڪو مٿاهين (سنٽي) زمين تي هجي جيڪڏهن مينهن وسي ته ٻيڻو (ٽيڻو) ڦر ڏئي ۽ جيڪڏهن ٿورو گهڻو پوي (گهڻو نه وسي) ته به شاداب ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڏسي ٿو جيڪي ڪجهه توهان ڪيو ٿا. ڇا توهان مان ڪو چاهي ٿو ته ان جي لاءِ کجين ۽ انگورن جو باغ هجي، جنهن جي هيٺان نهرون وهنديون هجن ۽ ان ۾ هر قسم جا ميوا (به) هجن ۽ (جنهن وقت) اهو پوڙهو ٿي وڃي ۽ کيس ننڍڙا (ضعيف) ٻار به هجن. پوءِ ان جي باغ ۾ انڌاري (طوفان) لڳي، جنهن ۾ باهه به هجي (سڄو باغ) ساڙي ڇڏي. (يقيناً ائين ڪير به نه چاهيندو پوءِ ريا ۽ احسان جتائڻ ڇڏي ڏيو) ائين الله تعاليٰ توهان کي پنهنجون نشانيون چٽيون ڪري ٿو ٻڌائي، ته من توهان غور فڪر ڪريو.“

الله تعاليٰ صدقي ڪرڻ لاءِ حق حلال مان ڪمايل روزيءَ جو شرط لڳايو آهي ۽ ڪشاده دلي سان خرچ ڪرڻ لاءِ سڃائي جي خوف ۽ شيطاني مڪر و فريب کان بچڻ لاءِ مغفرت ۽ خوشحالي ۽ ساڳي شيءِ جي واپسيءَ جو واعده فرمائي ٿو. جيئن مومن دل کولي بي ٻپا ٿي الله جي راهه ۾ خرچ ڪري سگهن، ارشاد آهي:

ترجمو:

”اي ايمان وارو! پاڪ (حلال) شين مان (الله تعاليٰ جي راهه ۾) خرچ ڪيو جيڪي توهان ڪمايو ٿا

(محنت مزدوري ڪري) ۽ جيڪي ڪجهه اسان توهان لاءِ زمين مان ڪڍيو (ڪڻڪ يا پوک ۽ ميوا وغيره). خراب يا ردي شيون (الله تعاليٰ جي راهه ۾) خيرات نه ڪريو. اهڙيون شيون توهان کي ڏجن ته توهان به نه وٺندؤ. ها پر اکيون پوري (نرجائي سان) وٺي ڇڏيو ته ٿي سگهي ٿو ۽ خبردار رهو الله تعاليٰ بيپرواهه (شاهوڪار) ۽ ساراهيل آهي (ان کي توهان جي شين يا بيڪار شين جي پرواهه نه آهي). شيطان توهان کي سڃائيءَ کان ديڄاري ٿو (جيڪڏهن الله تعاليٰ جي راهه ۾ ڏيندا رهندؤ ته سڃا ٿي ويندؤ) ۽ برائي جي ترغيب ڏئي ٿو ۽ الله تعاليٰ توهان سان بخشش ۽ ڀلائي جو واعدو ٿو ڪري ۽ الله تعاليٰ ڪشادگي ڪندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي، جنهن کي وڻيس حڪمت عطا ڪندو آهي ۽ جنهن کي به حڪمت عطا ٿي، ان کي تمام گهڻي ڀلائيءَ ملي وئي، پر (انهن ڳالهين يا حڪمت) مان نصيحت صرف صاحبِ عقل ئي حاصل ڪندا آهن ۽ (ڏس) ڪهڙي به قسم جي خيرات ڪريو يا ڪو به نذر پورو ڪيو يا باسيو ته الله تعاليٰ ان کي ڄاڻي ٿو ۽ ظالمن لاءِ ڪو به مددگار نه آهي. جيڪڏهن ظاهر ظهور خيرات ڪيو (نالي ناموس جي گهرج کان سواءِ) ته اهو به سٺو آهي. (پر) جيڪڏهن لڪائي ڏيو ۽ فقيرن کي ڏئي ڇڏيو ته اهو توهان لاءِ بهتر آهي. اهو توهان جي گناهن جو ڪفارو ٿيندو (گناهه دور ڪري ڇڏيندو) جو ڪجهه توهان ڪريو ٿا، الله تعاليٰ ان جي خبر رکندڙ آهي. توهان جي مٿان انهن جي هدايت (جي ذميواري) نه آهي، پر الله تعاليٰ جنهن کي چاهي هدايت ڏئي. جيڪي ڪجهه توهان خرچ ڪندو (اهو مون لاءِ نه آهي) پر پنهنجي لاءِ فائدو اٿوَ ۽ جيڪو ڪجهه خرچ ڪريو ٿا، صرف الله تعاليٰ جي رضامنديءَ لاءِ خرچ ڪريو ٿا (اهڙي طرح) جو ڪجهه خرچ ڪندؤ (الله تعاليٰ) ان جو بدلو توهان کي ڏيندو ۽ توهان سان زيادتي نه ٿيندي"

اهڙا ماڻهو جيڪي انتهائي شرميلا ۽ حياءَ وارا هوندا آهن، پنهنجو پاڻ کي الله تعاليٰ جي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن، ڪٿي بظاهر غني نظر ايندا هجن، اهي ضرورت هوندي ۽ حقدار هوندي به ڪنهن کان گهري نه سگهندا آهن، پلجهارو رب انهن جي به پارت ڪري ٿو ته انهن جي از حد مدد ڪريو.

ترجمو:

"خيرات اهڙن فقيرن لاءِ آهي جيڪي الله تعاليٰ جي راهه ۾ بند ٿي ويا آهن (مصروفيت جي ڪري) زمين ۾ گهمي ڦري روزي ڪمائي نه ٿا سگهن، انهن کي ناواقف شاهوڪار ٿا سمجهن، نه گهرڻ جي ڪري. انهن کي تون نشانين سان سڃاڻي وٺندين. ماڻهن کي منٿون ڪري سوال نٿا ڪن ۽ ڪين جيڪي ڪجهه توهان نيڪي ۾ خرچ ڪندو ته الله تعاليٰ کي ان جي سڀ خبر آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجو مال رات جو، ڏينهن جو، لڪ ۾ يا ظاهر ۾ خرچ ڪن ٿا، انهن لاءِ سندن پالڻهار جو اجر آهي، انهن جي مٿان ڪو به خوف نه آهي، نه ئي اهي غمگين ٿيندا."

ٻئي هنڌ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

ترجمو:

"۽ اهي اهڙا آهن جو سندس مال ۽ ملڪيت ۾ سوال ڪندڙ ۽ محروم (عوام) لاءِ مقرر ڪيل ڇاڻل سڃاڻل حق مقرر ڪيل آهن."

قرآن پاڪ الهامي آفاقي ۽ فطرتي ڪتاب آهي، ان جا احڪام تا قيامت نافذ العمل آهن ۽ ان ۾ ئي مخلوق خاص طور تي بني نوع انسان جي بهتري سمايل آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ئي دنيا ۾ ڪاميابي ۽ آخرت ۾ به ڪامراني نصيب ٿيندي انساني زندگيءَ جي هر پهلو لاءِ قرآن پاڪ ۾ مشعل راهه آهي. قرآن پاڪ جيئن مال ڪمائڻ جا قانون ۽ طريقا ٻڌائي ٿو، تيئن ان کي خرچ ڪرڻ جي به وضاحت ڪري ٿو. هتي اسان صرف جانورن جي حقوق جي باري ۾ ذڪر ڪنداسين.

**جانورن جا احڪام:**

شريعت موجب جانورن جا ٻه قسم آهن، هڪڙا حلال ۽ ٻيا حرام. انسان لاءِ ٻنهي قسمن جي جانورن مان جائز نفعو حاصل ڪرڻ جي اجازت آهي. جيئن ڪي سواري، باربرداري ۽ چوڪيداريءَ جي ڪم اچن ٿا. هن ۾ حلال حرام جو فرق ناهي. جيئن، هاٿي، اٺ، گهوڙو، گڏهه، خچر، ڪتو وغيره. پر جيئن انهن جانورن مان نفعو وٺڻ جي اجازت آهي، تيئن انهن جي ڪاڌ خوراڪ، سار سنڀال ۽ آرام جو خيال

ڪرڻ به شريعت مطابق لازم آهي. جانورن جي احڪام لاءِ قرآن پاڪ ۾ هڪ سورت 'انعام' نالي سان آهي، جنهن ۾ وضاحت سان جانورن جا احڪام ۽ حقوق بيان ٿيل آهن. ان کان علاوه ٻين جاين تي به ذڪر آهي. انساني فطرت ۽ ڳُرج کي نظر ۾ رکي الله تعاليٰ ڪجھ جانورن کي حلال فرمايو آهي ۽ ڪجھ کي حرام ان ۾ به انسانيت جي فلاح ۽ بهبود کي مدنظر رکيو ويو آهي.

سائنسي تحقيق مان به ثابت ٿي ويو آهي ۽ ثابت ٿيندو رهي ٿو ته جيڪي جانور الله تعالي طرفان حرام ڪيل آهن، اهي انساني فطرت ۽ صحت لاءِ سخت هاڃيڪار آهن.

**اعتراضات:**

ڪجھ ماڻهن طرفان قرباني، واري عمل تي بيجا تنقيد ڪئي ويندي آهي، سندن نڪتہ نظر اهو آهي ته هڪ ته اهو جانورن تي ظلم آهي ۽ ٻيو ته پئسي جو زيان آهي. مختلف زاويہ نظر کان مختلف اعتراض ڪيا ويا آهن، پر سڀني جو حاصل مقصد اهو ئي وڃي ٿو بيهي.

هتي ٻنهي ڳالهين جو الڳ الڳ جائزو ورتو وڃي ٿو ته جيئن اهلِ علم طبقي جي تسلي ٿي سگهي.

**جانورن تي ظلم:**

مخلوق جو خالق، الله تعاليٰ پنهنجي سموري مخلوق لاءِ رحمان ۽ رحيم آهي، ان قادر ۽ قدير، حڪيم ۽ عليم رب الارباب، انسان ذات کي احسن تقويم ۽ اشرف المخلوق ڪري خلقيو ۽ ٻي سموري مخلوق سندس نفعي، فائدي ۽ مدد لاءِ تخليق فرمائي، جنهن جو ذڪر باربار قرآن پاڪ ۾ مختلف جاين تي ٿيل آهي. انسان کي الله تعاليٰ علم ۽ حڪمت جي دولت سان نوازي ان کي پنهنجي خلافت جو اعزاز ڏئي ۽ تسخير ڪائنات جي ذميواري به عطا فرمائي. پوءِ جنهن کي جيترو علم ۽ حڪمت آهي يا ان مان جيترو فائدو وٺي سگهي ٿو، اهو ان تي منحصر آهي. هيءَ چنڊ تي چڙهائي، مريخ جو سفر، مختلف سيارن جو سير، علم ۽ حڪمت جي ڪري ئي ميسر ۽ ممڪن ٿي سگهيا آهن. انهن سڀني جي تسخير مان مراد انهن تي ڪنٽرول ڪري انهن مان نفعو حاصل ڪرڻ آهي. اهڙي طرح زميني مخلوق يا سمنڊ پاڻ ۽ سندس مخلوق جي تسخير به ان ۾ شامل آهي.

**مخلوق جا قسم:**

عالمن، مخلوق جا ٽي قسم ٻڌايا آهن. جمادات، نباتات ۽ حيوانات. حيوانات ۾ ناطق ۽ غير ناطق شامل آهن. ناطق مان مراد، انسانذات آهي. جيڪي ڳالهائي ٻولهائي سگهن ٿا. ۽ ان کي ساري مخلوق تي فوقيت حاصل آهي، جيڪا ڪيس علم جي ڪري حاصل ٿي آهي. سموري مخلوق مان انسان کي تسخير ڪرڻو آهي ۽ ان مان نفعو حاصل ڪرڻو آهي.

**جمادات:**

زمين ۽ جبلن کي چيري ڦاڙي انسان ان مان ڇا ڇا نہ حاصل ڪيو آهي، ڪيترا لڪيل خزانا ڳوليا آهن جيڪي هر طرح سان انسان جي ڪم اچي رهيا آهن ۽ ڪيس نفعو پهچائي رهيا آهن. ان جو ذڪر به زلزال سورت ۾ الله تعاليٰ فرمائي ڇڏيو آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي.

ترجمو:

"يعني زمين پنهنجا خزانا (بار) ٻاهر ڪيندي"

اهڙيءَ طرح پوري ڪائنات جي محور سج مان عام فائدي حاصل ڪرڻ کان علاوه "سولر انرجي" (شمسي توانائي) ذريعي بجلي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون حاصل ڪيون وڃن ٿيون. ٻين سيارن تي به انسان پهچڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. ٿي سگهي ٿو ته انسان مستقبل قريب ۾ ڪنهن ٻئي سياري تي رهائشي ڪالونيون ٺاهي ۽ ٻيا ڪي اهڙا فائدا حاصل ڪري سگهي.

**نباتات:**

نباتات به انسان جي فائدي لاءِ ڪم اچي ٿو. اهو به زمين مان ئي ڦُٽي نڪري ٿو. ڪي قدرتي طور پيدا ٿين ٿا ته ڪن کي انسان مصنوعي طور پنهنجي محنت سان حاصل ڪري ٿو. جنهن مان سندس کائڻ، پيئڻ، پهرڻ مطلب ته هر قسم جون ضرورتون پوريون ٿين ٿيون. جيڪا قوم جيري تسخير ڪري سگهي ٿي اها اوترو وڌيڪ نفعو حاصل ڪري سگهي ٿي.

**حيوانات:**

ٽيون قسم حيوانات جو آهي. حيوان مان مراد هر جاندار، ساهوارو آهي. فطرتي قانون پٽاندر جنهن جاندار کي جيترو عقل (علم) آهي، اهو اوترو ٻين مان فائدو حاصل ڪري ٿو. انسان کي الله تعاليٰ علم ۽ حڪمت سان بيحد نوازيو آهي، جمادات ۽ نباتات سان گڏوگڏ پنهنجي قسم جي مخلوق يعني حيوانات مان به ڀرپور فائدو حاصل ڪري ٿو.

جيڪا شيءِ جنهن مقصد لاءِ تخليق ٿيل آهي، ان مان اهڙي قسم جو فائدو وٺڻ گهرجي. ان لاءِ الله تعاليٰ قاعدا ۽ قانون به مقرر ڪري ڇڏيا ته جيئن ڪو ڪنهن ٻئي تي بيجا تجاوز نه ڪري سگهي. جانور به انسان وانگر ذي روح (ساهوارا) هجڻ جي ڪري وڌيڪ قابلِ توجه ۽ قابل رحم آهن، انڪري انهن لاءِ قاعدا ۽ قانون به سڀ کان وڌيڪ آهن. انهن کي ڪيئن ۽ ڪيترو استعمال ڪرڻو آهي، اهو به واضح ٿيل آهي.

سوره انعام جي آيت- 141 کان 146 تائين ۾ الله تعاليٰ نباتات ۽ حيوانات جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ ۽ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه قاعدا مقرر فرمايا آهن، ملاحظو ڪندا. نباتات بابت ارشاد باري تعاليٰ آهي:

ترجمو:

"۽ اهو (الله تعاليٰ) اهڙو آهي، جنهن (قسمين قسمين) باغ پيدا ڪري ڇڏيا آهن، ٽڙن وارا ۽ بغير ٽڙن وارا ۽ کجيون ۽ پوڪون جن جا ذائقا مختلف آهن ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون هڪ ٻئي سان (شڪل و صورت ۾) ملندڙ ۽ الڳ الڳ انهن جو ميوو کائو جنهن وقت ڦر ڪن ۽ انهن مان (فقيرن حقدارن) جو حصو (زڪوات) لاباري/ ٻنائي واري ڏينهن ئي ادا ڪري ڇڏيو ۽ اجايو خرچ (وڃائڻ) نه ڪريو، بيشڪ الله تعاليٰ اسراف ڪندڙن کي پسند نه ٿو ڪري."

حيوانات بابت ارشاد باري تعاليٰ آهي:

ترجمو:

۽ جانورن مان (ڏسو الله تعاليٰ بار کڻندڙ (جيئن اُٺ، گهوڙو وغيره) ۽ زمين سان لڳل (جيئن ٻڪريون، رڍون ننڍڙي قد وارا جانور) پيدا فرمايا. جيڪو رزق توهان کي الله تعاليٰ عطا فرمايو آهي، ان مان کائو شيطان جي پويان نه لڳو، بيشڪ اهو توهان جو چٽو پٽو دشمن آهي. اٺ جوڙا آهن به (نر ۽ ماديون) ۽ ڍڳن (۽ مينهن) مان به (نر ۽ ماديون) فرماءِ (اي محمد صلي الله عليه وآله وسلم) ته الله تعاليٰ ڪنهن کي انهن مان حرام ڪيو آهي، نرن کي يا مادن کي يا انهن کي جيڪي ٻنهي قسمن جي مادين کي پيٽ ۾ آهن. مون کي علم (دليل سان) ٻڌايو جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته اُٺن مان به (نر ۽ ماديون) ۽ ڍڳن (۽ مينهن) مان به (نر ۽ ماديون) فرماءِ ته ڇا نر حرام آهي يا ماديون يا جيڪو ٻنهي قسم جي مادين جي پيٽ ۾ آهي. ڇا ان وقت توهان حاضر هئا، جنهن وقت توهان کي ان جو (حرام حلال جو) حڪم ڪيائين، پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تعاليٰ تي ڪوڙا بهتان ٿو هڻي. انڪري ته جيئن جهالت سان ماڻهن کي گمراهه ڪري، بيشڪ الله تعاليٰ ظالمن جي قوم کي هدايت ناهي ڪندو. اي رسول فرماءِ ته مان وحيءَ مطابق جيڪو مون ڏي ڪيو ويو آهي، ڪا به شيءِ حرام نه ٿو سمجهان، کائڻ واري تي جيڪو کائي ٿو مگر جيڪو مردار (ٻوٽو) يا وهندڙ رت يا سوئر جو گوشت ڇو ته اهي پليت آهن يا گناهه جو سبب آهن، الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي نالي تي ذبح ڪيل آهن، پر جيڪو ماڻهو مجبور هجي باغي يا حد کان وڌندڙ نه هجي (اهو کائي سگهي ٿو) پوءِ بيشڪ تنهنجو پالڻهار بخشيندڙ رحم ڪندڙ آهي ۽ يهودين جي مٿان اسان هر ننهن ولرو جانور حرام ڪيو هو ۽ ڍڳن ۽ رڍن ٻڪرين مان انهن جي چربي (وهر) (حرام هئي) مگر جيڪا پٺن انتڙين يا هڏن سان گڏيل هجي. اها سزا سندن بغاوت (سرڪشي) جي ڪري ڪين ڏني هئي سين ۽ بيشڪ اسان سچا آهيون."

هتي الله تعاليٰ يهودين لاءِ ڪجهه الڳ قاعدا ٻڌايا آهن جيڪي ان دور ۽ فطرت مطابق سندن لاءِ مقرر ٿيل هئا ۽ انهن مان ڪجهه ته سندن بغاوت جي سزا طور هئا.

**انساني فطرت:**

الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل فطرت مطابق حيوانات ۾ ڪجهه سبزي خور آهن ته ڪجهه گوشت خور، پر انسان سبزي خور به آهي ته گوشت خور به

آهي. انڪري اهڙا جانور جيڪي پاڪ ۽ طيب آهن انساني صحت لاءِ فائديمند آهن، انهن جو گوشت کائڻ حلال ۽ جائز آهي. پوءِ اهي جانور سامونڊي هجن يا هوا ۾ اڏامندڙ پکي، خشڪيءَ تي رهندڙ جهنگلي جانور هجن يا گهر ۾ پاليل پالتو جانور.

قرباني اهڙن جانورن جي ڪئي ويندي آهي جيڪي طيب ۽ حلال هجن، انهن ۾ به قاعدا قانون آهن. عمر مقرر ٿيل آهي يعني بالغ هجن ۽ هر اهڙي عيب کان پاڪ هجن جنهن سان گوشت يا قيمت ۾ ڪمي ايندڙ هجي. ڪو به ننڍو يا تمام وڏي عمر وارو جانور قربان نٿو ڪري سگهجي. حالانڪ انهن جو گوشت کائڻ حلال به آهي. قرباني ڪرڻ هر مسلمان تي واجب ناهي. پر جيڪو صاحبِ نصاب آهي يا صاحبِ وسعت آهي يعني بغير ڪنهن اضافي بوجهه جي قرباني ڪري سگهي.

ٻڪري ۽ دنبي کي ڇڏي ڪري باقي جانورن ۾ ست ڀائيوار گڏجي هڪڙو جانور قربان ڪري سگهن ٿا، جنهن مان سنڌن وجوب لهي وڃي ٿو، دوران حج قرباني ڪرڻ جا به تقريباً ساڳيا قاعدا ۽ قانون آهن(22) .

**انساني فطرت ۽ قرباني:**

انساني فطرت ۾ جيئن ته گوشت کائڻ وديعت ٿيل آهي، انڪري هر انسان گوشت کائي ٿو، جنهن کي جيترو ميسر ٿئي ٿو، پر ڪي اهڙا به انسان آهن جن کي سال ۾ هڪ ڀيرو به گوشت کائڻ نصيب نه ٿيندو آهي. انڪري الله تعاليٰ سال ۾ هڪ ڀيرو جيئن زڪوات ۽ ٻيا مالي فرائض مقرر ڪيا آهن تيئن غريبن ۽ مسڪينن کي گوشت کارائڻ لاءِ اضحيٰ قربانيءَ جو طريقو واضح فرمايو، جيئن الله تعاليٰ جي هن نعمت کان به ڪو محروم نه رهي.

**اسراف (پئسي جو زيان):**

انهن حقيقتن کي مدنظر رکي ڏسجي ته ڇا اهو عمل اسراف ۾ شامل آهي. هڪ دولتمند ماڻهو جيڪو پنهنجي گهر ۾ تقريباً روزانو گوشت استعمال ڪري ٿو. جيڪڏهن سال ۾ فقط هڪ دفعو غريبن لاءِ هڪ جانور قربان ڪري ٿو، جنهن جي معتدل قيمت 30 هزار رپين کان هڪ لک تائين وڃي بيهندي، ڪهڙو اسراف ٿيو.

ان ۾ جيڪي ستون حصو قربان ڪن ٿا انهن جو خرچ 10 هزار رپين کان مٿي نه بيهندو، انهيءَ ۾ به ڪافي قيمت جو گوشت يعني ٽيون حصو پنهنجي حصي مان پاڻ استعمال ڪن ٿا. ٿلهي ليکي ڏسجي ته پوري سال ۾ فقط هڪ دفعو ست هزار رپيا خرچ ڪري مٽن ملتن ۽ پاڙي وارن کي گوشت کارائڻ ۾ ڪهڙو اسراف آهي. قربانيءَ واري عيد تي ڪو به اهڙو گهر ناهي هوندو جتي گوشت نه پهچندو هجي. ڇا اها الله تعاليٰ جي نعمت ناهي؟

**قربانيءَ دوران ڪجهه خرافات:**

عام طور ڏٺو ويو آهي ته جانور مهانگا خريد ڪري انهن جي تشهير ڪئي وڃي ٿي، انهن کي ميندي هڻڻ ڳانا ٻڌڻ، گهٽين ۾ گهمائڻ ۽ ماڻهن کي ڏيکارڻ وغيره. انهن ڳالهين جو شريعت سان ڪو واسطو ناهي.

اهي انساني خرافات آهن، انهن جي ته شريعت پاران سخت منع ٿيل آهي ۽ اهو عمل ”ريا“ (ڏيکاءُ) ۾ شامل ٿئي ٿو جنهن سان ڪو به عمل قبول نٿو ٿئي ايتري قدر جو جيڪڏهن نماز به ماڻهو ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ پڙهي ٿو ته اها به الله تعاليٰ وٽ قابل ناهي. انڪري قرباني ڪندڙن کي ان کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

باقي جيڪڏهن ڪو غريب غربو به ڪوشش ڪري قربانيءَ جي عمل ۾ شريڪ ٿئي ٿو ته ان کي منع نٿي ڪري سگهجي جيئن ڪو غريب پئسا گڏ ڪري حج تي وڃڻ چاهي ته ان کي به منع نه ٿو ڪري سگهجي. شريعت طرفان انهن تي ڪو به زور زبردستي ناهي. اهڙي طرح ثابت ٿيو ته قربانيءَ جي عمل ۾ ڪو به اسراف ناهي. اسلام جيڪو وضوءَ جي پاڻيءَ ۾ به اسراف جي اجازت نٿو ڏئي، اهو ايڏو وڏو اسراف ڪيئن برداشت ڪندو.

باقي رهيو جانورن تي ظلم، جانورن جي فطرت ئي اهڙي آهي، انهن جي تخليق ۾ اهو عمل شامل آهي، انسان جيڪڏهن جانورن مان نفعو حاصل ڪري ٿو، ته ان جي بدلي ۾ انهن کي کاڌ خوراڪ مهيا ڪري ٿو. تحفظ ڏئي ٿو، جانورن جا هزارين قسم آهن، دنيا ۾ هزارين لکين جانور مرن ۽ ڪسجن ٿا. شادين ۽ غمين ۾ جانور ڪسن ٿا، روزاني خوراڪ لاءِ عام رواجي طور لکين حلال توڙي حرام جانور ذبح ٿين ٿا.

ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي



# "واهڻ" جو تاريخي ۽ تحقيقي پسمنظر

## سنڌو درياهه جا وهڪرا:

سنڌ جو چپو چپو گهمي سنڌ جي تاريخي حقيقتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو وڃي ته هوند سنڌ مان گهڻو ئي ذخيرو ملي سگهي ٿو. پر ڪو اهڙو ڙڙنيهي هجي، جو سِر جو سانگو لاهي، هن ڪم ڏانهن ڀ وڪون وڌائي، قلم کڻي ڪوشش ڪري ته ڪيتروئي سرمايو هٿ ڪري سگهجي ٿو. البت هن اڻانگي ڪم لاءِ وقت ۽ پيسي ڏوڪڙ جي تمام گهڻي گهرج درڪار آهي. هٿ پير هڻڻ کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن توڪل جو ترهو ٻڌي اونهي پاڻيءَ ۾ ڪاهي پئبو ته توڪل سان ئي تار تري سگهبو ۽ هيرا جواهر هٿ ڪري سگهبا. ليڪن هن پاڻيءَ ۾ اهو پير پائي سگهي ٿو، جنهن وٽ وقت ۽ ڏوڪڙ هجن. ان سان گڏ اوکا پوکا لاهي، تڪليفون، ڏکيائون ۽ ڏوجهرا سر تي سهي، سندرو ٻڌي، الاتوهار ڪري، عميق ڏي منهن ڪري اُٿي پوي ۽ گهٽ گهيڙ جي پرواهه نه ڪري ته مقصد حاصل ٿي سگهي ٿو. اڄڪلهه ته هرڪا سهوليت ميسر آهي، ڪنهن به شيءِ جي ڪوتي نه آهي. هرڪا شيءِ اکين اڳيان پيئي ڦري. سنڌ ۾ وڏا وڏا عالم، اديب ۽ تاريخدان موجود آهن ۽ اهڙن ماڻهن سان سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ پري پيئي آهي، جيڪي هن ڪم کي قومي فرض سمجهي هٿ پير هڻن ته سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ جي وڃايل تاريخ جڙي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح لعلن مثان لٽ جا تهه لاهي خوب نالو ڪمائي سگهجي ٿو.

سنڌ جهڙي آهي پاڻ وسيع، ڪشادي ۽ اڳاٽي، تهڙي آهي وري سنڌوندي جنهن کي تاريخي ڪتابن ۾ ڪيترن ئي نالن ۽ لقبن سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سنڌ ان پراڻي دور کان وٺي اڄ تائين ڏيهان ڏيهه مشهور ۽ مقبول آهي. هن دور ۾ سنڌ شاهوڪار ليکي وڃي ٿي، تيئن وري اڳاٽي سمي ۾ سندس وڏو مانُ ۽ شانُ هو، جنهن لاءِ مشهور آهي ته:

اَٽ به ناٿو، ويهه به ناٿو، ناٿي بنا نر ويڳاٿو.

سنڌ جون حدون جيڪي هن وقت آهن، تن کان گهڻو اڳ سندس حدون پري پري تائين پکڙيل هيون، ليڪن وقت جي تبديلين ۽ وهڪرن سان گڏ سنڌ کي ته هر لحاظ کان سوڙهو ڪيو ويو آهي. "سنڌ جون حدون ڪنهن وقت، اڄوڪين حدن کان گهڻو وڌيڪ وسيع هيون. الور ڪنهن زماني ۾ نه رڳو سنڌ، پر سموري هندستان جي گاديءَ جو هنڌ پئي رهيو آهي." [مخدوم-21- 1976ع].

اهائي وڏي سنڌ هئي، جنهن جو هڪ حصو هاڻوڪي سنڌ سڏيو وڃي ٿو ۽ سندس اهو نالو "سنڌ" اڄا تائين هلندو اچي. جڏهن اڪبر جي شاهي فوجن 1592ع ۾ صوبي سنڌ کي دهلي شهنشاهت سان ملائي ڇڏيو، تڏهن سنڌ جون اهي ئي حدون وڃي رهيون، جيڪي گهڻو ڪري اڄ آهن [جيلاڻي- 6-1968ع].

هنن بيانن مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ جو وڏو شانُ هو ۽ سندس ايراضي وسيع ۽ ويڪري هئي. ان وقت کان وٺي سنڌ نهايت خوشحال رهي آهي ۽ هن وقت به شاهوڪاريءَ جو درجو رکي ٿي. البت هاڻوڪي دور ۾ ڪيس گهڻو ئي پوئتي رکيو ويو آهي ۽ ڪنهن به شيءِ جو ڪيس پورو حق نه ٿو ڏنو وڃي.

اڳاٽي زماني کان وٺي سنڌ مان جيڪو درياهه وهندو اچي ٿو، تنهن کي سنڌوندي سڏيو وڃي ٿو. سنڌ کي سنڌ بڻائڻ ۽ ناهڻ سنوارڻ ۽ سنوارڻ ۾ سنڌونديءَ جو وڏو ڪردار آهي. سنڌ کي سنڌونديءَ جي سوغات چئجي ته بيجاءِ نه ٿيندو. سنڌ ۽ سنڌونديءَ بابت ڪيترن ئي تاريخ

ٻاگي مٺجي ۽ ميسارجي ويا آهن. البت انهن ٽن شاخن مان هڪ شاخ (چاڙهه) پراڻي وهڪري جي ياد ڏياري ٿي. سنڌو درياهه جي وهڪرن جي باري ۾ جنرل هيگ لکي ٿو ته:

"سنڌو فقط ٻن ڦاٽن وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري رهيو هو: سنڌوءَ جا ٻئي ڦاٽ، سڪندر پاڻ هاڪاري ۽ جاچي ڏٺا هئا، جن مان هڪ اپرندي ۽ ٻيو الهندي وهي رهيو هو. الهندي ڦاٽ مان سڪندر جو امير البحر نيرڪوس [Near chus] فوج جا ٻيڙا هاڪاري سمنڊ تائين پهتو هو." [هيگ- 52 -1995ع].

اهڙيءَ ريت سنڌو درياهه جي مختلف وهڪرن جي بابت اين.جي مجمدار جو بيان آهي:

"سنڌ کي هڪ درياهه نه پر ٻه درياهه آباد ڪندا هئا. هڪ وهڪرو اوڀر کان اولهه طرف ڏانهن ۽ ٻيو وري اوڀر کان اولهه طرف سرڪندو رهيو آهي. اهو سلسلو صدين کان جاري رهيو. اهو ٻه ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ٽامي واري دور ۾ هن درياهه جو اهو وهڪرو هو، جيڪو آرين جي حملي وقت هو. جيئن هن وقت منڇر ڍنڍ سنڌو درياهه مان سڌيءَ ريت پاڻي حاصل ڪري ٿي. اڳي ائين ڪو نه هو." [مجمدار- 124- 1997ع].

اڳاٽي وقت ۾ سنڌو درياهه کي اولهه پاسي ڏانهن ٻه وهڪرا هئا، جيڪي سنڌو سنڌون وچي منڇر ڍنڍ کي پريندا هئا. منڇر جي ڀرجڻ کان پوءِ اهو ساڳيو پاڻي اڙل واهه رستي وچي سنڌو درياهه ۾ پوندو هو. اين.جي مجمدار جي بيان کي نظر ۾ رکندي عطا محمد ڀنڀرو سنڌو درياهه جي وهڪرن بابت ڪتاب جي حاشيي ۾ لکي ٿو:

"سنڌ کي ٽي درياهه آباد ڪندا هئا. هڪ سنڌو جيڪو ٻنهه اولاهيون، وهڪرو آهي. ٻيو مهراڻ، جنهن جا پراڻا پيٽ تعلقي خيرپور، ڪوٽ ڏيجي، ڪنڊياري تعلقي جي ڪوٽڙي هالاڻي، سنجهورو، شهداد پور ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ٽيون هاڪڙو درياهه هو جنهن جون پرتي ڪنڌ نديون ستلج، بياس، سرسوتي، گهاگهرو، چتاگ وغيره هيون ۽ اهو سنڌ جو ٻنهه اوڀاريون، پاسو ڏئي وهندو هو." [مجمدار- 124- 1997ع].

جنرل هيگ ۽ اين.جي مجمدار سنڌو درياهه جي ٻن وهڪرن/ چاڙهن جو ذڪر ڪيو آهي، پر رچرڊ برٽن جي بيان مان واضح ٿو ٿئي ته سنڌودرياهه ٻه يا ٽي نه بلڪ ٻارهن شاخن/ڇوڙن جي صورت ۾ وهندو هو. "اڳي سنٽونديءَ کي ٻارنهن وڏا ڇوڙ هوندا هئا. هاڻي خشڪ موسم ۾ انهن مان ٽي ڇوڙ وهندا آهن." [برٽن- 291- 1979ع].

هن مان ظاهر آهي ته سنٽوندي اڳاٽي وقت ۾ ٻارهن وڏن وهڪرن ۾ ورهايل هئي، پر انهن چاڙهن جا نالا نه ڪنيا اٿس ته اهي ڪهڙن نالن سان سڏبا هئا ۽ ڪٿي وچي دنگ ڪندا هئا. رچرڊ برٽن کي انهن ٻارهن شاخن جا نالا ڏيڻ گهربا هئا، ته جيئن غير واقف به هنن ٻارهن وهڪرن کان واقف ٿي سگهن ها. "جڏهن آرڪيالاجي کاتي جو سپرنٽنڊنٽ (مسٽر رکلداس بئنرجي ايم.اي) بياس ندي ۽ مهراڻ يا هاڪڙي جا سڪل پيٽ معلوم ڪرڻ لاءِ پنجاب ۽ سنڌ ۾ آيو. تڏهن هن بهاولپور رياست ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ سنٽونديءَ جا ارڙنهن[1] سڪل پيٽ ڏٺا هئا. انهن کان سواءِ ٻڌ ڌرم واري زماني جي ستاويهن وڏن ۽ ٽيونجاهه ننڍن شهرن جا ويرانا سرحد سنڌ سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ڏٺائين. اهي سڀ هنڌ ڏسندو ڦرندو 1922ع ۾ مُهن جي دڙي وٽ اچي پهتو." [آڏواڻي- 81- 1980ع].

هن بيان مان اها ڳالهه چٽي ثابت ٿي ٿئي ته سنڌو درياهه نه ٽن، نه ٻارنهن ڇوڙن جي صورت ۾ وهندو هو، پر هن جا ارڙنهن پيٽ هئا، جي مختلف هنڌن تان وهي وچي سمنڊ ۾ پوندا هئا. ڪزنس جو رايو آهي ته: "مهراڻ جا اڳوڻا وهڪرا گهڻي تعداد ۾ هئا ۽ انهن جا نشان ٻه جتي ڪٿي ڏسي سگهجن ٿا." [ڪزنس- 07- 1995ع]. ڪزنس ٻه اِن خيال جو آهي ته سنٽونديءَ جا گهڻائي وهڪرا هئا، جيڪي سنڌ جي سرزمين کي سيراب ڪندا هئا، ليڪن ڪزنس به سنڌو درياهه جي وهڪرن جا نالا نه ڪٿي مونجهاري ۾ وجهي ويو آهي. ڪيس لکڻ کپندو هو، ته هيءُ وهڪرو هتان يا هُتان وهندو هو ۽ نالو هيءُ اٿس. البت سنٽونديءَ جي ڪجهه نالن جو پتو پوي ٿو.

---

[1] اهو ساڳيو بيان 'تاريخ ريگستان' (ٻاگو ڀهريون) جي ص 23 تي پڻ آهي.

ڪتابن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌو هن ملڪ جو وڏي ۾ وڏو درياهه آهي ۽ آهي به ائين! ڇو ته هيءُ هن ملڪ جي لاءِ خوشحاليءَ جي هڪ شهه رڳ آهي. سنڌوءَ ڪان سواءِ هِتي ٻيو ڪو به درياهه نه آهي، جنهن کي ساراهجي. سنڌو ئي سنڌ وارن جو جياپو آهي. جڏهن به سنڌوءَ ۾ پاڻي وڌيڪ ايندو هو ته پنهنجي ڪپرن ڪان اٿلڻ ۾ دير نه ڪندو هو، جنهن لاءِ ڪيترائي رايا ملن ٿا.

”سنڌو اولاهين پاسي وڌيڪ ٻوڏ ڪندو هو ۽ شڪارپور واري مغلن جي علائقي کي خوشحال بنائي ڇڏيندو هو.“ [پوسٽنس- 88-1997ع].

هن مان ظاهر آهي ته سنڌو اوڀارئين حصي/ علائقي جي بنسبت اولاهين ڀاڱي کي ٻوڙڻ ۾ ديرئي نه ڪندو هو ۽ ٻاڻ ٻوڙ ڪري ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح هيءُ علائقو وڌيڪ خوشحال ٿي ويندو هو. سنڌوءَ جي اولاهين وهڪري بابت پوسٽنس جو رايو آهي ته:

”سنڌو ڪيڏو نه مهان درياهه آهي. هن اولاهين وهڪري جي خاص ڳالهه ۽ وڏي طاقت جو مظاهرو به هتي ڏسي سگهجي ٿو. هتي جابلو رڪاوٽ سان پاڻي ٽڪر جي ڏهه ميل پوئتي وڃي هڪ ڇاڙهه وسيلي منڇر ڍنڍ ۾ پوندو آهي جيڪا سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهه ’الهندي ناري‘ وسيلي ڀرتي ٿيندي آهي.“ [پوسٽنس- 89- 1997ع].

ان دور ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو ايڏو ته تيز ۽ تکو هوندو هو، جو سنڌو جي مکيه وهڪري مان ماڻهو گهٽ ڪري نه ويندا هئا، جنهن جي تصديق ۾ هيءَ راءِ وڌيڪ وزن رکي ٿي: ”سيوهڻ ڪان مٿي ٻيڙائت سنڌوءَ جو خاص وهڪرو ڇڏي منڇر ڍنڍ وسيلي پنهنجا ٻيڙا وڃي الهندي ناري ۾ وجهندا آهن. هن سفر ذريعي فاصلو ته ٻيڻو ٿي ويندو آهي، پر ماڻهو سنڌو جي مکيه وهڪري جي لهرن جي لوڏن ۽ سِير جي سٽڪن ڪان بچي پوندو آهي.“ [پوسٽنس- 96- 1997ع].

مطلب ته سنڌو جي تيز ۽ تکي وهڪري ڪان ٻيڙائت به ونءُ ويندا ۽ ڪنبندا هئا. سنڌوءَ جو وهڪرو ڏسي ڪين ڏڪٽي وٺي ويندي هوندي، جو مکيه وهڪري جي بجاءِ اولاهين ڇاڙهه وسيلي پنهنجو سفر سکيو ۽ سهنجو سمجهندا هئا، جنهنڪري وڏو وقت برداشت ڪري وڃي منزل پيڙا ٿيندا هوندا. اڄوڪي دور ۾ سنڌوءَ ۾ نه اهو پاڻي آهي ۽ نه وري اهو اولاهون وهڪرو جنهن سان پنهنجو سفر ۽ مقصد ماڻجي. اڄ ته وڏي تبديلي اچي چڪي آهي. ڇاڪاڻ ته اهو ڀؤ ڀولو رهيو ئي ناهي، جو ماڻهو يا ٻيڙائت ڏکيائون ڏسن ۽ صعوبتون سهن.

”رگ ويد واري زماني ۾ سنڌوندي گهٽيون شلخون ٿي ايندي هئي. رگويد جي منڊل ڏهين سوڪت 75 ۾ ڄاڻايل آهي ته ’اي سنڌو، ورڻ ديوتا تنهنجي وهڻ لاءِ گهٽيون واٽون ٺاهيون آهن.‘ اهي لفظ نه رڳو سنڌو جي مٿئين ڀاڱي (اُتر- سرحد علائقي واري ڀاڱي)، پر هيٺئين ڀاڱي سان به لاڳو آهن.“ [آڏواڻي- 174- 1980ع]. سنڌوندي جيترو گهٽو پنهنجي ڪپرن ڪان اٿلي آهي ۽ پنهنجو وهڪرو بدلايو اٿس، اوترو شايد ڪنهن ٻيءَ نديءَ بدلايو هوندو. ائين هڪ ڪان وڌيڪ ڦيرا ڪيو اٿس. [ڄيٺلاڻي- 16-1968ع]. اهو سچ آهي ته سنڌوءَ ڪيترائي دفعا پنهنجو وهڪرو پڻ بدلايو آهي. سنڌو جي اولاهين وهڪري/ ڇاڙهه جي باري ۾ جنرل هيگ جو بيان آهي ته: ”سنڌوءَ مان هڪ ڇاڙهه الهندي طرف ڦٽندي هئي. اهو ننڍو وهڪرو ائين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ موجود هو. اها ننڍڙي ڇاڙهه روهڙيءَ ڪان 45 ميل ڏکڻ اولهه ڪان درياهه مان ڇڄندي هئي. جڏهن لاڙڪاڻي واري علائقي جي سروي ڪئي هئي، تڏهن الهندي ناري جو منهن روهڙيءَ ڪان 28 ميل پري ڏکڻ طرف هو. قديم دور ۾ سنڌس منهن اڃا به وڌيڪ اتر طرف هوندو. ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪنهن زماني ۾ اروڙ ڪان ٿورو هيٺ يا ٿورو مٿان هجي. جيڪڏهن ان جو منهن اروڙ ڪان مٿان هو، ته پوءِ اهو ڪنهن زماني ۾ اتان وهندو هوندو، جتان هاڻي روهڙيءَ پرسان سنڌوءَ جو وهڪرو مٿي رهيو آهي. ان ڪان پوءِ ٿورا ميل ڏکڻ پوءِ اوڀر ۽ بعد ۾ لاڙڪاڻي علائقي جو رخ ڪندو هو. امڪان اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سڪندر جي زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيه وهڪرو اروڙ وٽان مَٽيندو هو ۽ اروڙ ڪان منجهانئس هڪ ڇاڙهه ڇڄندي هئي، جيڪا روهڙي ۽ بکر جو وچ ڏيئي اولهه ڏس تي وهندي هئي.“ [هيگ- 198- 1997ع]. هن مان اهو گمان غالب آهي ته سنڌو درياهه

روهڙيءَ کان ٽورو مٿان هڪ ٻن چاڙهن[1] ذريعي وهندو هو. هڪ شاخ ناري نالي سان سڏبي هئي، جيڪا لاڙڪاڻي شهر جي نزديڪ وهي وڃي منڇر ڍنڍ ۾ پوندي هئي ۽ ٻي چاڙهه اروڙ کان مٿان ڪجهه فاصلي تي نڪري ڪنڊ ڪوٽ کان اچي شڪارپور وارو پلسو ڏيئي ڪيرٿر جبلن جي قطار جي پرسان وهي منڇر ۾ پنهنجو پاڻي ڇوڙيندي هئي. هن چاڙهه جا آثار اڄ به ڏسي سگهجن ٿا. هڪ ٽين شاخ به درياهه مان نڪرندي هئي، جيڪا ڪنڊ ڪوٽ کان اچي شڪارپور جو پلسو ڏيئي، سنڌو ڏکڻ رخ رکي وارهه وٽان گذري سڌو وڃي منڇر ۾ پنهنجو پاڻي ڇڏيندي هئي. پر ان وقت اڃا وارهه جو وجود ڪو نه هو. سنڌوءَ جون اهڙيون چاڙهون ان قديم دور جي ياد ڏيارين ٿيون. هن مان ظاهر آهي ته سنڌو ڪيترن ئي ڦلن وسيلي سنڌ جي زمين کي سيراب ڪندو هو. اهڙيءَ طرح سنڌوءَ جا مختلف پيٽ مختلف تاريخي ڪتابن جي اڀياس ذريعي معلوم ڪري سگهجن ٿا. اها سنڌوندي ئي آهي، جنهن سنڌ اندر وقت بوقت پنهنجا جدا جدا نشان ۽ پيرا ڇڏيا آهن.

## وارهه جو تاريخي ۽ تحقيقي پسمنظر

**وارهه تي وارهه نالو ڪيئن پيو:-**

وارهه تي وارهه نالو ڪيئن ۽ ڪڏهن پيو. وارهه ڪڏهن وجود ورتو ۽ ڪيس تعلقي جي حيثيت ڪڏهن نصيب ٿي. اهي ڪجهه سوال ذهن ۾ رکي تحقيق جي آڌار تي معلوم ڪنداسين.

قديم وقت کان وٺي هن جديد دور تائين وارهه تي ڪنهن به اديب ۽ عالم ويهي ڪو نه ويچاريو آهي ۽ نه وري ڪو وارهه جي باري ۾ مستند احوال ڪنهن تاريخ ۾ ملي ٿو جنهن مان وارهه جي اُسرڻ، وڌڻ ۽ ويجهڻ ۽ سندس وجود جي ثابتي ملي.

جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو، تيئن تيئن تبديليون به ٿينديون رهيون. اهڙي ئي لحاظ کان عوام شعور جي شمع سان شاهوڪاريءَ طرف قدم کڻندو رهيو. تان جو هو گهر گهاٽ جوڙي ڳوٺ ٻڌي ويهڻ ۾ ڪامياب ويو. اهو ڳوٺ وڌي وڃي شهر جي صورت اختيار ڪري ويو. ائين عوام هن پرڳڻي تي پنهنجو ڏاڪو ڄمائڻ لڳو. اڳتي هلي عوام پنهنجي پنهنجي جاءِ تي الڳ الڳ حڪومتون قائم ڪيون، جنهن ڪري ڳوٺ مان هڪ نيڪ مرد چونڊبي هئن سڄو سارو ٻار مٿس وڌو، جنهن کي ڳوٺ جو چڱو، مُکي يا وڏيرو ۽ رئيس سڏيائون. سندن بچاءُ جو اهوئي خاص طريقو هو. ڀيرومل لکي ٿو ته:

"رگويد واري زماني ۾ آريه لوڪ اڪثر ڳوٺڙن ۾ رهندا هئا. جيئن اڄ به ڪجهه آدم ڳوٺڙن ۾ گذاري ٿو. ڳوٺ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "گوشٽ" (گوسٺا) ۽ بنيادي معنيٰ اٿس، اهو هنڌ جتي گايون بيٺيون هجن. گايون اٿي بيهاريون، جتي سندن لاءِ چارو موجود هوندو، تنهنڪري ڳوٺ" لفظ ۾ چراگاهه جي معنيٰ سمايل آهي. انهيءَ سبب رگ ويد ۾ ڪن هنڌ "گوشٽ" (ڳوٺ) بدران "ورج" (برج) (Varaja) لفظ به ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، اهو هنڌ جتي گايون چارجن. [آڏواڻي- 203- 1980ع].

اهو رواج اڄ به عام جام آهي. عوام جو گهڻو حصو ڳوٺن جي صورت ۾ گهٽائيءَ ۾ رهي ٿو جتي مال لاءِ چارو/ گاهه گهڻو ۽ جهجهو هوندو آهي. اڄ به مال جي چاري سانگي مارواڙا ويچارا هِت هُت وڃيو ويهن ته جيئن سندن مال سکيو ستابو رهي، پوءِ پل ته ڪٿي ڳئون هجن يا مينهون، رڍون هجن يا ٻڪريون ۽ ڪٿي اُٺ هجن. البت اڳ ۾ ئي مال جي چاري جو اونو ۽ خيال رکي، پوءِ وڃي اهو ماڳ وسائيندا، جتي سندن مال لاءِ چارو جالارو هوندو.

اهڙيءَ ريت وقت جي وهڪرن ۽ لاهن چاڙهن سان گڏ عوام جي سوچ ۽ سمجهه، سياڻپ ۽ ڏاهپ ۾ پڻ وڏو ڦيرو ايندو ويو. ڪن شهرن کي ضلعي جو درجو مليو ته ڪن کي وري تعلقي جي حيثيت ڏنائون. ان جو خاص سبب هيءُ هو ته حڪومتن جو ڪاروهنوار آسانيءَ سان ڪم ڪري هو.

ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ نصيرآباد شهر وجود ورتو، اُسريو ۽ اُپريو، وڌيو ۽ ويجهيو. هن لاءِ مشهور

---

[1] 1340ع ڌاري سنڌوءَ جي الهندي شاخ ٻن ڦلن منجهان وهندي هئي، جي هڪ ٻئي کان ڇڳو پري هئا. ايڇ ٽي لئمبرڪ (1982ع) سنڌ هڪ عام جائزو، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

آهي تہ هيءُ شهر مير نصير محمد خان ٽالپر جو ٻڌايل آهي. ان وقت هن شهر کي سٺو اوج مليو، جنهن اڳتي هلي تعلقي جو درجو حاصل ڪيو. پر دين محمد ڪلهوڙو نصيرآباد جو تعلق، ٽالپرن سان نہ پر ڪلهوڙن جي سربراهہ ميان نصير محمد ڪلهوڙي سان ڏيکاري ٿو. هو پنهنجي تصنيف ”قنبر- شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري ۾)“ ۾ لکي ٿو تہ: ”نصيرآباد جي بنياد پوڻ ۽ ان جي ابتدائي آبادڪاريءَ جو تذڪرو ڪنهن بہ پراڻي تاريخ جي ڪتاب ۾ نہ ٿو ملي، البتہ وڏڙن کان ڪي روايتون، بيان ۽ ڪجهہ تاريخي اهڃاڻ ملن ٿا، جن جي بناء تي اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ هيءُ شهر ميان نصير محمد ڪلهوڙي (1692ع-1657ع) پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ آباد ڪيو.“ [ڪلهوڙو-2011-94ع] انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ جي ڳالهہ ڪنهن کان بہ ڳجهي نہ آهي ۽ هر تاريخ ۾ سندن ذڪر موجود آهي. انگريزن جڏهن سنڌ قبضي ۾ ڪئي تہ لاڙڪاڻو، شڪارپور جو تعلق هو. وارهہ کي ڪا بہ اهميت ڪا نہ هئي، پر نصيرآباد کي ان وقت تعلقي جي حيثيت هئي ۽ شڪارپور ضلعي ۾ هو.

سن 1843ع ۾ ٽالپرن جي صاحبيءَ جو خاتمو ٿيو ۽ انگريزن جي عهد جي ابتدا ٿي. انتظامي لحاظ کان سنڌ کي ٽن حصن/ضلعن شڪارپور، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ورهايائون. لاڙڪاڻي وارو سمورو علائقو شڪارپور کي ڏنائون. شهدادڪوٽ تعلقي جو ڪجهہ حصو جيڪب آباد ۾ شامل هو. ڏوڪريءَ جو نالو ’لب درياهہ‘ هو ۽ نصيرآباد تعلقو هو، جنهن ۾ موجوده وارهہ تعلقو اچي ٿي ويو. انهن ڏينهن يعني 1885ع ڌاري تعلقي نصيرآباد جو مختيارڪار مرزا قليچ بيگ هو. ان وقت هن ڪاڇي ولري علائقي ۽ ڏاڙهياري جبل جا انتظامي دورا ڪيا، ان دوران هڪ ڪتاب ”ڏاڙهياري جبل جو سير“ جي نالي سان لکيائين. ان سفر جو احوال نهايت دلچسپ انداز ۾ ڪيو اٿس. ڪتاب جي مطالعي مان ظاهر ٿو ٿئي تہ هيءُ ڪتاب نصيرآباد ۾ ويهي لکيو اٿس، جيڪو انهيءَ سال ئي ڇپائي پڌرو ڪيائين. 1901ع ۾ لاڙڪاڻو ضلعو وجود ۾ آيو. جڏهن انگريزن ٽالپرن کان سنڌ کسي پنهنجي قبضي ۾ آندي، تڏهن ان وقت هنن سنڌ اندر ڪافي انتظامي تبديليون ڪيون. جن شهرن کي تعلقي يا سب ڊويزن جو درجو مليل هو، تن مان ڪن شهرن کي ضلعي جو درجو ڏنائون، تہ ڪن کان وري اهڙيون سهوليتون ڦري ٻين اسرندڙ شهرن کي تعلقي جي حيثيت سان نوازيائون. جڏهن 1901ع ۾ هنن لاڙڪاڻي کي ضلعي جو درجو ڏنو، تڏهن لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڪيترائي تعلقا شامل ڪيائون. سال 1919ع جي سنڌ گزيٽيئر جي حوالي سان منظور ڪوهيار پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ:

”لاڙڪاڻي پهرين آگسٽ 1901ع ۾ ضلعي جي حيثيت تڏهن ورتي، جڏهن ان کي ڪراچي ۽ شڪارپور ضلعن کان الڳ ڪيو ويو. سيوهڻ، جوهي، دادو تعلقا پهرين ڪراچي ضلعي مان ڪنيا ويا. ميهڙ، ڪڪڙ، وارهہ، لاڙڪاڻو، لب درياهہ (ڏوڪري) ۽ قنبر تعلقا پوئين ضلعي شڪارپور مان ڪنيا ويا. ٽي ڊويزنون ٺاهيون ويون. سيوهڻ ڊويزن ۾: سيوهڻ، جوهي، دادو تعلقا اچن ٿا. ميهڙ ڊويزن ۾: ميهڙ، ڪڪڙ ۽ وارهہ تعلقا شامل آهن. ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن: لاڙڪاڻي، لب درياهہ، قنبر ۽ رتيديري تعلقن تي مشتمل آهي.“ [شاد- 83-82-1995ع].

اهڙيءَ ريت انگريزن انتظامي جوڙجڪ ۾ ڀڃ گهڙ ڪري نصيرآباد کان تعلقي جي حيثيت کسي وارهہ کي تعلقو ڪيائون. انگريزن جي وچ واري دور سال 1885ع ۾ مرزا قليچ بيگ نصير آباد تعلقي جو مختيار ڪار هو. جڏهن وارهہ کي تعلقو بنايو ويو تہ وري ڪيس وارهہ جي مختيار ڪار طور سندس تقرر ڪيو ويو ۽ نصيرآباد کي وارهہ تعلقي ۾ شامل ڪيو ويو. مرزا قليچ بيگ هن علائقي تي اهڙي ڪا بہ تحقيق ڪا نہ ڪئي آهي. مگر پنهنجي تصنيفن ”سائو پن يا ڪارو پنو“ ۽ ”ڏاڙهياري جبل جو سير“ ۾ نصيرآباد ۽ وارهہ شهرن جو صرف نالي ماتر ذڪر ڪيو آهي. جيئن لاڙڪاڻو ايترو قديم ۽ آڳاٽو تصور نہ ٿو ڪيو وڃي، تيئن وري ’وارهہ‘ بہ ڪو ايڏو پراڻو شهر نہ آهي. لاڙڪاڻو ڪلهوڙن جي عهد ۾ اسريو ۽ لوچ کي رسيو. اهڙيءَ طرح وارهہ بہ ڪلهوڙن جي حڪومت واري عرصي دوران اسريو، وڌيو ۽ ويجهيو. دين محمد ڪلهوڙو پنهنجي تصنيف ”قنبر- شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري ۾)“ ۾ وارهہ جي تاريخي قدامت ۽




سنڌ جي اٺين کان چوڏهين صدي ۾ ساڄي پاسي وارهه، الهندو نارو ۽ دادو وهڪرا "سنڌ جي ريجاڻي تاريخ جا ڇهه هزار سال" ص 168 جي ٿورن سان)




هن مان ظاهر ٿيندو ته موجوده لاڙڪاڻي ضلعي جي سرزمين ۾ ان زماني ۾ سنڌو درياءَ، کان سواءِ هيٺيان وهڪرا ۽ ڦاٽ موجود هئا:

گهاڙ واهه، اُلهندو واهه، ڪنڌڪوٽ وهڪرو، وارهه وهڪرو ۽ شهدادڪوٽ وهڪرو شامل آهن.

3- بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر[1984ع] جامع سنڌي لغات، جلد ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ ڄامشورو.

4- پنهور، ايم.ايڇ [1996/1ع]، ٽماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

5- پوسٽنس، ٽي/عطا محمد ڀنڀرو [1997ع]. سنڌ جيئن مون ڏٺي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.

6- ڇبلاڻي، ايس.پي ڊاڪٽر/سراج ميمڻ [1968ع] سنڌي جي اقتصادي تاريخ، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

7- ڪلهوڙو، دين محمد (2011ع)، قمبر- شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي ورق ۾)، قنبر- شهدادڪوٽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي.

7- شاد، بشير احمد ڊاڪٽر [1995ع] لاڙڪاڻو صدين کان: (مضمون، لاڙڪاڻو 1919ع جي گزيٽيئر جي حوالي سان، لاڙڪاڻو هسٽاريڪل سوسائٽي لاڙڪاڻو سنڌ

8 - شيدائي، مولائي [1983ع] جنت السنڌ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

9- صديقي، حبيب الله، ڊاڪٽر [1996ع] تاريخ باب الاسلام سنڌ حبيب صديقي اڪيڊمي ڄامشورو.

10- ڪزنس، هينري/عطا محمد ڀنڀرو [1995ع] سنڌ جا قديم آثار، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

11- مجمدار، اين.جي/عطا محمد ڀنڀرو [1997ع]. سنڌ ۾ قديم ڪنبرن جي کوٽائي، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ

12- مخدوم امير احمد/ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ [1976ع] چچ نامو، ڇاپو ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ

13- ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر [2001ع]، لاڙڪاڻو ماضي ۽ حال، موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو.

14- هيگ، جنرل/عطامحمد ڀنڀرو [1997ع]، سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ


نئون ڪتاب



ڪتاب: سخنور سنڌ ڌرتيءَ جا

سهيڙيندڙ: احسان ميرل

موضوع: شاعري

قيمت: -/500 رپيا

ڇپائيندڙ: سامروٽي پبليڪيشن. ٿرپارڪر

ماڻهوءَ کان تمام گهڻي نفرت آهي. شاهه سائينءَ کي اهڙن انسانن متاثر ڪيو جن جڳ جا سُور، غم ۽ مصيبتون پنهنجون ڪري پاتيون. شاهه سائين اهڙن آدرشي انسانن جي خوبين، ڪارنامن، نظرين ۽ قربانين جو اهڙو تہ چٽو نقش ڪڍيو آهي ۽ چٽيءَ طرح تصوير ڪڍي آهي جو ڀهراڙيءَ جو عام ماڻهو بہ انهن آدرشي انسانن جي تصور کي سمجهي سگهي ٿو.

شاهه سائينءَ جون سيئي سُورميون سندس نظر ۾ آدرشي عورتون هيون، هنن وٽ پنهنجي پرينءَ جي حاصلات سڀ کان وڏو آدرش هو. ان لاءِ هنن قرباني ڏيڻ، هر قسم جا طعنا ۽ مهڻا سهڻ کان ڪين گهٻرايو. شاهه سائينءَ جي مارئيءَ مارُنِ سان محبت ڪئي. سسئي، مومل ۽ سُهڻي سماج جي ڪوڙين رسمن خلاف بغاوت ڪئي. شاهه سائينءَ وٽ حقيقي ۽ مثالي انسان اُهو آهي جيڪو پاڻ کي سهي ٻين کي سُک ڏئي ٿو. شاهه سائينءَ هيٺئين مثال ڏيڻ سان چيهه ڪري ڇڏيو آهي جو ٻيو ڪير بہ دنيا جو وڏو شاعر هن مهل تائين اهڙو مثال پيش ڪري نہ سگهيو آهي:

پاتشاهي نہ پاڙيان، سَرتيون سُئيءَ ساڻ،
ڍَڪي اُگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
ٻيهر جاڀي جاڻ، اِبر جي اوصاف کي.

شاهه سائينءَ، سُئيءَ جون وصفون ڄاڻڻ لاءِ چوي ٿو تہ انسان کي سُئيءَ جا ٿورا لاهڻ لاءِ بہ جنم گهرجن، گويا ماڻهو هڪ دفعو مري وري جيئرو ٿئي، تڏهن بہ سُئيءَ جو ٿورو نہ ٿو لاهي سگهي. مسلماني عقيدي ۾ سُئيءَ جو مسلمانن تي اهو بہ ٿورو آهي جو مُئي پڄاڻان ان جو ڪفن سبڻ جو شرف بہ سُئيءَ کي حاصل آهي. انسان جو فرض آهي تہ مشڪل کي منهن ڏئي، باقي نتيجا ڌڻي تعاليٰ تي ڇڏي ڏئي، اهڙو مثال شاهه سائين سُر سهڻي جي هيٺئين بيت ۾ ڏنو آهي:

ڪي تران ڪِي تار مُون، ڪي سگهان ڪِي سِگهہ،
آڏو ڏيج مَ ڳگهہ، مون هيڪليءَ ولها.

هڪ آئيڊيل انسان ۾ اهي خوبيون هجڻ گهرجن، تہ هن فاني جهان ۾ جڏهن اک کولي تہ اُن کي هن ڌرتيءَ تي اکيون پٽي هلڻ گهرجي، باقي اکيون ٻوٽي ڌرتيءَ تي هلڻ وارو انڌي جي مثال آهي.

شاهه سائينءَ عقل جي انڌن انسانن ۽ بيحس انسانن لاءِ هيٺئين بيت ۾ اهڙي منظرنگاري ڪئي آهي، جيڪي انسان هن سنسار ۾ ظاهري اکين سان تہ ڏسن ٿا، پر انهن کي هتي زندگي گذارڻ جو ڏانءُ ۽ طور طريقا نہ ٿا اچن، ۽ بني اسرائيل جي قوم جيان ٻَڪي ٻَڪي ٻُڏي مرن ٿا ۽ انهن کي سنسار ۾ اچڻ جو مقصد سمجهہ ۾ نٿو اچي. مثال:

مُئي هاٿيءَ سنڌو مامرو، اچي پيو انڌن،
مناڙين هڻن سين، اکئين ڪِين پَسن،
فِي الحقيقت فِيل کي، ڪي سَچا سُڄاڻن،
سندي سردارن، بصيرت بِينا ڪري.

مٿي مون لوهہ جي ڌاتوءَ مان ٺهيل ننڍڙي شيءِ سُئيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان کان پوءِ واري بيت ۾ عقل جي انڌي جي ڳالهہ ڪئي آهي.

عقل جو انڌو تہ انسان آهي، پر شاهه سائينءَ کي غيرجاندار شيءِ سُئيءَ جي ڳڻن ڳائڻ جي آخر ڪهڙي ضرورت هئي؟ جو ان جون وصفون ڄاڻڻ لاءِ بہ جنم طلب ڪيا آهن، اصل ۾ سُئي غيرجاندار آهي، پر اُن جون صفتون اُهي آهن جو هوءَ انگ اگهاڙن کي ڍڪي ٿي ۽ بنا لالچ جي اهو ڪم ڪري ٿي. شاهه سائينءَ جي فڪر ۾ جيڪي انسان متحرڪ نہ آهن، ڪنهن جي ڏک ۾ ڏکارا نٿا ٿين، پاڻ پيٽ ڀري کائين ٿا، پاڻ ڀلا ڪپڙا پائين ٿا ۽ اهڙن انسانن کي انهن ماڻهن جو فڪر ناهي جيڪي بُکيا رهن ٿا، ڏکن ۽ اُذيتن واري زندگي گذارين ٿا ۽ انگ اگهاڙا رهن ٿا، اهڙن انسانن کي شاهه سائين زندهہ لاش ۽ مئل سمجهي ٿو. اهڙا انسان، شاهه جا آدرشي انسان ٿي نٿا سگهن پر اُهي بيحس ۽ نِڪما ۽ قوم لاءِ عذاب آهن.

هتي خواجا حَسن خرقانيءَ جو هڪ مثال ياد اچي ٿو، ان فرمايو هو تہ: "بغداد جي شهر ۾ تمام گهڻا گهمندڙ ڦرندڙ انسان مون کي مئل نظر اچن ٿا، پر بغداد جي قبرستان ۾ قبرن جي اندر مون کي تمام گهڻا انسان جيئرا نظر اچن ٿا، بزرگ شايد تہ اهو قول اهڙن آدرشي انسانن لاءِ فرمايو هجي، جن لاءِ ڀٽائي چوي ٿو تہ:

مَري جيءُ تہ ماڻئين، جانب جو جَمال،
ٿئي هُوند حلال، جي پَند اِهائي پارئين.

ٻي جاءِ تي فرمائي ٿو ته:

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مَري ٿِين نه مَاتِه
هُوندا سي حَياتِه جيئڻا اڳي جي جيئا.

شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ آدرشي انسان جو ڪاٿوئي ڪونهي. هن ننڍڙي مضمون ۾ صرف چند مثالن تي اڪتفا ڪجي ٿي، شاهه سائين کي جيڪي انسان وڻن ٿا، انهن ۾ ڪمي، ڪوري، لنگها، لورا، ڪنير، لوهر، واڍا، ڪاهوڙي، ڏوٽي، وڻجارا، سونارا مطلب ته شاهه سائين جا سيئي پورهيت ان کي ڏاڍا پسند آهن. مٿين ڪردارن سميت شاهه جي آدرشي انسانن ۾ هيٺين صفتن وارا انسان اهم جاءِ والارين ٿا:

(1) پاڪائي رکندڙ، (2) خدا جو عاشق، (3) اندر جو صاف انسان، (4) حب الوطن، (5) الله تي توڪل رکندڙ، (6) محنتي، (7) لڳاتار جدوجهد ڪندڙ، (8) رسالت سان محبت ڪندڙ، (9) رحمدل، (10) سماجي روايتن جو قدردان، (11) پرائي آئي ۾ قرباني ڏيندڙ (12) سخي ۽ ڏاتار، (13) عادل، (14) پڇتاءُ ڪندڙ.

مٿين صفتن کان علاوه ٻين ڪافي صفتن وارا انسان شاهه سائينءَ کي وڻن ٿا، پر مضمون جي طوالت جي ڪري صرف انهن آدرشي انسانن جو ڪجهه مثالن سان ذڪر ڪجي ٿو.

**(1) پاڪائي رکندڙ:** پاڪ رهڻ انسان لاءِ نهايت ضروري آهي، پاڪائيءَ سان تزڪ ۽ نفس ٺٺي ٿو ۽ انسان نفس اماره جي چنبي کان بچي سگهي ٿو، هن نفس کي حيواني نفس پڻ چوندا آهن جيڪو چرندو آهي آڻ، آڻ. يا ڦٻيا اُهي جي ڦلٽي مُئا، ان نفس کي شاهه سائينءَ اُٺ سڏيو آهي، جيڪو انسان پاڪ رهندو، ان ۾ انهيءَ نفس کان بچڻ ۽ لوامه نفس جون خوبيون پيدا ٿينديون. هيءَ نفس انساني ضمير، ويڪ يا اندر جو آواز آهي. شاهه سائينءَ جا سڀئي آدرشي انسان، انهيءَ نفس جا مالڪ آهن، جنهن کي هُو پاڪائيءَ ۽ پرهيزگاريءَ سان نوائي سگهن ٿا. اهڙن آدرشي انسانن لاءِ شاهه سائين چوي ٿو ته:

رُوحَ ۾ رَهين رام، ٻَهر ٻولين ڪِين ٻيو،
ويهي ڪِيون وِچ ۾، آديسين آرام،
ڪري هِيءَ حرام، نانگا گڏيا نٿ کي.

يا

پَليتيءَ کان پانهنجا، پند رکيائون پاڪ

شاهه سائينءَ وٽ علم جي ماهرن جي کلو جاءِ نه آهي، هُو اُهو ڪامل اڪمل شخص آهي جيڪو ظاهري ۽ باطني علم تي غالب آهي. پاڪائي رکڻ وارن آدرشي انسانن وٽ ٽيون نفس مطمئنه آهي. هن نفس مان مراد اطمينان وارو نفس آهي جيڪو ولين ۽ انبياء عليه السلام جن جو هوندو آهي.

علم جي ماهرن سمجهه ۽ چاڻ جا ٽي درجا ٻڌايا آهن: 1- جهل، 2- علم، 3- حڪمت.

(1) جهل وارا، علم جون ڳالهيون نه سمجهندا، (2) علم وارا حڪمت جون ڳالهيون نه سمجهندا، (3) فقير، درويش، تارڪ، سالڪ ۽ پاڪائي رکڻ وارا آدرشي انسان، انهن سڀني ڳالهين کان واقف هوندا آهن، اهڙا مثال شاهه سائين ڪافي ڏنا آهن.

1- صوفيءَ صاف ڪيو، ڦوٽي ورق وجود جو،
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرين جو.
2- جوڳي نه جاهِل، پنڌ پَرينِدهين سِکئا،
ڪن سين ڪن نه ڪل، پوتا رهيا پرينءَ سين.

**(2) خدا جو عاشق:** شاهه سائينءَ جي نظر ۾ اهو فوق البشر انسان آهي جيڪو اِلاهي عشق ۾ عابد، زاهد، مُجتهد هجي پر شاهه سائين وٽ خدا جو عاشق اهو آهي جيڪو سندس عشق ۾ پنهنجو سِر قربان ڪري ڇڏي. شاهه سائينءَ جي هن آدرشي انسان مان مطلب حُجري جو مُلان هرگز نه آهي، جنهن مان نه دشمن کي پؤ نه سڄڻ کي آسرو، پر اهو انسان آهي، جنهن لاءِ ڀٽائي صاحب چيو:

(1) سُوريءَ سپرينءَ جي، گهڙ ته ٿئين گهوٽ
(2) سُوري آهي سينگار، اُصل عاشقن جو.
(3) عاشقن پنهنجا انگ، لله ڪارڻ وِڍيا.

مٿين ٽنهي مثالن کان سواءِ امام حسين رضي الله عنه جي شهادت سُر ڪيڏاري ۾ پڙهڻ گهرجي.

**(3) اندر جو صاف انسان:** شاهه سائينءَ کي هي اُهو وڻندڙ انسان آهي، جيڪو صاف دل ۽ انسانيت سان محبت ڪندڙ آهي. شاهه سائينءَ کي ڪُوڙي، مَڪار، دوکيباز ۽ منافق انسان کان تمام گهڻي نفرت آهي، اهڙن انسانن جا شاهه سائين خوب

ڪَٿيون، سمنڊ ۽ درياءَ هلن پيا، اهڙيءَ صورت ۾ انسان کي گهرجي ته پنهنجي زندگي به تحرڪ سان گذاري. اهڙو سبق شاهه سائينءَ جي هيٺين سٽن مان ملي ٿو:

نڪو سُڪ نڪتين، نه ويساند نئين،
جيڪا اچي سامهين، پانڌ سا سَنئين،
مُوڙهي ڪوهُ مُئين، جيئن سڄيون راتيون سمهين.

(8) رسالت سان محبت ڪندڙ: شاهه جي فڪر موجب آدرشي انسان کي حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي رسالت جو اقرار ڪرڻ گهرجي، رسالت سان جيڪو انسان محبت نٿو ڪري، اهو شاهه سائينءَ جو آدرشي انسان بڻجي نٿو سگهي. هن ڪان پهريائين جيڪي به آدرشي انسان جون آدرشي وصفون ۽ مثال لکيا ويا آهن اُهي سڀئي مثال تڏهن ڪارگر ۽ مُلهائتا ٿين ٿا جڏهن انسان ڪائنات جي ڪارڻي، انسانيت جي مُحسن، غريبن جي غمخوار، هيڻن جي همراهه، يتيمن جي يار، گنهگارن جي ضامن، اوڙيلن جي آڌار، غلامن جي غمخوار، سخن جي سردار، ڏيهن جي ڏاتار، رحمت لِلعالمين ۽ مديني جي مُهندار سان محبت ڪندو. ڪوبه هندو توڙي مسلمان شاهه سائينءَ جو آدرشي انسان تيستائين ٿي نه سگهندو جيستائين حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي محبت سندس دل ۾ نه هوندي. شاهه سائين خود ڪائنات جي ڪارڻي جي محبت ۾ سرشار نظر اچي ٿو. اهڙو مثال شاهه سائين هيٺين سٽن ۾ بيان ڪري ٿو:

وَحده لاشريڪ لَهُ، جان تو چئين ايئن،
تا مڃ محمد ڪارڻي، نِرتئون منجهان نينهن،
سو تون وڃيو ڪيئن، نائين ڪَنڌ ٻين کي.

حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم انسانيت جو پيغام سمورن جهانن لاءِ ڏنو آهي ۽ سندس شان ۾ قرآن پاڪ نازل ٿيو. ساڳيءَ طرح شاهه سائينءَ جو پيغام آفاقي ۽ عالمگير آهي. شاهه سائين خود مذهبي روادار ۽ آدرشي انسان هو، هن وٽ هندو ۽ مسلمان جو تفرقو نه هو. هندن وٽ رام وارو نظريو توحيد وارو آهي ۽ ٻئي وٽ مسلمانيءَ وارو نظريو خدائي آهي، پر انسانيت جو پيغام تڏهن مڪمل ٿئي ٿو جڏهن انسانيت جي علمبردار حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي محبت دل ۾ هجي ٿي. اهوئي سبب هو جو شاهه سائين هندن جي مندرن ۾ ويندو هو، ٽي سال جوڳين سان گڏجي سفر ڪيائين ۽ هندن جي تيرٿن تي پڻ ويو، پر پنهنجو نظريو تبديل نه ڪيائين. انسانن جو پيءُ اَبوالبشر حضرت آدم عليه السلام آهي. ان وٽ هندو ۽ مسلمان جو تصور نه هو. ان جي خطا تڏهن معاف ٿي جڏهن محسن انسانيت جو اسم گرامي ميڙ ڪيائين يعني حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو واسطو الله ﷻ کي وڌائين. هاڻي جيڪڏهن آدم عليه السلام جي خطا حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي نانءُ ميڙ ڪرڻ سان معاف ٿي وڃي ٿي ته مثالي انسان ٿيڻ لاءِ حضور صلي الله عليه آوله وسلم جي محبت جو دل ۾ هجڻ ۽ ان جي رسالت جو اقرار ڪرڻ ڪانسواءِ ڪوبه انسان باڪمال ۽ آدرشي ٿي نه ٿو سگهي. ڪن مفڪرن ته شاهه سائينءَ کي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو ترجمان سڏيو آهي. شاهه سائينءَ جو پيغام سمورن جهانن لاءِ امن، محبت ۽ عالمگيريت وارو آهي، جهڙيءَ طرح حضور صلي الله عليه وآله وسلم جو پيغام سمورن جهانن لاءِ آهي.

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جو درجو سڀني پيغمبرن ڪان مٿانهون آهي، ۽ شاهه سائين جي فڪر ۾ هيءُ قرتي به حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي نور تخليق ٿيڻ ڪان پوءِ ۽ افلاڪ پڻ پوءِ جي تخليق ۾ شامل آهي. اهڙو مثال شاهه سائين هيٺين ريت ڏنو آهي:

فَيڪُون فِدا ڪري، ڪُهيائين سين ڪُن،
تعظيماً تمام ڪري، پوءِ پيڙيائين پُن،
مارو تِڻائين مُن، پينر پاڳي آئيو.

يا

مون کي آهي اُميد الله ۾، منهنجي سَيد سار لهندو،
اَنڌا اُونڌا اَڪريا، سڀ نباهي نيندو،
تنبو آڻي تاه ۾، عاصين ڪاڻ اَڏيندو،
اَتي عبداللطيف جو، هادي هٿ جهليندو.

(9) رحمدلي: هي شاهه سائينءَ وٽ باوقار ۽ بي مثال انسان جي اُها صفت آهي، جيڪا انسان کي مڪمل انسان بڻائي ٿي. توهان زمين وارن تي رحم ڪريو ته الله؏ توهان تي رحم فرمائيندو.

هن صفت وارا انسان نهايت حساس طبعيت وارا ٿيندا آهن جيڪي ڪنهن به انسان حيوان، جانور خواهه پکيءَ تي اجايو ٿيندڙ ظلم ڏسي اندر جو اندر ۾ جَڪَ پيا ڪائيندا آهن. اهڙن ظالم انسانن کي شاهه سائين ماري، اُجرتي مُلان، آخوند، مُفتي، قاضي ڪوٺيو آهي. شاهه سائينءَ جو زمانو اهو آهي، جنهن ۾ ننڍيون وڏيون جنگيون لڳيون، سنڌ ۾ هر طرح جو انتشار، اڻبرابري ۽ نفسانفسي جو دور هو. سنڌ جي اڻوجهه عوام تي مغلن جي طرفان مڙهيل اڻبرابريءَ وارا ڪارا قانون ۽ فرمان سنڌ جي مفتين طرفان مڙهيل هوندا هئا، اهڙن ڪارن قانونن ۾ سنڌ جا قاضي، مُلان، آخوند ۽ مفتي سرڪار جا پگهاردار هئا ۽ پگهارون وٺي ظلم جون فتوائون ڪيندا هئا. سنڌ جو عظيم سورمو ۽ خود ڀٽائي گهوٽ انهن صعوبتن جو نشانو بڻيو.

شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ رحمدليءَ جا ڪافي مثال آهن، سُر ڏهر ۾ شاهه سائين خود مشاهدو ڪري ڪونج پکيءَ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان تي قياس ڪري ٿو جڏهن ماري اُن کي ڦاسائي ٿو ته اُن تي رحم ڪائيندي رحمدل بڻجي ماريءَ کي ڀڙون پاراتا ڏئي ٿو ۽ ماريءَ کي چوي ٿو ته:

1- ڪُونجن کي ڪيمَ ڇڏ، جيءَ ٻاجهارو ٻولين.
2- ماري مَرين شال، ڏِڀ وَڃنئي ڏِڀيون.

ڪنهن جاءِ تي اُن وقت جي مڪتب ۾ پڙهائيندو مُلان سان مخاطب ٿي رحمدل بڻجي ڪُتابين تي ڪَهل ڪائيندي آخوند کي چوي ٿو ته:

اَدا ڙي آخوند، مار مَ معصومن کي،
درد تُنهنجيءَ دل تي، جي برهه وسائي ٻُوند،
هيڻئن نه مارين هُوند، غافل اڻوجهن کي.

شاهه سائين رحمدل ۽ آدرشي انسان هو، اُن وقت جي سماج ۾ انسانن تي ظلم ڪندڙن جا پيرا ڪنيا ائين. ياد رهي ته ظلم جي هٿان مليل ڀئسن مان گذران ڪندڙ وڏو بيرحم ٿيندو آهي، زلزلا رڳو ڌرتيءَ تي نه ايندا آهن، پر ڪي زلزلا اهڙا به آهن جيڪي اندر ئي اندر انساني زندگيءَ جي ٻَج ڍاهه ڪري تباهي ڦهلائي ڇڏيندا آهن.

**(10) سماجي روايتن جو قدردان:** شاهه سائينءَ جي نظريي موجب هڪ بااصول ۽ مثالي انسان کي پنهنجي ديس ۾ سُٺين ريتن رسمن جي حمايت ڪرڻ گهرجي ۽ خراب، ڪُتين رسمن ريتن جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. شاهه سائينءَ جي زماني ۾ ڪافي خراب ريتون رسمون سماج ۾ هيون جيئن ڪنهن عورت جو زوريءَ نڪاح ڪرڻ، يا ان کي زوريءَ مُڙس ڏيڻ، يا ڪنهن جي سهڻي عورت ڪنهن کان ڦري ان کي پنهنجي پَٽ راڻي بنائڻ يا بادشاهي محل جو ماڻهو مري وڃڻ تي روج راڙي ۽ تڏي تي محلات ۾ بادشاهي گهراڻي جي اُن مري وڃڻ واري انسان لاءِ ڀئسا ڏئي عورتن کان پار ڪيرائڻ وغيره. اهڙن ڪُتين ريتن رسمن لاءِ شاهه سائين جو سُر سهڻي باغي ڪردار آهي. سهڻيءَ لاءِ ان وقت جي مفتين فتوائون جاري ڪيون ته هوءَ ڪاري آهي ۽ ان کي قتل ڪيو وڃي. پر شاهه سائين سهڻيءَ جي زبان بڻجي پيو ۽ سهڻيءَ جي درياهه ۾ ترڻ ۽ ميهار وٽ وڃڻ کي جائز ٺهرايو اٿس، ۽ سندس مڙس ڏم کي ڪوڙو ۽ زبردستي پرڻائڻ واري روايت کي ناجائز قرار ڏنو اٿس، ۽ سهڻيءَ جو وڪيل بڻجي، ان جي وڪالت ڪئي اٿس ۽ ڪيس هميشه لاءِ اَمر ڪري ڇڏيو اٿس. علامه آءِ.آءِ قاضي جي نالي چون ٿا ته هُو پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ پڻ سُر سهڻيءَ جو اڀياس ڪندو هو. شاهه سائين سهڻيءَ جي زوري پرڻائڻ واري مڙس ڏم جي مخالفت خود سهڻي کان هيئنئين ريت ڪرائي ٿو:

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، مَر ڇُور ٿئي ڇُوڙو،
طالب المولىٰ منڪراً، اِي ٻُڌنين ٻُوڙو،
ڪوڙهيو ڏم ڪوڙو، مُون ميهار ٿي من ۾.

شاهه سائين سُر مارئي ۾ سماجي روايتن جي قدردانيءَ کي خوب ڳايو آهي. مارئي غريب ڏنار جي ڌيءُ هئي ۽ سنڌ جي بادشاهه عُمر سومري ڪيس زوريءَ پنهنجي زال ٿيڻ لاءِ ڪٺي وڃي ڪوٽ ۾ قابو ڪيو هو. اِها ڪُتي رسم ۽ روايت هئي، انهيءَ رسم

خاص طور ۽ ٻين ڪن سُرن ۾ تمثيلي طور ڪيو آهي. انهن سڀني ڪردارن ۾ راءِ ڏياچ ويراڳي اُهو آدرشي انسان آهي جنهن جو ذڪر شاهه سائين سر سورٺ ۾ ڪيو آهي. هن آدرشي انسان سخاوت ۽ ڏاتاري ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ گهرڻ واري مڱڻهار کي الله جي نالي تي ڪنار سان پنهنجو سِر ڪپي پنهنجن هٿن سان ڏنائين، هن ڪان پهريائين پنهنجي سِر جي عيوض مڱڻهار کي جيڪي شيون آڇيائين، انهن جو ذڪر شاهه سائينءَ جي مثالن سان مختصر طور هيٺ پيش ڪجي ٿو، جن ۾ هُو سخين جو سردار ۽ ڏهن ڏاتارن ۾ سڀني ڪان فضيلت وارو ۽ مٿانهون آهي.

مثال 1:

چارڻ چوٿينءَ رات جو، آئين ڪارڻ جيءَ،
تنهنجو قدر پدمر نه پاڙيان، جي ٿئين تون جميع،
دان ڏلو چا ڏِل وٺيا، وٺي راضي ٿيءُ.
هير آئتي هيءُ، صُبح سوايو ڏيانءِ.

مثال 2:

پلٽيو پنجينءَ رات ۾، رُپوسون سَبيل،
پلنگ پٽراٽيون پالڪيون، نو لک ناٽي نيل،
داتا نه وٺا دان ۾، وَنئن قيراٽي فِيل،
آڪيرُ جو اُصِيل، سو سِر ڏي ته سَرهو ٿيان.

شاهه سائين هن آدرشي حاڪم جي سخا جا مٿيان مثال سخاوت لاءِ ڏنا آهن، جنهن الله جي نالي تي سڀئي بادشاهي خزانا مڱڻهار کي آڇيا، پر هُن سِر جي خيرات گهري هئي سو انهن مال خزانن تي راضي نه ٿيو ۽ راجا راءِ ڏياچ ڪان گهُر ڪيائين ته اهڙي ڪا شيءِ مون کي ڏي جيڪا سوالين لاءِ "سَنَدَ" بڻجي ۽ تنهنجو نالو سخين جي سردار طور ۽ ڏهن ڏاتارن ۾ مٿانهون ٿئي.

جيئن تو ڏيڻ ڏياچ، ايئن لاهيو سِر سَيڪو ڏئي،
ڪين ناهه جهڙو ڏي، جو سَنَدَ ٿئي سُوالين.

مڱڻهار ٻيءَ ڪنهن به لالچ تي راضي نه ٿيو، آخر سخين جي سردار ۽ ڏاتار راءِ ڏياچ ڪيس پنهنجو سِر ڪنار سان ڪٽي ڏنو، شاهه سائين اها حقيقت هيٺئين ريت بيان ڪئي آهي:

ڪَٽي سِر ڪَنار سين، ٺِهرايائين ۾ ٿار،
سورٺ سرتين کي چوي، مُئيس مڱڻهار،
ڪِيو قهر قهار، جنهن راتيون سڀ رئاڙيون.

شاهه سائين هن سخي ۽ ڏاتار جي سر ڏيڻ کي تمام گهڻو ساراهيو آهي ۽ سورٺ جي ورلاپن کي ڳايو آهي.

سورٺ ٻتيو سندرو، پٽيو ڪَڍي پار،
جنهن جي جِرص پُوايمر، هار سو ماري هليو مڱڻو.

شاهه سائين سورٺ جي ته اها صورتحال ٻڌائي آهي پر راءِ ڏياچ جي اَمڙ سندس سخاوت ۽ ڏاتاريءَ جي ڪري تمام گهڻي خوش ٿي آهي، اهڙي منظرنگاري شاهه سائين هيٺئين ريت ڪري ٿو، جنهن ۾ راءِ ڏياچ جي ماءُ جي طرفان اهڙي سخاوت کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي:

چارڻ چنگ ڪُلهي ڪري، پير پُري پاتا،
صدا جون سيد چئي، وايُون ڪِيائين واتا،
تنهن تي راءُ راضي ٿيو، دِل وڏي داتا،
مَرڪي مُرماتا، رُوڙي راءِ ڏياچ جي.

**(13) عدل ۽ انصاف ڪندڙ:** عدل ۽ انصاف ڪرڻ مان مراد برابري ڪرڻ آهي، انصاف جو اشتقاق ٻوليءَ جي ماهرن (نصف= اڌ ڪرڻ) اصطلاحي معنيٰ ۾ انصاف جو مطلب ٿيندو هڪجهڙائي هئڻ.

انصاف ڪرڻ وارو شاهه سائينءَ وٽ اُهو آدرشي انسان آهي جنهن جو درجو سؤ سخين جيترو آهي، سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته سؤ سخاوت هڪ عدالت جي برابر آهي. هتي هڪڙي ڳالهه پيش ڪجي ٿي، جنهن ۾ هڪڙي حاجي ۽ هڪڙي عادل بادشاهه جي پاڻ ۾ گفتگو ٿيل آهي.

ڪنهن بادشاهه حج تي وڃڻ جو ارادو ڪيو. ان جو پٽ صغير هو ۽ بادشاهه جو وزير اَڪابر هو، ملڪ جون حالتون بهتر نه هيون، اَڪابر وزير بادشاهه کي چيو ته اوهان جو پٽ صغير آهي، ۽ مٿان ڪو ٻيو بادشاهه غنيمر چاڙهي، اوهان جي پٽ ڪان بادشاهي کسي وڃي، اوهان حج تي نه وڃو، اوهان کي صلاح ڏيان ٿو ته هڪڙي شخص ست حج ڪيا آهن، ٻهريون حج انسان تي فرض آهي باقي ٻيا حج نفلي آهن، اوهان ان شخص کي گهرائي ان ڪان "هڪڙو حج

ڊاڪٽر ريحانہ نظير



# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت ليکڪائن جي ڪردارن ذريعي سنڌي معاشري جي عڪاسي

ڪهاڻي ڇا آهي ۽ هن جي شروعات ڪڏهن ٿي. ان بابت مختلف محققن جو جدا جدا مؤقف آهي. پوپٽي هيرانندائيءَ جي راءِ آهي ته: "ڪهاڻي يا آکاڻي لفظ ڪهہ ڪٿ يا آکشہ شبد مان نڪتي آهي جنهن جو ارٿ آهي- چوڻ يا ٻڌائڻ. ان ڪري جڏهن کان انسان، ٻولي ٻولڻ شروع ڪئي آهي، تڏهن کان ڳالهه چوڻ يا آکاڻي ٻڌائڻ شروع ٿي آهي. ان جي ڪا نشچت تت تاريخ چئي نہ ٿي سگهجي." (پوپٽي هيرانندائي، "بهترين سنڌي ڪهاڻيون"، سمپادڪ، ص 1).

ڪهاڻي، زباني ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ کان شروع ٿي. هن لکڻ واري عمل تائين ڪيترائي مرحلا طئہ ڪيا آهن. سنڌي ادب ۾ هن جي لکڻ جي شروعات ورهاڱي کان پهرين ٿي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي موجب: "پهرين ڪهاڻي يا آکاڻي "راءِ ڏياچ ۽ سورٺ" جي ڪهاڻي آهي، جيڪا ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ ضميمي طور ڇپي." (منگهارام ملڪاڻي "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن حيدرآباد، 1993ع، ص 38).

جڏهن تہ پهرين طبعزاد سنڌي ڪهاڻي مرزا قليچ بيگ جي لکيل "شريف بيگم" آهي جيڪا پهرين مهاڀاري جنگ جي حالتن جي نمائندگي ڪري ٿي. لوائلي ڪهاڻي نويسن ۾ ميرزا قليچ بيگ کان علاوه لعلچند امرڏنومل، ديوان ڪوڙومل، چينمل پرسرام، عبدالله عبد، ميرزا نادر بيگ، امر لعل هگوراڻي، لطف الله بدوي ۽ ٻيا نالا شامل آهن. 1940ع کان پوءِ ادب ۾ ترقي پسند لاڙي جو رجحان شامل ٿيو. ان سلسلي ۾ جن ڪهاڻيڪارن پاڻ موکيو، تن ۾ شيخ اياز، گوبند پنجابي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، سگن آهوجا، رام پنجواڻي ۽ شيخ عبدالستار وغيره شامل آهن. ڏنو وڃي تہ سنڌي افساني ۾ ورهاڱي کان پهرين صرف مرد ليکڪن جون لکيل ڪهاڻيون ئي نظر اچن ٿيون، انهن ۾ ڪا ورلي عورت ليکڪا جي لکيل ڪهاڻي ملندي

ورهاڱي بعد سنڌي ادب ۾ ڪيترين ئي ثقافتي ۽ لساني تبديليون آيون، جنهن ٻين فڪرن سان گڏ قوميت جي فڪر کي پڻ هٿي ڏني: سياسي ماحول تي اُٿندڙ انهيءَ دونهي سڄو وايومنڊل ڪارائي ڇڏيو. شاهہ لطيف جا پارکو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جا سڄڻ پنهنجو اباڻو ديس ڇڏي پرديس هليا ويا، جنهن سبب سنڌي ادب ۾ وڏو خال پيدا ٿيو، جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ مرد ليکڪن سان گڏ عورت ليکڪائون بہ ادبي ميدان ۾ اڳتي وڌي آيون، انهن سڀني گڏجي مختلف رسالن، جريدن ۽ مخزنن جو اجراءُ ڪيو، بقول تنوير عباسي جي تہ "ملڪ، قوم توڙي سماج ۾ تڪڙيون تڪڙيون تبديلون اچن ٿيون، لن ۾ ثقافتي تبديليون پڻ اچن ٿيون. اهڙي طرح اها قوم توڙي سماج ارتقا جا ڏاڪا تڪا طئہ ڪن ٿا، اديب ۽ ڏاها ان تبديليءَ جي ذهني رهنمائي ڪن ٿا." (شاهہ لطيف جي شاعري، تنوير عباسي، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1985ع، ص 55).

ان سلسلي ۾ عورت اديبائن ۾ سڀ کان پهرين وک بيگم زينت عبدالله کنئي، جنهن "مارئي" نالي سان رسالو ڪڍيو، ۽ پاڻ ان جي پهرين ايڊيٽر ٿي، ان کان پوءِ بيگم خديجہ دائودپوٽا "اديون" جي نالي سان رسالو ڪڍيو، ٽيون رسالو "سوجهرو" هو، جنهن جي ايڊيٽر گل بانو سلطان هئي، انهن رسالن عورت ليکڪائن کي پنهنجي تخليقي جوهر پيش ڪرڻ لاءِ مضبوط پليٽ فارم مهيا ڪيو. ورهاڱي بعد جن عورتن سنڌي ادب ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو، خاص طور تي افسانوي ادب ۾ سندن تخليق ڪيل ڪردار ڪيتريقدر پنهنجي تهذيبي، ثقافتي ۽ لساني حالتن جي عڪاسي ۾ موثر رهيو ۽ انهن ۾

مجاهد حسين سولنگي



# مفتون هزارين

تارا، شمس، قمر ۽ مفتون هزارين قربان ڪندڙ، پنهنجي دور جو عالم، بزرگ ۽ برک شاعر مولانا عبدالغفور 'مفتون' همايوني جي والد جو نالو محمد يعقوب پيچوهو هو. پاڻ اصل بلوچستان جو هو، پر غازي خان سومري جي فرمائش تي ڳوٺ همايون ۾ مدرسو قائم ڪري رهڻ لڳو. همايون ڳوٺ جي نالي پٺيان همايوني سڏجڻ ۾ آيو، پاڻ ڪيترين ئي ٻولين جو ڄاڻو هو. غزل ۽ ڪافين جو مجموعو 'ديوان مفتون' موجود آهي. همايوني جو سڄو ئي ڪلام بي بها فني ۽ فڪري پختگين سان سرشار آهي، پر پاڻ هڪ عدد هيٺ ڏنل ڪافي سرجي جنهن جي مقبوليت جو اندازو نہ ٿو لڳائي سگهجي ڇاڪاڻ تہ جڏهن ريڊيو پاڪستان خيرپور جي اسٽوڊيو مان ڪافي هلندي آهي تہ ماڻهن جي دلين کي مُندي چڙهي ٿي.

هڪ ڳالھ ٻڌائيندو هلان تہ جڏهن اسان ننڍا هوندا هئاسين تہ اسان جو استاد علي ڏنو سولنگي فائينل اديب سنڌي (سلور ميڊل) راڳ جي راڻي عابده پروين سان ڳائيندو بہ هلندو هو ڪنڌ بہ هڻندو هو، جڏهن ڪافي پوري ٿيندي هئي تہ آخر ۾ همايوني صاحب جي منڪوره ڪافي ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي مدح بابت ضرور اظهار ڪندو هو تہ 'سنڌي ادب ۾ هي بہ تخيل مرڻا ئي نہ آهن.'

سو سائين علي ڏني سولنگي جي ڳالھ وانگر جڏهن هاڻي ان جو اڀياس ڪجي ٿو تہ سچ پچ همايوني صاحب جي فن ۽ پختگي جي حد نہ آهي. ان دور کان وٺي موجوده دور تائين مفتون ٽيل ڪيترن ئي شاعرن نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر همايوني سان همسري نہ ڪري سگهيا آهن، البت سنڌن ڪلام تہ رسيلو ۽ ڳٽڪي جي سحرانگيزيءَ سان ٽمٽار آهي. پيو تہ اڄ تائين اهو فيصلو بہ نہ ٿي سگهيو آهي تہ اهو تخيل گهاڙيٽي جي لحاظ کان ڪافي، غزل يا نعت آهي. منهنجو منڪوره استاد علي ڏنو سولنگي تہ سدائين ڪافي چوندو هو. باقي علم عروض جو ماهر عبدالقيوم 'صائب' غزل جي لحاظ کان تقطيع ڪندي لکي ٿو تہ 'بحر متدارڪ مخبون مضاعف (سورهن رڪني) ۾ وزن: فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن. (صائب: عروض جا اهڃاڻ: ص 255/254: 2013) جڏهن تہ مخدوم طالب المولا ڪتاب ڪافي ۾ حڪيم سيد عبدالغفار شاھ راشدي جي مضمون تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي لکيو آهي تہ: 'مولانا صاحب جي ڪافي نہ بلڪ غزل آهي' (مخدوم: ڪافي: ص 51: 2014ع) نوجوان محقق ڊاڪٽر الوسايو سومرو وري صنفي درجابنديءَ جي لحاظ کان مولود جو مطلب وٺي ٿو ۽ هن غزليہ تخيل کي نعتيہ شاعري ڪوٺيندي لکي ٿو تہ: "مولانا امروٽي جي هڪڙي مولود مان ائين لڳي ٿو تہ مٿس مولانا عبدالغفور همايونيءَ جو اثر هجي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ مولانا همايونيءَ جي هڪ مشهور نعتيہ ڪلام جي تتبع ۾ هيءُ مولود چوي ٿو." (سومرو: خانقاھ پرچوندي شريف جي ادبي تاريخ: ص 244: 2015ع)

منهنجي سمجھ مطابق سومرو صاحب صنفي درجا بندي ڪرڻ وقت ڪجھ غور فڪر ڪري ها تہ بهتر هو ۽ جلدي ٻنهي عالمن جي غزلن/ ڪافين (غزل نما ڪافي) کي مولود نہ چوي ها. جڏهن تہ محمود شاھ بخاري پنهنجي ڪتاب 'آزادي جو امام' ۾ منڪوره ڪلام غزل جي حصي ۾ ڏنو آهي. مولانا عبدالغفور همايونيءَ بظاهر 21 جون 1918ع تي وفات ڪئي آهي پر سندس علمي ادبي خدمتن باعث عوام ۽ سنڌي ادب جي سيني ۾ هميشہ زنده رهندو.

ڪافي صنف جي فن ۽ تاريخ بابت ڪافي حد تائين تحقيق ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ هيٺيون اشاعتون قابل

تون چئو م ڪچان، تون چئو م لچان، پر تو ڪان هڪڙي ڳالهه پچان،
تون ڪنهن ڪنهن ڪي خاموشي ڪندين، اعلان هزاين مان نہ رڳو.
هيءُ دور "اياز" گذرڻو آ، ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ،
ڪو پارڻ نيٺ تہ ڀرڻو آ، امڪان هزارين مان نہ رڳو.

شاهه محمد "ثاقب" منگي ولد علي نواز منگي 01 فيبروري 1930ع ۾ پيدا ٿيو. تعليم حاصل ڪرڻ بعد استاد مقرر ٿيو، ترقي ڪري مختلف عهدا ماڻيائين. شاهه محمد ثاقب منگيءَ کي علم، ادب، موسيقي ۽ اداڪاريءَ سان ڏاڍو شوق هوندو هو، پاڻ ڪافيءَ جي صنف تي گهري دسترس رکندو هو. (هڪڙو: شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو: ص 374: 2009ع) مولانا عبدالغفور همايوني جي منڪوره ڪافيءَ جو تتبع ڪندي خوبصورت لفظن ۾ پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن، جنهن مان سندس ڪافيءَ بابت پختي مشق گوئي ثابت ٿئي ٿي.

تنهنجي ديد جي عيد سعيد ڪيا سلطان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي سونهن جي روح ورونهن سندا غلطان هزارين مان نہ رڳو.
ڪيئي گهايل تنهنجي گهور سندا، ڪيئي عارف عبد غفور سندا،
مد مست شراب طهور سندا، مستان هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي جلوي جوت جمال ڪيا، رخ روشن خد خال ڪيا،
تنهنجي نينهن نجيب نهال ڪيا، سلمان هزارين مان نہ رڳو.
اي جاني تنهنجي جود سخا، سڀ ڪنهن تي روا آ صبح مسا،
منصور شمس تبريز تہ چا صنعان هزارين مان نہ رڳو.
اي روح ڪل تزئين زمن اي نور اول مختار عدن،
تنهنجي مدح ۾ "ثاقب" ڪيئي مگن، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

(هَڪڙو: شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو: ص 375: 2009ع).

غلام علي مخمور ولد محمد حيات 1906ع ڌاري شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. تعليم پوري ڪرڻ بعد سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو، مخمور صاحب سٺو نثر نويس هجڻ سان گڏ پلو شاعر بہ هو. پاڻ مولانا همايوني جي مشهور ڪافيءَ "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا" جي وزن بحر ۽ تخيل جو تتبع ڪندي بهترين طبع آزمائي ڪئي آهي.

در تنهنجي گدا ڏينهن رات سدا، سلطان هزارين مان چاهيان.
مفتون لکين ڪاڪل تي ٿيا قربان هزارين مان چاهيان.
تون نور منور نور خدا، سلطان زمن محبوب خدا،
هن حسن تجليءَ تيز ڪيا مستان هزارين مان چاهيان.
محبوب زليخا سان نسبت هو عڪس تنهنجي تصور جو آ،
هن صورت زيبا خون ڪيا ارمان هزارين مان چاهيان.
آ چاٽ لڳي الفت جي جنهن مدهوش سدا ديوان رهن،
حيران پريشان حال زبون حيران هزارين مان چاهيان.

مخمور ڪيا هڪڙي نگہ مخمور سوين مخمور رهن.
هن صبح مسا هو در تي پيا ديوان هزارين مان چاهيان.

(هَڪڙو: شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو:ص 275: 2009ع).

لطف الله بدوي ولد امام بخش ’خادم‘ 4 جولاءِ 1904ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. هو تعليم پوري ڪرڻ بعد تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان گهڙيو. پاڻ مجيل نثر نويس ۽ پختو شاعر ٿي گذريو آهي، سندس تخلص جوڳي، لطف بدوي رهيس. مفتون همايوني جي ڪافي جو نقل نهايت دلڪش پيرا ۾ ڪيو آهي.

تنهنجي حسن جهان افروز مٿي، حيران هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي نقش قدم تي سجده ڪنان، قربان هزارين مان نہ رڳو.
تون روز ازل جو راز نهان، تنهنجي نانءُ سندو مشتاق جهان،
تنهنجي قدسي ذات صفات مٿان، ناز ان هزارين مان نہ رڳو.
اي صاحبِ حسن جميل الشيم، تنهنجي دست ڪرم ۾ لوح و قلم،
تنهنجي لطف سندا ارباب هم، نگران هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي ذات جڏهن ٿي جلوي نما، هر ذري پڙهيو صل عليٰ،
هي ارض و سما، هي خلق خدا، خواهان هزارين مان نہ رڳو.
جي صرف ڪريان هيءُ عمر سڄي، تعريف لکان مان ڪين رُڄي،
هي بحر عميق ۽ فصيح لڄي، غلطان هزارين مان نہ رڳو.
هي ذڪر جميل آ ’لطف‘ لکيو آ هجر ۾ جنهن جو حال ڏکيو،
هي ڪين فقط پروانو ٿيو، مستان هزارين مان نہ رڳو.

(هَڪڙو: شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو: ص 269: 2009ع).

آغا غلام نبي ”صوفي“ ولد آغا گل حسن جو جنم 13 سيپٽمبر 1889ع تي شڪارپور ۾ ٿيو، بنيادي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪرڻ بعد سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي پڙهڻ لاءِ ويو. ڊاڪٽر هڪڙو صاحب لکي ٿو تہ: ”آغا صوفي پنهنجي دور جي وڏن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هُو مئٽرڪ جي امتحان ۾ سنڌي مضمون جا پيپر نثر بدران نظم ۾ ڏيندو هو. آغا صوفي جي شاعريءَ ۾ فني ۽ فڪري سنائي اعليٰ پايي جي آهي. صوفي صاحب، مولانا همايوني جي ڪافيءَ ”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا“ جو تتبع بہ تمام خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي، جيڪا پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ ڪامياب شاعر جي نشاني محسوس ٿئي ٿي.

تنهنجي زلف جي سياه خط خال مٿان، قربان سوين هڪ مان نہ مٺا،
هڪ زلف اوهان جي ماه لقا، ڪيا خادم خاقان شاهہ گدا.
تنهنجي در تي دارا دلربا، دربان سوين هڪ مان نہ مٺا،
ٿا لات پکي ڏينهن رات لنون، تنهنجي ساراه ملڪ بہ ملڪ چون،
تنهنجي در تي نادر نائڪ نِوَنِ، ٿا خان سوين هڪ مان نہ مٺا.
تنهنجا عين مثل الماس پٺي، سڌ سونهن سندي هر سوءِ پئي،
تنهنجي الفت جا ٿا ڪن ڪيئي، ارمان سوين هڪ ما نہ مٺا.
ڪيئي محبت ملهہ خريد ڪيا، ڪيئي پاڪ پريت پليد ڪيا،

تنهنجي ديدن مست مريد ڪيا، سلطان سوين هڪ مان نہ مٺا.
ڪئي آه آغا خوب ثنا، وڄ هوت اڳيان پڙهہ باڍِ صبا،
ڪن مفت اوهان جي صلِ اعليٰ، انسان سوين هڪ مان نہ مٺا.

(هَڪڙو: شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو: ص 218/217: 2009ع).

مير علي نواز علويءَ جا وڏا ڪلهوڙا دور ۾ افغانستان مان لڏي اچي شڪارپور ۾ رهڻ لڳا. ميرعلي نواز علوي اعليٰ پايي جو حڪيم، اديب، شاعر، فارسي، عربي ۽ مادري زبان سنڌيءَ تي مڪمل دسترس رکندڙ عالم هو. سنڌس ڪيترين ئي تصنيفون آهن. علوي صاحب بہ مولانا همايونيءَ جي ڪافيءَ جو تتبع ڪيو آهي، جيڪو پنهنجيءَ جاءِ تي دلپذير آهي.

تنهنجي حسن سجڻ حيران ڪيا، انسان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي شان برابر شاهہ نہ ڪو، تنهنجي سونهن سندو مٽ ملہ نہ ڪو.
تنهنجي خيال ڪان خالي ساهہ نہ ڪو، خواهان هزارين مان نہ رڳو،
قرآن سراسر شان تنهنجو، آهي واصف خود رحمان تنهنجو.
پيو ڪهڙو ڪري تہ بيان تنهنجو، حيران هزارين مان نہ رڳو
ٻڌا جاني جن ڪلام تنهنجا، ڪن سهسين سڪ مان سلام تنهنجا.
ٿيا حلقہ بگوش غلام تنهنجا، سلطان هزارين مان نہ رڳو
تنهنجا مادح ميڪائيل جهڙا، ڪيئي عاشق اسرافيل جهڙا.
تنهنجي در تي جبرائيل جهڙا، دربان هزارين مان نہ رڳو،
تو تان پاڻ فدا ڪن شاهہ گدا، ريءَ ناٿي ڀانها ٻول ٻڌا.
ٿيا خادم تنهنجي خلق سندا، خاقان هزارين مان نہ رڳو.
ناهي 'علوي' هڪ مفتون تنهنجو، آهي عالم سڀ ممنون تنهنجو.
ٿيو جاني جڳ مرهون تنهنجو، خواهان هزارين مان نہ رڳو.

(هَڪڙو: شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو: ص 217: 2009ع).

الحاج رحيم بخش 'قمر' لاکو، اباڻي ڳوٺ عمر راهو تعلقي دولت پور ضلعي نوابشاهہ ۾ 1933ع ڌاري ڄمر ورتو ۽ وفات 27 نومبر 1993ع ۾ ٿي. پاڻ سڄي عمر ديناري ۽ پيش نمازيءَ ۾ گذاري. الحاج صاحب ڪيترائي نظم ۽ نثر ۾ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي جهولي ۾ وڌا آهن. پاڻ پلوڙ شاعر هو، مولانا همايوني جي مشهور ڪافي "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا" جو تتبع بہ لاجواب پيرائي ۾ ڪيو آهي. ڪلام هيٺ ڏجي ٿو:

تنهنجي مست نظر، بيخبر ڪيا، مخمور هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي زلف اسير، ڪثير ڪيا، مجبور هزارين مان نہ رڳو. (الحاج رحيم بخش 'قمر'- سيرت محمدﷺ: ص 104:) مٿين ڪافيءَ جو صرف بند ملي سگهيو آهي.

## ڪافي 2.

تنهنجي مست اکين مخمور سڄڻ، ڪي مست ڪيا، ڪي مريد ڪيا،
گهاٽي گهوٽ گهٽا تنهنجي گهور سڄڻ، ڪي مست ڪيا ڪي مريد ڪيا.
تنهنجي صورت تي سج، چنڊ فدا، تنهنجي مرڪ تي ٽيڙو منڊ فدا،

تنهنجي نيڻ جي نت نور سِڄڻ، ڪي مست ڪيا ڪي مريد ڪيا.
تنهنجو جوڙ نہ جڳ ۾ رب جو قسم، لب تنهنجا گلاب جي گل کان اتم،
تنهنجي زلفن جي ڪستور سِڄڻ، ڪي مست ڪيا ڪي مريد ڪيا.
تنهنجي نينهن ڪيا نروار لڪين، تنهنجي ناز و ادا تان نثار لکين،
تنهنجي سونهن، سخا ۽ سُرور سِڄڻ، ڪي مست ڪيا ڪي مريد ڪيا.
توتي ملڪ سڄو مستان پرين، توتان لاکو 'قمر' قربان پروين.
تنهنجي محفل جي منڪور سِڄڻ، ڪي مست ڪيا ڪي مريد ڪيا.

(الحاج رحيم بخش 'قمر': ڪٽي نيڻ خمار مان: ص 50)

اسان مٿي سنڌي ادب جي 12 ناليوارن شاعرن جون ڪافيون جيڪي ڳاٽڪي ۽ فڪر جي لحاظ کان مولانا عبدالغفور همايوني جي مشهور ڪافي 'تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا' جو تتبع آهن، سي پيش ڪيون آهن، پر مٿين مواد جي دستيابيءَ مان پڪ آهي تہ اجا ڪي صاحبِ ڪهنہ مشق عالم/شاعر ضرور هوندا جن مولانا همايوني جو تتبع ڪيو هوندو، پر مون کي وڌيڪ مواد نہ ملي سگهيو آهي. مٿي حاضر مواد مان واضح ٿئي ٿو تہ همايوني صاحب اعليٰ فڪر، فهم، پختگي رکندڙ سنڌي ادب جو ستارو هو، جنهن جي فن ۽ فڪر تي سنڌ جو ايندڙ نسل بہ ناز ڪندو رهندو.

## حوالا:


1. صائب، عبدالقيوم: عروض جا اهڃاڻ: سنڌي ساهت گهر 2013ع
2. مخدوم، محمد زمان طالب المولا: ڪافي: هالا، طالب المولا اڪيڊمي 2014ع
3. الطاف اثيم، مرتب: ساعت راهہ نهاريان- سخي صالح شاهہ جو ڪلام: ص 54: ناريجا پريس دادو سال نہ آهي.
4. بخاري، محمود شاهہ، ڊاڪٽر: آزاديءَ جو امام: ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي 2016ع
5. سومرو، الهوسايو، ڊاڪٽر: خانقاهہ پرچوندي شريف جي ادبي تاريخ: پرچوندي شريف، حافظ الملت اڪيڊمي 2015ع.
6. حامي، عطا محمد، ڊاڪٽر: مرتب، ڪلياتِ ناز: مختلف صفحا: ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ 1988ع).
7. شوق، نوازعلي، ڊاڪٽر: سخي قبول محمد ٻئي جي سلسلي جا شاعر: سرمست 14: خيرپور، سچل سرمست يادگار 1994ع.
8. آريسر عبدالواحد: مضمون: مهراڻ، شيخ اياز نمبر: ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ 2005ع.
9. هَڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر: شڪارپور شهر جو ادب ۾ حصو: ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 2009ع.
10. ڪٽي نيڻ خمار مان/سيرت حمدؐ: الحاج رحيم بخش 'قمر': شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي.

رسول بخش ٻگهيو



# گچيرو: سنڌ جو قديم شهر

سنڌ جو قديم ۽ تاريخي شهر گچيرو هڪ اهم تاريخي ماڳ آهي، جنهن کي گهڻو ڪري تاريخ جي ورقن ۾ وساريو ويو آهي. هن شهر جو مختصر احوال، تاريخ معصومي، تحفة الڪرام وغيره ۾ ملي ٿو. مون (راقم) کي ڪافي وقت کان شوق پئي رهيو ته پنهنجي جنم ڀومي، تي قلم کڻان ۽ پنهنجي ڄاڻ مطابق گچيري شهر تي چند سٽون قلمبند ڪريان. جيتوڻيڪ 84-1983ع ڌاري هن ماڳ (گچيري) تي مون ڪافي مواد پنهنجي بزرگ محقق ڊاڪٽر حامد علي خانائي، کي گچيري تي تحقيقي مقالي لکڻ دوران ڏنو هو. ڊاڪٽر صاحب اهو تحقيقي مقالو سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيندڙ ٽماهي 'مهراڻ' رسالي نمبر 4/ 1984ع ۾ ڇپرايو هو. ليڪن ادب ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ ڪن دوستن جي حڪم تي، وڏڙن کان ٻڌل ۽ سيني ۾ سانڍيل تاريخي سرمايو، تاريخ جي روشني، ۾ پيش ڪرڻ، پنهنجو فرض سمجهندي ڪن تاريخي حوالن ۽ اشارن سان جيڪو به گچيري متعلق مواد آهي، سو تاريخ جي شائقين، سنڌ جي تاريخ سان محبت رکندڙ سڄڻن ۽ پنهنجي نئين نسل جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو.

گچيري جو قديم ۽ تاريخي شهر هاڻوڪي ضلعي نوشهري فيروز ۽ تعلقي موري جي ڏکڻ-اولهه ڪنڊ تي پنجن ميلن (8 ڪلوميٽرن) جي مفاصلي تي هڪ وڏي دڙي (يعني مٽانهين پٽ) تي آباد آهي. گچيري شهر کان اوير طرف اٽڪل ٽن ميلن جي مفاصلي تي سؤ سوا سال اڳ هڪ "نئون گچيرو" جي نالي سان ڳوٺ قائم ڪيو ويو، انڪري ان وقت کان وٺي هن قديم ۽ اصل ڳوٺ گچيرو کي "پراڻو گچيرو" (Old Gachero) سڏيو ۽ لکيو ويو.

**گچيري تي اهو نالو ڪيئن پيو:**

ڪن تاريخدانن گچيري جي بگڙيل صورت 'ڪچيرو' ٻڌائي آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ ته هي، شهر ڪڇي جي علائقي ۾ آهي ۽ ٻيو دليل اهو ٿا ڏين ته انگريزن جي دور ۾ گچيري شهر جي ڏکڻ ۾ موچين جي پاڙي واري مسجد شريف جي پرسان هڪ پٿر تي انگريزي، ۾ ڪچيرو لکيل آهي.

جيستائين ڪڇي جي علائقي کي سبب ٻڌايو وڃي ته پوءِ قديم دور ۾ سڀ وڏا شهر درياه جي ڪناري تي هئا، انڪري سيني کي ڪچيرو ٿي لکيو وڃي؟ ٻيو دليل جيڪو انگريزن جي دور جو ڏنو وڃي ٿو ته ڏٺو وڃي ته ٻي، شهر گچيرو انگريزن کان گهڻو وقت اڳ به گچيري، گجري ۽ گچيري جي نالي سان مشهور هو. باقي انگريزي، ۾ ڪچيرو لکڻ جو سبب انگريزي، ۾ حرف (جي G) وڏي کي 'سي C' اکر ڪم آڻي سگهجي ٿو. ڏهين صدي هجري، جي مؤرخ مير محمد بکري، پنهنجي تاريخي ڪتاب تاريخ معصومي، کي هن شهر کي گچرو ۽ گچيرو ٿي لکيو آهي، انڪري گچيري جو نالو ڪچيري جي بگڙيل صورت واري ڳالهه غلط سمجهڻ گهرجي.

گچيري جي ان نالي پوڻ جي بحث کي اڳتي وڌائيندي سنڌ جي تاريخ جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا اصل قديم ۽ اهم شهر ۽ قلعا ۽ ڪوٽ گهڻو ڪري سنڌو درياه جي ڪنارن تي ئي آباد هوندا هئا، انهن جي آبادي، جو سڀ کان وڏو سبب اهو هو جو هن هنڌ ڪو شهر يا واهڻ آباد ڪيو ويندو هو ته ان لاءِ پهريائين اهو ڏٺو ويندو هو ته اها جاءِ يا هنڌ ۽ ان جي آسپاس وارو علائقو زرخيز ۽ شاداب هجي، جتي انساني گهرجن جون سڀ شيون آساني، سان ملي سگهن ۽ ساڳئي وقت آمدورفت ۽ وڻج واپار جا ذريعا

ڪوٽيندي هڪ ڪوهه ظاهر ٿيو هو، جنهن جي اڏاوت ۽ جوڙجڪ مُهن (موئن) جي دڙي مان ظاهر ٿيل ڪوهه جهڙي هئي. ان ڪوهه جو ذڪر ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ پڻ ساڳئي طرح سان ڪيو آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته گڇيري جي تهذيب ۽ ثقافت، موئن جي دڙي جي تهذيب ۽ ثقافت جي همعصر آهي. (ڏسو نواب شاهه شهر ۽ شخصيتون- ڊاڪٽر حامد علي خانائي) ڊاڪٽر خانائي وڌيڪ لکيو آهي ته: ”قديم دور ۾ گڇيري ۾ ٻگهيا ۽ لوهاڻا رهندا هئا.“

اڄ به هن شهر ۽ ان جي آسپاس ۾ ٻگهيا قبيلو اڪثريت ۾ رهي ٿو ۽ جهڙي طرح قديم دور ۾ هن پرڳڻي جا وارث ٻگهيا قبيلو هو. اهڙي طرح هن وقت به ٻگهيا قبيلو ئي پوري علائقي ۾ اڪثريت ۽ وارثي رکي ٿو. هيءُ علائقو قديم دور ۾ نهايت خوشحال ۽ آسودو هوندو هو، جنهن جو سبب هڪ درياهه جي ڪناري تي هو ۽ ٻيو ته گڇيري ۾ هڪ وڏو بندرگاهه پڻ هو، انڪري هيءُ علائقو ترقي يافته خطو هو ان وقت به هيءُ ٻگهيا رياست جي نالي سان مشهور هوندو هو.

**گڇيري ۾ شِوَ جو ميلو:**

قديم دور ۾ سنڌ جي وڏن ميلن مان گڇيري ۾ شِوَ جو ميلو پڻ هڪ هو جيڪو گڏيل هندستان تائين مسلسل لڳندو ايندو هو ليڪن ورهاڱي کان پوءِ هيءُ ميلو ختم ٿي ويو ڇاڪاڻ ته هتان جا هندو جيڪي وڏا سيٺيون هئا، اهي لڏي هندستان هليا ويا ته ڪي وڏن شهرن ۾ وڃي ويٺا. سنڌ ۾ شِوَ جي پوڄا آرين جي آمد کان به اڳ ٿيندي هئي، رگويد جي زماني ۾ به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اهو سلسلو جاري رهيو. رگويد ۾ شِوَ جو ذڪر (ردرا) جي نالي سان موجود آهي. شِوَ لاءِ اهو به مشهور آهي ته هن اشورن سان وڙهي انهن جا ٽي مضبوط قلعا به فتح ڪيا هئا. ابن حنيف لکي ٿو ته: شِوَ پرست پنهنجي هن ديوتا کي سڀني ديوتائن کان عظيم ترين ڪري مڃيندا آهن. مهاڀارت ۾ ڪيترين جڳهين تي شِوَ کي سڀ کان وڏو ديوتا ڇيو ويو آهي. ان مان ظاهر آهي ته شِوَ کي سڀني ديوتائن ۾ فوقيت ڏيٺي پوندي هئي.

گڇيري ڍنڍ (درياهه) جي ڪناري تي شِوَ جو مندر ۽ ڪوٽ هوندو هو، ڍنڍ (درياهه) جون ڇوليون، مندر جي ڏاڪڻ کي پسائينديون هيون. حالانڪ مندر ڍنڍ جي سطح کان پنجاهه فوٽ مٿي هو، (اوائلي دور ۾) مندر جي سامهون لوهر طرف ڪڇهيري ڍنڍ (گڇيري جي ڍنڍ) جي ڪناري تي (ڪنڌارتي) ياترن ايندڙن لاءِ غسل خانا، مسافر خانا، مردن عورتن لاءِ الڳ الڳ جوڙيل هوندا هئا. ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ جي مصنف پڻ مان ڪڇهيري کي حاشيي ۾ ڪينجهر لکي ويو آهي، جيڪا ڳالهه سراسر غلط آهي. هڪ ته ان مندر، ڪوٽ ۽ مسافر خانا، غسل خانا ۽ وغيره مندر جي اوير ۾ اڄ به گڇيري ڍنڍ جي ڪپ تي موجود آهن ۽ هڪ ڪوهه پڻ هوندو هو، جيڪو ٽيهه سال کن اڳ ختم ٿي چڪو آهي. هن مندر ۾ هڪ مڙهي ۽ ٻلٿو به رهندو هو. حيدرآباد دکن (هندستان) جي هڪ ليکڪ عبدالحليم شرر اڄ کان هڪ سو ڏهه سال اڳ سنڌ جي تاريخ تي هڪ ڪتاب ڇپايو جنهن ۾ هن ڪڇهيري مان مراد گڇيري ورتي آهي، ڇو ته اصل ڪتاب عربي هئڻ ڪري جيئن ته عربيءَ ۾ گاف (گ) نه آهي، انڪري ان کي ڪڇهيري ڪري لکيو ويو آهي ليڪن عبدالحليم شرر صاحب ڪڇهيري کي سڌو سنئون گڇيري ڍنڍ ڪري لکيو آهي.

**اسلامي لشڪر جو ٺٽيءَ کان درياهه ٽپي گڇيرو فتح ڪرڻ:**

خليفي وليد بن عبدالملڪ جي دور ۾ حجاج بن يوسف جي طرفان محمد بن قاسم ثقفيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ اسلامي لشڪر سنڌ ڏانهن موڪلڻ ۽ ان لشڪر جو سيوهڻ فتح ڪرڻ بعد ٺٽيءَ کان درياهه ٽپي گڇيرو فتح ڪري لروڙ ڏانهن پيشقدمي ڪرڻ جو ذڪر، مختلف تاريخن جي حوالن سان، جن کي تاريخدانن بحث جو موضوع بنائي ڇڏيو آهي، جي ڇنڊڇاڻ ۽ اصل حقيقت عرض رکجي ٿي.

**ڀمريان هڪ رستي (شاهراهه) جي وضاحت:**

”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ جو ليکڪ اشتياق انصاري لکي ٿو ته: ”ايم.ايڇ پنهور سنڌ جي اوائلي رستن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته هڪ رستو ڪاشغر

ثقفيءَ جي هٿ ۾ هئي ڇاڪاڻ ته محمد بن قاسم ڪنهن خاص ڪم جي ڪري پوئتي رهجي ويو هو. لڙائي ٿي ۽ راجا ڏاهر جي فوج عربن جي حملي جو تاب سهي نه سگهي ۽ پوئتي ڀڄڻ لڳي. ان ڀاڄ ۾ شهزادي جي گهوڙي جي واڳ هٿ مان ڇڏائجي ويئي ۽ گهوڙي شهزادي کي زمين تي ڪيرايو ۽ عرب فوج ان کي ماري ڇڏيو. اها حالت ڏسي ڏاهر جي فوج ميدان خالي ڪري ويئي. عبدالله بن علي ثقفيءَ ان فتح جي خبر محمد بن قاسم کي ٻڌائي، جنهن وري حجاج بن يوسف ڏانهن موڪلي (تاريخ سنڌ از سيد سليمان ندوي- سنڌيڪار: محمد اسماعيل پناڻ).

سيد سليمان ندوي هن بيان ۾ سنڌو لکيو آهي ته عربن جو لشڪر سيوهڻ فتح ڪرڻ بعد درياهه پٽ (تلتي) کان ٽپيو آهي. درياهه ٽپڻ بعد راجا ڏاهر جي فوج سان لڙائي ٿي ۽ رستي ۾ هڪ ڍنڍ هئي، جنهن جو نالو ڪچيري ڍنڍ هو. ان ڍنڍ کي ندوي صاحب حاشيي ۾ ڪينجهر ڍنڍ لکيو آهي جڏهن ته ڪينجهر ڍنڍ سيوهڻ پٽ يا تلتيءَ ۾ آهي ئي ڪانه، ڪينجهر ڍنڍ ٺٽي ضلعي ۾ آهي، انڪري سيد سليمان ندويءَ جو ڪڇيري ڍنڍ کي ڪينجهر ڍنڍ سمجهڻ غلط آهي جو ته عبدالحليم شرر پنهنجي ڪتاب "تاريخ سنڌ" ۾ ڪڇيري ڍنڍ کي بريڪيٽ ۾ (ڳچيري ڍنڍ) لکيو آهي جيڪا ڳالهه درست آهي. باقي جيڪو "جهم" جي دروازي واري رستي ڏانهن سليمان ندوي اشارو ڪيو آهي، ته تلتيءَ کان جهم علائقو ته ڪنهن تاريخ ۾ نه ڄاڻايو ويو آهي، پر جيڪڏهن هوندو ته اهو هن وقت ظاهر نه آهي، باقي تاريخ ۾ "راور" رستو يا "اڳهم رستو" سنڌ جي ڪوٽن ۽ قلعن واري ڪتاب مان ملي ٿو ۽ اڳهم رستي جي دروازي جي بجاءِ جهم رستي جي دروازي وٽ پهچڻ ٿي سگهي ٿو، جيڪو اڳهم جي بگڙيل صورت ٿي سمجهي وڃي. اهڙي طرح جيڪڏهن چچنامي يا ٻئي ڪنهن تاريخي ڪتاب ۾ لکيو ويو آهي ته اسلامي لشڪر جهم جي گهيڙ يا ڪينجهر ڍنڍ کان ٽپيو آهي ته اهو سراسر غلط آهي. اشتياق انصاريءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا" ۾ لکيو آهي ته:

"محمد بن قاسم (سيوهڻ فتح ڪرڻ بعد) گهڻ تاڙيندي جهم جي علائقي ۾ پهتو، اهو جهم وارو پيس جنهن جو گنبذ روهڙيءَ ۾ نظر اچي ٿو ۽ ننيڙي ٻيٽ تي آهي، پر تن ڏينهن ۾ درياهه اتان نه وهندو هو." انصاري صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: "ڪيترن تاريخدانن مٿين ٻيٽ واري هنڌ کي غلط ٻڌايو آهي. ڇو ته انهن ڏينهن ۾ درياهه اتان يعني جهم کان ڪو نه وهندو هو." انصاري صاحب ساڳئي صفحي 308 تي لکي ٿو ته: "تاريخ معصوميءَ جي حوالي سان محمد بن قاسم تلتيءَ جي سامهون درياهه پار ڪري الور تخت گاهه طرف روانو ٿيو هو ۽ راجا ڏاهر جي فوج ڳچيري ڍنڍ وٽ اسلامي لشڪر سان لڙائي ڪئي. آخرڪار راجا ڏاهر جي فوج ڀڄي وئي ۽ ڪيترا فوجي ٻڏي ويا." هي وڌيڪ لکي ٿو ته: "تاريخ معصومي جي حاشيي ۾ آهي ته قلمي نسخن ۾ لفظ "ڳجري"، "ڪجري"، "ڪجبري" ۽ "ڳچري" وغيره لکيل آهي، اسان جو خيال آهي ته جيڪڏهن محمد بن قاسم تلتيءَ کان درياهه پار ڪيو آهي ته ضرور ان هنڌ تي ڇانوڻي قائم ڪئي هوندائين جيڪا اڄڪلهه "ڳچيري" جي نالي سان مشهور آهي. مطلب ته "جهم" يا "ڪينجهر" وارو گمان غلط ٿي سمجهڻ گهرجي.

**سيوهڻ فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم کي حجاج بن يوسف جو خط پهچڻ:**

چچنامي ۾ اهو خط هن طرح ڏنل آهي:

"هيءُ مڪرم ۽ معظم خط حجاج بن يوسف جي طرفان زبردست امير عماد الدين محمد بن قاسم ڏانهن:

سلام بعد واضح هجي ته توهان مهراڻ (سنڌو) ٽپڻ ۽ راجا ڏاهر بن چچ سان لڙڻ جو ذڪر لکيو آهي، بيشڪ مون کي الهي تائيد ۾ اميد آهي ته- توهان فتحمند ۽ ڪامياب ٿيندؤ. جڏهن مهراڻ درياهه اڪرڻ چاهيو، تڏهن گهيڙ جي ڪناري کي جاچي ڏسجو ۽ نديءَ جي ٽپڻ جو انتظام پڪو رکجو ۽ انهي ملڪ جا جيڪي رهاڪو ٻيڙين تي هجن ٻهريائين تن کي پڪن انجامن سان پنهنجو مطيع ۽ مخلص بڻائجو ۽ انهن کي چڱيءَ طرح سڃاڻي پوءِ درياهه ٽپجو. (ص-

202 ۽ 203) صفحي 206 ۽ 207 تي لکيل آهي ته ”مهراڻ ٽپڻ ۽ جنگ ڪرڻ بابت اجازت طلب ڪيل آهي (تنهن لاءِ محمدبن قاسم کي)، حڪم ٿو ڪجي ته اهڙي جاءِ تان درياهه ٽپي جتي گپ چڪ نه هجي ۽ لشڪر کي تڪليف به نه پهچي (۽) پڻ ٻارهن ميلن تائين ٿي (جيڪي توهان لکيا آهن) مٿان کان هيٺ تائين پاڻيءَ جي ويڪر ۽ ديگهه جو نقشو ڪاغذ تي ڪڍي ڪناري ۽ گهٽ گهيڙ جو نشان ڪري اسان ڏانهن موڪلي.“

هن خط ۾ ٻارهن ميلن جو ذڪر ڪيل آهي ته اها ڳالهه به واضح ڪري ٿي ته:

اسلامي لشڪر سيوهڻ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ ٽلٽيءَ کان ئي درياهه ٽپيو آهي.

جاڪاڻ ته گچيري ڍنڍ ۽ ٽلٽي جي وچ وارو مفاصلو به ٻارهن ميل آهي. (راقم)

عزيز رانجهاڻي پنهنجي ڇپيل ڪتاب ”سنڌ جون ڍنڍون“ جي صفحي 98 تي لکي ٿو ته: ”دوآبو ڳوٺ جنهن جو ذڪر چچنامي ۾ به آهي سو دادو شهر کان ستن (7) ڪلوميٽرن جي فاصلي تي دادو- سيوهڻ شاهراهه تي آهي. دوآبو وٽان درياهه به درياهي ڪري وهندو هو جنهن ۾ هڪ وهڪرو سنڌ جي تاريخي شهر ۽ ڪلهوڙا دور جي تختگاهه خداآباد جي اوير ۾ وهندو هو ۽ هڪ پراڻ جو وهڪرو گچيري واري ڍنڍ ڏاهي ويو. هن ڍنڍ کي مير معصوم بکريءَ تاريخ معصوميءَ ۾ گچري ڍنڍ ڪري لکيو آهي. ان ڍنڍ جي ڏکڻ پاسي سنڌ ملڪ جي راجا ڏاهر هڪ قلعو تعمير ڪرايو هو، جنهن جي سنڀال جاسين شمني يا جاسنين شمني جي هٿ هيٺ هئي. سنڌ جي فتح وقت جڏهن اسلامي لشڪر ٽلٽيءَ کان درياهه پار ڪيو تڏهن ٻهرين ويڙهه قلعي جي محافظ جاسين شمني سان ٿي وڙهي ويئي. انهيءَ معرڪي بعد عرب فاتحن ڍنڍ تي ٻيڙين جي پل ٺهرائي، ان تان ٻئي پار ٽپيا. وقت جي وهڪري هيءَ ڍنڍ به پنهنجو وجود وڃائي چڪي آهي جو ته درياهه کي بند ٻڌي سوڙهو ڪيو ويو. پوءِ نه رهيا دوآبا ۽ نه انهن جي بدولت ٺهندڙ ڍنڍون. پر جڏهن هيءَ ڍنڍ آباد هئي ته هتي هر قسم جي مڇي، پکي ۽ ٻي آبي جيوت ٿيندي هئي، اڃان به هيءَ ڍنڍ علائقي جي وڏين ڍنڍن ۾ شمار ٿئي ٿي ۽ درياهه جي چاڙهه وارن ڏينهن ۾ ڀرجي ٿي. (ص- 98- سنڌ جون ڍنڍون-عزيز رانجهاڻي)

مٿين تاريخن جي حوالن ۽ ڇنڊڇاڻ بعد حقيقت هن طرح ٿيندي ته محمد بن قاسم جو اسلامي لشڪر عبدالله بن علي ثقفيءَ جي ڪمان هيٺ سيوهڻ فتح ڪرڻ بعد گچيري رياست کي فتح ڪرڻ جو رخ ڪيو ۽ ٽلٽيءَ کان درياهه ٽپي ٻهرين لڙائي گچيرو ڍنڍ جي ڏکڻ ۾ راجا ڏاهر جي طرفان هڪ قلعو ٺهرايل هو، جنهن جي سنڀال جاسين شمني جي حوالي هئي، ان سان ٿي، تنهن کان پوءِ ڍنڍ وٽ راسل ۽ جئي سنگهه سان ٿي ۽ گچيرو فتح ڪيو. ”تاريخ معصوميءَ“ جي مصنف لکيو آهي ته محمد بن قاسم سيوهڻ فتح ڪرڻ بعد شيخ شهاب الدين فاروقيءَ (حضرت سچل سرمست جو جد اعليٰ) کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪري ٽلٽيءَ کان درياهه پار ڪري گچيرو ڍنڍ وٽ اچي پهتي. راجا ڏاهر جو هيءَ هڪ مضبوط قلعو هو جتي ڪافي تعداد ۾ راجا جي فوج رهندي هئي. ٻنهي لشڪرن ۾ جتي جنگ لڳي، جنهن دوران راجا ڏاهر جي فوجي ڪمانڊر جو گهوڙو (منجنيقن جي ٺڪاڻن کان) ٽهيو ۽ ڪمانڊر سوڌو وڃي ڍنڍ ۾ ڪِريو ۽ پاڻيءَ ۾ ڳوپ ٿي ويو يعني ٻڏي ويو. اهو حال ڏسي راجا ڏاهر جي فوج ۾ ڀاڄ پئي ۽ ان ڀاڄ ۾ ڪافي فوجي به پاڻيءَ ۾ ڳوپ ٿي ويا. ان ڍنڍ واري حصي کي اڄڪلهه ”ڳوٺب“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو جا ڳوپ جي بگڙيل صورت آهي.

مولانا عبدالحليم شرر هندستان جو نامور مؤرخ ۽ ليکڪ ٿي گذريو آهي جو حيدرآباد دکن (هندستان) جو آهي، جنهن 1907ع ۾ ”تاريخ سنڌ“ ڪتاب لکيو، جنهن تي حيدرآباد دکن جي وزيراعظم ان وقت پنج هزار رپيا نقد انعام ڏنو هو. مولانا عبدالحليم شرر ان ۾ لکيو آهي ته سنڌ جي تاريخ سان فارسيءَ خواهه اردوءَ جي ليکڪن وڏو ظلم ڪيو آهي ۽ ڪافي غلطيون پڻ ڪيون آهن. هن لکيو آهي ته ”عربن جو لشڪر

عبدالله بن علي ثقفيءَ جي ڪمان هيٺ ٽلٽيءَ ڪان درياهه ٽپي گچيري ڍنڍ تي پهتو ۽ راجا ڏاهر جي فوج جنهن جي اڳواڻي خود راجا ڏاهر جو پٽ جئيسنگهه ڪري رهيو هو، ٻنهي لشڪرن ۾ ڇتي جنگ لڳي، جنهن ۾ جئيسنگهه جو گهوڙو (منجنيقن جي نڪائڻ ڪان) ٿهيو ۽ وڃي ڍنڍ ۾ ڪريو ۽ ڍنڍ ۾ ڳوپ ٿي ٻڏي مري ويو ۽ عرب فوج فتح ماڻي ۽ گچيري کي سيوهڻ سرڪار جي ماتحت رکيو ويو يعني شيخ شهاب الدين فاروقي جي حڪمرانيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. اڄ به اها جاءِ جتي جئيسنگهه ۽ ٻيو لشڪر ڳوپ ٿي ويو هو، اڃا تائين موجود آهي ليڪن هن عظيم يادگار "ڳوٽب" ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان نه آهي، جتي راجا ڏاهر جو پٽ ۽ ڪن روايتن ۾ ڪمانڊر ڳوپ ٿي ويو هو، هتان جا ماڻهو آهستي آهستي انهيءَ ڳوٽب ۽ سارې گچيرو ڍنڍ ۾ فصل ڪاهي هر سال ان کي مٽيءَ سان پرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اها صورتحال رهي ۽ ڪوبه ڌيان نه ڏنو ويو ته اهو تاريخي يادگار جلد ئي ختم ٿي ويندو ۽ تاريخ ۾ ان جو صرف نالو ئي وڃي رهندو.

علامه ڊاڪٽر عمربن محمد دائود پوٽو "تاريخ معصومي" جي صفحي 313 ۾ ان ڳالهه جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته: "اسان جو خيال آهي ته جيڪڏهن محمد بن قاسم ٽلٽيءَ ڪان درياهه ٽپيو آهي ته پوءِ ضرور انهيءَ جاءِ جي ويجهو چانوٽي هنئي هوندائين جا اڄڪلهه گچيري جي نالي سان مشهور آهي." انهيءَ ڳالهه جي تصديق احمد بن يحييٰ بن جابر البلاذريءَ پنهنجي تاليف "فتوح البلدان" جي صفحي 438 تي ڪئي آهي ته: (سيوستان (سيوهڻ) جي فتح ڪانپوءِ ان جي ويجهڙائيءَ ۾ (تاريخ معصومي مطابق گچيري ڪان) اچي مهراڻ ٽپو هو. "تاريخ يعقوبيءَ" اهڙي روايت بيان ڪئي آهي.

سنڌ جي نامور تاريخدان رحيم داد خان "مولائي شيدائي" پنهنجي جڳ مشهور تاريخ "جنت السنڌ" جي صفحي 106 جي حاشيي ۾ لکي ٿو ته: "چچنامي" ۾ لکيل آهي ته اسلامي لشڪر ساڪري وٽان درياهه عبور ڪيو هو، جو هينئر ميرپور ساڪرو سڏجي ٿو. تعجب آهي جو سيوهڻ پهچڻ ڪانپوءِ ڪيئن اسلامي لشڪر ساڪري ڏانهن موٽيو. (مولائي شيدائي)

ساڳئي وقت مولائي شيدائي لکي ٿو ته: "سنڌ جي اڳئين ڍنڍن مان خود چچ نامه ۾ گجري (گچيري) ڍنڍ جو ذڪر ٿيل آهي ۽ گچري ڍنڍ جي جنگ ڪانپوءِ الور جو رستو صاف ٿي ويو."

مولائي شيدائي "جنت السنڌ" جي صفحي 107 تي لکي ٿو ته: "راسل بن بسايا (وسايا) جي مدد سان اسلامي لشڪر گچيري جي ڍنڍ عبور ڪئي، جنهن جي پوئين ڪپ تي راجا ڏاهر جو لشڪر موجود هو. راجا ڏاهر جو وزير سيساگر جيڪو ان وقت وزير ٻتيمان جي عهدي تي مامور هو، تنهن راجا ڏاهر کي پڪ ڏني ته فتح اسان جي ٿيندي. ليڪن اسلامي لشڪر جي ڪاميابي ٿي، ۽ الور جو رستو صاف ٿي ويو."

مختلف تاريخن ۾ گچيري کي گجري، گجريه ڪجري، ڪچري جي نالي سان لکيو ويو آهي جيڪو گچيرو يا گچيري شهر جو اصل ۽ قديم نالو پئي رهيو آهي ۽ اها صورت بدلبي بدلبي گچيرو ۽ گچيري ٿي وئي. هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب "Antiquities of sindh" جي صفحي 20 تي هن ڍنڍ جو نالو گوچري ۽ گوجري لکيو آهي جو بعد ۾ گوچري مان گچيري، گچيره ۽ گچيرو بڻجي ويو. ان ڪان سواءِ خود چچنامي ۾ ڪنجري ۽ گجري ڍنڍ کي ڪينجهر ڍنڍ ڪري لکيو آهي، جنهن جي پڻ مٿي تاريخدانن وضاحت ڪئي آهي ته ڪينجهر ڍنڍ سنڌ جي هيٺين حصي لاڙ ۾ ٺٽي جي ويجهو آهي، نه ٽلٽي جي ويجهو يا سامهون آهي، انڪري ڪنجري مان مراد به گچيري ٿيندي جو ته ڪنجري لفظ کي گچيري جي اصل نالي ڪجري يا ڪجرو وغيره ڏانهن سمجهڻ گهرجي، جنهن جي بگڙيل صورت گچيري يا گچيرو ڍنڍ ئي آهي جيڪا وضاحت ابتدا ۾ هن مضمون ۾ ڪئي وئي آهي.

گچيرو، اسلام جي اچڻ ڪان اڳ ٻڌ ڌرم جو مرڪز هو ليڪن محمد بن قاسم جي فتح بعد گچيرو دين اسلام جو قلعو بڻجي ويو ۽ هتي

ڪيترائي عالم ۽ بزرگ پيدا ٿيا جن هند ۽ سنڌ ۾ اسلام جو پرچار ڪيو. سومرن جي دور ۾ به هيءُ ٻگهين جو مرڪزي شهر ۽ رياست، ساڳي پوزيشن ۾ رهيو. سمن جي دور ۾ هيءُ علائقو اسلام ۽ وطن جي آزاديءَ جو وڏو مرڪز رهيو ۽ جهاد لاءِ هتان جا ماڻهو هميشه تيار رهيا، اهو سارو انقلاب گڇيري ۾ سنڌ جي سورمي مخدوم هگوري رحمةالله عليه جي تبليغ جي ڪري آيو. مخدوم هگوري ٻگهيي رحمة الله عليه گڇيري کي سنڌ ۾ سنڌس مرشد مخدوم بلاول جي هلايل تحريڪ (تحريڪ بلاولي) جي ڏنل سکيا مطابق تحريڪ بلاولي جو هتي اهم مرڪز قائم ڪيو. مخدوم صاحب 871هه ڌاري هتان جي ٻگهيا قبيلي ۾ جنم ورتو. پاڻ ظاهري خواه باطني تعليم مخدوم بلال رحمة الله عليه کان حاصل ڪيائون ۽ سنڌ ۾ وڏي اسلامي، سياسي آزادي ۽ روحاني طاقت تي ابريا ۽ تحريڪ بلاولي جا سپهه سالار ٿي رهيا. مخدوم ٻگهيو رحمة الله عليه هڪ قوم پرست اڳواڻ جي حيثيت ۾ ارغونن سان جنگيون لڙيون ۽ دولهه دريا خان جي سياسي ۽ روحاني طاقت پڻ ٿي رهيا ۽ ٺٽيءَ جي ٻي لڙائي ڪانپوءِ مخدوم بلاول رحمة الله عليه جن کي جڏهن 30 صفرالمظفر 931 هجري تي گهاڻي ۾ پيڙي شهيد ڪيو ويو ته مخدوم هگوري ٻگهيو تحريڪ بلاولي جي سپهه سالار جي حيثيت ۾ هن سنڌ جي سورمي کي به 3 ربيع الاول 931 هجري تي شهيد ڪيو ويو. مخدوم هگوري جي مزار گڇيري ۾ گڇيري ڍنڍ جي اتر واري ڪناري تي آهي، جنهن جي مٿان غالباً ارغونن جي دور ۾ ٺٽي سنڌن قبيلي ٻگهين ۽ معتقدن عاليشان مقبرو ٺهرايو جنهن جي 20 صدي عيسوي ۽ چوڏهين صدي هجري ۾ نهايت نازڪ صورتحال ٿي وڃڻ ڪري 1985ع ۾ راقم الحروف (گڇيرائي) مخدوم هگورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي (مهڪ) قائم ڪئي، جنهن تحت مقبري جي بهتر نموني مرمت ڪرائي ويئي ۽ مسجد شريف جو ڪم پڻ شروع ڪرايو ويو جيڪو اڃان هلندڙ آهي. اڄ به مخدوم هگوري جو قديم مقبرو (جنهن جي عمر 500 سال کن ٿيندي) گڇيري شهر ۽ ٻگهيا قبيلي جي عظمت کي برقرار رکندي نظر اچي ٿو.

**گڇيري تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي جداعليٰ سيدعلي جي فرزند سيد ابوبڪر شاهه جي حڪومت:**

امير تيمورلنگ جڏهن هرات کان هندستان پهتو ته ساڻس گڏ سيد علي مير شاه پڻ گڏ هو. سيد علي مير شاه جا ٻه فرزند سيد حيدرشاهه ۽ سيد ابوبڪر شاهه پڻ سيدعلي ميرشاه سان گڏ هئا ۽ اهي اچي سنڌ ۾ رهيا. سيد ابوبڪر شاهه کي سيوهڻ سرڪار جو حاڪم مقرر ڪيو ويو ته گڇيري جو پورو علائقو به سندس حڪومت هيٺ رهيو. اهڙي طرح گڇيري تي شاهه عبداللطيف جي خاندان جي حڪومت رهي ۽ حضرت سچل سرمست جي خاندان جي جداعليٰ حضرت شيخ شهاب الدين فاروقيءَ جي به حڪومت رهي.

تاريخ مظهر شاهجهانيءَ جي مصنف ميرڪ يوسف، گڇيري جي تمدني، سياسي ۽ انقلابي حالتن جو جائزو هن طرح پيش ڪيو آهي: "لاڪاڻ وارو پرڳڻو گڇيري پرڳڻي جو دنگئي هو. لاڪاڻ پرڳڻي جي لاکن ۽ سميجن اڙن جو پاڻ ۾ گهڻو اختلاف هو ۽ ٻگهيا قبيلو سميجن اڙن جو طرفدار هو جن مغل اهلڪارن کي ساليانو ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مير ابوالبقا جيڪو ميرابوالقاسم نمڪين جو پٽ هو اهو سنه 1017هجريءَ ۾ پنهنجي والد پاران سيوهڻ سرڪار جو نائب ٿي آيو ۽ گڇيرو به ان سرڪار جي ماتحت هو."

"تذڪره اميرخاني" جي صفحي 81 ۾ جي حوالي سان لکيل آهي ته مير ابوالبقا جي سميجن جي هڪ شاخ ٻگهيا قبيلي سان ويڙهه ٿي هئي، ان دور ۾ سيوهڻ صوبي ۾ درياه جي اورئين پاسي (يعني ڪلهي ڪناري تي) ٽي پرڳڻا هئا، جن مان هڪ جوڻيجن جو پرڳڻو هو جنهن ۾ ڪوريجا، پنهور ۽ شيخ آباد هئا ۽ سميجن جي قوم مان ٻگهيا قبيلي جا ڪٽنب گهڻي تعداد ۾ رهندا هئا.

**ڪلهوڙن جو دور (1131هه/ 1719ع کان- 1197هه/ 83-1782ع):**

مغلن جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿي. هن دور ۾ به گڇيري شهر کي فوجي خواهه سياسي لحاظ کان وڏي اهميت حاصل هئي. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته: ”ميان يار محمد ڪلهوڙو قلات ۾ پورا ٻه ورهيه جلاوطنيءَ ۾ گذارڻ کان پوءِ سنه 1113هه ۾ سنڌ ڏانهن وريو. سنڌ ۾ اچڻ ڪانپوءِ پنهنجي معتقد ۽ مريد بهادر سپاهيءَ راڄي فقير ۽ ٻين فقيرن کان بيعت وٺي التماس خان بروهيءَ جي مدد سان منڇر ڍنڍ جي ڪناري تي اچي ڇانوڻي هنيائين. جتان اڳتي وڌي ”سلمتائي“ ۽ ”ڳاهان“ تي قبضو ڪيائين. ان بعد ميان يارمحمد ڪلهوڙي پنهنجي پاڻ ميان مير محمد ڪلهوڙي کي لشڪر ڏئي ”مرڪپور“ روانو ڪيو جنهن آسانيءَ سان ان تي قبضو ڪري ”جمشيدگاهي“ تي به قبضو ڪيو ۽ اڳتي هلي فتح پور جو قلعو پڻ فتح ڪيو. ٻئي طرف ميان يارمحمد ڪلهوڙي خود باقي ڇوڙيڇڙ ٿيل سرائين جي لشڪر کي گڏ ڪري ”گڇيري“ کي پڻ قبضي هيٺ آڻي ورتو.“ (خانائي)

سئزرلئينڊ مان نڪرندڙ عربي رسالي ”فڪر ۽ فن“ ۾ مصطفيٰ ڪيئنس جو هڪ مضمون عربيءَ ۾ شايع ٿيو، جيڪو ڊاڪٽر اينيمري شمل جي توسط سان غلام رباني آگري وٽ پهتو. رباني صاحب ان وقت سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو. حيرت جي ڳالهه آهي جو هزارين ميل دور هيءَ تحقيقي مقالو: ”جوهي ۾ ٽالپور ميرن جا مقبرا“ يورپ مان آيل هڪ محقق لکيو آهي. ميرحاجي محمد بخش ٽالپور انهيءَ مقالي جو مولوي محمد صديق حيدرآباديءَ کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي سال 1973ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي ”مهراڻ“ ۾ شايع ڪرايو. ان رسالي جي صفحي 164 تي لکيل آهي ته 2- 1701ع ڌاري جڏهن ميان يارمحمد ڪلهوڙو، التماس خان بروهيءَ کي مدد ۾ وٺي آيو هو ۽ قلات مان زيديءَ (بلوچستان) جي رستي کان آيو هو ۽ ٽنگ پهتو، جتان قيصر پنهور کان سلمتائي جو ڳوٺ وٺي ڳاهن ۾ منزل انداز ٿيو. ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي سرائين ۽ همراهن مختلف ڳوٺ، مرڪپور، واهي جمشيد ۽ فتح پورهڻ ڪيا بعد ۾ گڇيري، گهاري ۽ ڪنڊيارو کي هٿ ڪيائون.“

ان مٿئين بيان. مان به گڇيري جي فوجي، سياسي ۽ تاريخي اهميت جي خبر پوي ٿي.يورپ جي محقق گڇيري جي تاريخي ماڳ متعلق تحقيق ڪئي آهي. معلوم ائين ٿو ٿئي گڇيرو ٻگهيا قبيلي جو اهم خطو يا رياست پئي رهي آهي، جنهن کي قديم دور کان حملہ آور حڪمرانن وڏي اهميت پئي ڏني آهي. ان کان سواءِ مولانا غلام رسول مهر پڻ پنهنجي تاريخي تصنيف ”تاريخ سنڌ- ڪلهوڙا دور“ ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي جو گڇيري خطي کي فتح ڪرڻ جو ذڪر پڻ ڪيو آهي.

**خاندانِ جهانيان جو گڇيري ۾ اچڻ:**

هڪ اندازي مطابق مخدوم جهانيان جو بزرگ هجري جي شروعات ۾ ڪلهوڙن جي ابتدائي دور ۾ گڇيري ۾ مخدوم هگوري جي دربار ۾ پهتا ۽ هڪ مقامي روايت مطابق مخدوم صاحب جي جانشين جي هدايت تي هتان جي ماڻهن کين وڏي عزت ڏني ۽ ڪافي ماڻهو سندن مريد پڻ ٿيا. پوءِ مخدوم سيد حامد گڇيري ڍنڍ جي ڏکڻ ۾ ٻگن جي ڳوٺ ۾ عبدالغفور ٻگي وٽان شادي ڪئي ۽ ٻگن جي ڳوٺ ۾ ئي سڪونت اختيار ڪئي. مخدوم سيد حامد سان گڏ مخدوم ميان محمد پريل قريشي پڻ آيو جنهن بزرگ گڇيري جي ٻگهين مان شادي ڪئي ۽ ٻگهين جي پر ۾ پنهنجو گهر اڏي ويٺو، جتي ڪافي سالن تائين مخدوم ميان محمد پريل کي اولاد ڪين ٿيو، پوءِ مخدوم هگوري رحمةالله عليه جي درگاهه تي اچي نريني اولاد لاءِ سوالي ٿي ويٺو ۽ کين نريني اولاد جي ورندي ملي ۽ الله پاڪ مخدوم ميان محمد پريل کي فرزند عطا ڪرڻ فرمايو، جنهن جو نالو ”غلام محمد“ رکيو ويو جو پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ ۽ شاهه لطيف ڀٽائي جو همعصر شاعر ٿي گذريو آهي. مخدوم حامد جهانيان جي شادي ٻگن مان

ٿي ۽ ٻُگن جي ڳوٺ ۾ رهائش ٿي، انڪري سيد حامد شاهه جي اولاد کي ”ٻُگائي شاهه“ سڏيو ويو ۽ مخدوم ميان محمد پريل جي شادي ڀگهين مان ٿي ۽ رهائش به ڳچيرائي ڀگهين جي پڙم ۾ ٿي، انڪري ڀگهيائي ۽ ڳچيرائي سڏجڻ لڳا، ليڪن ڪن تاريخدانن مخدوم غلام محمد ٻُگائي جي ولادت ٻُگن جي ڳوٺ ۾ ڄاڻائي، ٻُگائي لکي ڇڏي، جيڪا هڪ وڏي غلطي آهي. مخدوم قاضي غلام محمد جو ٻُگن جي ڳوٺ سان ڪنهن به قسم جو تعلق نه هو ۽ نه آهي.

**ٽالپرن جو دور: (1197هه/ 1783ع کان 1259هه 1843ع تائين):**

ٽالپرن جي دور ۾ هيءُ علائقو مير ٺاري خان جي جاگير ۾ هو. سڪن ۽ افغانين جي اوچتن حملن جي بچاءَ کان ڳچيري شهر جي اتر ۾ هڪ ڪچو قلعو ٺهرايو ويو هو، جنهن جي سنڀال نه هئڻ ڪري ان جا ڪافي حصا ختم ٿي ويا آهن.

هيءُ قلعو بچاءَ بند ٺهڻ بعد بچاءَ بند جي اندر ڪچي ۾ آهي، جنهنڪري ٻوڏ ۽ سيلاب دوران به هن قلعي کي نقصان پئي رسيو آهي ۽ برسلتون پڻ هن ڪچي قلعي کي تباهه ڪن ٿيون جيڪڏهن هن قلعي جي جلد سار نه لڌي ويئي ته ٻين قلعن وانگر هي قلعو به ختم ٿي ويندو.

ٽالپرن جي دور ۾ ڳچيرو علم وادب فن ۽ ثقافت جو اهم مرڪز هو. مولانا عطاءُ الله فيروز شاهي جو ڏاڏو مخدوم عبدالمجيد به ڳچيري ۾ سنڌ جي عظيم عالم بزرگ حضرت مخدوم محمد صادق ڳچيرائي رحمةالله عليه جن وٽ پڙهيو هو. مخدوم محمد صادق هن دور جو وڏو عالم هو ۽ علمي، ادبي ۽ روحاني شخصيت هو. هن بزرگ جو هڪ ڪتاب ”منبع المسائل في شرح مائة العوامل“ آهي جيڪو نحوَ جي مشهور ڪتاب ”مائته العوامل“ جي عربي“ ۾ لکيل شرح آهي.

**انگريزن جو دور (1843-1947ع):**

انگريزن جڏهن ڳچيري تي حملو ڪيو ته ان وقت ڀگهين جن پنهنجي ڏاڏي حضرت مخدوم هگوري جي تربيت ۽ هدايتن جي ڪري ڪڏهن به غيرن جي غلامي نه قبولي هئي، تن انگريزن سان ڳچيري ڍنڍ جي اتر- اوڀر ۾ جنهن کي (جنگ ميدان کي) سيري سڏيو وڃي ٿو، اُتي سخت لڙائي لڳي. هڪ مقامي روايت مطابق، مير جعفرخان جي ڪن پوٺلڳن جي غداريءَ جي ڪري ڀگهين جنگ هارائي ۽ انگريزن ڳچيرو فتح ڪيو، ان جنگ دوران ڀگهين جي سپهه سالار لکمير جي بهادري ۽ دليريءَ جو واقعو عيني شاهده ڏاڏي مليائي، جنهن جو نالو رحمت هو، تنهن 1960ع ڌاري ٻڌايو، ته لکمير ڏاڍي بهادري ۽ دليريءَ سان انگريزن سان لڙيو ۽ انگريزن جي ڪيترن ئي فوجين کي، قتل ڪندو پوئين پير هٽندو، تلوار وهائيندو ملهوجن ڀگهين جي ويڙهي ۾ پهچي ويو، جتي ڀگهين کيس هڪ ڪمري ۾ بند ڪري تالو لڳائي ڇڏيو (واضح رهي ته ملهوجن ڀگهين ۾ لکمير جي ڀيڻ شهناز پرڻيل هئي، انڪري ملهوجا ڀگهيا لکمير جا ويجها عزيز هئا) انگريزن ڀگهين جي ان ويڙهي کي ڪڙو گهيرائي ورتو ۽ نيٺ انگريزن لکمير کي گرفتار ڪيو ليڪن ڀگهين سان هنن واعدو ڪيو ته توهان جي هن نوجوان سپهه سالار کي هرگز قتل نه ڪنداسين بلڪ هن دلير ۽ بهادر نوجوان کي پنهنجي فوج ۾ ”صوبي“ جي عهدي تي مقرر ڪنداسين. پوءِ انگريز، ڀگهين جي سپهه سالار لکمير کي پاڻ سان ڪٺي ويا، ته وري ظاهر نه ٿيو.

ڏاڏي مليائيءَ (رحمت ڀگهيائي) جي ان وقت عمر سندس زباني 1843ع ۾ ڏهن سالن جي هئي، ان حساب سان 1960ع ۾ 127 سال عمر هئي. ان وڏيءَ عمر ۾ به مون (راقم) کين قرآن مجيد (عينڪ پائي) پڙهائيندي ڏٺو (ان وقت راقم جي عمر 11 سال هئي)

انگريزن جي دور ۾ به ڳچيرو شهر وڏي اوج تي هو. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سچائي، صفائي ۽ صداقت جو روح پئي نظر آيو. ضلعي نوابشاهه ۾ هيءُ شهر تجارتي، زرعي ۽ هنر جي لحاظ کان اهم هو، هتان جا هندو واپاري سنڌ جي ٻين شهرن بلڪ ڏيساور جي ملڪن سان واپار ڪندا هئا. هندن ۽ مسلمانن جو پاڻ ۾ قرب ۽ محبت هئي. هن شهر ۾ مسلمانن جي

عبادت لاءِ مسجدون گهڻيون هيون. هندن لاءِ هڪ مندر به هو، جتي هندو آزاديءَ سان مذهبي ڪرياڪرم ڪندا هئا. هتي "ڀڳت" جو گهڻو رواج هو، جنهن ۾ هندو مسلمان گڏ شريڪ ٿيندا هئا. هر سال سياري جي آخر ۾ گچيري ۾ شِوَ جو ميلو زوردار نموني لڳندو هو. موجوده هاءِ اسڪول جي ڏکڻ ۾ قديم زماني کان هڪ وڏو پپرُ جو وڻ هو جيڪو اڄ کان ڪجهه سال اڳ ختم ٿي ويو آهي. ان پپرَ جي هيٺان شِوَ جي ميلي جو انتظار ڪيو ويندو هو. هاڻي ان پراڻي مندر وٽ خيري ديري جي ڀڳهين جي اوطاق آهي، انهيءَ مندر جي اوپر ۾ هندو ياترين لاءِ هڪ ڌرم شالا يا مسافر خانو ٺهيل هو جو هن شهر جي هندو سيٺيون قديم دور کان ٺهرائيندا ۽ مرمت ڪندا پئي آيا ليڪن انگريزن جي دور ۾ هندو سيٺين ديوان ڪيولرام جي اڳواڻيءَ ۾ نئين سر ٺهرايو هو. ڌرم شالا جي پر ۾ کوه پڻ هو جتي مردن خواه عورتن لاءِ پاڻي پرڻ ۽ غسل ڪرڻ وغيره جون الڳ الڳ هوديون ٺهيل هونديون هيون. مال متاع جي پاڻي پيئڻ لاءِ هڪ لڳ ڀڳ 12 فوٽ وڏي هودي هوندي هئي جيڪا هميشه پريل هوندي هئي. اهو سارو نظارو مون (راقم) خود ڏٺو، جڏهن آءُ (راقم) 60- 1959ع ۾ پرائمري اسڪول گچيرو ۾ پڙهندو هوس ته اسين شاگرد ان کوه تان پاڻي پري بوتن ڪي ڏيندا هئاسين. ان وقت هيءُ کوه مسلمانن جي هٺ هيٺ هو جو آهستي آهستي ختم ٿي ويو ۽ هتي به هڪ وڏو پپر جو وڻ هوندو هو جيڪو نه صرف کوهه ۽ هودين تي ڇانوَ ڪيو بيٺو هوندو هو بلڪ ساري مسافرخاني تي پڻ ڇانوَ ڪيو بيٺو هوندو هو ليڪن اهو به اڄ کان ڪجهه سال اڳ ختم ڪيو ويو. هندو ياترين لاءِ ٺهيل ڌرم شالا مردن وارو حصو بلڪل سٺي حالت ۾ موجود آهي باقي عورتن واري حصي جو ڪافي حصو ڊهي ويو آهي. مردن واري حصي ۾ اڄڪلهه يونين ڪائونسل جي آفيس آهي، جنهن جي يونين ڪائونسل گچيرو جي ناظم عبدالقادر سنر سٺي مرمت ڪرائي هئي ليڪن اڄ وري به ان کي نقصان پهتو آهي ۽ پهچائي رهيا آهن جيڪڏهن يونين ڪائونسل گچيرو هن ڌرم شالا جي مرمت نه ڪئي ته پوءِ هيءُ عظيم يادگار به ماڻهو آهستي آهستي ڊاهي ڪٺي ويندا ۽ نشان به نه رهندو. هن کوه تي سيٺ ڪيولرام جي ڏهه ٻارنهن ايڪڙ زمين هوندي هئي جيڪا ان نار تي آباد ٿيندي هئي ليڪن سيٺ ڪيولرام آباد ڪندڙ هاريءَ کان زميناري حصو به نه وٺندو هو يعني فصل سارو جو سارو هاري کڻندو هو، صرف انڪري جو سيٺ جو هاري کي چيل هوندو ته پاڻيءَ جا هود هميشه ڀريل هجن، باقي آبادي ٻئي مٿا، تون کڻجانءِ.

انگريزن جي دور ۾ هن شهر ۾ وڏا جيد عالم، بزرگ ۽ هنر جا ماهر رهندا هئا. مسجدن جي پرسان مڪتب ۽ مدرسا هئا جن ۾ ديني ۽ دنيوي علوم ۽ فنون جو درس ڏنو ويندو هو، انهن مڪتبن ۽ مدرسن ۾ مسلمانن سان گڏ هندو پڻ عربي ۽ فارسيءَ جو درس وٺندا هئا. منشي ديواچند ۽ نارائڻ سنگهه عربي ۽ فارسيءَ جا وڏا ڄاڻو ٿي گذريا آهن.

گچيري شهر ۾ هٽ جو هنر ۽ ڪپڙي اُڻڻ جا آڏاڻا پڻ انگريزن جي دور ۾ (خواه ان کان اڳ) گهڻا هوندا هئا. ساڳئي وقت رڱلوٽ جو ڪم به بهترين ٿيندو هو، ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪپڙي جي خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجو گماشتو گچيري ۾ رهائيندي هئي، جنهن جي هٿ هيٺ ڪجهه ٻيا ماڻهو به ڪم ڪندا هئا ۽ ڪپڙو خواه هٽ جون پرٽ پريل شيون هتان خريد ڪري ٻين شهرن ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلي ناڻو ڪمايو ويندو هو. انگريزن جي دور ۾ 82- 1881ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول گچيري ۾ قائم ڪيو ويو، جنهن جي 6 ڪمرن تي مشتمل عاليشان هڪ بلڊنگ پڻ ٺهرائي وئي. سنڌيءَ جي تعليم شروع ڪئي وئي، جنهن ۾ مسلمان خواه هندو تعليم وٺندا هئا. ان دور ۾ جيئن ته مسلمانن ۾ نيائين پڙهائڻ جو رواج ڪونه هو، انڪري صرف هندن جون نيائيون تعليم حاصل ڪنديون هيون. ان ڪانپوءِ 1943ع ۾ انگريزي تعليم لاءِ ان پرائمري اسڪول ۾ ٿي اي-بي-ڪلاس کولي ان ۾ هڪ انگريزي ماستر مقرر ڪيو ويو، اهڙي طرح انگريزن جي دور ۾ سنڌي ۽ انگريزي تعليم جو گچيري ۾

بندوبست ڪيو ويو ليڪن انگريزي اسڪول ڪڏهن ڪڏهن بند به رهيو ٿي ۽ اهو اي-جي ڪلاس 1962ع ۾ مڪمل طور بند ٿي ويو.

**تحريڪ پاڪستان تحريڪ خلافت ۽ مسجد منزل گاه وارو واقعو:**

گڇيري جا ماڻهو خاص ڪري هتان جو اڪثريتي قبيلو ٻگهيا جيئن ته قديم دور کان خاص ڪري تحريڪ بلاوليءَ دوران آزاديءَ جون جنگيون لڙندا آيا ٿي. ڏهين صدي هجريءَ ۾ مخدوم هگوري ٻگهيي جهڙي سورمي سالار جي تربيت ڪري هتان جي ٻگهين ڪڏهن به غيرن کي تسليم نه پئي ڪيو. انڪري هتان جو عوام انگريزن جي خلاف هندستان جي لاءِ هلايل آزاديءَ جي جنگ ۾ ڀرپور حصو ورتو ليڪن اڳتي هلي جڏهن انگريز، هندن ۽ مسلمانن ۾ نفرت پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته تقسيم هند جي تحريڪ هلي ۽ مسلمانن هڪ جداگانه اسلامي ملڪ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اهڙي طرح تحريڪ پاڪستان وجود ۾ آئي، ان تحريڪ دوران گڇيري ۾ مسلم ليگ سنڌ جو هڪ يونٽ ڪوليو ويو ۽ نيشنل گارڊ جو يونٽ کولي فوجي ٽريننگ ڀڻ شروع ڪئي ويئي. مسلم ليگ يونٽ گڇيرو جو صدر محمد يوسف ٻگهيو، نائب صدر غلام رسول ٻگهيو، جنرل سيڪريٽري حاجي خان سومرو جوائنٽ سيڪريٽري الهه رکيو، خزانچي حاجي شير محمد ٻگهيو چونڊيا ويا. نيشنل گارڊ جو سپهه سالار شفيع محمد ٻگهيي کي مقرر ڪيو ويو ۽ پريڊ استاد شفيع محمد ۽ الهه بچايو سهتو ڪرائيندا هئا. جڏهن قائد اعظم محمد علي جناح ڪراچيءَ ۾ لارڊ مائونٽ بيٽن کي نيشنل گارڊ جو معائنو ڪرائڻ لاءِ وڪٽوريا ۾ سوار ڪري معائنو ڪرايو هو ته ان سلاميءَ ۾ جيڪا قائد اعظم ۽ لارڊ مائونٽ بيٽن کي پيش ڪئي ويئي هئي، ته ان ۾ نيشل گارڊ گڇيرو جو جٿو استاد شفيع محمد جي اڳواڻيءَ ۾ شامل ٿيو هو. هنن ٻنهي يونين جو سرپرست رئيس تاج محمد ٻگهيو هو.

تحريڪ خلافت ۾ هتان جي ٻگهين حاجي شيرمحمد ٻگهيي جي اڳواڻيءَ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ مولوي فيض الڪريم ۽ فيض محمد سان گڏ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪوئنايل ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي ۽ تقريرون ڪيون.

مسجد منزل گاه سکر واري واقعي ۾ به پيرغلام محمد سرهنديءَ جي چوڻ تي گڇيري جي ٻگهين جو هڪ جٿو تيار ٿيو هو ليڪن پير صاحب جن جي چوڻ مطابق ته اطلاع ڪرڻ بعد ئي جٿو سکر پهچي پوءِ اجا اطلاع نه مليو هو ته هڪ مجاهد حاجي همير ٻگهيو اڪيلو ان ۾ شريڪ ٿيو هو.

**پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد گڇيرو:**

پاڪستان ملڪ جي آزادي جو اعلان بعد هندستان جي مسلمانن کي پاڪستان ۾ آڻڻ ۽ هتان جي هندن کي هندستان موڪلڻ واري غلط فيصلي جي ڪري گڇيري مان به هندو استاد واپاري ۽ پڙهيل ۽ سڌريل هندو لڏي هندستان هليا ويا ۽ ڪجهه هندن سنڌ جي وڏن شهرن ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪئي ۽ مسلمانن هندن جي ٺهيل عاليشان ماڙين، محلن ۽ دوڪانن وغيره کي ڊاهي پٽ ڪري پڪيون سرون، عاليشان ڪاٺ جا ٺهيل دَر، دريون، لوهي گاربر ۽ ٽيئر وغيره وڪرو ڪري خوب پيسو ڪمايو، بازارون ختم ڪيون ويون. اهڙي طرح شهر کي تباه و برباد ڪيو ويو، اڳتي هلي انگريزي تعليم لاءِ قائم ڪيل اي-جي ڪلاس به ختم ٿي ويو. سرڪاري آفيس ۽ روينيو جي ديرن کي به ڊاهي پلاٽن تي قبضو ڪيو ويو. اهڙي ماحول جي ڪري هتان جا پڙهيل مسلمان ميمڻ ۽ سومرا به لڏو ڪري وڃي شهر وسايو. مسلم ٻگهين ۾ تعليم سان ڪا دلچسپي ڪا نه هئي. هتان جي نهايت احترام جوڳي شخصيت رئيس تاج محمد ٻگهيو اعليٰ تعليم يافته هو ليڪن اهو به 1946ع ۾ وفات ڪري چڪو هو. باقي منهنجي ڄاڻ مطابق استاد شفيع محمد ٻگهيو هڪ بهترين ۽ قابل استاد هو. ٻيو استاد ميورخان لغاري (لغارين جي ڳوٺ جو) ۽ محمد حسين ٻگهيو (خيري ديري جي ٻگهين مان) روينيو کاتي ۾ ملازم هو.

نيائين جي تعليم جو رواج نه هو ۽ نه وري ڪو اسڪول هو، صرف ست درجا سنڌي (سنڌي

فائنل) تائين تعليم صرف ڇوڪرن لاءِ هئي، ليڪن سنڌي فائنل جو امتحان به ختم ڪيو ويو. اهڙي تعليمي لحاظ کان به پورو شهر خالي ٿي ويو. اها حالت 1965ع تائين رهي.

1965ع ۾ ٿي آءٌ (راقم) موري جي ڊي- سي- هاءِ اسڪول موري مان ميٽرڪ جو امتحان ڏئي فارغ ٿيس، گهيري ۾ پنجين پاس ڪري رلندڙ ٻارن کي ڏسي احساس ٿيم ته ڇو نه گهيري ۾ انگريزي تعليم پڙهائجي. آخر هڪ يونين ڪائونسل جي ٺهرايل بلڊنگ ۾ ڏيپارجا مڊل اسڪول جي برانچ کولائي انگريزي تعليم رضاڪارانه طور پڙهائڻ شروع ڪيم. پنجن سالن بعد جڏهن مان (راقم) سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم-اي ۾ داخلا ورتم (پنجن سالن ۾ آءٌ بي-اي ڪري ورتي هيم) ته اتي هڪ نوجوان محمد زڪريا راهپوٽا سان واسطو ٿيو، جنهن هڪ ٻئي نوجوان خان محمد پنهور سان واسطو رڪرايو ۽ ان کان سواءِ لعل بخش ۽ علي نواز راڄپر ۽ ڪرم الله ٻگهيو به اسان سان گڏجي پيا ۽ سڀ گڏجي غلام رضا پٺو ڊائريڪٽر ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن سان مليا سين ۽ ان سان ٽي- چار ڀيرا مليا سين ۽ نيٺ گهيري ۾ مڊل اسڪول (بوائز) منظور ڪرايوسين. پوءِ خان محمد پنهور، مون (راقم) کي سگا ڪراچيءَ جو ميمبر ڪرايو ۽ اسان جي گڏيل سٽ سان گهيري ۾ گورنمينٽ طرفان 79- 1978ع ۾ هاءِ اسڪول، گرلس پرائمري اسڪول ۽ گرلس مڊل اسڪول قائم ڪرايا ويا ۽ 1989ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول گهيرو، گرلس پرائمري اسڪول قائم ٿيا. گورنمنٽ پرائمري گرلس اسڪول گهيرو ۽ گورنمنٽ گرلس مڊل اسڪول گهيرو جون عمارتون ضمير شيخ ايگزيڪيوٽو انجنيئر نوابشاهه ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن پاڻ اسڪول جو معائنو ڪري منظور ڪيون ۽ سيني اسڪولن جون عمارتون نيون نهي تيار ٿيون. ان وچ ۾ ڊاڪٽر خان محمد پنهور ۽ مان (راقم) ۽ ٻين دوستن گڏجي 1982ع کان ڳوٺ سڌار تحريڪ سگا جي پليٽ فارم تان شروع ڪئي. 1983ع ۾ سنڌ ڳوٺ سڌار ڪميٽي کي سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت جداگانه رجسٽرڊ ڪرائي ويئي ۽ پوري سنڌ ۾ ڳوٺ سڌار تحريڪ ڪافي اسڪول، اسپتالون، روڊ ۽ رستا ۽ ٻيون سهولتون سنڌ جي سوين ڳوٺن کي منظور ڪرائي ڏنيون. ڳوٺائن ۾ ڪافي سجاڳي پيدا ڪئي ۽ پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جو درس سنڌ جي ڳوٺن ۾ سيمينارن ذريعي ڦهلايو ويو. ان دوران مان (راقم) پنهور صاحب جن جي تعاون سان سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت جي پليٽ فارم تان، موري کان گهيرو رستو پڪو ڪرايو ويو يعني 5 ميل لنڪ گهيرو روڊ ٺهرايو، اسپتال قائم ڪرائي ۽ ان جي عمارت به ٺهرائي، زرعي ڪوارٽر به ٺهرايا. 21 غريب ماڻهن کي سرڪاري پڪا گهر گهيري ۾ ٺهرايا ويا، بيروزگار ماڻهن کي سلائي مشينون وٺي ڏنيون ويون ۽ ڪن کي دوڪان ڪيي ڏنا ويا.

ان کان سواءِ مخدوم هگورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي ناهي قديم آثارن کي بچائڻ لاءِ پڻ پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي ڪم ڪرايو ويو آهي ۽ ڪرايو وڃي پيو. بهرحال اسان سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت جي باني چيئرمين ڊاڪٽر خان محمد پنهور جو شاهه لطيف جي هڪ شعر جي ذريعي ڏنل منشور:

"محبتي ميڙي ڳوٺ ٻتجي هيڪڙو،
تنين جي ويڙهي پاڻهي اينلو پاتشاه

جي دعائيه سان ساري سنڌ لاءِ دعاگو آهيون ته شل اسان سڀ پاڻ ۾ محبت ۽ اتحاد سان رهي، سنڌ سونهاريءَ کي سرسبز، خوشحال ۽ آباد ڪي سگهون (آمين).

فرمود سروش غيبم اين سال
"اين معدن فيض حاليا بين"

1227ھ

ايضاً

شڪر حق ڪز پيروي سنت ختم الرسل
آنڪ واجب ڪرد تعمير مساجد ير عبا
رونق عباد دوران ميرنام آور ڪہ او
داد از نام علي حاصل بدوران برمراد

انگريزن جي زماني ۾ سنہ 1272ھ بمطابق 1855ع ۾ سربارٽل فريئرڪمشنر سنڌ، سيد صابرعلي شاھ ابن مير غلام علي مائل ۽ ميان الله بخش شاڪرائيءَ جي معرفت چندو ڪرائي هن مسجد جي مرمت ڪرائي، انهيءَ چندي ۾ هزهائينس مير فيض محمد خان ٽالپر والي خيرپور رياست چار هزار روپيہ ڏنا ۽ چار هزار رپيا سنڌ جي ٻين معزز ماڻهن ڏنا. (لب تاريخ سنڌ ص- 101) سنڌ سرڪار بہ پنج هزار رپيا ڏنا. انهيءَ مرمت لاءِ ڏاکڻين دروازي تي ڪتبو لڳل آهي. 1311ھ مطابق 1891ع ۾ وري ٻيو ڀيرو حڪومت مسٽر جيمس ڪمشنر جي معرفت چندي ذريعي 20500 رپيا گڏ ڪيا.

هن مسجد جي تاريخي عظمت کي برقرار رکڻ ۽ ان کي وڌيڪ نقصان کان بچائڻ لاءِ جيڪو ڪم 1958ع ۾ هٿ ۾ کنيو ويو، سو 68 لک رپيا جي خرچ سان مڪمل ٿيو. اڳوڻي وزير اعظم پاڪستان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي گهري دلچسپيءَ سببان اهو ڪم مڪمل ٿيڻ ممڪن ٿيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار سنڀالڻ سان سنڌ جي قديمي تاريخي آثارن کي بچائڻ ۽ محفوظ رکڻ تي ڌيان ڏنو. شهيد ڀٽي جي هدايتن تي شاهجهاني مسجد جي مرمت ۽ حفاظت جو ڪم تيزيءَ سان شروع ڪيو ويو.

اڳوڻين حڪومتن طرفان آثار قديمہ جي تحفظ سان گهٽ دلچسپيءَ توڙي گهربل فنڊ مهيا نہ ڪرڻ ڪري ڪم جي رفتار تمام سست رهي. شاهجهاني مسجد جي مرمت ۽ تحفظ جي ڪم جو بہ ساڳيو حال رهيو. انهيءَ ڍرائيءَ جو هڪ سبب هيءُ بہ هو تہ هٽان جي ڪاشيگرن کي پنهنجي ڪم تي ناز هو، ۽ هنن پنهنجو اهو فن ونڊڻ ورڇڻ بجاءِ پاڻ تائين محدود ڪري ڇڏيو هو، ۽ ڪنهن بہ ريت ان کي عام ڪرڻ تي آماده ڪو نہ هئا. ٻئي پاسي شاهجهاني مسجد کي اصلوڪو روپ ونائڻ لاءِ ڪاشيءَ جي سامان جي سخت ضرورت هئي. انهيءَ هوندي بہ هڪ ناممڪن ڪم کي هٿ ۾ کڻي توڙ تائين پهچائڻ شهيد ذوالفقارعلي ڀٽي جو شاندار ڪارنامو هو، نہ تہ اهو ڪم ٻيا انيڪ سال گذرڻ باوجود بہ راس نہ ٿئي ها.

عجيب ڳالھ آهي تہ سامونڊي هوا جي هاڃيڪار اثر واري علائقي ۾ هئڻ باوجود، 1647ع کانپوءِ جڏهن هيءَ مسجد ٺهي راس ٿي، ان جي مرمت وغيره تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو ويو. وقت بوقت ٿينڊڙ ٿوري گهڻي مرمت سببان مسجد جي اصل شڪل ۽ زيب ۽ زينت ۾ ڦيرو اچي رهيو هو، ۽ ممڪن هو تہ هڪ ڏينهن اها مسجد پنهنجي اصلوڪي سونهن ۽ سوڀيا وڃائي وهي ها، پر عوامي حڪومت جي وقتائتي ڪوشش سان اهو امڪان هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو هو.

ورهاڱي کانپوءِ اها نميواري آثار قديمہ کاتي جي هٿي تہ اُهي مسجد جي مرمت ڪرائي ان جو اڳوڻو شان برقرار رکي. ان ڏس ۾ هڪ تفصيلي پروگرام تيار ڪيو ويو، جنهن تي 1958ع ۾ اولھ پاڪستان جي P.W.D کاتي عمل شروع ڪرايو. مسلمان زميندارن کان ڏِل جي رقم تي هڪ پئسو في رپيو جي حساب سان چندو وصول ڪيو ويو. اهڙي طرح 5 لک 82 هزار رپيا گڏ ٿيا. پوءِ رٿا جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو، جنهن ۾ ٽي مکيہ ڳالهيون هيون. (1) عمارت جي اصل سونهن برقرار رکڻ لاءِ مرمت (2) مسجد جي چوڌاري ميدان جي اصليت برقرار رکڻ ۽ (3) چئني طرفن کان سو فوٽ ويڪرا ڪليل حصا ساوڪ هيٺ آڻڻ ۽ بجلي جو بندوبست ڪرڻ.

ان وقت جي اولھ پاڪستان سرڪار پهرئين مقصد لاءِ 2 لک 13 هزار رپيا منظور ڪيا، پر پوءِ ڏٺو ويو تہ ڪم اندازي کان وڌيڪ آهي ۽ انهيءَ ڪم جا ڪاريگر بہ ڪو نہ هئا، جنهنڪري رٿا تي نظر ثاني ڪري ان لاءِ 18 لک رپيا رکيا ويا. ان بعد ڪم شروع

## گشت زيباچو ”مسجدِ اقصيٰ“

1057ھ

اولهه واري حصي جي ٻاهرئين پاسي قرآن پاڪ جي سوره فتح جو آخري رڪوع لکيل آهي. يعني ”لقد صدق الله رسوله الرويا بالحق“. اهو ثلث خط ۾ يعني ٽڪنبن حرفن ۾ آهي ۽ ڪاتب سيد علي بن سيد عبدالقدوس مازندراني آهي. اهو ڪم شهنشاهه اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ ٿيو ۽ هجري سنه 1104 لکيل آهي. مسجد جي محراب جي مٿان وري ساڳئي ٽڪنبن اکرن ۾ سوره احزاب جي آيت لکيل آهي ۽ ڪاتب جو نالو بنبو بن حسن لکيل آهي. وڏي گنبذ جي اندرئين پاسي سڄي گولائي ۾ وري سوره اسريٰ يعني ”سبحان اللذي اسريٰ بعبده“ لکيل آهي. اتي تحرير جو نمونو وري مثمن خط يعني اٺڪنبن اکرن ۾ آهي ۽ ڪاتب جو نالو طاهر بن حسن لکيل آهي. ڪاتب طاهر ۽ بنبو ٻئي حسن جا فرزند هئا، ۽ ترخان گهراڻي واري زماني ۾ مشهور ڪاتب ٿي گذريا آهن. سيد علي مازندراني، جنهن اولهه واري گنبذ جي ٻاهرين پاسي سوره فتح لکي آهي، سو ٺٽي جي مشهور خوشنويس مخدوم يوسف بن الياس جو شاگرد هو. انهن سڀني خوشنويسن جو احوال مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”تحفة الڪرام“ ۾ ڏنو آهي. هڪ ٻيو ڪتبو فارسيءَ ۾ اوڀر واري ايوان جي اندرئين پاسي لڳل آهي، جنهن ۾ مسجد جي پٿر جي فرش هڻائڻ جو سال 1068ھ لڳل آهي، ۽ ان ۾ فرش هڻائيندڙ جو نالو نواب مير جلال رضوي ڄاڻايل آهي. انهيءَ ڪاتب جو نالو سيد عبدالله حسيني لکيل آهي، جنهن جو لقب ”نازڪ رقم“ ڄاڻايل آهي.

هن تفصيل مان اهو به معلوم ٿيندو ته ان زماني ۾ سنڌ ۾ عربي خوشنويسي جا اهڙا به ماهر هئا، جيڪي ٽڪنبي ۽ اٺڪنبي خط ۾ پنهنجو ڪمال ڏيکاري ٿي سگهيا. اهي ڳالهيون هڪ سياح لاءِ خاص توجهه رکن ٿيون.

سڄي مسجد پنهنجي تاريخ پاڻ ٻڌائي ٿي. هينري ڪزنس لکي ٿو ته:

”هي موڪرن بنيادن واري سرن جي تعمير آهي، جنهن جا بنياد ۽ ونگن جي وچ وارا چوراسا ٺلهه مضبوط پٿر جا آهن. اها وڏي چوڪنبي شڪل جي نماز جي جاءِ آهي، جيڪا خاص طور اولهه وارو پاسو والاري ٿي. اُتر ڏکڻ ۾ دالان آهن، جيڪي وڏي صحن سان وڃي ملن ٿا، جن جي 164x97 فوٽ ماپ آهي. سڄي جڳهه 170x305 فوٽ آهي. مهاڙي کان سواءِ ٻيو سڄو پاسو ڇن جي ليپي سان اڇو ٿيل آهي.“

مسجد جو اوڀاريون ڇت وارو حصو اميرخاني محلي سان لڳي ٿو، انهيءَ حصي ۾ ڏکڻ توڙي اتر ۾ صحن ڪليل آهي. ٻنهي صحنن جي ٻاهرين ديوار ۾ هڪ هڪ ننڍو دراز و آهي، جيڪو اميرخاني محلي جي گهٽيءَ ۾ کلي ٿو. انهن ٻنهي صحنن جي پاسي ۾ ٽي ٽي ڪمرا آهن، جيڪي شايد نياڻين جي درس لاءِ هئا. اهو اوڀر وارو سمورو حصو پنهنجي نوعيت، ساخت ۽ ماحول سبب معلوم ٿئي ٿو ته مسجد جو زالاڻو حصو هو. مسجد جي اوڀر واري حصي جي ٻاهرين ديوار سان لڳ پير ڇُٽي جي مزار آهي. مسجد جي اولهه ۽ ڏکڻ واري ڪنڊ ۾، مسجد کان چار پنج سؤ کن قدمن تي مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جون جايون هيون.

هن سڄي مسجد تي ايراني فن عمارتسازيءَ جو گهڻو اثر آهي. مسجد جي اندر ڪاشيءَ جو اعليٰ ڪم ٿيل آهي. ڪيتريون ڊزائينون ٺهيل آهن. جن جو ميلاپ حيرت انگيز آهي. مکيه وڏي گنبذ جي نقش ونگار واريون ليڪون ائين ڏسڻ ۾ ٿيون اچن، جيئن اهي هيٺان ٻيڻل ماڻهوءَ کي ڏسڻ ۾ اينديون آهن. جهڙي قسم جو ڪم آهي ۽ جهڙي نموني رنگن جو ميل رکيل آهي، ائين ٿو لڳي، ڄڻ قبي ۾ ستارا ٽاڪيا ويا آهن، اندر ٽي اهم گنبذ آهن.

99 گنبذن تي مشتمل چوطرف حجرن ۽ بهترين صدر دروازن سان ٺهرايل هن مسجد جي جيتري به ساراهه ڪجي، اها گهٽ آهي. ان دور جي ڪاشي اڄ جي بهترين ٽائلس کي مات ڏيو بيٺي آهي، جڏهن ته اڄ جي ڪم جو سڄو دارومدار ڪارخانن ۽ مشينن تي آهي، ۽ مشيني ڪم کي هٿ جي ڪم تي فوقيت ڏني ويندي آهي. ڪاشيءَ تي گلدانن ۽ آيتن جي چٽسالي‎ءَ کي ڏسندي اکيون ٺريون وڃن.

# غزل

سانوڻ آيو وڻ وڻ تي آ ساوڪ ۾ سرهائي،
من جي مُکڙي جو مُرجهائي، وري نہ ٿي سا سائِي.
هي خاموشي، سرد هوا، ٿي تير ڪَشي تنهائي،
من جا گهاوَ پيا اڄ اُڪلي، ياد اوهان جي آئي.
ڪنهن ڪنهن اَن ۾ پاتو آهي تنهنجي من جو موتي،
سمنڊ کان گهري آهي تنهنجي اکڙين جي گهرائي.
ڪن جون اکڙيون سڪٽيون جڻ پينوءَ جو پاند،
تنهنجون اکڙيون مَيءِ جا پيالا، سخا ڪرن سُرهائي.
ڪنيڙاتيون ڪوهيندا، هڪبئي کي بہ ڏسن ٿا، پو پي،
مچ مٿان ڇو آهہ پتنگن ايڏي ٻيڙ لڳائي!
رات اسان جي روح ۾ ڪوئي راڳ ازل کان آيو،
آڳ اُلا هو سارو تن من، ڳالهہ اوهان جي ڳائي.
رات اسان جي ذات ڏسين ها، پُرجهي پاڻ چوين ها،
گيت جي هر هڪ ٻول ۾ ڪئن هيءَ جڳ_ سُندرتا آئي.
هيل 'اياز' سڄڻ کي ساريو سي ساري سانوڻ ۾،
مينهن اسان لَئہ نينهن نہ آندو، منڙي نانهہ نيائي.

(شيخ اياز)

سنڌي شاعري جو پهريون دور قاضي قادن جي شاعري کان شروع ٿئي ٿو. هو سنڌ جو برک عالم، وڏو بزرگ ۽ سرجڻهار شاعر هو. هن جا وڏا سيوستان (سيوهڻ) جا رهندڙ هئا. جتان لڏي بکر ۾ مستقل سکونت اختيار ڪئي. قاضي قادن جي ولادت اندازاً 880هه مطابق 1471ع ۾ بکر ۾ ٿي. هو ديني ۽ دنيوي علمن جو وڏو ماهر هو. هو تصوف ۽ ويدانتي علمن جو سهڻو ۽ سريلو سنگم هو.

قاضي قادن سنڌ جي تحريري شاعري رچيندڙ هڪ وڏو شاعر هو. هو تحريري شاعري نه ڪري ها ته سنڌي شاعري ترقي ڪيئن ڪري ها. هن جي تحريري شاعري سنڌي ادب، علم ۽ شاعري جو انمول سرمايو آهي.

قاضي قادن سير ۽ سفر جو وڏو شوقين هو. هن پر وارن ڳوٺن جا گهڻا دورا ڪيا. هن پنجابي تاريخي ڳوٺن جا به دورا ڪيا. تنهنڪري هن جي شاعري واري زبان اُتر جي ۽ سري جي آهي جنهن ۾ پنجابي ۽ سرائڪي ٻولين جو به اثر قائم آهي.

قاضي قادن جي شاعري دوهن، سورٺن ۽ دوها، سورٺا ميل واري شاعري آهي. هن جي شاعري ۾ پ ستون هونديون آهن. نقادن تن ۽ ڇئن مصراعن وار شعر به ڳولي لڌا آهن.

مهدوي تحريڪ جو اڳواڻ سيد ميران دهلوي جڏهن جيسلمير جي رستي کان ٿي بکر پهتو ته قاضي قادن هن سان مليو تڏهن هن روماني سجاڳي حاصل ڪئي.

"جوڳي جاڳايوس، سنل هوس ننڊ ۾
تيهان پوءِ ٿيوس، سنڌي پريان پيچري."

انهيءَ کان پوءِ هو هڪ صاف دل صوفي ۽ وڏو بزرگ بنجي ويو. قاضي قادن جي شاعري شاهه لطيف ۽ ساميءَ جي شاعريءَ جو بنياد آهي. سنڌ جا شاعر قاضي قادن جي ڪلام کان متاثر هئا. جديد سنڌي شاعر به هن جي ڪلام جا عاشق آهن. سنڌ کان ٻاهر وارا سنت به هن جي ڪلام ۽ فڪر کان ڏاڍو متاثر آهن.

**پروفيسر سروپچندر "شاد"**

ڪتاب: "سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر"

(تحقيقي مضمون) ص 7 تان کنيل

خليل عارف سومرو



## غزل

هڪ حُسن جي پري ڪيا مستان ڪيترا،
موهي وڌا سنڌس جي ته مسڪان ڪيترا.

رُخ تان نقاب واهُ جي جهوٽي پري ڪيو،
ٿيا شاهڪار حُسن تي حيران ڪيترا.

هڪڙي گهڙي اچين ها پرين پيرڙا پري،
منهنجي بچي پوڻ جا ها امڪان ڪيترا.

توئي علاج منهنجي ڦٽن جو نه پئي گهرين،
ورنه اداس دل جا هار درمان ڪيترا.

منزل نه عشق ماڻي نه سپنا سچا ٿيا،
رهجي ويا اڌورا هئا ارمان ڪيترا.

هر چوٽ منهنجي دل جي وٺي روپ لفظ جو،
آهن اي درد تنهنجا به احسان ڪيترا.

عيب آ، گناهه آهي، شريعت خلاف آ،
هڪ پيار جي ڪهاڻيءَ جا عنوان ڪيترا.

مدفون جي سبق کي وساري ويهي رهيا،
گادي نشين ٿو ڏسان نادان ڪيترا.

افسوس دل اسان جي سُڃاڻي سگهي نه سي،
انسان جي شڪل ۾ ها شيطان ڪيترا.

هن قوم کي تباهه انهن ڪري ڇڏيو،
ٿين ٿورڙي ٿا ڳالهه تي، نقصان ڪيترا.

مهمان نوازي ڳالهه پلي آ مگر هتي،
بڻجي وڃن ٿا بورچي مهمان ڪيترا.

ڪنهن کي نصيب ناهي هتي ساهه سک جو ڪو،
هن دؤر ۾ وطن ٿا پريشان ڪيترا.

مون لاٽ ٻلت ۾ جلائي رکي سدا،
منهنجي مٿان ڪٿي آيا طوفان ڪيترا.

”عارف“ لکيا غزل به ٿي هُن تي ته ڇا ٿيو،
هن تي شاعرن جا ديوان ڪيترا.

## غزل

اڻينءَ بچيو آهيان وڃي جهانَ ۾،
جيئن سڙيل سگريٽ خاڪ دانَ ۾.

چنڊ هن کي مون ڇيو جو پيلر ۾،
هوءَ اُڏري پئي ٿي آسمانَ ۾.

هوءَ منهنجو ڪُل جهان ٿي ويندي
ڪونه هو اڳ ۾ اهو گمانَ ۾.

هيءُ مون کي ڇا الائي آ ٿيو
هر گهڙي هو ٿي رهي ڌيانَ ۾.

لفظ هن جا ٿا وڻن سُنا لڳن،
ماکي ۽ مصري اٿس زبانَ ۾.

مان رهان ٿو شاعريءَ جي شهر ۾،
ڳولجو مون کي نه ٻئي جهانَ ۾.

چنڊ هڪڙو هنجهه منهنجي ۾ سُتل،
چنڊ ٻيو چمڪي ٿو آسمانَ ۾.

فائلن جي وقت هرڪو ٿو اچي،
ڪونه ٿو ويجهي اچي ڌيانَ ۾.

تنهنجو چَهرو ٿو ڏسان نماز ۾،
وِجهه نه پوچا وقت امتحانَ ۾.

روز ”عارف“ ذڪر ٿيندو ٿو رهي،
ڪجهه ته آهي منهنجي داستانَ ۾.

## اعجاز علي شاهه "اعجاز"



# سنڌي زبان اسان جي

مٺڙي ۽ پياري پياري سنڌي زبان اسان جي،
افضل اتم نياري نياري سنڌي زبان اسان جي.

ٻوليون ته هن جهان ۾ آهن گهڻيون ئي ليڪن،
سڀ کان ڀلي ڀلاري سنڌي زبان اسان جي.

هر ڳوٺ، هر شهر ۾، هر موڙ هر ڳلي ۾،
هر جاءِ ٻولاچاري سنڌي زبان اسان جي.

شاهه جي شاعري هن ۾ "بيدل" جي ٻات هن ۾،
آهي ثابت جي مرثين واري سنڌي ٻولي اسان جي.

پير و فقير توڙي شاهه و گدا هجي ڪي
گفتار تن جي ساري سنڌي زبان اسان جي.

سرهاڻ هن جي ساري سنسار ڦري تي،
سرهن گلن جي ڪاري سنڌي زبان اسان جي.

آهي ازل کان قائم پنهنجي "اعجاز" ٻولي،
اڳتي به رهندي جاري سنڌي زبان اسان جي.

## فقير ڪرم علي اسراڻ



# بيت

(1) تنهنجي تات طلب جي تنوار اٿم، پوءِ پي چورين ٿو پري پري،
هي بيوس باندي کهڙي پار وڃي، پرين تون ئي ٻُڌاءِ ڇا ڪري ڪري،
ڪج مِهر سندي ڪا خاص نظر، منهنجي توڪان سواءِ نٿي سَري سَري،
پيارج جامُ شراباً طهورا جو، سهڻا ساقي سِڪ مان ٻَري ٻَري
(2) او جانب! منهنجي جيءَ اندر، پئي عشق جي آوي پچي،
تون ڏسي وڇوڙو وئين هليو، سونا ڇُوءِ مثل پيو نچي،
پنهنجو فضل فرماءِ سدا نام سچي، جو ڳنڀير وانگر ڳانڍاپو رهي.
(3) آئون طالب تنهنجي عشق جو، ڇا عنايت نه ڪندين مولاؐ،
اٿم اِشتياق تنهنجي درد جو، ڇا نعمت نه ڏيندين مولا،
آهيان عاصي ساريءَ عمر جو، ڇا مغفرت نه ڪندين مولا،
ڪرم ثناگر تنهنجي حُسن جو، ڇا ورهاست نه ڪندي مولا،
آهيان ڪمتر ڪنهن نه ڪم جو، ڇا حڪمت نه ڏيندين مولا،
آئون سوالي تنهنجي وصل جو، ڇا قُربت نه ڏيندي مولا.
(4) جڏهن پي سڄڻ ڪي روئي ٻاڏايو آهي، تڏهن هُن سُڻي منهنجي فرياد آهي،
اِهو ڏانءُ مون ڪي مليو اُن وٽان ئي، ڪرم هو ته ڪُل سان دائم شاد آهي.
(5) سڏائين ٿو صوفي نه رياضت عبادت، هيءَ ڪهڙي فقيري نه محنت اطاعت،
ڇڏ غفلت بيقدري طريقت ڪي وٺُ، ڪر سُترڻ جو سعيو، ڪو سجدو تلاوت.
(6) جي ديواني نادار ڪي، نوازيندين ته ڇا ٿيندئي،
جي جلوو پرستار ڪي، پسائيندين ته ڇا ٿيندئي.
اصلئون گهران عارف ٿيان، شيخي نه گهرجي مون،
شل ٻاجهه فرمائين تون، ته ميرو هوندي به مانُ لهان.

# ڪافي

ڪر ڪا يار اچڻ جي، ڪري ڪرم پنهنجو،
ڪيئي واعدا وَصل جا، اعليٰ اِسم تنهنجو.
ٿنهنجي حُسن ڪيا حيران هزارين،
مُشتاق مان پڻ، تون صنم منهنجو.
پيا مَنُ منهنجو مرجهايل آ،
سو شاداب ته ڪر، ڏري رحم پنهنجو.
منهنجو توڪان سواءِ آهي ڪير ٻيو،
ڄاڻين سڀ ڪجهه ٿو، رک ڀَرم منهنجو.

خادم حسين علوي

## غزل

جفائن تي جفائون ڪر سَهڻ جو حوصلو آهي،
اسان جي عشق جو توسان اُهوئي سلسلو آهي.

ڀلي جور و جفا تي ناز ڪر تون دلبرا ليڪن،
برائي جو زماني ۾ بروئي ۾ صلو آهي.

بلاشڪ بيوفا ڪان ڏور گهارڻ ۾ غنيمت آ،
مگر مان ڇا ڪيان دلبر سِوا مَنُ هيڪلو آهي.

جفائن ڪي ڀلا ڀلرو ڪيان مان ياد ڇو هَرَ هَرَ
نصيباً هُن ڪِلي مون ڏي نهاريو دوستو آهي.

اِها بلڪل حقيقت آ عدل جي پڻ تقاضا آ،
زماني ۾ ڀلائي جو صلو بيشڪ ڀلو آهي.

اجائي گفتگو ناهي حقيقت صاف ظاهر آ،
”ديارِ غير ۾ هردم اوهان جو آسرو آهي.“

ڇَون ٿا هر گهڙي مون ڪي نه ايندو دلربا ليڪن،
يقيناً مهربان ٿيندو ۽ ايندو پروَسو آهي.

دلِ ويران جي منزل ڏي روان هي ڪير ٿا ڏسجن،
دلِ نادان جي ساٿِن جو هي ڀلرو قافلو آهي.

حقيقت هر ڪنهين ڪي ڇا ٻڌايان حال جي ڀلرو،
اسان جي عشق ۾ حائل سدائين ڪونه ڪو آهي.

ڀلي جورو جفا ٿيندي رهي ليڪن سدا همدم،
ڏکن ۾ مان نه سمجهان ٿو نه منهنجو پرجهلو آهي.

⊡

## غزل

قُرب وارن وٽ اچا پي قربتون رهجي ويون،
ڪُلفتون گهٽجي ويون ۽ اُلفتون رهجي ويون.

دل گهٽي بيتاب آهي يار سان ملجي مگر،
دلربا سان ملڻ جون سڀ حسرتون رهجي ويون.

دور اهڙو آيو آهي ڇا ڇوان ڪنهن کي ڇوان،
محبتون مَٽجي ويون ۽ نفرتون رهجي ويون.

محفلِ ياران مان يارو ڪجهه به حاصل ڪين ٿيو،
عاشق دلگير وٽ ڪي صورتون رهجي ويون.

عشق جي منزل ڏکي پر پو به نعرا نينهن جا،
اُلفتون آهن ڪٿي بس ڪُلفتون رهجي ويون.

جن جي فطرت ۾ برائي سالِڪن تن لئه ڇيو،
اڄ به تِن جون ساڳيون ئي عادتون رهجي ويون.

محبتن ۽ ڪلفتن ۾ جنگ آ جاري مگر،
ڪلفتون ڪافور ٿيندي محبتون رهجي ويون.

ڪو زمانو هو هميشه راحتون بيحد هيون،
مَنَ اندر اڄ نالي ماتر راحتون رهجي ويون.

ياد ٿم هُن سان ملاقاتون ڪير سي ياد ٿم،
بس گناهِ زندگي جون شامتون رهجي ويون.

سڀ چَون ٿا هرَ ڪنهن کي قسمتن تي ناز آ،
ناز ڪي ناهي بقا بس قسمتون رهجي ويون.

نيٺ مون ڪي نينهَن لائڻ جي سزا همدم ملي،
ڇا ڪيان ڪاڏي وڃان بس چاهتون رهجي ويون.

⊡

## کُھاوڙ "بخشل" سنڌي

### نعتيه ڪلام

ساقي ڪوثر، هادي رهبر شافع محشر عالم برتر
ارفع اعليٰ جڳ جڳ ظاهر ناهي ڪوئي قدمن برابر
أحمد أحمد أحمد أحمد
صلي الله عليه وآله وسلم

ماڻڪ موتي اڪ جو تارو جانب جُڳلِي روحن جارو
صديق عمر عثمان حيدر صديق سڀ ڪان افضل اظهر
أحمد أحمد أحمد أحمد
صلي الله عليه وآله وسلم

لبڙن ڪي جو لبڙن لاتو سڀ جڻ تہ ڪٽيءِ ڀاڪر ڀاتو
ٻي ٻي حليمه چاتي لاتو اشرف افضلِ سيد بحر و بر
أحمد أحمد أحمد أحمد
صلي الله عليه وآله وسلم

بخشل حق جو هٿيو نعرو انڌا ٻوڙا ڪن ٿا ٿارو
دشمن مرسل جو رهندو ڪارو ڪوڙو ڪاٺو أبدي ابتر
أحمد أحمد أحمد أحمد
صلي الله عليه وآله وسلم



سراج



ايوب عمراڻي



ارشاد سومرو



جاويد عباسي

# ڪهاڻيون

سنڌي ٻوليءَ جي موجوده عربي - سنڌي لپي 1853ع ۾ ٺاهي وئي جنهن کان پوءِ شروعاتي دور ۾ فارسي ۽ هندي مان آکاڻيون ۽ قصن جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپايا ويا، بعد ۾ اولهه کان آيل مختصر ڪهاڻي [Short Story] جا انگريزيءَ مان ترجما شايع ٿيڻ شروع ٿي ويا. فرانس ۾ موپاسان ۽ روس ۾ چيخوف مختصر ڪهاڻيءَ جي صنف جا استاد ڪهاڻيڪار مڃيا وڃن ٿا. موپاسان ڪهاڻيءَ کي آمريڪن ڪهاڻيڪار ايڊگر ايلن پو جي تخليق ڪيل خوابي دنيا مان ٻاهر ڪڍي حقيقت نگاري جي بنياد تي ڇرڪائيندڙ پڄاڻيءَ سان پيش ڪيو هو. چيخوف آسپاس جي تلخ حقيقتن ۽ انسان جي بيوسيءَ کي بيحد ڏيمي انداز ۾ ڪمال فنڪاريءَ سان بيان ڪيو. سنڌيءَ ۾ جڏهن انگريزي مان اولهه جي ڪهاڻين توڙي هندي، بنگالي ۽ اردو ڪهاڻين جا ترجما شايع ٿيا، تہ نہ رڳو ان دور جي سنڌي ليکڪن کي حقيقت نگاريءَ جي لاڙي متاثر ڪيو، پر عام پڙهندڙن ۾ پڻ مختصر ڪهاڻيءَ کي مقبوليت حاصل ٿي. ان جو هڪڙو ڪارڻ اهو بہ هو تہ سنڌي ماڻهو لوڪ ڪهاڻين ۽ داستانن جا اڳ ۾ ئي هيراڪ هئا. جيتوڻيڪ مختصر ڪهاڻيءَ جو گهاڙيٽو ۽ اسلوب بلڪل الڳ هو، پر ٻنهي جو بنيادي عنصر ساڳيو هو ۽ اهو هو ڪهاڻيپڻو. مختصر ڪهاڻي عام زندگيءَ مان ڪو ريل هڪ ٽڪرو هئي، جنهن جا ڪردار عام ماڻهو هئا. ان ڪري اولهه کان آيل مختصر ڪهاڻيءَ جو ٻوٽو سنڌي ادب جي ڌرتيءَ ۾ اهڙو لڳي ويو، جو وقت سان گڏوڏي وڻ بڻجي ويو.

**شوڪت حسين شورو**

ڪتاب: سئو سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون (جلد پهريون)"

ص 16 تان کنيل

لتن ۽ آخرڪار نيٽ جي لڪڻ جو جسم، في الحال هن جي چاڻ ۽ احساس ۾ ان ڦوڪٽي جو اهوئي جسم ممڪن ٿي نٿي سگهيو، هن بنان نهارڻ جي ڪاٺ جي ماڻهوءَ ڏانهن اکيون ڦرڙايون: نه ڏسڻ جي باوجود ڪاٺ جي ماڻهوءَ جي چپن ۾ دڪيل سگريٽ جو شعلو هن جي اکين ۾ پيهي آيو. هن پنهنجون اکيون بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: اجان پنبڻ اکين تي ڀريائي مس هئا ته املڪ وري زوريءَ پاڻ هرتو پٽجي ويا. ان سان گڏ هن جي بدن ۾ هڪ زلزلو آيو ۽ سمورا بچاءُ بند ٽوڙي ويو، هن جي چاتيءَ جا وار سگريٽ جي شعلي جي آسپاس گهنبيون گهنبيون ٿي، سڙندڙ پچرندڙ ڪل جي دونهين ۾ ٻاڦ ٿجي ويا، پنهنجي ئي چمڙيءَ جي سڙڻ جي بوءِ کي هو سجاڻي نه سگهيو. البته ولرن منجهان، سڙندڙ اُن جي بوءِ، هن کي ائين محسوس ٿي جڻ ته اها بوءِ هن جي سڃيل، ڦٽيل، نيرا پٽا پٽا ٿيل پيرن منجهان ٿي آئي ۽ هن جي ناسن تائين پهچندي، هن جي چاتي ۾ گهڙيءَ لاءِ ٽڪي پيئي هئي، ان بوءِ هن کي ٽانڊي جي اُلي جي يادگيري ڏياري، جيڪو هن جي ٻنهي ٻبين جي وچ ۾ رکيو هو ۽ اتي ئي ڌکي رهيو هو. هن جي اکين جي ڪنارين ۾ جيڪو پاڻي پرجي پرجي ٿي آيو، سو پاٺمرادو، پاڻ هرتو اٿل ڪئي هن جي لونڊڙين ۾ پيهي آيو.

”ڪيئن؟...اڃا به پنهنجي هوڏ نه ڇڏيندين؟“ ڪاٺ جي ماڻهوءَ جو آواز، هن جي ٻبين جي وچ تي رکيل ٽانڊي جي آسپاس هوا جو جهوٽو ٿجي آيو. هو چُپ، هنجون اکيون چُپ پر هن جا ڪن وڌيڪ سرلا ٿي ويا هئا. هن وري نئين سگريٽ ۽ نئين ماچيس جي تيلي جي گهڪي جو آواز ٻڌو، هن جي ٻنهي بغلن ۾ اوڙاهه ٻري پيا، ٻنهي چڏن ۾ مچ ٻري پيا، هن جي ڪلهن هن جي گوڏن ۽ هن جي پيٽ جي ورن ۾ زلزلا ايندا رهيا، ٻاهه جا ڪنڀ چڙ رهيا، ٽانڊن جون آريون پچنديون رهيون، هن جي اکين ٻدران هاڻ هن جو جسم روئڻ لڳو چاڪاڻ ته هن جون اکيون هر زلزلي کان پوءِ وڌيڪ زور سان پچي ٿي ويون، هن جو هينيون چپ ڏندن جو اضافي حصو ٿجي ويو. ۽ پوءِ هڪ زوردار زلزلو هن جي پيٽ جي اندرئين پاسي اٿيو ۽ هن جي اونارن مان پيلو پيلو زهر پڙڪو ڪلئي، هن جي واڇن مان وهڻ لڳو، ان وقت، هن تمام پري، زلزلن جي پرينءَ پر، اهو ٻڌڪو ٻڌو:

”شايد ڏندڻجي ويو: پاڻي هاري هوش ۾ آڻيوس!“

جڏهن هن جون اکيون وري کليون، تڏهن هن کي هڪ ڪاٺ جي ماڻهوءَ ٻدران ڪئين ڪاٺ جا ماڻهو نظر آيا، جيڪي پلچولن جيان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ڳتيل ها، ۽ سندن چپن ۾ ٻاهه جا ڳاڙهسرا ڏينبو چنبڙيل هئا، ٿوري دير کان پوءِ اهي سمورا ماڻهو وري هڪڙو ڪاٺ جو ماڻهو ٿجي ويا، پر ان ڪاٺ جي ماڻهوءَ کي الاهي چپ هئا، جيڪي هڪ ڊگهي قطار ۾ هن جي اکين تائين ٿي پهتا، انهن سمورن چپن ۾ هڪ ئي سگريٽ هو، پر ان سگريٽ ۾ الاهي شعلا هئا، جيڪي هن جي اکين جي پنبڻين ۾ تمڪڻ لڳا.

”هاڻ ڇڏيوس! هوش ۾ اچي ويو آهي... هي مردود ڏاڍا سخت جان ٿيندا آهن.“

هن ڪاٺ جي ماڻهوءَ جو آواز پهريان هوريان ۽ پوءِ ڏاڍيان ٻڌو.“

”هن کي... پاڻي ڏيو...

”پاڻي.....“ هن جي چپن پاڻيءَ جو خيال ايندي ئي ٿڙڪڻ شروع ڪيو، هن جي زبان جي ٻيلبان ۾ ٻاهرا ڪنڊا ڄمي پيا، جپ هن جي تارونءَ ۾ ڪجهه ڳولڻ لڳي، پر اتي به رڳو ڪنڊا ئي ڪنڊا هئا. هن گلاس ۾ پاڻي اوتجندو ٻڌو ۽ ان آواز تي هن جي نڙگهٽ ۾ هوبهو ساڳيو آواز پيدا ٿيڻ لڳو، ”پاڻي... کهڙو سواد هوندو آهي، پاڻيءَ ۾؟“ هن جي دل گلاس ۾ اٽڪي پيئي، جتي پاڻي هو.....

”اچي هان، پاڻي پيءُ....“ ڪنهن چيو.

پر هي کهڙو پاڻي هو، جنهن جي ويجهي اچڻ تي، هن جا آنڊا ڳجيون ٻاهر اچڻ لاءِ آتا ٿيڻ لڳا هئا. هن پنهنجا ٽوٽ چپ زور سان پڪوڙي ڇڏيا، هن پنهنجون اکيون وڌيڪ زور سان پڪوڙي ڇڏيون. ان جي باوجود اهو پاڻي هن جي ويجهو هو. هن جي اندر داخل ٿيڻ جو جتن ڪري رهيو هو. هن ڪنڌ لاڙي، ان اوپري ويجهائپ کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي پر گلاس هن جي چپن جي بند دروازن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ هن جي ڏاڙهيءَ ۽ ڳچي ۾ ڇلڪي پيو. هن جا آنڊا ڳجيون اچي وات ۾

ڪنهن زماني ۾ ڪهاڻيڪار به هو، ان ڪي اجا تقرير جو وارو نه مليو هو سو ڪرسيءَ تي ٿي ننڊ وٺي ويس، جڻ اديب نه هجي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ سرڪاري ڌر جو ميمبر هجي. ڪيس ننڊ پيل ڏسي نشين ٿهيءَ جا ڇوڪرا ٽهوڪرا ڪري رهيا هئا، پر جڏهن پرين جهڙي سهڻي ڪهاڻيڪاره پنهنجي لکيل تقرير پرس مان ڪڍي ته مڙني ڪٽي ماٺ ڪئي. سڀني تاڙيون وڄائي سندس آجيان ڪئي. انهن تاڙيون وڄائڻ وارن ۾ ڪهاڻيڪار علي نواز به شامل هو. ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته علي نواز ماهه روز جي ايڏي لڏ ڏسي سڙندو پچرندو، هن ڪي بڇان ايندي هُو چوندو ڪالهوڪي ڇوڪري هن ڪي ڪهڙي خبر ته لکڻ ڇا ٿيندو آهي. اتفاق سان ڪتاب ڇپجي پيس ته ننڊ مان ٿي ٽڪر ٿئي. جيئن عام طرح اديب هڪٻئي سان ساڙ پليندا آهن پر علي نواز ائين نه ڪيو، هُو ماهه روز جي ايڏي پذيرائيءَ تي سڙي پچري نه رهيو هو بلڪ خوش ٿي رهيو هو!

ماهه روز هڪ اياز جو شعر پڙهيو ۽ پوءِ سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو. اها خوبصورت پرين جهڙي ڇوڪري جيڪا ڪجهه وقت اڳ مُرڪي رهي هئي ته ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ ڪائنات مرڪي رهي آهي، پر جڏهن سندس اکين ۾ ڳوڙها آيا ته سڀني کي محسوس ٿيو جڻ ڪائنات روئي رهي آهي!

نيٺ مس مس ماهه روز ٽڪل ٽڪل لفظن سان پنهنجي تقرير جي شروعات ڪئي، چيائين:

”آءٌ توهان سڀني جي ٿورائتي آهيان جو توهان منهنجي ايتري عزت افزائي ڪئي. سچ اهو آهي ته هن عزت افزائيءَ جو حقيقي مستحق نالي وارو ڪهاڻيڪار جناب علي نواز آهي!“

”علي نواز!“

سڀني ماڻهن علي نواز جو نالو وٺي حيرانيءَ جو اظهار ڪيو. اسٽيج تي ويٺل نڙڪو ۽ خزاني جي نانگن جهڙا پراڻا اديب، علي نواز جو نالو ٻڌي ائين ڇرڪيا جڻ سندن اکين ۾ ڪنهن ڪنبو هڻي ڪڍيو هجي. هنن سڀني عمر ڪنهن جي اديب هئڻ ۽ نه هئڻ جا سرٽيفڪيٽ ورهايا هئا ۽ علي نواز جي حصي ۾ ڪڏهن به ڪو سرٽيفڪيٽ اچي نه سگهيو هو. علي نواز غريب ۽ خود دار ڪهاڻيڪار هو. هن سينئر ڪهاڻيڪارن جي ڪڏهن به چمچا گيري نه ڪئي هئي. نه هنن سان شراب جي محفل ۾ ويٺو هو، نه ڪڏهن ڪنهن سٺي هوٽل ۾ سندن دعوت ڪئي هئائين، نه ئي وري ڪو تحفو ڏنو هئائين، تنهنڪري سينئر ڪهاڻيڪارن جي نظر ۾ هُو ڇِسو ۽ واهيات ليکڪ هو. بس اهو ئي سرٽيفڪيٽ ماڻيو هو، پر اڄ جڏهن هڪ پري پيڪر علي نواز کي پاڻ کان وڏو مرتبو ڏئي ڇڏيو ته سينئرز کي پيٽ ۾ اهڙي ولوڙ ٿي پئي جڻ جمال گهوٽو کائي آيا هجن! پر پوءِ به مجبوريءَ ۾ سُور پي ويا جو سندن وڏي کي اجا صدارتي تقرير ڪرڻي هئي! پر ماهه روز ته اجا به ڏهه قدم اڳتي وڌي وئي. سڏڪندي چيائين: علي نواز هڪ عظيم ڪهاڻيڪار آهي، پر هن سان وڏو ظلم ڪيو ويو آهي. هُو گذريل ٽيهن سالن کان لکي رهيو آهي. پر نه ڪيس ڪهاڻيڪار تسلم ڪيو ويو آهي، نه ئي سندس ڪتاب آندو ويو آهي، ڪيس ڪنهن به سرڪاري يا غير سرڪاري ادبي پروگرام ۾ دعوت نه ملي آهي، وڏي افسوس جي ڳالهه آهي جو هتي ادب جا معيار پئسو، رتبو، طاقت رعب ۽ دٻدٻو آهي، جن وٽ اهي شيون آهن، اهي ئي اديب آهن جن وٽ ناهن، اهي ڀلي ڪيڏو به سُٺو لکن، پر ڪنهن به صورت ۾ اديب نه مڃيا ويندا. منهنجي بابا سان به ائين ٿيو آهي!“

”تنهنجو بابا!؟“ خزاني جي نانگ جهڙي اسٽيج تي ويٺل نڙڪو اديب کان رڙ نڪري وئي.

”ها منهنجو بابا!“ ماهه روز پوري اعتماد سان چيو ”هن مجموعي ۾ جيڪي به ڪهاڻيون آهن، اهي منهنجي بابا علي نواز جون لکيل آهن. اهي ساڳيون ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ بابا جي نالي سان ڇپيون

ته بابا کي ڪا به پذيرائي نه ملي. بابا توهان جهڙن اديبن کان انتقام وٺڻ لاءِ هيءُ ڪتاب منهنجي نالي سان ڇپرايو آهي. ها مان اهو به ٻڌائڻ ٿي چاهيان ته اڄڪلهه اديب ٿيڻ لاءِ نوجوان ۽ خوبصورت ڇوڪري هئڻ به ضروري آهي. ڏسو منهنجو ڪتاب به ڇپجي ويو آهي ۽ مان ڪهاڻيڪاره به ٿي ويئي آهيان ڇو ته ڇوڪري آهيان!“

ماهه روز کي پڪ هئي ته هوءَ ان طرح سان ٽڪو ۽ پوڙهن بيمار اديبن کي قائل ڪندي. هُو شرمندا ٿيندا ۽ علي نواز جي ڪيل ادبي پورهئي کي تسليم ڪندا، پر اها هن جي غلطي هئي، هو نه شرمندا ٿيا نه ئي پنهنجي غلطي تسيلم ڪيائون. الٽو ماهه روز تي ڪاوڙجي پيا!

هڪڙي چيو: ”اسان سان دوکو ڪيو ويو آهي. هڪ ٽڪي جي ڇوڪري اسان کي شرمائڻ ٿي چاهي!“

ٻئي چيو: ”هلو ته هلون!“

ٽئين چيو: ”ائين وري ڪيئن هلنداسين جيستائين علي نواز ۽ ان جي ڌيءُ معافي نٿا وٺن، پاڻ هتي ويهي احتجاج ڪنداسين!“

هيٺ سامعين ۾ به گوڙ ٿي ويو، جيترا هئا وات اوتريون هيون ڳالهيون. هڪ هڪ ٿي ماڻهو هليا ويا، ماهه روز جي پوري تقرير ڪنهن به نه ٻڌي. آخر اهو ٿيو جو هال ۾ علي نواز ۽ ماهه روز اڪيلا رهجي ويا. علي نواز چيو: ”ڌيءَ توهي ڇا ڪيو! سيني کي ڪاوڙائي وڌئي!“

ماهه روز مرڪندي چيو: ”هنن کي سندن اصل چهرو ڏيکارڻ ضروري هو بابا، هل ته گهر هلون.“

تڏهن علي نواز محسوس ڪيو ته هن جيڪو ڪهاڻيءَ سان عشق ڪيو هو، اڄ سندس عشق جي تڪميل ٿي ويئي آهي. تڏهن هن وڏي آٿت محسوس ڪئي.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: سنڌي ٻوليءَ جا سرجڻهار شاعر
مصنف: پروفيسر سروپچندر ’شاد‘
موضوع: تحقيقي مضمون
قيمت: -/800 رپيا
ڇپائيندڙ: ساحل پبليڪيشن، حيدرآباد

غريب هاريءَ جو پٽ سانوڻ جيڪو پيءُ سان گڏ وَليون پوئي وڏو ٿيو، مٽيءَ جي مَنهن ۾ ننڍپڻ جا ڏينهن گذاري جوانيءَ جي چائنٺ تي اچي پهتو، هن جو عشق به ته يڪطرفو هو.

سهڻي ته ٻچپڻ ۾ ئي پنهنجي سوٽ بلاول سان ٻڌجي ويئي هئي. هن جي خوابن جو شهزادو به صرف بلاول ئي هو. هن جي اکين ۾ ته صرف بلاول جا خواب سمايل هئا. هن کي ڀلا ڪهڙي خبر ته هن جي ڳوٺ جو ئي نوجوان هن لاءِ من ماندو ڪيو ويٺو آهي، ۽ من جي مندر ۾ سهڻيءَ جي مورتيءَ جو پوڄاري بڻجي ويو آهي. سانوڻ کي ته اها به خبر نه هئي ته، سندن خاندان جي وچ ۾ فرق جون ڏگهيون ديوارون آهن. پوءِ هنن جو ميلاپ ڀلا ڪيئن ممڪن هو؟ وري سانوڻ جو عشق به ته يڪطرفو هو.

سهڻيءَ ته ڪڏهن سانوڻ ڏي اک کڻي به نه ڏٺو هو. هوءَ ته بلاول جي ڪنوار ٿيڻ جا خواب ڏسندي هئي. هوءَ ته لوسيٽريءَ ۽ جدائي جا ڏينهن آڱرين تي ڳڻيندي هئي. اهو ڏينهن به اچي ويو جڏهن بلاول تعليم مڪمل ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر ٿي آيو، ته سهڻي ۽ بلاول جي شاديءَ جون تياريون به شروع ٿي ويون. سهڻي بلاول جي ڪنوار ٿي، اباڻو اڱڻ ڇڏي اچي ساهرن جي حويلي وسائي.

هن دنيا جا به عجيب رنگ آهن. ڪٿي ميلاپ ته وري ڪٿي وڇوڙو، ڪٿي خوشيون ته وري ڪٿي من ۾ ماتم. جتي سهڻي ۽ بلاول خوشين ۾ مگن هئا ته وري ٻئي طرف سانوڻ غم جي دنيا ۾ گم هو، هُو ان غم کي غلطان ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ميخاني ۾ ته ڪڏهن پنهنجي منهن ۾، اڪيلو پيو غمن سان منهن ڏيندو هو. هِن کي سڌ هئي ته هن جي غمن جو نه ته ڪو حل آهي، ۽ نه ئي وري انت، بس هُو پنهنجي دنيا ۾ مست هو. جڏهن هن کي سهڻيءَ جي سڪ ستائيندي هئي ته ساٿي مئه جو گلاس گهوٽي پيئندو هو. اهو ساٿي مئه جو گلاس هن جو آخري سهارو هوندو هو.

ڀلا! هن جي ساهه کي ڪٿي ٿي سُڪُ آيو؟، هُو ته اُڃ جو رولاڪ هو. هُو ته ٿر جي اهڙي پياسي صحرا هو، جيڪو مِينهن جي هڪ بوند لاءِ بادلن ڏي واجهائيندو آهي، ته ڪڏهن ٿو هن اڃايل ٿر تي ڪارن ڪڪرن جو وسڪارو ٿئي؟ ۽ ٿوٽ زمين تي ڪرم جون بوندون وسن، سانوڻ فقير به سهڻيءَ جي هڪ نظر جهلڪ جو ديوانو هو، هن جي ماندي مَن تي سهڻي جي هڪ نظر به ڪا ٿر تي وسڪاري کان گهٽ ڪا نه هوندي هئي، جڏهن سانوڻ کي سڪ ستائيندي هئي ته اچي سهڻيءَ جي در تي پاڻيءَ جي ڪٽوري جي صدا لڳائيندو هو.

"ڪٽورو پاڻيءَ جو پيار، ته صدين جي اُڃ اُجهائي واپس وڃان."

سانوڻ فقير جي صدا تي حويليءَ جي نوڪرياڻي پاڻي جو ڪٽورو کڻي اچي، حاضر ٿيندي هئي، پر سانوڻ فقير ڪٽورو واپس ڪري ڇڏيندو هو. فقير ان دان تي راضي ڪو نه ٿيندو هو. هُو ته سهڻي جي هڪ جهلڪ جو سِڪڙو هوندو هو. هُو نوڪرياڻيءَ کي التجا ڪندي چوندو هو:

"پاڻي جي سرڪ ته انهن هٿن سان ڏنل ڪٽوري مان پرجي، جنهن جي پيئڻ سان پياسي من کي سرور نصيب ٿي، هيءُ ڪٽورو واپس کڻي وڃ ۽ سهڻي کي چئو ته، هن آساٽي کي هڪ جهلڪ پساءِ ته هيءُ بندو واپس پنهنجي ماڳ ويندو."

نوڪرياڻي ڪٽورو پاڻيءَ جو کڻي، واپس وڃي سهڻيءَ کي سانوڻ فقير جو سنيهو ڏيندي هئي. سهڻي اهڙي التجا تي تپي باهه ٿي ويندي هئي، پر سانوڻ فقير ته سهڻيءَ جي حويليءَ جي در جي چائنٺ ڪين ڇڏيندو هو. ڀلي کڻي صبح کان سانجهي ٿي وڃي، اڄ وري سهڻيءَ ضد ڪيو ته هوءَ فقير کي پاڻي ڪو نه پياريندي سانوڻ فقير جي وري هوائن ۾ صدا گونجي.

"ڪٽورو پاڻيءَ جو پيار ته صدين جي اُڃ اُجهائي واپس وڃان."

سانوڻ فقير جي آواز تي، نوڪرياڻي، جيجيءَ سان مخاطب ٿي.

"سائڻ! فقير ته وڃي ئي ڪو نه ٿو. سندس ضد آهي

تہ سهڻيءَ جي هٿن سان ڪٽورو وٺندس، جيجي صبح کان وينو آهي، متان اچي اُس ورايو اٿس، پر وڃڻ جي اصل وائي ئي ڪونہ ٿو ڪري... ۽ سهڻي جو ضد آهي تہ اڄ هن کي اصل پاڻي ڪونہ پيارينديس.“

”اڙي سياڳي! تو مون کي پهريون ڇو نہ ٻڌايو؟ هي ڪو عام فقير آهي ڇا؟، هن جي دل نہ رنجائينديون ڪيو، متان هن جي آهہ سان حويلي ئي نہ لُڏي وڃي.“ وڏيريءَ سهڻيءَ کي سڏيو، جيڪا پينگهي ۾ پئي لُڏي ”سهڻي، امان! هيڏانهن اچ.“

”ها جيجي! اچان ٿي.“

سهڻيءَ پينگهي مان جواب ڏنو، ائي اچي جيجيءَ جي سامهون بيٺي.

”جي جيجي! توهان سڏايو؟“

”ها، امان! هو سانوڻ فقير وڃي ئي ڪونہ ٿو، تون هيءَ پاڻيءَ جو ڪٽورو کڻي وڃي پياري اچينس، ثواب جو ڪم آهي، ۽ امان سانوڻ فقير کي نہ رنجائيندي ڪر.“

جيجيءَ سڀ نصيحتون هڪ وقت ۾ ڪيون، ”پر جيجي امان! هُو مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان پاڻي ڇو نٿو وٺي؟“

هن جيجيءَ کان سوال ڪيو.

”امان: درويش آهي، هن جو من جٿي ريجهي، پاڻيءَ جي ڪٽوري جي بدلي هُو توکي ڪيترين تہ دعائون ٿو ڏي.“

”پر امان! ڳوٺ جا ماڻهو ڇا چوندا؟“

”امان! تون وجهہ ڳوٺ جي ماڻهن کي، هيءَ ڪٽورو کڻ ڏاهي ٿي وڃي پياسي کي پاڻي پياري اچ.“

”جيجي؟ مون کي ٻپ ٿو ٿئي، بلاول ۽ چاچا کي خبر پئي تہ اصل قيامت ڪري ڇڏيندا.“

سهڻي ٻپ جو اظهار ڪندي چيو.

”امان! ڪجهہ نہ ٿيندو، مان ويٺي آهيان نہ، هيءَ مائي سوني بہ تہ توسان گڏ آهي، پوءِ ٻڇين ڇو ٿي؟“

سهڻي کي وڌيڪ انڪار ڪرڻ جو ڪو بہ جواز ڪونہ هو. هوءَ چُپ چاپ ڪٽورو کڻي اچي در تي سانوڻ فقير کي ڏنو. سانوڻ فقير عادت مطابق هڪ نظر سهڻيءَ جي چهري تي وجهي، ڪٽورو پاڻيءَ جو پي، سهڻيءَ کي لک، لک دعائون ڏئي ائين غائب ٿي ويو ڄڻ تہ آيو ئي ڪونہ هو. سهڻي چپ چاپ سانوڻ فقير کي ڏسندي رهي.

اڄ موسم ڪجهہ جهڙالو هو. ساون ۽ ڳهاٽن وڻن تي پکي مٺيون لاتيون پئي لنويون، سهڻيءَ جي من تي بہ هن مست موسم جي مستي چڙهي آئي. هوءَ بہ اڱڻ ۾ بيٺل نم جي وڻ تي لڳل پينگهہ ۾ لڏڻ لڳي، هن جي من تي ننڍپڻ جون يادون تري آيون. ڪيئن نہ هوءَ سکين سان جهڙالي شامن ۾ پينگهہ لڏنديون هيون، برسات ۾ پچنديون هيون، ڪاغذ جون ٻيڙيون ٺاهي، پاڻيءَ ۾ تارينديون هيون، اڄ بہ ڪنهن شاعر جي شاعريءَ جهڙي حسين شام من کي موهي رهي هئي. اهڙي حسين موسم ۾ وري سانوڻ فقير جي صدا گونجي.

”ڪٽورو پاڻيءَ جو پيار تہ صدين جي اُڄ اجهائي واپس وڃان.“

اهڙي حسين موسم ۾ سانوڻ فقير جي صدا سهڻيءَ کي اصل ڪونہ وڻي. هُوءَ تپي باهہ ٿي ويئي. جيجيءَ جي چوڻ تي بہ پاڻي کڻي ڪونہ ويئي. مائي سونيءَ جو ڏنل پاڻيءَ جو ڪٽورو ڪاوڙ ۾ زمين تي اڇلايو.

”ماريو مري بہ نٿو تہ منهنجي جان ڇٽي، جيئڻ عذاب ڪري ڇڏيو اٿئين، نہ مهل نہ ساک، اچي ٿو در تي ڪڙڪي، نياڳو ماريو.“ سهڻي، سانوڻ فقير کي بد دعا ڏيئي، ڪمري ۾ هلي ويئي.

ڪٽوري ڪِرڻ سان سانوڻ فقير جي دل جا ٻہ ڀڙا ٿي پيا، هن جي خماريل اکين مان بہ گرم لڙڪ ڪِري پيا، جيڪي سانوڻ جي ڳلن تان ٿيندا بدن تي پاٽل ڇتين لڳل ميري قميص ۾ جذب ٿي ويا، هن جي خماريل اکين ۾ ڳوڙهن جو سمنڊ لڪيل هوندو هو، انهن لڙڪن جو ملهہ تہ انهن کي معلوم هوندو، جن جي من ۾ عشق جو مهاساگر سمايل هوندو، ۽ ان جي سرڪي بہ الست ۾ ئي پيتي هوندي.

مائي سوني پاڻيءَ جو ڪٽورو کڻي، حويليءَ مان نمودار ٿي، پر سانوڻ فقير ڪٽورو وٺڻ کان صفا نابري

هن جا قدم بي اختيار حويليءَ ڏي هلڻ لڳا، حويليءَ جو وڏو دروازو ٽپي، در جي چائنٺ تي رڪجي ويا، هن جي صدا هوائن ۾ گونجڻ لڳي.

”ڪٽورو پاڻيءَ جو پيار تہ صدين جي اُڃ اُجهائي واپس وڃان“ سانوڻ فقير جي صدا تي حويليءَ جي نوڪرياڻي ملڪ سوني، پاڻيءَ جو ڪٽورو کڻي حويليءَ مان حاضر ٿي، پر سانوڻ فقير ڪٽورو وٺڻ کان ئي نابري واري ڇڏي. هن پنهنجا جملا وري ورجايا.

”هيءَ ڪٽورو واپس کڻي وڃ ۽ سهڻي کي هٿ ٻڌي التجا ڪج تہ هن فقير تي ترس ڪري پنهنجي هڪ جهلڪ ڏيکار تہ منگتو موٽي ماڳ ويندو.“

ملڪ سوني، ڪٽورو واپس کڻي وڃڻ لڳي تہ ڊاڪٽر بلاول بہ حويليءَ ۾ داخل ٿيو. سانوڻ فقير کي ڏسي هن سان مخاطب ٿيو:

”فقير صاحب! ڇا گهرجي؟“

”ڊاڪٽر صاحب! هڪ جهلڪ جو سوالي آهيان، منگتي کي دان ملي تہ موٽي ماڳ وڃي.“

”فقير صاحب! حڪم ڪيو، ڪهڙو سوال آهي؟“

”سائين! سهڻيءَ جي هڪ جهلڪ جو سيڪڙو آهيان، جهلڪ نصيب ٿئي تہ موٽي ماڳ وڃان.“

ڊاڪٽر بلاول، فقير جي اهڙي صدا تي، حيران ٿي ويو، هُو سانوڻ فقير کي ڪو بہ جواب ڏئي نہ سگهيو.

”ڊاڪٽر صاحب! توهان تہ مون سان وعدو ڪيو هو تہ تنهنجي من جي مراد پوري ڪندس، پوءِ حيران ڇو ٿا ٿيو؟“

سانوڻ فقير، ڊاڪٽر بلاول کي پنهنجو وعدو ياد ڏياريندي چيو. ڊاڪٽر بلاول کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو، تہ سانوڻ فقير ڪهڙي وعدي جي ڳالهہ ٿو ڪري.

”ڊاڪٽر صاحب! مان وڃان پيو، مان صدا پوري ٿيڻ تائين انتظار ڪندس“

سانوڻ فقير، اُتي واپس هليو ويو، هيءُ پهريون ڀيرو هو جو، هو سهڻيءَ جي در تان، اُڃ اجهائڻ کان سواءِ واپس موٽيو هو. هن جا قدم پنهنجي جهوپڙيءَ ڏي واپس هلڻ لڳا، هن جي پگهريل ۽ اگهاڙن پيرن تي مٽيءَ جا تهہ چڙهندا ٿي ويا، ڄڻ مٽيءَ جا جوراب پاتل هجن، هُو جڏهن بہ سهڻيءَ جي در تي صدا لڳائڻ ايندو هو تہ پيرن ۾ جتي ڪين پائيندو هو. سندس عقيدو هو تہ محبوب جي در تي پيرين اگهاڙي ئي وڃڻ روا آهي. هُو هلندو، هلندو اچي پنهنجي جهوپڙي وٽ پهتو، هن در تي رکيل ٻہ ڏنگهر پري ڪري اندر داخل ٿيو. ننڍڙو پترن جو مُنهہ هن جي ڪل ڪائنات هو، پٽ تي پلال مان ٺاهيل پاٿاري، جنهن تي ڪجيءَ جو ٽئو وڇايل هو. هڪ رلي، هڪ وهاڻو جنهن تي هُو آرامي ٿيندو هو. ڪنڊ ۾ ٻن گهڙن جي گهڙا منجي هئي، جنهن تي هڪ دلو رکيل هوندو هو ۽ هڪ لوهہ جو ڪارو جنهن ۾، هڪ جست جو ٿالهڙو، جست جو وٽڙو، جست جو گلاس، هڪ پنڊي، هڪ چانهہ جو ٻلڻ، پتر جي ٻر ۾ ٽن ملرنگن سان ٺهيل چلهہ، جنهن تي هُو ڪڏهن ڪڏهن ڳُڙجي چانهہ ٺاهي پيئندو هو. باقي ماني تہ ڳوٺ وارا ڏئي ويندا هئس. ڪانن جي پترن تي ڳاري جو ليپو بہ ڏئي ڇڏيو هئائين. ننڍڙو اڱڻ جنهن کي ٻهاري ۽ ڇڪار نہ ڪرڻ ڪري ڪلرجي ويو هو، پر سندس هلڻ ڪري وچ اڱڻ ۾ رستو ٺهي ويو هو. گهر کي ڏنگهر جو اوڙهو ڏنل هو. هُو جڏهن بہ ٻاهر ويندو هو تہ در تي ٻہ ڏنگهر رکي ڇڏيندو هو. ڀلا هن جي گهر ۾ هو بہ ڇا؟ جو قلف ڪڙا لڳائي.

سانوڻ فقير هن دنيا ۾ بلڪل بہ اڪيلو هو. شاهہ جي بيت وانگي سنجريس تان سور، سلماٽيس تان سک ويا، ننڍپڻ ۾ امڙ وڇڙي ويس، جوان ٿيو تہ ابو بہ وڃي لحد ۾ آرامي ٿيو. مٿان وري سهڻيءَ جي عشق، سانوڻ کي فقيري پارائي ڇڏي.

اڄ وري سانوڻ فقير جو من ماندو هو، هو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اُداس ويٺو هو. هُو فقير ضرور هو پر پنهنجي دل جو تہ بادشاهہ هو. هُو دل جي دربار سجائيندو هو، پر سندس من جي ملڪہ تہ هوندي ئي ڪو نہ هئي، هُو ان غم ۾ ئي غلطان هوندو هو. ان غم مان نجات لاءِ هو. سائي مڻ جو سهارو وٺندو هو. هُو ڪونڊي ۾ ڀنگ جي پڙي وجهي جڏهن ڏنڊي سان گهوٽيندو هو تہ، ڏنڊي

۾ ٻٽل گهنگهرن جي ڇم ڇم عجيب ردم پيدا ڪندي هئي. ان ردم ۾، جهٽ پلڪ لاءِ پنهنجا غم وساري ويهندو هو. ململ جي صافيءَ ۾ نپوڙيل ساٽي مٽ جو گلاس پي، الله جو شڪر ادا ڪندو هو. ”منهنجا مالڪ! تنهنجا لک شڪر، هيءَ ساٽي مٽ نه هجي ها، ته اصل صفا مري وڃان هان.“

هو خدا جو شڪر ادا ڪري گودڙيءَ مان بندي ڪيي لڪڻ لڳندو هو. الائي ته ڇا لکندو هو. لکندي لکندي، هن جي نيڻن مان به وڏا لڙڪ لڙي پوندا هئا جيڪي ڳلن تان ٿيندا، ڪنن جي پاپڙين ڏي هليا ويندا هئا. هُو وري پنهنجي خدا سان مخاطب ٿيندو هو.

”منهنجا خدا! تنهنجي دنيا ۾ غريبن کي اميرن سان پيار ڪرڻ جو ڪو به حق ناهي؟“

خدا کان جواب نه ملڻ تي هُو وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو هو. هن جا ٽهڪ هن جي مَنهنَ ۾ گونجڻ لڳندا هئا.

هُو وري اچ پنهنجي خدا سان مخاطب ٿيو.

”تون پاڻ ته انسانن سان انصاف نٿو ڪرين؟ ٻڌي، انسانن لاءِ انصاف جي ترازي؟ تنهن ئي ته تون خدا آهين.“ تون ڀلي جواب نه ڏي، مان تنهنجي ئي شاهڪار تخليق جي حسن جي هڪ جهلڪ جي صدا لڳائڻ ٿو وڃان، تون ته پنهنجي ئي مخلوق جو تماشو ڏسي خوش ٿيندو آهين، جهڙي طرح پتليون نچائيندڙ، پنهنجين پتلين جو ئي تماشو ڪري خوش ٿيندو آهي، تون ته هن پوري ڪائنات جو خلق آهين.“ سانوڻ فقير جا قدم بي اختيار حويليءَ طرف وڌڻ لڳا، هُو خدا سان ڳالهائيندو ڳالهائيندو اچي حويليءَ جي در تي پهتو، هن پنهنجي صدا وري ورجائي.

”ڪٽورو پاڻيءَ جو پيار ته صدين جي اُڃ اُجهائي واپس وڃان.“

سانوڻ جي صدا تي حويليءَ جي ڪمري ۾ ويٺل بلاول پيرين اگهاڙو ٻاهر آيو. فقير جي صدا ۾ ڪا مقناطيسي ڪشش هئي. هُو حويليءَ جي در تي آيو، هن جي هٿن ۾ پاڻيءَ جو ڪٽورو هو.

”فقير سائين! هيءُ ڪٽورو قبول پوي.“

ڊاڪٽر بلاول، پاڻيءَ جو ڪٽورو فقير جي هٿن ۾ ڏيندي چيو.

”سائين! معاف ڪجو، هيءُ هٿ ته سهڻيءَ کان پاڻي وٺي، پيئڻ جا هيراڪ آهن، پوءِ اوهان جي هٿن سان پاڻي وٺي پيئڻ مان اُڃ ڪيئن اجهامندي؟“

سانوڻ ڪٽوري وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ پاڻي پيئڻ کان سواءِ واپس وڃڻ لڳو.

بلاول، غيرت ۽ وعدي جي پلصراط تي بيٺو هو هڪ طرف غيرت ٻئي طرف وعدو، هن پلصراط جي تکيءَ تند سان غيرت جو ڳلو ڪپي اڇلايو، ۽ وعدي کي ڇيچ کان جهليو.

”سانوڻ فقير! ٿورو ترسو.“

ڊاڪٽر بلاول، سانوڻ فقير کي وڃڻ کان روڪي پاڻ حويليءَ ۾ ويو، ٿوري دير ۾ سهڻيءَ کي وٺي آيو، سهڻيءَ پاڻيءَ جو ڪٽورو وڌايو ته سانوڻ فقير هڪ نظر سهڻيءَ کي ڏسي، پنهنجون نظرون جُهڪائي ڇڏيون. سهڻيءَ ڪٽورو سانوڻ فقير جي هٿ ۾ ڏنو، سانوڻ ٻنهي هٿن ۾ ڪٽورو ورتو ته پاڻيءَ ۾ سهڻيءَ جو عڪس نظر ئي آيو... سانوڻ، سهڻيءَ جو جلوو پسيو ته صدين جي آس هڪ لحظي ۾ نهي ويئي، هن جي چهري جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. هن هڪ عجيب مرڪ مُرڪي.

هُو پاڻيءَ جو ڪٽورو پي وڃڻ لڳو، وڃڻ وقت، بلاول کي دعائون ڏنيون.

”الله پاڪ ڪنهن به توکي پيار جو پياسو نه ڪندو، سدائين سهڻيءَ سان آباد هوندين، الله پاڪ اوهان جي جوڙي سلامت رکندو، هن فقير جي من جي مراد پوري ڪئي اٿئي الله پاڪ اوهان جي من جون مرادون به پوريون ڪندو. هن فقير جي هڪ التجا آهي، هڪڙي عنايت ڪندا ڪيو، بس سهڻيءَ جي هڪ جهلڪ سان نوازيندا ڪريو.“ هن هٿ ٻڌي چيو. سانوڻ فقير ائين غائب ٿي ويو، ڄڻ ته هئوئي ڪونه.

بلاول، سانوڻ فقير کي ڪو به جواب نه ڏئي سگهيو، چپ چاپ هن کي ڏسڻ لڳو، ۽ ڪنهن گهري سوچ ۾ گم ٿي ويو.

"ڇا پيا سوچيو؟"

بلاول، سهڻيءَ جي آواز تي ڇرڪي پيو، سهڻيءَ کي هٿ کان پڪڙي حويلي ۾ هليو ويو.

هاڻي سانوڻ فقير حويليءَ جي در تان ڪڏهن به واپس نه ويو. هُو جڏهن به صدا لڳائيندو هو ته بلاول پاڻ سهڻيءَ کي وٺي اچي، فقير کي ڪٽورو پاڻيءَ جو پياريندو هو. ڀلا هُو گهرندو به ڇا هو؟ هڪ مٽيءَ جي ڪٽوري ۾ پاڻيءَ جو ڍُڪو.

بلاول جي هن عمل تي سهڻي ڏاڍي حيران ۽ پريشان هوندي هئي. هن جي صبر جواب ڏئي ڇڏيو، آخر هڪ ڏينهن هوءَ بلاول سان مخاطب ٿي:

"بلاول! هڪ ڳالهه پڇان؟ ناراض ته نه ٿيندا؟"

"ها پڇو، ناراض ڇو ٿيندس."

"پر مون کي ته ڊپ پيو ٿئي."

"ڇا جو ڊپ؟"

"متان تنهنجي غيرت نه جاڳي پوي"

"ان ۾ ڀلا غيرت جاڳڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

"ڳالهه جو اهڙي آهي."

"ڀلا! آءٌ توسان ڪڏهن ناراض ٿيو آهيان؟ جو اڄ ٿيندس، تون ڳالهه ته ڪر."

"بلاول! مون کي ڏاڍو عجيب لڳندو آهي، جڏهن تون پاڻيءَ جو ڪٽورو پرائي، مون کي سانوڻ فقير وٽ وٺي ويندو آهين. توکي عام ماڻهن واري غيرت ڪونه ايندي آهي؟ هت ته طعني تي عورتن جا قتل ٿيندا آهن."

"نه بلڪل به نه، مون کي ڪا به غيرت نه ايندي آهي..."

"ڇو؟"

سهڻيءَ حيران ٿيندي چيو.

"ڇو ته سانوڻ فقير جي من ۾ ڪو به مير ڪونه آهي، ۽ نه ئي وري نيت ۾ ڪي بدنيتي جا نانگ ڦڻ ڪيو بيٺا هوندا آهن، مون ته هن جي نيڻن ۾، پاڪ ۽ پوتر، صاف ۽ شفاف پاڻيءَ جا چشما وهندي ڏٺا آهن، اهڙا چشما جيڪي روحن کي سيراب ڪري ڇڏين."

"بلاول! توهان کي ذرو به برو نه لڳندو آهي جو هُو مون کي ڏسڻ کان سواءِ واپس نه ويندو آهي؟" هن پنهنجو سوال وري ورجايو. "نه بلڪل به نه، هن جي نماڻن نيڻن ۾ عجيب التجا هوندي آهي، هُو جڏهن توکي ڏسي واپس ويندو آهي، ته هن جي چهري تي عجيب اطمينان هوندو آهي، هن جي چهري تي اهڙو سڪون اچي ويندو، ڄڻ ته ڪنهن صدين جي پياسو صحرا، سيراب ٿيو هجي، ڄڻ ته هن ڪل ڪائنات حاصل ڪري ورتي هجي."

بلاول جي اهڙي جواب تي، سهڻي لاجواب ٿي ويئي. هوءَ وڌيڪ ڳالهائي نه سگهي، هوءَ حيرت مان بلاول کي ڏسندي رهجي ويئي. ڪمري ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. بلاول ڪافي دير کان ڇت کي تڪي رهيو هو.

"بلاول! ڇا پيا سوچيو؟"

سهڻي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو.

"خبر ناهي، ڇا پيو سوچيان."

بلاول ٿورو ساهه ڀريو ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"سهڻي! مون کي ائين ٿو لڳي، تون منهنجو نصيب آهين، پر وجود جو حصو ناهين، تنهنجي وجود جي تخليق صرف سانوڻ فقير لاءِ آهي."

بلاول جي اهڙي اظهار تي سهڻي ڇرڪ ڀري اٿي ويئي.

"بلاول! هيءَ تون ڇا پيو چوين؟ مون ته ڪڏهن سانوڻ فقير کي اک کڻي به نه ڏٺو آهي، تون هي ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين؟"

"ها سهڻي! مان ٺيڪ ٿو چوان، منهنجي لاءِ شعور ۾ گهٽتيون ٿيون وڃن، ته تون سانوڻ فقير لاءِ تخليق ٿي آهين."

بلاول جي اهڙي جواب تي سهڻي پريشان ٿي ويئي.

"بلاول! مان ته ٻالڻ ۾ ئي توسان ٻڌجي ويئي هئس، شعور جي چانئٽ تي جڏهن قدم رکيم ته پيرن ۾ تنهنجي ئي پيار جي پازيب پاتم، هي تون ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين؟"

ويٺو جنهن تي اڪثر سانوڻ فقير ويهي مڻ مهڻيندو هو. ”ڪيترن ڏينهن کان اوهان پاڻي پيڻ نہ آيا آهيو؟“

”بس، سائين! اوهان کي تڪليف ڏيڻ نٿو چاهيان.“ جيڪڏهن ڪا منهنجي طرفان اوهان کي تڪليف رسي هجي تہ معاف ڪجو.“

سانوڻ فقير پنهي هٿ جوڙي ڊاڪٽر بلاول کان معافي گهري

”نہ فقير سائين! شرمندو نہ ڪريو.“

هُو اٿي سانوڻ فقير جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ ورتا تہ هُو بخار ۾ ٻاهہ پئي ٻريو، اکيون بہ ڳاڙهيون لڳيون پيون هئس، شايد سڄي رات ننڊ بہ ڪين ڪئي هئائين، هينئر بہ اکين مان ڳوڙها پئي ڳڙيس، بخار هجڻ ڪري ڪجهہ سيءُ پئي ٿيس.

”فقيرسائين! اوهان کي تہ بخار آهي، هلو تہ اسپتال ٿا هلون، اوهان کي فوري علاج جي ضرورت آهي.“ ڊاڪٽر بلاول سانوڻ فقير جي نراڙ تي هٿ رکي چيو. ”ڊاڪٽر سائين! اسان جي هاڻي موڪلاڻي آهي، هيءُ پيڙو تيلر بينو آهي، بس ڪي پل باقي آهن، پر.....

هُو جملو مڪمل ڪري نہ سگهيو لفظن هن جو ساٿ نہ ڏنو.

”پر ڇا؟ ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟“

بلاول اُتاولو ٿيندي چيو.

”ڊاڪٽر صاحب! هڪڙي آخري آس اٿم اگر پوري ڪريو؟ تہ هيءُ فقير، قبر ۾ بہ اوهان کي دعائون ڏيندو.“

”ها، ها، سائين! حڪم ڪريو، آءٌ اوهان جي آخري آس ضرور پوري ڪندس.“

سانوڻ فقير جي نراس نيڻن ۾، چڻ آس جا ڏيئا ٻري پيا.

”ڪٽورو پاڻيءَ جو پيڻ ٿو چاهيان.“

بلاول، سانوڻ فقير جي پر ۾ پيل جست جو وٽو کڻي دلي مان ڀريو، اچي سانوڻ فقير جي اڳيان جهليو. ”ڊاڪٽر صاحب! پاڻيءَ جو آخري ڪٽورو تہ سهڻيءَ جي هٿن کان وٺي پيڻ جي آس اٿم.“ هن پاڻي وٺڻ کان انڪار ڪيو، هن جي اکين ۾ التجا هئي.

سانوڻ فقير جي اهڙي انڪار تي، هُو لاجواب ٿي ويو ۽ ڪجهہ دير لاءِ سڪتي ۾ اچي ويو. هُو چپ چاپ فقير کي ڏسڻ لڳو.

سانوڻ فقير جي نماڻن نيڻن جي التجا ۾ الائي ڪهڙي تہ غيبي طاقت سمايل هئي.

هُو بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي حويليءَ ڏي موٽي ويو.

ٿوري ويرم نہ گذري تہ هُو سهڻيءَ سان گڏ سانوڻ فقير جي جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿيو، پر ڪافي دير ٿي چڪي هئي. وقت ڀلا ڪنهن جو انتظار ڪندو آهي ڇا...؟

سانوڻ فقير جو روح، هنن جي اچڻ کان اڳ ئي هن فاني جهان مان پرواز ڪري ابدي جهان ڏانهن هليو ويو هو!

بلاول سانوڻ فقير کي ڪيترائي سڏ ڪيا، پر هن کو بہ جواب نہ ڏنو، سانوڻ مري چڪو هو. سانوڻ فقير جي سڏ نہ ڏيڻ تي، سهڻيءَ جي هٿن مان ڪٽورو پاڻيءَ جو ڇڏائجي پٽ تي ڪري پيو.

ڪٽوري ٽٽڻ جي آواز تي، سانوڻ فقير جون اکيون کلي پيون، هُن جي کليل اکين ۾ سهڻيءَ جو عڪس چنبڙجي ويو. هن جي صدين جي اُڃ اڃهلي ويئي، هن جو پياسو روح بنا ڪٽوري پيئڻ جي سيراب ٿي ويو.

سهڻي بيجان بُت جيان سانوڻ کي ڏسڻ لڳي، هن کي پنهنجا چيل لفظ، پڙاڏو ٿي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا.

”ماريو مري بہ نٿو تہ منهنجي جان ڇُٽي.“

ڊاڪٽر بلاول، سانوڻ فقير جي نبض ۾ هٿ وڌو تہ مرڻ جي پڪ ٿيس، پر سهڻيءَ جي اچڻ تي سانوڻ فقير جي اکين کلڻ تي حيراني ٿيس.

سانوڻ فقير جون کليل اکيون سهڻيءَ کي چئي رهيون هيون:

”سهڻي! تنهنجي دعا پوري ٿي، مان وري تنهنجي در تي صدا لڳائڻ نہ ايندس.“

پر سانوڻ فقير جي صدا هر طرف گونجڻ لڳي.

◙



جاويد عباسي

# درد جي نه پڇاڻي آ....

انسان جون ضرورتون پوريون نٰاهن ٿيٽيون. پئسي جو حِرص ۽ لالچ ختم ناهي ٿيٽو. لڳي ٿو اسان کي جڻ پيدا ئي ان ڪري ڪيو ويو آهي، رڳو...... ۽ پئسو ڪمايو، بس. ان ڏينهن مان تڪڙو تڪڙو سينٽر ۾ داخل ٿيس، ڇو جو دير ٿي ويئي هئي ۽ پڪ هئي ته سينٽر جي مالڪ جو منهن خراب هوندو.

اسان استادن جي زندگي ٻه سورن ۾ آهي. هڪڙا اهي استاد آهن، جيڪي ڪاليج ۾ پڙهائين ٿي نه اچن نه، اچن ته چرچا ڀوڳ ڪن، چانهيون پيئن ۽ هليا وڃن. اهي ڏاڍا خوش هوندا آهن، ٻيا وري اسان جهڙا، جيڪي ڪاليج ۾ ٻه ڪلاس وٺن، وري شام جو سينٽرن تي ٻه پڙهائن پر پوءِ ٻه سدائين ٽينشن ۽ پريشانيءَ ۾. گورنمينٽ جي مهيني تي لکين رپيا پگهار ڪٽون ٿا پر پوءِ ٻه پريشاني ڪوچنگ سينٽر جي وڌيڪ هوندي، جتان پندرنهن کان ويهه هزار رپيا مس ملندا آهن.

مان جيئن ئي سينٽر ۾ داخل ٿيس ته رامون ساڳيو دروازي تي استقبال لاءِ بيٺو هو، سلوٽ واري انداز ۾ سلام ڪندو، مرڪندو اڳتي وڌندو ويو، جيئن اڳتي وڌيو ته کنگهه ۾ ورتجي ويو. مون کي خبر هئي ته کيس کنگهه رهندي آهي، پر جنهن شدت سان اڄ هُو کنگهي رهيو هو، ان مون کي پريشان ڪري ڇڏيو. رامون کنگهندي کنگهندي هيٺ ويهي رهيو. مون اڳتي وڌي کيس اٿاريو ۽ آفيس ۾ اچي ويهاريو. کيس پاڻي پياريو ته هُو آهستي آهستي سامت ۾ اچڻ لڳو. سينٽر جو مالڪ، جنهن کي اسان سر ڪريم چوندا هئاسين، جيڪو پنهنجي ناليَ جي ابتڙ هو، هن کي ڳالهه نه وڻي. هڪ ته مون کي دير ٿي ويئي هئي، ٻيو وري پٽيوالي جي سنڀال ۾ لڳي ويو هوس. مون سندس رَويي کي سمجهي ورتو هو. رامونءَ کي اتي ڇڏي، جيڪو پاڻ سنڀالي چڪو هو، مان ڪلاس وٺڻ هليو ويس.

ڪوچنگ سينٽرن تي اڪثر ٻار ذهني توڙي جسماني طور ٿڪل هوندا آهن. گهڻن کي ته ننڊ جا جهُوٽا پيا ايندا آهن. ڀلا جيڪو ٻار صبح سوير اسڪول وڃي ۽ منجهند جو ٻه وڳي تائين اتي پڙهي ۽ وري چار وڳي کان ڪوچنگ سينٽر تي اچي، رات جو اٺين وڳي تائين، ته ٻار جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ هن جي ذهني اوسر ڪيئن ٿيندي؟ بس ڪورس جي ڪتابن ۾ ئي هن جو ٻالڪپڻ گذري وڃي ٿو.

مان ڪلاس وٺي، ٻاهر نڪتس ته رامون پنهنجي وهنوار ۾ مشغول هو، پر هن جي کنگهه ۽ کنگهڻ جو انداز مون کي پريشان ڪندو رهيو، مون رامونءَ کي سڏ ڪيو:

”رامون، کنگهه ڪڏهن کان ٿئي...“ مون ڪنهن ڊاڪٽر واري تشخيصي انداز ۾ پڇيو مانس، ته هُو وري مرڪي پيو.

”سائين.... اڄ ته ڊاڪٽرن جهڙا سوال ٿا ڪريو.....“ هن چانهه جو ڪوپ مون ڏانهن ورائيندي چيو. ڪوچنگ سينٽر جي چانهه ٻه جڻ دادو اسٽيشن واري چانهه هوندي آهي. زهر سمجهي پيئندا آهيون جوان جا پئسا ٿا ڀريون.

”جيڪو پڇانءِ ٿو، ان جو جواب ڏئي.“ مون چانهه جو ڍڪ ڀريو.

”سائين، پراڻي کنگهه آهي، ڪڏهن گهٽ ۽ ڪڏهن وڌيڪ ٿئي ٿي. ڊاڪٽر ڏي ويندو آهيان،

ڪنگهہ جا سيرپ ڏين ٿا، پر فائدو ناهي“ رامون هڪ ساهي ۾ مختصر روئداد ٻڌائي ويو.

”پلا بخار رهندو ٿئي......“

”ها سائين، بخار بہ رهندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ جسم صفا ٽانڊا ٿي ويندو آهي.“

”ڪنگهہ سان ڪانگهارو ايندو اٿئي؟“

”ها سائين، ڪانگهارن بہ رت ڪري ڇڏيو آهي، گهر واري بہ ان ڪان پريشان ٿي رهي، ڇئي ٿي سڄو گهر ڪٿي ڪِنُ ڪيو اٿئي.“ رامون شرم وَچان ڪنڌ ڪنهڻ لڳو.

”سائين انور صاحب! ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪيو، اصل التي ٿي اچي، چانهہ جو مزو ئي ويو هليو.“ سينٽر جي مالڪ، سرڪريم صاحب منهن پيلو ڪري، چانهہ جو ڪپ ٽيبل تي رکي ڇڏيو، جڻ هاڻي وري نہ پيئندو، پر سندس چانهہ ۾ پئسا لڳل هئا، هن وري جهٽ ۾ ڪپ کنيو ۽ چسڪيون وٺڻ لڳو. مون کي پڪ ٿي ويئي تہ رامونءَ کي ٽي. بي آهي. حڪومت ٽي. بي جي علاج لاءِ مفت اسپتالون کوليو آهن، پر هڪ غربت وري بيخبري، هنن کي ڄاڻ ئي ناهي. بس ائين ڪنگهي ڪنگهي مري ويندا. اسان جي بہ ڪوتاهي آهي، جيڪڏهن آسپاس ڪو اهڙو ماڻهو هجي تہ ان کي ڪٿي انهن مفت علاج وارين اسپتالن تائين پهچايون، انهن کي دڳ ڏيکاريون تہ من بچي پون، پر سائين اسان کي وقت ڪٿي آ......“

”رامون تون سڀاڻي صبح جو منهنجي ڪاليج اچجانءِ، ڊاڪٽر ڏي وٺي هلندو سانءِ.“

”سائين، ڊاڪٽرن جي خفن ۾ نہ وجهو، غريب ماڻهو بہ ويلا مس ڪائون، وري ڊاڪٽرن جا خرچ ۽ دوائون، مان ڪٿان ڪندس.“

”تون، ان ڳالهہ کان ڇٽل آن،...... سڀ مان ڪندس.“

سرڪريم نڪ جي چوٽي تي رکيل عينڪ پويان ٻن چنجهڙين اکين سان ڏسي رهيو هو. رامون پنهنجي ڪم سان لڳي ويو ۽ مان سر ڪريم جي ويجهو ٿي ڪيس چوڻ لڳس:

”مون کي لڳي ٿو رامونءَ کي ٽي.بي آهي، لاڳيتو ڪنگهہ جو رهڻ ۽ بخار جو هجڻ، ڪانگهارو ٿڪڻ، اهي ٽي. بي جون نشانيون آهن.“

”پر سائين، اها تہ وچڙندڙ بيماري آهي، ان ڇوري جي ڪري اسان بہ وٺجي وينداسون.“

”سائين ائين تہ آهي...“ مان اٿي ڪلاس وٺڻ هليو ويس ۽ پويان سر ڪريم جي بيچيني ڏسڻ وٽان هئي، جڻ ٽي. بي ڪيس ٿي پئي هجي.

ٻئي ڏينهن، مان رامونءَ کي ساڻ ڪري شهر جي ٽي. بي سينٽر تي وٺي ويس، جتي ٽي.بيءَ جي مريضن جي مفت چڪاس کان علاوه مفت دوائون بہ ڏنيون وينديون آهن. اسان نيڪيءَ جا سودا ڪندي الائي ڇو ڪيٻائيندا آهيون. اسان جي سماج ۾ اڪثر ٽي. بيءَ جو مرض غريب ۽ اڻپڙهيل ماڻهن ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو. هُو بيماري کي سمجهي نٿا سگهن ۽ مري ٿا وڃن. اسان جهڙا پڙهيل لکيل ماڻهون ڄاڻندي ۽ سمجهندي، رڳو ايترو نہ ڪري سگهندا آهيون جو انهن کي فقط علاج جو دڳ ئي ڏيکاريون. رامونءَ جي چڪاس ڪرائي، دوائون وٺرائي، ڊاڪٽر جي ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ لڳس تہ ڊاڪٽر منهنجي ٻانهن پڪڙي اشاري سان رڪجڻ لاءِ چيو.

”رامون...... تون هل، ٻاهر موٽرسائيڪل وٽ بيهہ تہ مان اچان ٿو.“ رامون دوائون سنڀاليندو، خوش خوش ٻاهر نڪري ويو، ڪيس دوائون نہ، جڻ زندگي ملي هجي.

”ادا، توهان جي مريض جي حالت خراب آهي، بيماري ڄڙ وٺي وئي اٿس.“ ڊاڪٽر جي ڳالهہ تي مان پريشان ٿي ويس.

”پوءِ ڊاڪٽر صاحب، ڇا ٿيندو......“

”الله ڇڱي ڪندو دوائون وقت تي ڏيوس. گهر ۾ ٿانوَ، بسترو، ٽوال وغيره الڳ رکوس. ڪانگهارن لاءِ ڪو دبو ناهي، ان ۾ مٽي وغيره وجهي پرسان رکوس، نہ تہ سڀ گهر جا ڀاتي وٺجي ويندا.“ مان ڪنڌ لوڏيندو، هائوڪار ڪندو، ٻاهر نڪري آيس. رامون دوائون جهولي ۾ جهلي، موٽر سائيڪل تي

چڙهيو ويٺو هو. رامونءَ کي گهر ڇڏي، مان دنيا جي وهنوار ۾ لڳي ويس. ٻن ڏينهن کان سينٽر تي نہ ويو هوس. مون کي سر ڪريم جي عينڪ پويان ڀرندڙ اکيون ياد ٿي آيون.

اسان استاد بہ عجيب مخلوق آهيون، سرڪار اسان کي لک رپين کان بہ مٿي هر مهيني پگهار ڏئي ٿي، پوءِ بہ ڪيس اکيون ٿا ڏيکاريون ۽ سينٽر وارا ڪوچنگ جا چند هزار ٿا ڏين ۽ اسان کي اکيون بہ ٿا ڏيکارين ۽ اسان انهن اڳيان ممڙا ٻڌيا هلون.

ٻن ڏينهن کان پوءِ سينٽر جون ڏاڪڻيون چڙهيس تہ سامهون رامون نظر نہ آيو. مان مٿي چڙهي آفيس ويس تہ سر ڪريم اٿي مون کي ڀاڪر ۾ جهليو، مان حيران ٿي ويس.

"سائين..... اڄ صبح جو رامون گذاري ويو....." منهنجي مٿان ڄڻ وِڄ ڪري پئي. گذريل سمورا پَلَ اکين اڳيان هئا. رامونءَ جو مرڪندڙ چهرو، سلام جو انداز، ڪل پوڳ، سڀ ذهن ۾ اچڻ لڳا. مان وڌيڪ ڪجهہ ڳالهائڻ ۽ پڇڻ جي ستو سينٽر مان نڪري رامونءَ جي گهر ڏانهن، موٽر سائيڪل ڊوڙايم. اتي پهچي خبر ئي تہ رامونءَ کي تدفين لاءِ قبرستان کڻي ويا آهن. مان قبرستان پڳس، اڌ ۾ ئي هوس تہ پريان ماڻهن کي خالي ڏولي کڻي، واپس ايندي ڏٺم. مان اتي پند پهڻ ٻڌجي ويس ۽ ماڻهو اڳيان گذرندا رهيا، پر مان ڪنهن کان ڪجهہ پڇي نہ سگهيس. زبان ڄڻ ڳالهائڻ وساري ويٺي، مون خالي ڏوليءَ ڏانهن ڏٺو، ائين لڳو ڄڻ اتي رامون ويٺو هجي، مرڪندو هجي: "سلام صاحب، تورو اڳ اچين ها تہ چا ٿي ٿيئي....." هُو هٿ لوڏي رهيو هو. ماڻهو اڳتي وڌي ويا. مان اتي ئي اڪيلو بيٺو آهيان. ڪڏهن پوئتي قبرستان واري رستي ڏانهن پيئي ڏٺم ۽ ڪڏهن اڳيان خالي ڏولي کڻي ويندڙن کي پيئي ڏٺم."

نئون ڪتاب




ڪتاب: ترورو
ڪهاڻيڪاره: ثمينہ ميمڻ
موضوع: ڪهاڻيون
قيمت: -/250 رپيا
ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور سنڌ

# سنڌي ثقافت ۾ لوڪ گيت

سنڌ صدين کان تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي، سنڌي ثقافت قديم ۽ نرالي آهي، ايتريقدر جو جنهن زماني ۾ باقي دنيا جون قومون جهنگن ۽ جبلن جي غارن ۾ رهنديون هيون، تنهن دور ۾ سنڌي ماڻهو باقاعده رٿابندي سان ٺاهيل ٻه ماڙ ته ماڙ پڪين جاين وارن شهرن ۾ رهندا هئا، انهيءَ ڪري سنڌ جي ثقافت ٻه پراڻي ۽ قديم آهي. اها ثقافت سچائي ۽ خلوص جي جذبي سان ٽمٽار آهي. انهيءَ سچائي ۽ خلوص جا اهڃاڻ اسان کي لوڪ گيتن ۾ ملن ٿا، جيڪي سنڌ جا ماڻهو صدين کان ڳائيندا پيا اچن.

لوڪ گيتن جي ٻولي سادي ۽ سلوڻي آهي، جنهن ڪري هر ڪنهن جي سمجهه ۾ اچيو وڃن ۽ اهوئي راز سندن مقبوليت جو آهي، ڪالهه به لوڪ گيت مقبول هئا ته اڄ به انهيءَ چاهه سان ڳايا ۽ ٻڌا وڃن ٿا. لوڪ گيت قومي ثقافت جو قيمتي ورثو آهن. ڇاڪاڻ ته انهن گيتن ۾ مندائتيون محبتون به سمايل آهن ته وري هاري ناري پورهيتن جا گڏجي ڳايل جوشيلا گيت به شامل آهن. لوڪ گيتن ۾ موسمن، سانوڻ، وسڪاري، بسنت، پينگهن ۽ لوڏن بابت، وڇوڙي، لوسيڙي ۽ ميلاپ وغيره جو ذڪر خاص ڪري شامل هوندو آهي ته وري ٻئي طرف جدا جدا خاص ڏڻن جي موقعي تي وري الڳ لوڪ گيت هوندا آهن.

شاديءَ تي وهانءَ جا ڳيچ به لوڪ گيتن جي دائري ۾ اچيو وڃن، اهي لوڪ گيت عوامي شاعري ۾ داخل آهن ۽ اهو به سچ آهي ته عوامي شاعري نهايت خوبصورت ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ ڪومل جذبا ۽ سادگي هوندي آهي، ان ۾ وڏاءَ کان ڪم ڪونه ورتو ويندو آهي، لوڪ گيتن جي شاعريءَ جي ٻول ادا ٿيڻ سان ئي ٻڌندڙن جي دلين ۾ پيهي ويندا آهن، انهيءَ ڪري ئي انهن گيتن ۾ اسان جي ثقافت نمايان هوندي آهي، ڇو جو انهن ۾ ڳوٺاڻن جي سادگي، نماڻائي ۽ سچائي جوسچو پچو عڪس چٽيل هوندو آهي.

جڏهن جڏهن ڪا آس، ڪرموڙي اٿي ٿي، سور سنگ ڪڍي ٿو، ڪا اڪ آکي ٿئي ٿي تڏهن اسان جي دل ڪجهه چاهي ٿي، انسان جا سڀ کان نرم ۽ نازڪ احساس اسان جي انهن لوڪ گيتن ۾ سمايل آهن.

**نذير ناز**

ڪتاب: "لهرن لک لباس" ص 122 تان کنيل

قديم دور جي تاريخ مان اسان کي پتو پوي ٿو ته، اڳاڻي زماني ۾ سنڌ پرڳڻن ۾ ورهايل هئي. جيئن بکر پرڳڻو، چانڊڪا پرڳڻو ۽ ساهتي پرڳڻو وغيره. موجوده ضلع نوشهرو فيروز سڄو ساهتي پرڳڻي ۾ داخل هو. هن ڀاڱي جي زمين سنئين سڌي آهي ۽ آبهوا پڻ صحت بخش ۽ وڻندڙ ائس. ”بازيدپور“ به ساهتي پرڳڻي جي حدن ۾ اچي وڃي ٿو، قديم زماني ۾ ساهتي هڪ وڏي ايراضيءَ وارو پرڳڻو هو ۽ تنهن وقت پرڳڻو موجوده دور جي تعلقي، ضلعي يا ڊويزن جيتري سرزمين کي چئبو هو. هن پرڳڻي ۾ سما، سهتا، مگريا، لاڪا ۽ ٻيون به ڪيتريون سماٽ قومون آباد هيون. تعليم جي لحاظ کان پڻ هي پرڳڻو وڏي اوج تي هو. ديوان لوڪرام ڏوڏيجو لکي ٿو ته:

”حيدرآباد جي عاملن کان پوءِ تعليم جو چاهه هن ضلعي جي مائهن ۾ گهڻو هو ۽ سرڪاري وڏن عهدن تي به هئا. سنڌ ۾ گهڻي ۾ گهڻا هاءِ اسڪول به هن ضلعي ۾ هئا. اير يقدر جو پڙيا ۽ ڪنڊيارو وغيره ڳوٺن ۾ به هاءِ اسڪول هئا. سنڌي ساهت جي اوائلي پيلپاوَن مان ديوان ڪوڙومل به هتان جو هو، سچا قومي ڪم ڪندڙ ۽ سماج سڌارڪ به هن ضلعي ۾ گهڻا هوندا هئا. سنڌ ۾ سڀ کان سٺو هٿ جو لهيل ڪپڙو به هن ضلعي جو هوندو هو. ٻڌعيدن جوَن فراسيون ۽ لارو شاهه جا انگوڇا هنڌين ماڳين مشهور هوندا هئا.“

**ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو**

**ڪتاب: ”تاريخ بايزيدپور“ ص 1 تان کنيل**

آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ پاران 19 نومبر 2017ع تي سائين محمد ابراهيم جويي صاحب
جي ياد ۾ ڪوٺايل تعزيتي ريفرنس



تعزيتي ريفرنس ۾ رسول بخش پليجو امداد حسيني، ايوب شيخ، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر سليم ميمڻ، ڊاڪٽر مظهر جميل، جامي چانڊيو اياز لطيف پليجو جيپال، ڪامريڊ روچي رام، رحمت پيرزادو ۽ محسن جويو خطاب ڪري رهيا آهن



تعزيتي ريفرنس ۾ شريڪ مهمان

## SIUT پاران 21 نومبر 2017ع تي سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي ياد ۾ ڪوٺايل تقريب



ڊاڪٽر مظهرالحق صديقي، ڊاڪٽر مظهر جميل، پروفيسر سليم ميمڻ ۽ محسن جويو خطاب ڪري رهيا آهن



شريڪ مهمان: ڊاڪٽر اديب رضوي، ڊاڪٽر توصيف احمد خان، ڊاڪٽر مظهر جميل،

ڊاڪٽر فهميده حسين، محسن جويو ۽ ٻيا معززين



پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ معززين

سنڌ مدرسة السلام يونيورسٽيءَ پاران تاريخ 21 نومبر 2017ع تي سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي ياد ۾ ڪوٺايل تعزيتي ريفرنس جي تقريب




تعزيتي ريفرنس ۾ سائين رسول بخش پليجو ڊاڪٽر مظهر الحق صديقي، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر مظهر جميل، ايوب شيخ، ڊاڪٽر محمد علي شيخ، زاهده حنا ۽ محسن جويو خطاب ڪندي



پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ معززين

## سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي چاليهي جي موقعي تي ڪوٺايل تقريب

(21 ڊسمبر 2017ع)



سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي چاليهي جي موقعي تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾
سنڌ جا ساڃاهه وند پيتا پيش ڪري رهيا آهن



تقريب ۾ شريڪ مهمان: محترم ماهتاب محبوب، محترم مهتاب اڪبر راشدي، تاج جويو،
پروفيسر سليم ميمڻ، نجمه شيخ، اياز گل ۽ ٻيا شامل آهن



محترم مهتاب اڪبر راشدي، پروفيسر لعل بخش جسڪاڻي، پروفيسر سليم ميمڻ، اياز گل،
ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ۽ محسن جويو تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن



محسن جويو

# توڙاءِ موت تہ ڪا شيءِ ناهي

## بابا سائين محمد ابراهيم جويي جي ياد ۾

هُن ڪي ساهہ چوان يا ويساهہ چوان، زندگي چوان يا زندگيءَ جو سرمايو چوان يا ڪٿي چوان تہ هو مون لاءِ ڪل سنسار هو، جنهن جي دائري ۽ مدار ۾ آءٌ هلندو ڦرندو رهيو هوس، جنهن ڪان ٻاهر مون ڪجهہ بہ نٿي ڏٺو ۽ نہ ڏسڻ ٿي گهريو. رات مهل اکيون بند ٿيڻ تائين سندس ئي تصور ۽ صبح سان جاڳڻ مهل ڦهريون خيال هن جو، پوءِ گهر ٻار ۽ دنياداري.

هُن پڇاڻان، اڄ بہ ساڳيو حال آهي. مان ڏينهن رات جي ڦيري ۾، ڪيس ئي سوچيان ٿو ۽ ڪيس ئي ڳولڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. سندس ڪمري ۾ گهڙندي چوان ٿو: ”بابا....“ پر بيڊ خالي ڏسي، جُهري پوان ٿو، سندس سڀ شيون جيئن جو تيئن پيون آهن، پر سڀاجهڙو وجود موجود ناهي. هينئون هٿن ۾ اچي پوي ٿو ۽ سندس ئي ڳايل وائي: ”وڃجي وو وڃجي“. جهونگاريندي، اکيون سانوڻيءَ جي مينهن وانگي وسڻ شروع ڪن ٿيون. هو جيڪو منهنجي لاءِ ڇپر ڇانوَ هو ۽ اهڙو نانءُ هُو ۽ آهي، جنهن کي اچارڻ سان روح ڪا نئين توانائي ۽ نئون مقصد دريافت ڪري ٿو وٺي. هُو اهڙو ئي هو: سدائين اميدن سان ٽمٽار، اتساهہ ڏيندڙ، دلداري ۽ دلاسو ڏيندڙ، گس ڏسيندڙ رهنما، حال پڇندڙ دوست، صلاح ڏيندڙ همدرد ۽ همراز.

هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪيئي لاها چاڙها ايندا آهن. من ساگر ۾ وير چڙهندي ۽ لهندي رهي ٿي، ماڻهو پنهنجي اندر ۾ پنهنجين ئي ڪنڌين سان ٽڪرائجندو، شور ڪندو رهي ٿو ، پر مون ڪيس سدائين شانت ۽ سک پريو ڏٺو. جيئن درياهہَ جبلن تان لهي، سنڌ ميدانن ۾ اچي شانت ۽ وشال ٿي ويندا آهن، مون ڪيس ايئن ئي سدائين شانت ۽ وشال ڏٺو. سمپورن ۽ ڀرپور ڏٺو. من جڏهن بہ گهبرايو تہ سندس دلربا مرڪ ۽ ڊيمائپ هر دک جو درمان پئي ٿي.

سندس گفتگوءَ جي گيان مان، اُتساهہ ڀرين ٽُڪتن جي جهولي ڪٽبي هئي، جيڪا ڳڻڻ سان بہ ڳڻي نہ سگهبي هئي. هُو دياوان ۽ ديالو هو، پنهنجائيندڙ ۽ پريائيندڙ هو. وٽس پنهنجي ۽ ڌارئي جو فرق نہ هو. ”آيا سي اگهيا“ جي اصطلاح جي حقيقي تصوير هو.



هُو هاريءَ جو پٽ هو، منجهس ڪيڙڻ جي عادت هئي ۽ ڪيڙي ڪيتن کي گل و گلزار ڪرڻ جي عادت هئي، هُو روح کي ريجهڻ ڄاڻندو هو ۽ خراب ۽ هاڃي رسائيندڙ خيالن جي ڳڏ ڪيڻ، ذهنن کي سنوت سڌائيءَ ۾ آڻڻ، انهن ۾ نون يا حيات سڌار تصورن ۽ امنگن جي ٻجن ڇٽڻ جي ڏانءَ کان بنهہ ننڍڙي ڄمار کان وٺي واقف هو. هن جو ڪم اڏڻ هو ۽ هو اڏڻهار هو. سندس ڳوٺ ’آباد‘ چار ڀيرا درياهہ ڀاتو هو، پر هن پنهنجي ڏاڏي سان گڏجي ان کي ڀيري ڀيري اڏيو هو. اڏڻ مان ئي ڪيس آسيس ملندو هو ۽ اڏيندي ڪڏهن بہ

ٽڪ نہ ٻاسيندو هو. ڪا اف يا آهہ نہ ڪندو هو. اِها ٿي اڄڻ جي عادت هئي، جيڪا وڏي هوندي، پنهنجيءَ شعوري ڄمار کي رسندي، وڏيڪ وسيع ٿي ديس کي اڄڻ جي خواهش ۽ نميواريءَ سان سلهاڙجي ويئي.

پڪ سان، اهو ڪم وڏو هو. صدين جي صدين جا وهم، گمان، سوداءَ ۽ وسوسا، عقيدي جو پراڻو نظام، هڪ ئي چڪر ۾ زندگي گذارڻ جي عادت ۽ ان کي ئي سيڪجهہ سمجهڻ وارا مامرا، هڪدم ختم نہ ٿيڻا هئا. هڪ نئين سنڌ اڏڻ لاءِ نئين ويزن، نئين سوچ، نئين رٿابندي، نئين عمل ۽ هر خيال سائين جي گهرج هئي، جنهن کان پوءِ، گهربل ۽ خواهش ڪيل تبديلي اچڻي هئي.

هُو پاڻ غريب گهراڻي ۾ ڄائو، غريب دوستن سان گڏجي پڙهيو ۽ ڪيڏيو ۽ هُن پنهنجي چوڌاري غريب ماڻهن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل مسئلن کي ٻنهہ ويجهڙائيءَ کان ڏٺو. اُتان سنڌس من ۾ پنهنجن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻڻ جو خيال آيو، جيڪو شعوري ڄمار تائين رسڻ تائين ڪچڙيءَ شڪل ۾ هو، جنهن کي هن جديد دنيا جي نون خيالن، تصورن، نظامن، نظرين ۽ تحريڪن جي اڀياس مان پچائي راس ڪيو. تاريخ ۽ زماني جي هر وڏي ماڻهوءَ وانگي، هن لهواري بدران اوڀار ڏانهن هلڻ کي ترجيح ڏني. هن لڪير جي فقير ٿي هلڻ بدران، هڪ واضح مقصد سان، اهو ئي ڪم ڪيو، جنهن جي سنڌس ديس ۽ ديس واسين کي گهرج هئي. هن ديس جي خدمت لاءِ پاڻ کي چونڊيو ۽ ارپيو. انهيءَ محبت ۽ ارپنا جي پنڌ تي هن جيڪو سفر جو سامان پاڻ سان گڏ کنيو، اهو غير رواجي ۽ غير معمولي هو. هتان جا ماڻهو انهيءَ سامان کان واقف نہ هئا. هن شروعات ۾ ان جا ڳنهنڊ ڳوليا ۽ پوءِ ان ۾ هوريان هوريان واڌارو آندو، تان جو، هڪ نئين فڪري فضا وجود ۾ آئي ۽ نئين فڪر سان سلهاڙيل هڪ وڏو عقل تي آتريندڙ ۽ پراڻن خيالن کان آزاد جٿو تيار ٿي ويو.

هن يورپ ٽوٽي دنيا جي ٻين حصن جي فڪرن ۽ فڪري ڌارائن کي سنڌ ۾ متعارف ڪرايو. هن ديس جي حالتن سان ٺهڪندڙ خيال ۽ ڍانچا ڪنيا ۽ هِتي رائج ڪيا. ڪيس ڄاڻ هئي تہ سنڌ هڪ زرعي سماج آهي، جتي جاگيرداري صدين جي صدين ۾ پنهنجي جڙ هنيو ويٺي آهي. ماڻهو جسماني طرح وڏيرپ ۽ روحاني طرح سڄورپ ۾ جڪڙيل آهن. انهيءَ جسماني ۽ روحاني قيد مان پنهنجي ديس کي آجي ڪرائڻ لاءِ، هن تاريخ مان ماڻهن جي زندگين کي تبديل ڪندڙ ۽ اٿل پٿل آڻيندڙ مثالي خيالن، سوچن ۽ نظرين جا ڍانچا، ماپا ۽ تدارڪ چونڊي گڏ ڪيا ۽ متعارف ڪرايا. هن ڄاتو تہ سنڌ جي حالت اهڙي هئي، جيڪا فرينچ انقلاب کان اڳ يورپ جي هئي، جتي هڪ پاسي بادشاهين ۽ ملوڪيتن جو راڄ هو ۽ ٻئي پاسي چرچ جو عروج هو. يورپي ماڻهو بہ جسماني طرح وڏيرپ ۽ روحاني طرح سڄورپ جي قيد ۾ هئا. ماڻهن جي زندگي، جبر جي انهن ٻن پڙن واري جنڊ ۾ پيسجي رهي هئي. فرانس جو جاگيرداراڻو نظام قطعي مطلق العنانيت هيٺ هلندڙ هو. بادشاهن کي حڪومت ڪرڻ جو خدائي حق حاصل هو جنهنجي منظوري چرچ ڏيندو هو. ان ريت، بادشاهت، چرچ ۽ نواب يا امير پهريون ۽ ٻيو طبقا هئا، جڏهن تہ باقي خلق خدا يا "ڪامنرس" ٽئين نمبر تي هئا، جنهن جو مٿيان ٻئي طبقا استحصال ڪندا هئا. چرچ جا ڪرتا ڌرتا ۽ نواب يا امير فرينچ آباديءَ جو هڪ سيڪڙو هئا، پر وٽن فرانس جي لڳ ڀڳ سموري زمين سندن قبضي ۾ هئي، جن ۾ ڪم ڪندڙن هارين يا "ڪامنرس" کان اُهي هٿ ٺوڪيا محصول ۽ ڍلون اوڳاڙيندا هئا ۽ انهن کي هر طرح ستائيندا هئا.

فرينچ انقلاب کان اڳ تائين، اٽليءَ مان نئين جاڳرتا جي تحريڪ هلي چڪي هئي ۽ ان دوران جرمنيءَ ۾ مذهبي ستارن جي تحريڪ پڻ ان ۾ شامل ٿي چڪي هئي. جيتوڻيڪ ريفارميشن هڪ مذهبي نوعيت جي تحريڪ هئي، پر ان ماڻهن کي ڪئٿولڪ چرچ جي صدين پراڻي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو هو، جنهن جو روح روان ڪنگ لوٿر هو، جنهن "پنجانوي پروپوزيشنز" جو بيان لکي، چرچ جي پٽ تي چنبڙايو هو، جن ۾ ڪئٿولڪ چرچ جي "گناهن کان توبهہ کان پوءِ دنيا جي معافي" واري رواج تي سوال

ائٽليا ويا هئا. تنهن زماني ۾ پرنٽنگ پريس ايجاد ٿي چڪي هئي ۽ جڏهن آهي "پنجانوي پروپوزيشنز" ترجمو ٿي، ڇپجي ماڻهن تائين پهتيون تہ ٿورن ئي هفتن ۾ پوري جرمنيءَ ۾ ۽ پوءِ يورپ ۾ پکڙجي ويون. اينءَ پروٽيسٽنٽ فرقو وجود ۾ آيو ۽ ڪئٿولڪ چرچ جو زور ٽٽي ويو. يورپي نئين جاڳرتا جي تحريڪ، پنهنجي پاڻ ۾ لطيف فنن، مصوري، ادب ۽ موسيقيءَ جي تحريڪ هئي، پر انهيءَ سياسي سماجي سوچن ۽ خيالن جي اظهار جا نوان گس ڏنا، جن تان جڏهن عام ماڻهو هليا تہ تن کي روڪڻ ڏکيو ٿي پيو.

تفصيل گهڻو آهي، پر ٿورن لفظن ۾ اهو ئي چوڻو آهي تہ جويي صاحب، سنڌ ۾ سماجي، سياسي ۽ ثقافتي تبديليءَ جو جيڪو ماڊل يا ڍانچو چونڊيو هو، اُهو يورپي بيداري يا نئين جاڳرتا، مذهبي سڌارن جي تحريڪ ۽ فرينچ انقلاب جي ويجهو هو. فرينچ انقلاب جي نتيجي ۾ "نيشن اسٽيٽس" يا قومي رياستن جو تصور اڀريو ۽ ان ۾ ٻوليءَ ۽ ايراضيءَ کي بنيادي ترڪيبي جزا قرار ڏنو ويو، تن کان پوءِ ٻيا ترڪيبي جزا ڳڻپ ۾ ٿي آيا. ان ئي انقلاب مان آزاديءَ، برابريءَ ۽ برادريءَ جا تصور ابريا، ماڻهن ۽ قومن جي حقن جي تعين ڏانهن اڳيرائي ٿي. تنهنڪري، سنڌ جي حالتن کي نظر ۾ رکندي، جويي صاحب کي اُهو ئي فڪري ڍانچو وڌ ۾ وڌ لاڳاپيل ۽ مناسب لڳي رهيو آهي.

اهوئي سبب آهي جو سندس لکڻين ۾ يورپي بيداري، سڌارن جي تحريڪ ۽ فرينچ انقلاب جا حوالا ٻين ڳالهين کان گهڻا آهن. جيتوڻيڪ، جويي صاحب انهيءَ ڍانچي کان گهڻو اڳتي پئي ڏٺو. هُو پنهنجين تقريرن ۾ چوندو رهندو هو تہ هن وقت تائين دنيا قوم دوستي پوءِ وطن دوستيءَ کان هلندي انسان دوستيءَ تائين پهتي آهي، جتان کان اڳتي انهيءَ کي نئين معياري تبديليءَ ڏانهن وڌڻو آهي، ان هوندي بہ هن في الحال انهيءَ ڍانچي کي سنڌ لاءِ ممڪن حد تائين مناسب ۽ مراد پريو ٿي ڄاتو. اهوئي سبب آهي جو جويي صاحب سجاڳيءَ يا عقليت پسنديءَ جي دور تي گهڻو ڳالهايو هو ۽ روسو ۽ والٽيئر ۽ ٻين انهيءَ دور جي ٻين مفڪرن جي خيالن کي پنهنجين لکڻين ۽ تقريرن ۾ ڄاڻتو ڪيو. خاص طرح، سيڪيولرزم جي سياسي ۽ سماجي پهلوئن کي سنڌ لاءِ ضروري قرار ڏنو ۽ انهيءَ کي هُو حيات سڌار فلسفو يا فڪر قرار ڏيندو هو، جنهن جو مطلب اهو هو تہ هن دنيا ۾ رهندي، دنيا جي ماڻهن جي حقيقي ۽ گهربل چڱائيءَ لاءِ اجتماعي نموني ڪم ڪرڻ.

اهڙيءَ ريت، سنڌ ۾ هِن غيرمعمولي انسان پنهنجو جديد علمي ۽ فڪري ڪم شروع ڪيو. چاليهن واري ڏهاڪي جي ابتدا ۾، بمبئي مان تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ هُن پنهنجو ڪم باقاعدي شروع ڪيو. ان زماني ۾ هو ايم اين راءِ جي سياسي خيالن کان متاثر ٿيو ۽ ريڊيڪل پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. "فريڊم ڪالنگ" ۽ "دي انڊيپينڊنٽ" ۾ لکڻ شروع ڪيائين. سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي جلسن جلوسن ۾ شرڪت ڪيائين ۽ هاري حقن لاءِ مشهور نعرا لکيائين. اهڙيءَ ريت، سندس ذهن ۾ پنهنجي ديس واسين لاءِ جيڪي درد منداڻا خيال ۽ ويچار هئا، انهن ۾ وڌيڪ پختگي آئي. انهيءَ زماني ۾، گڏيل هندستان جي مسئلي کي، هندو ـ مسلم جي فرقيوار پسمنظر ۾ ڏسڻ عام هو. سياست تنهن زماني جي مشهور سياسي تہ مورتي ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ برطانوي حڪومت سان سلهاڙيل ۽ ان ئي بنياد تي ورهايل هئي.

جويو صاحب اُن زماني ۾ اُهو اڪيلو ماڻهو هو، جنهن جو سياسي ويزن سڀني کان الڳ هو. سندس خيال باغياڻا، الڳ ۽ سنڌ دوست هئا. هُو تاريخ کي الڳ تناظر ۾ ڏسي رهيو هو. هن سنڌ جي حق حاڪميت جو موقف اختيار ڪيو. سندس خيال هو تہ سنڌ جي تاريخي حيثيت ان ئي صورت ۾ بحال ڪئي وڃي، جنهن صورت ۾ انگريزن ان مٿان قبضو ڪيو هو. وٽس پنهنجي ان خيال کي بيان ڪرڻ لاءِ ٺوس دليل بہ موجود هئا، جن کي هُن پنهنجي مشهور ڪتاب "سيو سنڌ، سيو د ڪانٽيننٽ" (1947ع) ۾ وڏيءَ چٽائيءَ ۽ گهرائيءَ سان پيش ڪيو. اُهو ڪتاب سنڌ کي جديد انداز ۾ سمجهڻ جو پهريون يا بنيادي سياسي دستاويز آهي. ان ڪتاب ۾ جويي صاحب، سنڌ

جي مقلمي حقيقي ۽ معروضي حالتن کي جديد انساني حقن، قومن جي آزادين جي عالمي ضمانتن، جديد رياستي اصولن ۽ عالمي ضمير جي بنياد تي پرکيو ۽ پيش ڪيو. اِهوئي اُهو ڪتاب هو، جنهن جويي صاحب کي هڪ مفڪر طور سنڌ ۾ باقاعدي سڃاڻپ ڏني. انهيءَ ڪتاب جي تت مان، جويي صاحب هڪ اختصار، هڪ کليل خط جي صورت ۾ تيار ڪيو ۽ سنڌ جي قانونساز اسيمبليءَ جي در تي بيهي، اسيمبلي ميمبرن ۾ ورهايو، جڏهن اُهي سنڌ جي آئيندي جو فيصلو ڪرڻ وڃي رهيا هئا، تہ اُها هندستان ۾ شامل ٿيڻ گهرجي يا مسلمان اقليتن لاءِ الڳ نهندڙ سياسي انتظام جو حصو ٿيڻ گهرجي.

انهيءَ کليل خط ۾ اها ڳالهہ چٽي نموني چيل هئي تہ سنڌ جي سياسي آئيندي جي فيصلي ۾، گڏيل هندستان کي ورهائي، رڳو ٻن رياستن کي پيدا ڪرڻ جي آپشنز سان گڏ سنڌ جي پنهنجي تاريخي خودمختيار حيثيت جي بحاليءَ جي بہ ڳالهہ کي ضرور ڌيان ۾ رکيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ وقت جي انهيءَ فيصلاتي موڙ تي جيڪڏهن دانشمندانو فيصلو نہ ڪيو ويو تہ سنڌ ايندڙ ڪيترين ئي صدين تائين ڀوڳيندي رهندي. انهيءَ خط تيار ڪرڻ کان اڳ، ان ئي سلسلي ۾، هُو سائين جي.ايم.سيد کي بہ هڪ خط لکي چڪو هو، جيڪو پڻ تاريخ جي رڪارڊ تي موجود آهي.

هڪ مفڪر جي حيثيت ۾، اهڙيءَ جرئت ۽ پنهنجي وطن سان بي پناهہ محبت جي کليل اظهار ۽ ان لاءِ الڳ ويزن رکڻ جي ڏوهہ ۾، ڪيس ان زماني جي تعليم واري وزير پير الاهي بخش سندس سنڌ مدرسي واري نوڪريءَ کي ختم ڪري ڇڏيو.

جويي صاحب لاءِ بيروزگاريءَ جا ڏينهن شروع ٿيا. ورهاڱي کان پوءِ، ٿني ۾ هيڊ ماستر ٿيڻ کان پوءِ 1955ع ۾ مقابلي جو امتحان پاس ڪري، سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري بڻيو ۽ 'مهراڻ' رسالي جو ايڊيٽر بہ بڻيو. 'مهراڻ' جو رسالو هڪ علمي ادبي تحريڪ ٿي اڀريو. هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن سنڌ سياسي، معاشي، سماجي ۽ ثقافتي بحران مان گذاري رهي هئي. ورهاڱي جا وڏ چڪي رهيا هئا. وقت جي اهڙي مرحلي تي، سنڌ جي سڃاڻپ جي حقيقي بنيادن جهڙوڪ: ٻولي، تعليم، ادب، تاريخ، ثقافت ۽ لوڪ ادب وغيره کي سنڀالڻو هو ۽ خاص طرح نوان ادارا قائم ڪرڻا هئا، نوان ماڻهو تيار ڪرڻا هئا، جيڪي سنڌ لاءِ طئہ ٿيندڙ نئين سوچ جي ڪم ڪار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهن. جويي صاحب ۽ سندس سائين سنڌي ادبي بورڊ کي هڪ بهترين موقعي ۽ پليٽ فارم طور ڪتب آندو. جويو صاحب ٻن ورهين تائين 'مهراڻ' جو ايڊيٽر رهيو ۽ ان دوران جيڪو ادب 'مهراڻ' رسالي ۾ ڇپيو، ان کي هاڻي هڪ تاريخي حيثيت حاصل ٿي ويئي آهي. اُهي ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، عالمي ادب مان ترجما، تحقيقي ۽ تنقيدي لکڻيون، اڄ معيار ۾ اعليٰ قرار ڏنيون وڃن ٿيون، جن وسيلي جديد علمن ۽ فڪرن جي نون ڍانچن کي مختلف لکڻين ۾ رائج ڪرڻ، انهن کي متعارف ڪرڻ ۽ انهن کي هڪ اصول طور لاڳو ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪيل هئي. وقت جون واڳون سنڀاليندڙن کي جويي صاحب جو اِهو تحريڪي ۽ اداري ساز ڪردار بلڪل بہ نہ آڙيو ۽ ڪانئس مهراڻ رسالي جي ايڊيٽرشپ کسي ويئي ۽ پوءِ سيڪريٽريءَ جي عهدي تان بہ ڪيس الڳ ڪري آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي بڻايو ويو.

هيءُ اهو دور هو، جڏهن اوڀر پاڪستان جي عددي برتريءَ کي ميسارڻ لاءِ اولهہ پاڪستان جي مڙني وفاقي اڪاين کي گڏ ڪري، ون يونٽ قائم ڪيو ويو. اِهو هڪ اهڙو فيصلو هو، جنهن کي سنڌ جا سلجهوند قبولڻ لاءِ تيار نہ هئا. اِها سياسي ڇڪتاڻ بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جي درجي نہ ڏيڻ تان شروع ٿي هئي. اهو مسئلو نيٺ رتوڇاڻ واقعن تي پهتو ۽ نيٺ، اولهہ پاڪستان جي حاڪم قوتن کي بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻو پيو. سنڌ ۾ پڻ جويو صاحب اُهو ماڻهو هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي سياسي ڪيس کي باقاعدي هڪ شڪل ڏني ۽ انهيءَ کي پڻ هڪ بنيادي سياسي مسئلي طور پيش پئي ڪيو هو. سنڌ ميڊيم اسڪولن کي

لکندڙن لاءِ گنجائش پيدا ٿي وڃي ٿي، جن کي جويي جي ڪم جي علمي ماهيت، اصليت ۽ اهميت جي ڪا به ڄاڻ ناهي.

بهرحال، جويو صاحب ويهين ۽ ايڪويهينءَ صديءَ جو هڪ غيرمعمولي مفڪر هو، جنهن علمي ۽ فڪري ميدان جون گهرجون پوريون ڪيون، ان سان گڏ هُو ذاتي زندگيءَ ۾ هڪ دردمند ۽ هٺڊوڪي انسان به هو، جنهن پاڻ کي ڏکيو بکيو رکي، ٻين کي ڪارايو، ڏکاين مان پار پوڻ ۾ سندن مدد ڪئي، جنهن پنهنجي لاءِ ڪو به مال، ڪا به ملڪيت نہ ناهي، جنهن غربت ۾ رهندي به پنهنجيءَ خودداريءَ کي قائم رکيو ۽ وڏي ڳالهه اِها آهي تہ غربت منجهان جنم وٺندڙ گهريلو ۽ سماجي پريشانين کان پوءِ به هُن ڪڏهن به پنهنجي سيڪيولر، روشن خيال، ترقي پسند ۽ عقليت پسند موقف تان هٽ نہ ڪئي. پاڻ جڏهن بيمار ٿيو، تڏهن به مون کيس هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ موت کان ڊڄندي محسوس نہ ڪيو. هُو موت کان مٿانهون هو ۽ آهي. اِها ڳالهه صحيح آهي تہ سائين جي.ايم.سيد جي لاڏاڻي کان پوءِ کيس اڪيلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ شيخ اياز جي لاڏاڻي کان پوءِ سندس وڌيڪ گهيرو تنگ ڪيو ويو، پر هُو مايوس ٿي ويهي نہ رهيو، هن پنهنجي هم خيال دوستن سان گڏجي، ڄمار جي پڇاڙڪين گهڙين تائين، پنهنجو سوچيل ڪم ڪندو رهيو.

جويو صاحب اڄ اهڙي فڪر جي صورت اختيار ڪري ويو آهي، جنهن تي صدين جي صدين تائين سنڌي قوم فخر محسوس ڪندي. هُو هڪ نماڻو، خودنمائيءَ کان پرپرو، ذاتي مفاد ۽ فائدي کان آجو، باعمل، ٻين جي درد کي پنهنجو سور سمجهندڙ بيمثال ڪردار هو. وقت ۽ حالتن اهڙي بنهه غيرمعمولي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ سندس ٿي چونڊ ڪئي هئي، جنهن کي هن ڀرپور نموني نڀايو. هن ڪيئي ادارا قائم ڪيا، ڪيئي شاگرد ۽ هم خيال پيدا ڪيا ۽ ڪيئي تحريڪون پيدا ڪيون، پنهنجي ڊگهي ڄمار جي هر ڏاڪي تي پنهنجي علمي ۽ فڪري ڇاپ ڇڏي، انڪري سندس ڪم تولڻ شخصيت جي اثر ۽ دائري جو تعين ڪرڻ مون جهڙي گهٽ پڙهئي ماڻهوءَ لاءِ ممڪن ناهي. ايترو ضرور آهي تہ سندس زندگيءَ ۾ بہ منهنجي زندگي کيس اربيل هئي ۽ اڳتي بہ سندس نالي حوالي ڪي، سندس ڪم ۽ ڪردار کي، سندس سوچن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو رهبو. خاص طرح، سنڌ ۾ ترقي پسند ۽ روشن خيال فڪر جي اڳڀرائيءَ لاءِ، سندس تيار ڪيل هڪ سئو ڪتابن جي فهرست جي سنڌيءَ ۾ ترجمي لاءِ ڪوششون وٺبيون ۽ سندس فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ ڪا ادارتي ڪوشش پڻ ڪئي ويندي.

سائين ورثي ۾ 60 ڪتاب ڇڏيا آهن جيڪي تاحيات غلامي، جبر، اڻبرابري، رجعت پسندي، پيرپڻي سڳورپڻي وڏيرپ ۽ جاهليت خلاف وڙهندا رهندا. مان پاڻ کي ڀاڳوند محسوس ٿو ڪريان جو سندس ڊگهي بيماريءَ دوران هر پل گڏ رهيس، وس پڄندي سندس هر طرح خدمت ڪئي ۽ لحد ۾ لاهڻ مهل مون سندس نراڙ تان جيڪا الوداعي چمي ورتي هئي، ان سان اهو وچن بہ شامل هو تہ:

”اي سنڌ جا فڪري هماليا، اي سنڌ جا فڪري استاد! آءٌ تنهنجي وجود اڳيان، پوريءَ طرح جوابدار رهندو آيو آهيان ۽ اڳتي بہ تنهنجي سوچ ۽ فڪر اڳيان پاڻ کي جوابدار سمجهان ٿو.“



پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس

محمد ابراهيم جويي جي وفات سنڌ لاءِ وڏو نقصان آهي. بيشڪ هُو سنڌ جو منفرد انسان هو، جنهن جي شخصيت هر لحاظ کان رهبر ۽ رهنما واري رهندي آئي. سندس تعليم ۽ تربيت ڪامل استادن جي رهبريءَ هيٺ ٿي. هُو مفڪرن ۽ عالمن جي صحبت ۾ رهيو، مٿس انهن جو اثر ايترو ته گهرو رهيو جو پاڻ به تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان فرائض سرانجام ڏيڻ پسند ڪيائون ۽ انتظامي عهدن تي به وڏي مدبر وانگر پنهنجيون ذميواريون سرانجام ڏنائون. جتي به رهيو اتي پنهنجا داستان ۽ قصا ڇڏي آيو. تعليم، ادب، اخلاق ۽ تدبر وارن جو قدردان هو. هُو اهڙن ٿي انسانن کي پنهنجي ويجهو آڻيندو هو ۽ ڏانهُن ويجهو ويندو هو. جيڪي اُن ٿي فڪر ۽ پنڌ جا راهي هوندا هئا. سٺ سال سرڪاري نوڪريءَ جا فرائض سرانجام ڏئي رٽائر ٿيو، تنهن بعد زندگي جا پائيتاليهه سال جيئڻ پاڻ سجايا ڪيائين تيئن ڪنهن ٻئي جي حياتيءَ ۾ ورلي ملن! سندس فڪر جو تعلق وطن جي آزادي، انساني فلاح، قومي ۽ سماجي ترقيءَ علم ۽ تعليم جي فروغ سميت فرد جي سجاڳيءَ سان سلهاڙيل نظر اچي ٿو. دنيا جا مفڪر سندس مطالعي ۾ رهيا پر پاڻ ايم.اين.راءِ جي فڪر جو چاهتو ۽ طرفدار هو. حالانڪ مارڪس ۽ ٻيا به گهڻا ٿي سماجي، علمي، تعليمي ۽ ادبي مفڪر مٿس اثر ڇڏيندا ويا. ڪير سندس فڪر ۽ فلسفي سان اتفاق ڪري يا نه ڪري، پر سندس عملي زندگي اسان ۽ ايندڙ نسلن لاءِ وڏو سبق آهي، جنهن تي عمومي طور هر انسان عمل ڪري، ۽ خصوصي طور استاد ۽ شاگرد کي لازمي عمل ڪرڻ جڳائي، جنهن جي نتيجي ۾ نه فقط هرهڪ انسان، استاد ۽ شاگرد زندگيءَ جي بامقصد خود انتظامي عمل ذريعي زندگي سجائي ڪري سگهندو، پر تعليم ۽ تدريس جي ٻڏل ٻيڙيءَ کي وري تاري متحرڪ بڻائي سگهجي ٿو. حقيقت ۾ اهڙا انسان ٿي قومن جو مثال هوندا آهن جن جي طرف پنهنجي نون نسلن کي متوجهه ڪري سندن خوبين پرين عملن ۽ نتيجن کي ور ور ياد ڏياري انهن جهڙن ٿيڻ لاءِ ڪين آماده ڪجي. هزارين خوبيون ۽ خصلتون انهيءَ انسان ۾ موجود هيون، جي وقت پئي چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر ڪِڙي پونديون هيون. سندن وڏي ۾ وڏيون خوبيون رهبري ڪرڻ، بي لوث خدمت ڪرڻ، لوڀ ۽ لالچ کان پري رهڻ، طئي ٿيل اصولن تان سوت برابر به نه سُرڻ، ڪيل فيصلي تي اٽل ۽ اڏول ٿي بيهڻ، حقيقت پسند هئڻ، بيباڪيءَ سان معصومانه انداز ۾ راءِ جو اظهار ڪرڻ وغيره، سندن شخصيت جا اهم گڻ هئا. سندن حياتيءَ ۾ ڪيل سيني ڪمن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڏينهن ڏينهن جي حساب سان تڪبو توربو ته هڪ سؤ به سال، به مهينا ۽ چويهه ڏينهن گهاريل زندگيءَ جي انهن ڪمن سان مطابقت معلوم ڪري سگهبي ۽ ڏينهن کان وڏا ڪم نظر ايندا!؟ سندس همعصر دؤر جون شخصيتون جي سيني پنهنجي قد ڪاٺ ۾ وڏيون ۽ پختيون هيون، تن سيني سان سندس پريت جا پيچ اهڙا پختا هئا جو مجال آهي ته ڪنهن کا انهن ۾ لچڪ اچي. انهن سيني جي اهم ۽ ضروري

گهرج محمد ابراهيم جويو هو. ڪابہ تحرير يا ڪوبہ ڪتاب ۽ ڪابہ تقرير يا ڪوبہ خطاب اهڙو نہ هو جو جيسين سندن نظر کان نہ گذري تيسين نہ پڙهبو نہ ڇپبو. ڪتاب، تہ لکجڻ ۽ ڇپجڻ تائين خاص طور ٽائٽل کان وٺي تمت بلخير تائين سندن گهري نظر هيٺ رهندا هئا. اها سندن سنڌي ٻوليءَ سان گهري سڀنڌ جي سرهاڻ هئي، جو ان جي هر لساني پهلوءَ کان بلڪل باخبر رهندو آيو. ڇا تہ سندن لفظن جو انتخاب هو، ڇا تہ جملي جي بيهڪ ۽ ڇا تہ عبارت جي رنگيني هئي! مجال آهي جو صرفي يا نحوي لحاظ کان ڪٿي ڪا سهو ٿئي. ٻلي ڪو سندن جملي جو ڇيد ڪري ڏسي. سندن هرهڪ تحرير جو مزاج ۽ اُسلوبہ مقصد ۽ نتيجو اڪيڊمڪ (Academic) آهي. سندن تصنيفون ۽ تاليفون ايڊيون تہ ڳوڙهيون ۽ معياري آهن، جو عام جي تہ ڳالهہ ئي ناهي، خاص ڪري بہ سواءِ چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترا استاد ۽ عالم اهي هنڊائي سگهن ٿا. هيڻ تہ ائين گهرجي تہ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ اهي سيٺي تدريسي طور رائج ڪري روشنيءَ ۽ سجاڳيءَ ۾ واڌ ويجهہ آڻجي. ٻلي رياستي رويا کهڙا بہ هجن، پر اسان کي کپي تہ پنهنجي مثبت روين مطابق پنهنجي نسلن ۽ سماج جي ارتقا ۽ اڏاوت ۾ هن عظيم انسان جي تعليمات کي اوليت ڏيئي سنسار ۾ سهائو آڻيون.

محمد ابراهيم جويو هرهڪ موضوع تي مطالعو ڪندڙ هو. دنيا جي سياست، سماجيات، فلاسافي، سائنس، تاريخ، تهذيب، ادب ۽ ڏاهپ جو وڏو ادراڪ رکندڙ هو. هن پنهنجي من جي سچائيءَ سان جنهن بہ غير سنڌي مضمون يا ڪتاب کي سجاڳيءَ جو سبب سمجهيو، تنهن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ پنهنجي مٿان قومي فرض سمجهيو، تيسين هُو ان ئي جُهد ۾ رهيو جيسين ان ڪم جي سرانجامي نہ ٿي سگهي. سنڌي ادبي بورڊ جي قيام کان وٺي صديءَ جي اختتام تائين جيڪي بہ اسڪيمون جڙيون، جيڪي بہ رٿائون رٿيون ويون، جيڪي بہ جريدا جاري ٿيا، تن سڀني کي عملي صورت ڏئي، ارتقائي مرحلن مان خوش اسلوبيءَ سان پار ڪري، اهڙي طرح وڃي تڪميل تي رسايو، جو ادارو نہ فقط سنڌي زبان جي دوام جي ضمانت ٿي اُڀريو ۽ اُسريو، پر ٻين ٻولين لاءِ بہ پرجهلو ٿي بيٺو. تاريخ جي هرهڪ مسودي ۽ ماخذ جو ترجمو، ترتيب ۽ اشاعت سان سنڌ پنهنجي ماضيءَ جي حال سان سڱ ۽ سياپو قائم رکيو، لغت نويسيءَ جي اشاعت سان ٻوليءَ جي همہ گير رُخن جي واقفيت سان ڪنڌ ڪٽي بيناسين، ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ڇپجڻ سان فڪر جي پرجهلائيءَ جيءَ جا جهروڪا روشن ڪري ڇڏيا. ادب جي ترجمي ۽ تخليق سان اديبن جا قلم وري تازا ۽ زور ٿيڻ لڳا. مهراڻ رسالي جي اشاعت، جديد ادب جي گس کي شاهراهہ ۾ تبديل ڪري پختن پيرن سان پرين کي پنڌ سيڪاريو. ٻارن جي ٻولن ۾ زور ۽ اعتماد، سوچ ۽ ساڃاهہ ۽ صحيح سڃاڻپ پيدا ڪرڻ لاءِ گل ڦل جي اشاعت عمل ۾ آندي. هرهڪ ملازم محنت ۽ محبت سان قومي فرض سمجهي اداري لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو ۽ جائز قربانيون ڏئي ماڻ ميٽ ۾ زندگي سچائي پائيندو هو. ان جو سبب بہ اهوئي هو تہ سندن اڳواڻ پنهنجي تن من ۽ ڌن جي اداري جي مفاد لاءِ هر قرباني ڏيڻ تيار رهندو هو. ڪڏهن بہ ڪنهن بہ ڪانٽس اهو نہ ٻڌو تہ پاڻ پنهنجي ڪنهن ذاتي مفاد لاءِ لب ڪشائي ڪيائين! جيڪو بہ درد هو سو بورڊ جي ڀيٽلائي جو هو. اهوئي سبب آهي جو ان دؤر جهڙو روشن دؤر اڄ تائين ٻيو ڪوبہ ڳنجي نہ سگهيو آهي.

شال! جلد وري وارو وري جو هر گهر ۾ محمد ابراهيم جويو پيدا ٿئي.

عبدالرئوف عباسي

# محمد ابراهيم جويو:
## علم ۽ ادراڪ جو صاحب

09- نومبر 2017ع جي صبح جو هند سنڌ جو هاڪارو دانشور سائين محمد ابراهيم جويو 102 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

سائين محمد ابراهيم جويو، سنڌ جي ترقي پسند ۽ محبانِ سنڌ طور، پنهنجي شناخت برقرار رکي. هُو، پنهنجي شعوري ڄمار کان مرڻ گهڙيءَ تائين، اصولن ۽ آدرشن تي اٽل بيٺو رهيو.

جوئي صاحب، جي تخليق، ترجمي توڙي ٻي ادبي ڪارگذاري واري ڇپيل مواد جو ڳاڻيٽو 60 ڪتابن جي لڳ ڀڳ آهي.

جوئي صاحب جو "گليلو گليلي" اهڙي وقت ۾ سنڌي ۾ ترجمو ٿيو، جڏهن اڃا، اُهو اردوءَ ۾ به ترجمو نه ٿيو هو. سنڌس، علمي/فڪري پورهيو، نوجوان نسل لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو. هُن جي ان پورهئي مان پنجن نسلن لاڀ ورتو آهي.

جوئي صاحب، عالمي ادب مان جيڪي به ترجما ڪيا، اُهي گهڻا تڻا فڪري ۽ نظرياتي انداز جا هئا. جيڪي هئا ته خشڪ، پر، جن کي لنؤن لڳل هئي، اُهي پهرين ويهڪ ۾ ئي، سندس ڪتاب پورو ڪري ڇڏيندا هئا.

محمد ابراهيم جويو صاحب، پنهنجو شهره آفاق ڪتاب 'سنڌ بچايو، ننيو ڪنڊ بچايو' انگريزيءَ ۾ لکي، پنهنجي وطن لاءِ داد فرياد ڪيو.

جوئي صاحب، ادبي سنگت، سنڌي ادبي بورڊ، بزم صوفياء سنڌ، سنڌ قومي اتحاد، انجمن ترقي پسند مصنفين توڙي، ٻين اڪيچار ادبي/ علمي تنظيمن ۾ پاڻ کي شامل رکيو.

سندس خيال ڌارا، انهن عظيم هستين سان سلهاڙيل رهي، جن کي سارو جڳ جهان حيدربخش جتوئي، عبدالڪريم گدائي، پير حسام الدين راشدي، سوڀوگيانچنداڻي، جمال الدين ابڙو، جمال الدين بخاري، شيخ اياز، رشيد ڀٽي جهڙن سونهارن نالن سان سڃاڻي ٿو.

جوئي صاحب، فڪري حوالي کان اڪيچار ۽ اڻ مٽ نقش ڇڏيا آهن. پر سندس ڪتاب شاهه سچل، سامي سنڌس، حقيقي ڪاوش جي حوالي ڪان تڪراري آهي. سامي، شاهه ۽ سچل جي جتيءَ ۾ پير ڪيئن وجهي سگهندو؟ اها ڳالهه عجب جهڙي آهي. ٻيو ته سامي، اُن ليول جو شاعر آهي ڪٿي؟ ائين هُجي ها، ته ڪو ٻيو محقق به سامي ڪي، اُن حوالي ڪان ضرور ڪٿي ها، جنهن حوالي ڪان ڪيس جوئي صاحب، ڪنيو آهي.

جوئي صاحب، ڪي سامي بجاءِ، خواجه غلام فريد جي شاعريءَ جي اوڪ ٻوڪ ڪرڻ گهرجي ها، ته وڌيڪ بهتر هو. هن جي فڪري لائين ڪهڙي به هئي، پوءِ به راهِ سَهاسي ڪان ويندي، هوشو شيديءَ تائين، سڀئي سنڌي سُورما، هُن جا آئيڊيل رهيا.

محمد ابراهيم جوئي ڪي سچ لکڻ جي ڪري، صوبي بدريءَ جا حڪم نامَا مليا، سنڌ مدرسة الاسلام مان نوڪريءَ مان نيڪالي، ٻيون الائي ڪيتريون عقوبتون!! پر هُن ڪڏهن به پاڻ ڪي هيٺو ۽ سست نه سمجهيو، جيئن تهڙ تيئن وڌ.

جوئي صاحب، به وڏيري شاهنواز جوڻيجي، حفيظ قريشي (سينئر)، سوڀي گيانچنداڻي جيئان

جي.ايم.سيد صاحب، سان رس رهاڻ برقرار رکندي، پليجي صاحب، کي بہ ڪڏهن نہ وساريو.

اها سندس اعليٰ ظرفي ۽ ڪشاده دلي هئي. چاڪاڻ تہ مٿيون ذڪر ڪيل هئي هستيون، اسان جي ٻولي، ادب، سماج ۽ قومي خدمتن جي حوالي کان، ڪنهن کان گهٽ نہ هيون.

اياز جي ڪتابن جا مهاڳ لکڻ، اياز کي متعارف ڪرڻ جو فن بہ ڪو جوڻي صاحب کان سکي ها. هونءَ تہ اياز جي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتابن تي رشيد ڀٽيءَ، سراج ۽ ماهتاب محبوب بہ لکيو آهي، پر جوڻي صاحب، جي چونڊ، اياز لاءِ ڪافي ڪارائتي ثابت ٿي.

لکڻ بہ هڪ اعليٰ قسم جو فن آهي. اياز، جي ناٽڪ 'ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي' جو مهاڳ، جهڙو ۽ جيئن رشيد ڀٽي لکيو آهي، اهو ڏنڊين آڱريون، وجهڻ لاءِ ڪافي آهي.

اياز، ذاتي حاصلات لاءِ، ڪافي اڪابرين سنڌ کي نظرانداز ڪيو، پر جوڻي صاحب، اهڙيون شعوري ڪوتاهيون نہ ڪيون. جوڻي صاحب، جو ٻولي، ادب، سماج ڏانهن جوابده رهڻ، خاص طور تعليم جي حوالي کان بہ، هڪ اُتساهيندڙ عمل آهي. سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ رهندي، هن نصاب جي جوڙجڪ ۽ تبديليءَ لاءِ جيڪي ڪوششون ورتيون، اُهي پڻ ساراهہ لائق آهن.

جوڻي صاحب، جو وڇوڙو، بلاشڪ سنڌ واسين لاءِ هڪ وڏو صدمو آهي.

◙

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** سؤ سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون

**مرتب:** شوڪت حسين شورو

**موضوع:** چونڊ ڪهاڻيون

**قيمت:** -/725 رپيا

**ڇپائيندڙ:** انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. سنڌ يونيورسٽي. ڄام شورو

◙

دين محمد ڪلهوڙو



# سئو سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون - 1

## (مختصر تبصرو)

ويجهڙ ۾ افسانوي ادب ۾ ڪي چڱيون اڳڀرايون ٿيون آهن. رسالا، مخزن، ڪتابَ ۽ اخبارون نظرن مان گذرن ٿيون ته اسان کي افسانوي ادب ۾ ڪي نوان لاڙا، رجحان ۽ تحرڪ نظر اچن ٿا، ۽ گڏوگڏ اُن رفتار کي تيزي وٺائڻ ۽ هڪ فڪري ڌارا ۾ آڻڻ لاءِ اسان جي سينيئر ۽ بزرگ اديبن جون ورتل ڪوششون به نظر اچن ٿيون.

افسانوي ادب سان تعلق رکندڙ ڪهاڻيءَ جي سلسلي ۾ اسان جي نامور ۽ ڪُهنه مشق ڪهاڻيڪار سائين شوڪت حسين شوري پهرين عالمگير جنگ (1914ع) کان 2014ع تائين پوري هڪ صديءَ تي مشتمل تحرير هيٺ آيل ڪهاڻين/ افسانن مان چونڊ ڪري عاليشان ڪتاب سهيڙڻ جي ابتدا ڪئي آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ 50 ڪهاڻين/ افسانن تي مبني هڪ وڻندڙ "ڪهاڻيات" ڪتاب تيار ڪري پڙهندڙن جي آڏو رکيو آهي. هيءُ هڪ وڏو ضخيم ۽ چيڙهالو ڪم آهي، جنهن تي شوڪت حسين شوري صاحب نهايت دلجمعي ۽ تندهيءَ سان ڪم ڪيو آهي. هن خوبصورت تحفي پيش ڪرڻ تي مرتب کي بيشڪ مبارڪباد ڏجي، ۽ وري شاباس ڏجي سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اسحاق سميجي صاحب کي، جنهن نه رڳو پنهنجي نگرانيءَ ۾ هيءُ ڪتاب ڇپائڻ جو اهتمام ڪيو، پر نهايت شائائتي انداز ۾ "به اڪر" لکي شوڪت صاحب جي ڪم کي ساراهيو به آهي ۽ هن مجموعي جي ٻئي ڀاڱي ڇاپڻ جي حامي به ڀري آهي.

ڊاڪٽر اسحاق سميجو سنڌي شعبي جو نهايت ڪامپيٽنٽ استاد آهي. هيءُ ادب جي شعبي ۾ هڪ سجاڳٽپ رکي ٿو. سٺو شاعر، سٺو نقاد، سٺو استاد ۽ سٺو دوست آهي. سنڌس مهربانيءَ ۽ تحرڪ سان 2017ع ۾ پي ايڇ ڊي جا ڪلاس جاري ٿيا. سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر جو منصب سنڀاليندي اداري ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ۾ عالمي نوعيت جا تمام سٺا پروگرام ڪرائي رهيو آهي، سنڌ ۽ سنڌي ادب کي عالمي ادب سان متعارف ڪرائي اُن سان ملائي گڏ هلائڻ جا جتن ڪري رهيو آهي. اسان سڀني کي هن نوجوان ايڊمنسٽريٽو ۽ اديب جي اهڙن ڪمن ۾ مدد ۽ سهڪار ڪرڻ گهرجي.




هيءَ ڳالهه بنهه حقيقت تي مشتمل آهي ته هيءُ ڪهاڻيون، جيڪي اسان شاگرديءَ واري زماني ۾ پڙهيون هيون، وقت جي ويرَ سببان اهي گهٽ ڪري اسان جي ذهنن تان ميسارجي ويون هيون، هن ڪتاب جي ڇپجڻ سان، وري نئين سر ماضيءَ جي انهن يادگار ڪهاڻين کي ٻيهر هڪ هنڌ پڙهڻ جو موقعو مليو آهي ۽ هونئن به خاص طرح اسان سنڌيءَ جي استادن، شاگردن ۽ اسڪالرن کي ته هن ڪتاب جي هر دؤر ۾ ضرورت اَوس پوندي

ٿي آهي، ۽ نئين نسل لاءِ ته هيءُ رهنما ڪتاب آهي، جنهن مان اسان جا شاگرد ۽ نوان ليکاري استفادو حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ انهن ڪهاڻين کي سونهون بڻائي، ڪهاڻيءَ جي فن ۾ نوان تجربا ڪري سگهن ٿا. ڊاڪٽر اسحاق سميجو هن مجموعي بابت ”ٻه اکر“ ۾ لکي ٿو ته:

”سؤ سالن جي چونڊ سنڌي ڪهاڻين ۾ اوهان کي سنڌ جي سياست، مزاحمت، معاشي حالات، غلامي، بک، غربت، دربدري، ورهاڱي جي درد، محرومي، شهرن جي ڦرجڻ، ڌاري آبادڪاري جي عذاب، عشق جي مقامي ذائقن ۽ داخلي توڙي خارجي جشنن ۽ قيامتن جا ڪيئي معلوم ۽ نامعلوم قصا رقم ٿيل ملندا. انهن ڪهاڻين کي پنهنجي پنهنجي دور جي افسانوي ادب ۽ خاص طور ڪهاڻيءَ جي دنيا ۾ هڪ خاص اهميت ۽ انفراديت حاصل آهي.“

اسحاق سميجي جي لکيل ”ٻن اکرن“ کان پوءِ ”سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ سؤ سالن جو سفر“ جي عنوان تي ڪتاب جي مرتب جو هڪ شاندار ۽ پُرمغز مقدمو لکيل آهي، جنهن ۾ هن ڪهاڻيءَ جي وصف، هيئت، فن ۽ ان جي موضوع تي سٺي روشني وڌي آهي، ان کان پوءِ ڪٿيل عرصي جي چونڊ ڪهاڻين جو مختصر تعارف پيش ڪيو آهي. شوڪت حسين شوري صاحب پنهنجي مقدمي ۾ لکيو آهي ته:

”سنڌي ڪهاڻيءَ جو سفر جيڪو 1914ع کان شروع ٿيو هو، تنهن جا 2014ع ۾ هڪ سؤ سال مڪمل ٿيا. اهو هڪ ڊگهو عرصو آهي، جنهن ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جا ڪيئن رنگ روپ نروار ٿيا آهن. مختلف دورن، لاڙن ۽ لاهن چاڙهن مان گذرندي سنڌي ڪهاڻي پنهنجن پڙهندڙن جي هڪ وڏي تعداد کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندي پئي اچي.“

ديوان لعلچند امرڏنيمل جي لکيل ڪهاڻي ”حُر مُکيءَ جا“ جيڪا هن 1914ع ۾ لکي، شروعات اُنهيءَ ڪهاڻيءَ کان ڪئي اٿس ۽ پڇاڙي نورالهديٰ شاهه جي ڪهاڻي ”پاروتو گوشت“ تي ڪئي آهي. ٻئين ڀاڱي ۾ 2014ع تائين ڇپيل ڪهاڻين مان چونڊ ڪهاڻيون شامل ٿيٽيون آهن.

منهنجي خيال ۾ ٿيڻ هيئن گهرجي ته هن ”ڪهاڻيات“ کي ٻن جلدن ۾ نه پر چئن يا پنجن جلدن تائين ڪٺي وڃجي، هر جلد ۾ هر ڏهاڪي جي چونڊ 60، 50 ڪهاڻين کي شامل ڪجي، خاص طور تي اهڙين ڪهاڻين کي شامل ڪجي، جيڪي پنهنجي ڏهاڪي جون نمائينده ۽ بريڪ ٿرو ڪهاڻيون هجن، جنهن ۾ فني ۽ موضوعاتي تجربا ٿيل هجن، مثالطور: 60 واري ڏهاڪي جي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي فني بيهڪ ڪيئن هئي، انهن جي مڪالمن ۾ ڪهڙي انفرادي ڪشش ۽ چڪ هئي، جنهن جي اثر کان ان دور جا ٻيا ڪهاڻيڪار متاثر ٿيا ۽ مختصر ڪهاڻيءَ ۾ جيڪي فني تجربا ٿيا، ۽ ڪهاڻيون لکيون ويون، انهن جا نمونا انهيءَ ڀاڱي ۾ شامل ڪجن، مونولاگ، ڊائلاگ، فنٽيسي وغيره اِن قسم جي مواد تي مشتمل ڪهاڻيون چونڊجن، ته مان سمجهان ٿو ته عام پڙهندڙ کان وٺي پي ايڇ ڊي ڪندڙ اسڪالر ۽ استاد تائين هيءُ ڪتاب وڏو لاڀائتو ثابت ٿيندو، ۽ نصاب تي به هن ڪتاب جي هميشه لاءِ ڇاپ رهجي ويندي.

مواد جي چونڊ لاءِ اخبارن ۽ مخزنن جا هفتيوار/ماهوار نڪرندڙ صفحا به نظر مان ڪڍڻ گهرجن، مثال طور: هلال پاڪستان، عوامي آواز، جاڳو اخبارن ۾ ادبي صفحا نڪرندا هئا، جن ۾ سُٺيون ڪهاڻيون ڇپجنديون هيون، ڪهاڻيڪار هڪٻئي جي لکيل ڪهاڻين مان سکندا هئا. هاڻي اُهو سلسلو گهڻي ڀاڱي رُڪجي ويو آهي. جاڳو اخبار 2000ع ۾ بند ٿي ويئي، جنهن ۾ هفتيوار ادبي صفحو ”سرهاڻ“ نڪرندو هو، جيڪو ناليور اديب، سائين نواز علي شوق سنڀاليندو هو، ان ۾ سينئر ۽ جونيئر ٻنهي ٽهين جا ڪهاڻيڪار وڌي چڙهي حصو وٺندا هئا، ۽ ڪهاڻي لکڻ تي سٺا ۽ ڦلدائڪ تجربا ٿيندا هئا. ڊاڪٽر نواز علي شوق کان پوءِ اهو صفحو مون سنڀاليو، منهنجي دور ۾ به ڪافي نمائنده ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا ۽ خود منهنجون لکيل ڪهاڻيون به ان ۾ ڇپيون، خاص طور انهن ڏينهن ۾ مختصر ڪهاڻين لکڻ جو تجربو هليو، جن ۾ مون به حصو ورتو. ”واڻڙي شهر جا سلجهيل فرد“ منهنجي مختصر فلئش

اهي سڀئي ڪهاڻيون، پنهنجي پنهنجي دور جون نمائنده ۽ آئينه دار ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ان دور جي حالتن، واقعن ۽ مامرن کان باخبر ٿي سگهجي ٿو.

مثال طور: ”حُر مَکيءَ جا“ ۾ استعمال ڪيل پهاڪو ”تون ته ڪو حُر مَکيءَ جو آهين“ (ص 41) هيءَ ڪو عام پهاڪو نه آهي، پر حُرن جي تحريڪ ۽ گوريلا جنگ کي پنهنجي تحويل ۾ آڻي ٿو. لالچند امرڏنيمل تمام باريڪ بينيءَ سان حُرن جي انهيءَ تحريڪ کي ڪهاڻي جي قالب ۾ ڍالڻ جي هڪ بهترين ڪوشش ڪئي آهي. مَکي، سانگهڙ ۾ هڪ ڍنڍ آهي، جنهن جي چوڌاري هيءَ ڪهاڻي گردش ڪري ٿي.

اهڙي ريت سنڌيءَ جي ٻي هڪ مشهور ڪهاڻيڪار امرلعل هڱوراڻي جي ڪهاڻي ”ادو عبدالرحمان“ پنهنجي دور جي نمائنده ۽ اوارڊ يافته ڪهاڻي آهي، هن ڪهاڻي ”عبدالرحمان“ ڪردار جي انفراديت کي اهڙو ته پيش ڪيو آهي، جو علم پڙهندڙ کي متوجه ڪري ٿو. حالانڪ پاڻ سان ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ کي نارمل نه چئبو آهي، پر هتي ڪهاڻيڪار پاڻ سان ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ جي ڪردار کي اهڙي ته سگهاري ۽ مثبت انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو واه واه!

مثالطور: هڪ هنڌ عبدالرحمان پاڻ سان ڳالهائيندي چوي ٿو: ”ادا عبدالرحمان، ڪيڏو نه مٺو ٿري ويو اٿيئي! اکيون اٿيئي آڪاس ۾، جيڪڏهن اکيون کولي هلين ها ته پٿر توکي ڪين لڳي ها.“ اتي ويچار ۾ ويٺو رهيو، ساعت رکي چيائين: ”ادا عبدالرحمان ڏس ڪهڙو خود مطلبي آهين! ادا عبدالرحمان، ائين ڪو جڳائي جو پٿر پٽ تي ڇڏي رمندو رهين؟ سڀاڻي ٻئي ڪنهن واٽهڙوءَ کي لڳي وڃي!“ وري ٿورو دم جهلي ۽ ويچار ڪري چوڻ لڳو: ”ادا عبدالرحمان جي چڱو مڙس آهين ته پٿر ڪٽي پري ڦٽو ڪر ۽ پٿر ڪٽي پري ڦٽو ڪيائين.“ (ص 65)

هِن ڪهاڻيءَ جو ٻڪشن، ڪهاڻيڪار جو پنهنجي سماج ڏانهن رويو، يا هو هڪ اهڙي ڪردار کان جيڪو سماج جي نظر ۾ چريو يا ابنارمل آهي، کان اهڙا ته سگهارا ۽ مثبت عمل ڪرائي ٿو جو سماج جي نارمل ڪردارن کي به شهه ڏيو وڃي. اها ڪهاڻيڪار جي ڪمال ڪاريگري ۽ فن آهي، جو سماج جي هر ناڪاره چيز کان به لاڀ حاصل ڪيو آهي ۽ اهو صحيح به آهي ته سماج ۾ ڪابه چيز ناڪاره نه آهي، اها سماج لاءِ ڪٿي نه ڪٿي فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي.

مشهور افسانه نگار غلام رباني آگري جي لکيل ڪهاڻي ”شيڊو ڊاڙيل“ شاندار ڪهاڻي آهي، هن ڪهاڻي جمال ابڙي کي ايترو ته متاثر ڪيو هو، جو هُو ”پشو پاشا“ لکڻ تي مجبور ٿيو. هيءَ ڪهاڻي پڙهندي اندر ۾ ڇهڪ پئون ٿا. سماج، انسان کي ڏاهي به ٿو ته ڏاهي به ٿو. غلام رباني آگرو وڏو ڪهاڻيڪار هو پر هُو داستان گو اديب هو. هن جي قلم ۾ اها سگهه هئي، جو لکڻ دوران ڳالهه مان ڳالهه ڪيندو وڃي پڙ پوندو هو ۽ ٻن، چئن صفحن واري تحرير 80 پيجن تي وڃي پهچندي هئي، اهو هن جي قلم ۽ سندس ذهن جي زرخيزي هئي.

سنڌي ادب ۾ ڪي ٿورا اديب آهن، جن کي پنهنجو مخصوص اُسلوب يا طرز تحرير آهي، مانڪ، آغا سليم، علي بابا، امر جليل، نورالهديٰ شاهه، نسيم کرل، سراج وغيره اهڙا سينيئر قلمڪار آهن، جن جي لکڻيءَ مان خبر پئجي ويندي آهي ته هيءَ ڪهاڻي/تحرير فلاڻي قلمڪار جي لکيل آهي. امر جليل اهڙن قلمڪارن مان هڪ آهي، جنهن جي پڙهندڙن جو هڪ وسيع حلقو آهي. هُو سهيوڳي دور جو اهڙو قلمڪار آهي، جنهن جي لکڻين ۽ ان جي شخصيت سان به پڙهندڙ پيار ڪندو آهي. ’پکي‘ امر جليل جي عاليشان ڪهاڻي آهي، جيڪا ’ڳيري‘ پکي تي لکيل آهي. هيءَ ڪهاڻي نه پر افسانو آهي. افساني ۽ ڪهاڻيءَ ۾ فرق هيءَ آهي ته افساني ۾ اهڙي ڪا غيرمعمولي صورتحال پيدا ڪئي وڃي، جيڪا حقيقت کان پري هوندي به ان جو انساني سماج سان تعلق ۽ ربط هجي. امرجليل جون اڪثر لکيل ڪهاڻيون، افساني فارميٽ ۾ آهن، جيئن سچل اِن ٽربل، موسٽ ڊينجرس اِن پاڪستان وغيره اهڙيءَ ريت جمال ابڙي جو پشو پاشا به افساني ۾ لکيل آهي.

مجموعي طور تي هن ڪهاڻي ڪليات عرف ”ڪهاڻيات“ ۾ جيڪي ڪهاڻيون ۽ افسانا درج ڪيل آهن، اهي تمام گهڻي محنت ۽ پيار سان نئين سر ايپاس هيٺ آڻي، انهن کي هن ڪتاب جي زينت بنايو ويو آهي، مرتب ۽ پبلشر جس لهڻن.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ



# شيخ اياز

شيخ مبارڪ علي اياز غلام حسين شيخ جي گهر ۾ 2 مارچ 1923ع تي شڪارپور ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين، اڳتي هلي بي.اي، ايل.ايل.بي ڪري سکر ۾ وڪالت جي پرئڪٽس ڪيائين، سندس شمار سکر جي مشهور وڪيلن ۾ ٿيو، 1976ع ۾ هُو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو ۽ چار سالن جي مقرر مدي تائين رهيو. 1997ع تي دل جي تڪليف سبب مڊايسٽ اسپتال ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ 28 ڊسمبر تي وفات ڪيائين. ڪيس ڀٽ شاهه تي دفن ڪيو ويو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل کان پوءِ شيخ اياز کي سنڌي شاعريءَ ۾ اهم رتبو حاصل آهي، ڪيس شاهه صاحب سان وڏي عقيدت هئي ۽ شاهه جي ڪلام جو اردو منظوم ترجمو پڻ ڪيائين، علمي ۽ ادبي طور شيخ اياز جون خدمتون سنڌي شاعريءَ ۽ نثر لاءِ بيمثال آهن سندن ڇپيل ڪتابن جو ڳاڻيٽو پنجاهه کان مٿي آهي. ڪيس اردو، سنڌي ۽ انگريزي ٻولين تي عُبور حاصل هو، هن جيڪو نثر لکيو سو سهڻو ۽ شعري سڳنڌ سان ڀرپور آهي، سندس دور جي وڏن وڏن اديبن ۽ عالمن ڪيس مڃيو ۽ نوجوان طبقي جو هُو پسنديده شاعر رهيو آهي، سندس شاعري انقلابي ۽ قوميت جي جذبي سان سرشار آهي. شروع ۾ هن رومانوي شعر چيو، پر پوءِ جلد ئي قوميت ۽ وطنيت جي جذبي سان معمور شاعري ميدان ۾ آندائين، سندس رومانوي شاعري اڄ به ايتري ئي مقبول آهي جيتري انهيءَ وقت ۾ هئي. اياز جي شاعريءَ جو بنياد ئي محبت جي جذبي تي ٻڌل آهي، چاهي اها محبت مجازي هجي يا آفاقي، قوم لاءِ هجي يا انسان دوستيءَ لاءِ، وٽس محبت ئي محرڪ آهي. حياتيءَ کي هرڪائڻ لاءِ ۽ جيارڻ لاءِ پڻ شيخ اياز پنهنجي غزل ۾، نظم ۾ بيت ۾، گيت ۾، مطلب ته شاعريءَ جي هر صنف ۾ هن محبت جي امر جذبي کي مانُ ڏنو آهي. هُو پاڻ ئي چوي ٿو ته، "جنهن محبت نه ڪئي، سو اي اياز زندگيءَ جي گنهگارن مان آ!"



اياز جي رومانوي شاعري پنهنجي پر ۾ هڪ خاص موضوع آهي. رومانوي شاعريءَ ۾ هن جي لفظن جي چونڊ وڻندڙ آهي، حُسن جو تذڪرو هُو مخصوص انداز ۾ ڪري ٿو، ڪنهن جي تقليد نٿو ڪري، گيتن جي لفظن ۾ موسيقي پري ٿو ۽ سٽن جي وچ ۾ قافيا رکي ٿو جيئن،

تون جي ايندين رات، الا اولات،
ته منهنجي رات اَمر ٿي ويندي.
تـون جـي ايندين ڊول،
ته ڀهه ڀهه ٻرندا منهنجا ٻول،
جهر جهر جرکي پوندا جن ۾،
منهنجـا روح رتـول،
وائي اها ئي وات، الا اولات،
ته منهنجي رات اَمر ٿي ويندي.

ٻه هڪ مختلف ڪتاب آهي، جنهن تي محققن، نقادن ۽ اديبن مختلف رايا پڻ ڏنا آهن. هيءُ ڪتاب نثراڻي نظم ۾ دعائن تي مشتمل آهي، هر دعا جي شروعات يا رب! سان ڪيل آهي، اهڙيون دعائون آهن جن ۾ هڪ ڪامل ۽ نيڪ انسان ٿيڻ جي تمنا ٿيل آهي ته پنهنجي نادانين تي ندامتون آهن. ڪل عالم جي ڀلائيءَ سان گڏ ذاتي اصلاح لاءِ ٻاڏايل آهي. هن ڪتاب معرفت هڪ سچو، ڪرو، مخلص ۽ بي ضرر انسان اياز جي روپ ۾ سامهون آيو آهي.

همسفر گاڏهي، شيخ اياز ڪان ورتل انٽرويو ۾ لکيو آهي ته، "اياز زندگيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ خدا پرستيءَ ڏانهن وڌيڪ مائل ٿي ويو هو. شروع ۾ جڏهن هُو ڪميونسٽ هو ته مٿس مُلن ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون ۽ جڏهن خدا پرستيءَ ڏانهن مائل ٿيو، تڏهن ترقي پسندن مٿس چٺرون ڪيون ۽ ڪيس شيزو فرينڪ جو مريض ڪوٺيو، اها هڪ حقيقت آهي ته اياز سنڌ جو واحد اديب ۽ شاعر آهي، جنهن پنهنجي همعصر لڏي ڪان ويندي نوجوانن تي وڏي ڇاپ ڇڏي آهي." ("سنڌ جي ڏاهپ ڪان ورتل سورنهن انٽرويو"، ص-45)

شيخ اياز سنڌي ادب کي شاعريءَ جي حوالي سان مختلف صنفن ۾ وڏو مواد ڏنو آهي. انيڪ غزل، ڪافيون، وايون، گيت، بيت، نظم، آزاد نظم، نثراڻا نظم، چوسٽا، ٽه سٽا، سانيٽ، ترائيل ۽ منظوم ڊراما ڏيئي سنڌي ادب کي شاهوڪار ڪيو آهي.

"پاڪستان رائيٽرز ڪلب"، "هلال امتياز"، "ستاره امتياز" ۽ ٻين ڪيترن اعزازن ۽ تمغن سان نوازيل هن سگهاري شاعر جي شاعريءَ توڙي شخصيت تي مختلف رايا آهن، ڪنهن ڪين فيض ڪان پوءِ پاڪستان جو وڏو شاعر سڏيو ته ڪنهن ڪين يگانو، منفرد، خاموش، تيزفهم ۽ مسڪراهٽ پريو ماٺهو سڏيو ته ڪنهن مٿس ناڪاري ريمارڪ پڻ ڏنا، پر ڪنهن ٻه حالت ۾ سندس شاعريءَ جي تاثر، جدت ۽ ندرت ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي، هُو هن ڌرتيءَ جو رهنما شاعر هو. هِن پنهنجي قوم کي جيئڻ جو پيغام ڏيئي قوميت جي جذبي سان مالامال ڪيو آهي.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: ٽري پهاڪاءِ چوٽيون
تاليف: انجنيئر عبدالوهاب سهتو
قيمت: -/600 رپيا
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قمبر

شبنم گل



# علم جي جوت ورهائيندڙ لازوال ڪردار

دادي ليلان جي شخصيت ۽ مثبت سوچ جو اثر، اسان موجوده سنڌي سماج ۾ ڏسي سگهون ٿا. دادي ليلان جو جنم 16- ڊسمبر 1916ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو، هوءَ سندس والد هوتچند واڌواڻيءَ جي گهر ڏيئي جي لاٽ بڻجي، روشنين جو سنديسو کڻي آئي.

اهو دور شعوري طور تي سگهارو هوندي به روايتن جي پيٽ ڇڙهيل هو، ان جي باوجود دادي انڪري تعليمي ميدان ۾ اڳيري رهي، ڇو ته سندس والد روشن خيال انسان هو، اها حقيقت آهي ته جن به گهرن ۾ ڌيءُ ۽ پيءُ جي وچ ۾ مضبوط روحاني رشتو جڙيو، انهن ڌيئن، سماجي جاڳرتا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. والد جي ويجهڙائيءَ ۽ سهڪار ڌيءَ لاءِ خوداعتمادي ۽ اُتساهه جو سبب بڻجي ٿي، هر اُها نياڻي، پنهنجي خاندان ۾ ڏاهپ ۽ ڏاڻءُ جو سنگم بڻجي اُسري، جتي ڪيس والد جي جذباتي ٽيڪ نصيب ٿي.

دادي ليلان 1940ع ڌاري ٽيچر ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ ميوزڪ ٽيچر جي حيثيت ۾ وابسته ٿي، سندس خدمتون ميوزڪ، ٿيٽر، تعليم ۽ عورتن جي جاڳرتا جي حوالي سان قابل قدر آهن.

داديءَ کي ميوزڪ سان وڏو لڳاءُ هو، ڇون ته طبلو ۽ هارمونيم سندس بستري جي ڀرسان رکيل هوندو هو، اها حقيقت آهي ته تخليقي ۽ تعميري صلاحيتون انسان جي اندر، نرمي ۽ سياءُ قائم ڪن ٿيون، سندس سوچ کي يڪسوئي بخشڻ سان گڏ، شخصيت ۾ توازن پيدا ڪن ٿيون. شايد اهوئي سبب آهي جو دادي ليلان جو مزاج نرم ۽ سڀاجهائي ڀريو هو.

1936ع ڌاري، ڊي.جي گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ آل انڊيا ميوزڪ ڪمپيٽيشن منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ ويهن سالن جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين بهرو ورتو هو، ان مقابلي ۾ بيڪانير، جوڌپور، بروڊا ۽ احمدآباد جي شاگردن پڻ حصو ورتو، ان مقابلي ۾ دادي ڀڄن ڳائي پهرين پوزيشن حاصل ڪئي.



سندس تعليمي ڪيريئر 1954ع ڌاري شروع ٿيو، جڏهن هن هيڊ مسٽريس طور، گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول، ميرپورخاص جو چارج سنڀاليو، اهو دور، ڇوڪرين جي تعليم جي حوالي سان

اينرو خاص سازگار نہ هو، هيءُ اهو دور هو جڏهن سنڌ جي صورتحال پيچيده هئي، هيءُ ٿي سال ون يونٽ جي مخالفت سبب سنڌ جي چيف منسٽر عبدالستار پيرزادي کي سندس عهدي تان برطرف ڪيو ويو هو. اهو دور سياسي، معاشي توڙي سماجي طور تي منتشر هو، ان دوران پنجاب ننين صوبن ۾ خاص طور تي سنڌ تي اجاره داري قائم ڪرڻ جي سلسلي جي شروعات ڪئي، اهڙيءَ صورتحال ۾ سنڌ جي ساڃهہ وند ماڻهن جو خيال هو تہ سنڌ ۾ ان وقت تبديلي ايندي جڏهن نياڻين جي تعليم تي ڌيان ڏنو ويندو. انڪري دادي سدائين نياڻين جي تعليم کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هوءَ ڳوٺن ۾ پوئتي پيل علائقن ۾ وڃي، ماڻهن کي ڇوڪرين جي تعليم جي اهميت کان آگاهہ ڪندي هئي.

دادي ليلان جي مثبت ڳالهين ماڻهن جي دلين ۾ اثر پيدا ڪيو. ۽ هُو پنهنجي نياڻين کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ لڳا، اها حقيقت آهي تہ تبديلي آڻڻ لاءِ مثال قائم ڪرڻو پوي ٿو، رول ماڊل بڻجڻو پوي ٿو.

1972ع ڌاري جڏهن دادي ليلان ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر طور عهدو سنڀاليو تہ سندس قائداني صلاحيت کان ٿي ضلعا حيدرآباد، ٺٽو ۽ بدين ڀرپور فائدا وٺڻ لڳا، اهو دور هو جڏهن هن نياڻين جي تعليم جي واڌاري لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

هيءُ دور ذوالفقار علي ڀٽي جو هو، 20- ڊسمبر 1971ع تي هُو پاڪستان جو صدر بڻيو، هن دور ۾ جاگيرداري ۽ سرمائيدارن جي حوصلہ شڪني ٿي، سچي سنڌ ۾ 1972ع دوران بهارين جي آبادڪاريءَ خلاف احتجاج ٿي رهيو هو، ان دوران سنڌ ۾ لساني مسئلن شدت اختيار ڪئي، سنڌي ٻوليءَ کي لازمي قرار ڏيڻ بعد سنڌ ۾ اسلامي جميعت طلبا پاران فساد شروع ٿي ويا، هڪ لحاظ کان سنڌ جي سڃاڻپ، سنڌي ٻولي جي واڌ ويجهہ ۽ سياسي مونجهارن جي لحاظ کان ڪافي منجهيل دور هو، پر ان جي باوجود بہ دادي ليلان گهر گهر وڃي والدين کي سمجهايو جيئن هُو پنهنجي ڇوڪرين کي تعليمي ادارن ۾ وڃڻ کان نہ روڪين، سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ جيڪي ڇوڪريون ٻاهر نڪتيون ۽ علم حاصل ڪيائون، انهن تعليم يافتہ مائرن، سنڌي سماج ۾ وڏي تبديلي آندي.

دادي ليلان علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتو سان گڏ پنهنجي ذاتي زندگيءَ تي بہ ڀرپور توجهہ ڏيندي رهي، ان سان گڏ هوءَ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ايم.پي.اي پڻ رهي. ذات ۽ ڏاهپ جو سنگم، دادي ليلان 2017ع ۾ هي فاني دنيا ڇڏي وئي.

داديءَ کي سنڌ ڌرتيءَ سان گهرو دلي ۽ روحاني لڳاءُ هو، ڪيترا هندو سنڌ ڇڏي وڃي انڊيا ۾ آباد ٿيا، پر هن ڪڏهن بہ سنڌ ڇڏڻ لاءِ نہ سوچيو. ڇو تہ جن جڳهين تي سندس ننڍپڻ ۽ جواني گذري، انهن گهرن، گهٽين ۽ علمي درسگاهن سان سندس جذباتي تعلق سگهارو ۽ لازوال هو.

◙

نئون ڪتاب




**ڪتاب:** لولو ڻم ڪانوڪي

**شاعر:** ياسر قاضي

**موضوع:** شاعري

**قيمت:** 200/- رپيا

**ڇپائيندڙ:** سنڌڙي ڪتابي سلسلو، رتوديرو/ ڪراچي

◙

نئون ڪتاب




**ڪتاب:** ڪُليات ٻاجهي

**تحقيق، ترتيب، تصحيح ۽ مقدمو:** استاد لغاري

**موضوع:** شاعري

**قيمت:** 650/- رپيا

**ڇپائيندڙ:** ڪويتا پبليڪيشن، **9-** ربي چيمبر صدر چوڪ، حيدرآباد سنڌ

◙

مهراڻ

**لطف الله سيال**

# واجد جي شاعريءَ ۾ سماج جي پيڙا

**تعارف:**

سنڌي شاعري، اُها سونهن راڻي آهي، جنهن کي هر دؤر جا ڪوي سونارن جيان خوبصورت ڪنملائون پهرائيندا ۽ پنهنجي پنهنجي انداز سان زيبائتن زيورن سان سينگاريندا رهيا آهن. هر دؤر جي شاعرن حال سارو پنهنجي وارتائن، وصال توڙي وڇوڙي جي آلاپن سان گڏوگڏ ڏيهه جي ڏتڙيل ماڻهن ۽ ديس جي دردن جا داستان پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ سموهيا آهن. سهڻي سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ شعبان علي منگي جڏهن شعور جي چيچ پڪڙي هلڻ سکيو، تڏهن پنهنجي مفلسيءَ واري زندگي، توڙي سماج جي اڻبرابريءَ واري نظام سندس ذهن تي گهرا اثر ڇڏيا، جنهن جي نتيجي ۾ هُو شعبان علي منگي واري سادي سنڌي روپ واري الفيءَ مان نڪري، نه صرف واجد جي روپ ۾ ادبي کيتر ۾ نروار ٿي پنهنجي الڳ سڃاڻپ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو، پر سندس شاعري اڻبرابريءَ واري سماج لاءِ شفاف آئيني جو روپ ڌاري ورتو، جنهن ۾ بيحسي ۽ ظلمتن تي آڌاريل سماج جو بگڙيل چهرو چٽو نظر اچڻ لڳو.

واجد جي مفلسيءَ واري زندگي توڙي جو مٿس، حيات تي موت جيان حاوي رهي، پر تنهن هوندي به هُو فقير صفت انسان، پنهنجن حالتن جا سُور پٽڻ بدران سماج کي اصل چهرو ڏيکارڻ ۽ سماج ۾ سڌاري آڻڻ جي خواهش رکڻ سان گڏوگڏ شاعري وسيلي حل لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيندو رهيو، جنهن جو ثبوت سندس شاعري آهي، جنهن ۾ سماج جي صورت جو عڪس موجود آهي.

واجد جي زندگيءَ ۾ بهار به پرڏيهه کان پنڌ ايندڙ ڪنهن بنا ويزا ۽ ٽڪيٽ جي مسافر جيان رسي نه سگهي، جنهن کي خاردار تارون سلهه جي مرض جيان وڪوڙي ويٺيون آهن ۽ سماج جون بيرُخيون ۽ بيحِسيون پهريدارن جيان پڪڙي لوهي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏينديون آهن.

واجد توڙي جو پنهنجي زندگيءَ جي حالات جيان شاعريءَ جي وسيلي سماج ۾ ايڏو وڏو زلزلو آڻڻ ۾ ڪامياب نه به ٿي سگهيو هجي، پر اها ڳالهه واضح آهي ته هُو سماج جي روح ۾ موجود لاٽ ۾ شعور جي لاٽ ٻارڻ ۾ ضرور ڪامياب ويو آهي.

مفلسي توڙي بيماري، ڏاڍ جا اُهي ڏند ۽ ڏاڙهون آهن، جيڪي پهاڙن جو قد ڪاٺ، همت ۽ حوصلو رکندڙ اڏول ۽ نظرين ۾ انتها جي پختگي رکندڙ ماڻهن جي انا کي به ڪُرٽي ڇڏيندا آهن، پر واجد جي اکين ۾ سندس ٽانڊن تي پچندڙ زندگيءَ کان وڌيڪ، سماج جو درد، محبوب جي تصوير جيان سمايل هو. انقلابي سوچ ۽ شعور رکندڙ هن شخص جون ٽنگون ڪڏهن به ڏاڍ ۽ ڏمر جي دهشت توڙي وحشت اڳيان نه ڏڪيون ۽ نه ئي وري سندس سيس سماج جي پاڻمرادو ٺيڪيدارن اڳيان جهُڪيو. واجد ظاهري طرح توڙي جو بيماري ۽ مفلسيءَ جي ڪري ڪمزور ۽ نٻل جسم رکندڙ شخص هو، پر پنهنجي ذات ۾ فولادي روح رکندڙ انسان هو، جيڪو آنکين جي عيوض

آدرشن جي قرباني ڏيڻ جهڙي غليظ گناهه کان هميشه پاڪ رهيو.

**واجد بابت مختلف عالمن ۽ اديبن جا رايا:**

”واجد ڪنهن اهڙي مٽيءَ مان ٺهيل آهي، جو حالتن يا بيماريءَ جيتوڻيڪ هن جي جسماني خوبصورتيءَ کي ڪاٽ ته ضرور هنيو آهي، ذهني ۽ روحاني طور واجد اڄ به اهڙوئي آهي، جهڙو مون هن کي ويهه سال اڳ سندس ڀوهه جوانيءَ وارن ڏهاڙن ۾ ڏٺو هو. اڙٻ، اٿمڻ، باغي، هميشه سچ جو ساٿي، ڪوڙ جو دشمن (1) .“

”واجد زندگيءَ جي ڪڙين حقيقتن کي ويجهو ڏٺو آهي ۽ بک، بي روزگاري ۽ بيماريءَ جي وِهه ڀريل وٽين کي اوتيندو رهيو آهي، جن هن کي هڪ حساس طبعيت شاعر بڻائي ڇڏيو آهي. هن جي ڪلا ۾ غم جانان گهٽ، غم حيات وڌ آهي. هن حياتيءَ کي جيئن ڏٺو آهي، تيئن پيش ڪيو آهي. هن لاءِ زندگي گلن جي سيج نه پر ڪنڊن ڀريل پٽڙي آهي (2) .“

”واجد جي شاعريءَ ۾ رڳو داخلي احساس جي اپٽار ڪيل ناهي، پر عالمي سطح تي انسان ذات جي اجتماعي ڏک خوشيءَ کي به اهڙي طرح پيش ڪيو اٿائين جو اهي ڏک ۽ خوشيون اميدون ۽ نااُميدون واجد جون پنهنجون لڳن ٿيون (3).“

”واجد هر ممڪن عمل ذريعي هيڻانهين حيثيت رکندڙ فردن جو فڪري همدرد ۽ سچي ساٿاريءَ جي روپ ۾ نروار ٿي بيٺو. جنهنڪري روايت پرست طبقو کيس چيندڙ چيز سمجهي کيس ستائڻ تي سندرو ٻڌي بيٺو، پر واجد جو عزم ۽ ارادو ويو تهائين اٽل ۽ اڏول ٿيندو(4) .“

”واجد جي والد جي وفات کان پوءِ سندس ڀائرن جاءِ وڪڻي حصي ۾ کيس صرف ساڍا ٽي هزار رپيا ڏنا هئا، اهي پئسا ڪٽي ٿنڊي غلام علي پهتو ۽ دڪان کوليائين. دڪان نه هليس ته مارڪيٽ ڪاميٽي ۾ سب انسپيڪٽر جي حيثيت سان نوڪري ڪيائين. اتي يارهن مهينن جون پگهارون نه مليس ته وڃي ٺٽو وسايائين. جتي ڊي.سي عبدالقادر منگي کيس روزگار پيڙو ڪيو. جيئن ئي منگي صاحب جي بدلي ٿي ته هي ٻيهر بي روزگار بڻجي پنهنجي اصلوڪي ماڳ لاڙڪاڻي اچي پهتو (5).“

”5- جولاءِ 1952ع ۾ لاڙڪاڻي جي ڌرتيءَ تي جنمندڙ شعبان علي منگي، 2- مارچ 1994ع ۾ هڪ روشن خيال شاعر ’واجد‘ جي حيثيت سان موڪلائي ويو ۽ اسان کي پنهنجي ذهن جي اميريءَ جا ٽي اهڙا اثاثا ڏنائين، جيڪي سنڌي ادب جي لازوال ميراث آهن، جن ۾ ’منهنجا گيت زهر جي گيت‘، ’سوريءَ مٿي سيڻ‘ ۽ ’آهه اوهان جو آهيان‘ شامل آهن (6).“

مطالعي هيٺ آيل ڪتاب ’آهه اوهان جو آهيان‘ ذريعي واجد سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ نثري نظم/آزاد نظم/نظم، وائي ۽ غزل سهڻن ستارن جيان اهڙي ته ڪاريگريءَ سان ٽانڪيا آهن، جن جي چمڪ ڪڏهن به ڊنڊلي ناهي ٿيڻي.

**واجد جي شاعريءَ ۾ سماج جي پيڙاءَ جو جائزو**

واجد جڏهن هاري ۽ محنت ڪش جي پگهر جي پونجي تي ڪاهل ۽ ٽوٽي پوتارن جي مالڪي ۽ ابوجهن جي اعتماد جي بيحسيءَ جي بازار ۾ نيلامي ٿيندي ڏسي ٿو، تڏهن درد سندس سٽن ۾ منصوري آواز جو پڙاڏو بڻجي پوي ٿو.

”ٻڌا واپاري“
لکر پتر سوئي
نازڪ نور نچوئي
جن لئه ان اجاريو ٿا،
پنهنجي پوکيءَ، لائيءَ تي،
پنهنجي ٽڪيءَ ٽليءَ تي،
جن جو حق ميجو ٿا-
سي ته اوهان جي ازلي ويرين وٽه
اوهان جي هرهڪ حق جا،
ٻڌا واپاري آهن!! (ص: 7)

لڳندا آهن، تڏهن اجايا جواز گهڙي، حق ۽ سچ جا آلاپ پيدا ڪندڙ جسمن کي ٽڪي ڪرڻ لاءِ سوليءَ جو سامان تيار ڪندا آهن يا پيئڻ بلا جو روپ ڌاري اهڙن امر جسمن ۾ زهر اوتڻ جون آخري ڪوششون ڪندي سرهائي محسوس ڪندا آهن. اهڙيءَ ويل سقراط جي زهر پيئڻ واري فلسفي تي فخر ڪندڙ ڪئي ارڏا انسان به زندگيءَ جي دوڪي ۾ اچي ويندا آهن ۽ موت کان چيچ ڇڏائڻ جي چڪر ۾، هزارن مجلسن ۾ سقراط جي فلسفي جي عظمتن جا ڪلما پڙهندڙ شخص زندگيءَ جي اوٽ ۾ ان عظيم فلسفي جي عظمت تان ئي هٿ کڻي ويندا آهن ۽ ان فلسفي جي فرسوده هجڻ جو دم هڻندا آهن. اهڙن ئي حالتن کي جڏهن پنهنجي سماج ۾ عملي صورت اختيار ڪندي، واجد ڏسي ٿو تڏهن سندس شعور ڦٽ تي ٻرڪيل لوڻ جو درد محسوس ڪري ٿو، جيڪو سندس شاعريءَ جي صورت ۾ مظهر پذير ٿئي ٿو.

"ائين، جيئڻ ٿو چاهين!؟
تون، جو پنهنجي تحريرن، تقريرن ۾،
سقراط جي زهر پيئڻ کي،
امر ڪرم سڏيندي،
جنبلتي ٿي ڪڦ وهائيندو هئين-
پر، اڄ جڏهن، سچ سان تنهنجي سنگ کي،
تنهنجو وڏو ڏوهه سڏي، ساڳيو ئي سقراط جو پيالو،
تنهنجي آڏو رکيو ويو آ،
تڏهن تون، سچ جي ڪارڻ زهر پيئڻ کي،
ڪتو ڪرم سڏي،
حياتيءَ جا واڌو ڏينهن-
جاڙ جيئڻ ٿو چاهين!
ائين، جيئڻ ٿو چاهين!؟ (ص: 16)

سماج جي اها بي حسي ازل کان جنم ورتل ٿي پاسي، جيڪا ابد تائين جي طويل عمر جو لباس ويڙهي، جڳن کان مختلف روپ ڌاري، هر دور ۾ مظهر پذير پئي ٿي آهي. سماج جا اُهي ڪارائتا فرد جن جو سماج جي صفائي ۾ اهم ڪردار آهي، ڪين موت ۾ هميشه سماج پاران ذلت ڀريل نظرون تحفي ۾ مليون آهن. اهڙي ئي سماجي درد جو اظهار واجد جي شاعريءَ ۾ سچ جي ڪرڻ جيان ڪر موڙيندي محسوس ٿئي ٿو.

"زوريءَ نڪاح"

هائو-
حالتن تنهنجي هٿ ۾
ٻهارو ڏئي،
ذلتن ساڻ تنهنجو
زوريءَ نڪاح پڙهايو آهي-
پر، تو به ته ان ٻهاري جو
هڪ تيلو ٻي ناهي ٽوڙيو!!؟ (ص: 16)

اتهاس ان ڳالهه جو آئينو آهي ته دنيا جا جيڪي به عظيم انسان ٿي گذريا آهن، انهن حق ۽ سچ لاءِ جدوجهد ۾ اجتماعي فائدي کي مقصد ۾ رکيو آهي. انهن عظمتن جي اعلىٰ پد تي پهتل انسانن تي جڏهن زندگي دان ڏيڻ جي ويل به آئي آهي ته انهن ڪيٻايو ناهي، بلڪ سندن خيال ۾ اهوئي خاڪو رهيو آهي ته سندن جان جي دان سان شايد اجتماعي فائدو رسي، دنيا سک ۽ شانتي جو گهوارو ٿي پوي. اهڙين ئي ڪيفيتن کي واجد جڏهن محسوس ڪري ٿو ته لڇي پوي ٿو ۽ سندس پيڙاءُ جو پرتوو سندس شاعريءَ ۾ نروار ٿي پوي ٿو.

"عيسىٰ سوچيو هو"

ڪاريون ريتون
رک ٿي وينديون،
صليبون سڙنديون-
رسمن جي صليب تي چڙهندي،
عيسىٰ سوچيو هو! (ص: 18)

دنيا جو دستور رهيو آهي ته ڏاڍي ماڻهوءَ جي غلط ڳالهه کي به صحيح ڪري تسليم ڪرڻ ۾ ويرم به ناهي لڳندي، جنهن کي انڌي تقليد جي نمري ۾ به



آصف نظاماڻي

# پهريون خيرپور لٽريچر فيسٽيول

## علم، ادب، فن ۽ ثقافت جي رنگن جو جهان

ڪريئيٽوز فورم خيرپور پاران خيرپور جي علم، ادب، فن ۽ ثقافت جي مختلف رنگن سان سينگاريل ٽن ڏينهن تي مشتمل پهرئين خيرپور لٽريچر فيسٽيول جو افتتاح جيم خانه ڪلب خيرپور ۾ ٿيو. ڪتابي ميلي ۽ تصويرن جي نمائش جي افتتاح ڪانپوءِ افتتاحي تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ مولا بخش لاڙڪ، ادل سومرو، اياز گل، ڊاڪٽر يوسف خشڪ، محمد علي پاڻهڻ، نور احمد ميمڻ، ڊاڪٽر مجيد چانڊيو، قربان منگي، فريد پنهو، سعيد منگي، نظام زائر، رياض وساڻ، پروفيسر شاهه محمد لهراڻي، خان محمد خان هن تقريب جا خاص مهمان رهيا. ڪريئيٽوز فورم جي آرگنائيزر محمد علي سهتي آجياڻو پيش ڪيو. ان موقعي تي آيل مهمانن خيرپور لٽريچر فيسٽيول جي انعقاد کي خيرپور جي تاريخ جو اهم حصو ڄاڻائيندي اميد ظاهر ڪئي ته هيءُ ادبي ميلو خيرپور جي شاهوڪار ادبي ۽ ثقافتي تاريخ کي اجاگر ڪندو. افتتاحي تقريب لاءِ ميزبان امر اقبال رهيو.

”خيرپور رياست: علم، ادب فن ۽ ثقافت“ واري نشست ۾ مولا بخش لاڙڪ چيو ته خيرپور هڪ فلاحي رياست رهي آهي، جنهن ۾ تعليم مفت هئي، ناز هاءِ اسڪول جيڪو مير علي نواز ناز جي نالي سان منسوب آهي. سنڌ جي قديم ۽ وڏي درسگاهه طور سڃاتو وڃي ٿو. رياست جي دور ۾ تعمير جي فن، راڳ ۽ موسيقيءَ کي ترقي وٺرائي وئي. ڊاڪٽر يوسف خشڪ چيو ته رياستون حڪمرانن جي نالن سان نه پر انهن جي تعميري ڪمن سان سڃاتيون وينديون آهن. خيرپور رياست دنيا جي تاريخ ۾ علم، ادب، فن، ثقافت، صنعت ۽ تجارت جي حوالي سان مثالي رياست جو درجو رکي ٿي. فريد پنهو چيو ته رياست خيرپور جي دور ۾ درسگاهن جا ڄار وڇايا ويا. تعليم عام ۽ مفت هئي، بي پهچ شاگردن لاءِ هاسٽلون تعمير ڪرايون. هن نشست جو ماڊريٽر ضمير لاشاري رهيو.

”خيرپور جا صوفي شاعر“ واري سيشن ۾ سجاد ميراڻيءَ چيو ته سچل سرمست، فقير نانڪ يوسف، خوش خير محمد هيسباڻي ۽ ٻيا صوفي شاعر سموري عالم ۾ سڪ جو سنيهو پهچائي چڪا آهن. اختر درگاهيءَ چيو ته خيرپور سان تعلق رکندڙ جيڪا صوفي شاعرن جي مالها آهي. اها مالها سنڌ جي صوفي اثاثي جو اهم حصو آهي. استاد عبدالغفور سومري چيو ته سچل جا سرمست ٻول ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام سنڌ جي صوفي راڳ تي به بيمثال انداز ۾ اثر انداز ٿيو آهي. وحدت الوجودي فڪر جو هڳاءُ خيرپور جي هوائن ۾ شامل آهي. ابراهيم ڪرل چيو ته خيرپور جي صوفي شاعرن ۾ الڳ الڳ رنگ هئڻ جي باوجود هڪ رنگ ملي ٿو. هن سيشن جو ماڊريٽر غفور چانگ رهيو. هن ٽن ڏينهن واري لٽريچر فيسٽيول ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ سياسي، سماجي، ادبي شخصيتن ۽ عورتن سميت شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

صوفي راڳ رهاڻ جي نشست ۾ استاد عبدالغفور سومري، رجب سهراب فقير، سلامت سهراب فقير، ۽ رخسانه مارويءَ مختلف صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائي ماحول کي مهڪائي ڇڏيو هن نشست جو ميزبان هاشم پنهي رهيو.

ٽن ڏينهن واري، پهرين خيرپور لٽريچر فيسٽيول جي ٻي ڏينهن مختلف نشستون منعقد

ٿيون، جنهن ۾ پڻ مهمانن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

"خيرپور جي جديد شاعري، جو سفر" جي موضوع تي منعقد ٿيل نشست ۾ شريڪ مهمانن ۾ ادل سومرو، اياز گل، قدير انصاري، حبيب ساجد، امر اقبال، آڪاش عامر ۽ حفيظ باغي، چيو ته خيرپور جي جديد شاعري، جو سرواڻ تنوير عباسي آهي، جنهن شاعري، ۾ فڪري، فني ۽ هيئتي حوالي سان نوان لاڙا متعارف ڪرايا، شاعري، کي مختلف تحريڪن سان سلهاڙيو ۽ ٽين صنفن کي سنڌي روپ ڏنو. گلوگڏ عطا محمد حامي، تاجل بيوس، خادم سنڌي، اميد خيرپوري، ملڪ نديم کان وٺي نئين ٽهي، جي شاعرن تائين سنڌي شاعري، جي سفر کي اڳتي وڌايو آهي. هن نشست جو ماڊريٽر نياز نديم رهيو.

"خيرپور جي ڪهاڻي، جو سفر" جي موضوع تي منعقد ٿيل نشست ۾ مهمانن ممتاز بخاري، مظهر ابڙو، ابراهيم ڪرل، منظور لاڙڪ ۽ مختيار چنا خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته نسيم ڪرل خيرپور سان تعلق رکندي سنڌي ڪهاڻي، جي ميدان ۾ پاڻ کي قداور ڪهاڻيڪار ثابت ڪيو، سندس ڪهاڻيون عالمي سطح جون ڪهاڻيون آهن. حفيظ شيخ بيمثال ڪهاڻيون لکيون ۽ اهو سلسلو هن وقت تائين جاري آهي. هن نشست جو ماڊريٽر دريا خان شنباڻي رهيو.

"خيرپور جو راڳ ۽ موسيقي" جي موضوع واري نشست ۾ ڳالهائيندي مهمانن ڪوثر ٻرڙو، اختر درگاهي ۽ قدير انصاري، چيو ته خيرپور رياست جي دور کان وٺي راڳ ويراڳ ۽ موسيقي، جو محور رهي آهي. راڳ جا وڏا گهراڻا خيرپور سان سلڪ ۾ رهيا آهن. خيرپور جي صوفي شاعرن جي شاعري، ۾ راڳ سمايل آهي. هن نشست جو ماڊريٽر امان منگي رهيو.

"خيرپور جا تاريخي ماڳ مڪان" جي موضوع تي منعقد ٿيل نشست ۾ خيالن جو اظهار ڪندي مهمانن پروفيسر قاصد ملاح، پروفيسر اسد عابدي، امير گل ڪنهر ۽ حزب الله آء سومري چيو ته خيرپور جي آرڪيالاجي، جي قدامت تاريخ جو لازوال باب آهي. ٽالپرن جي دور ۾ تعمير فن کي زور وٺرايو ويو. ڪوٽڏيجي، جو قلعو، فيض محل، ان جا مثال آهن. ڪوٽڏيجي، جا آثار موئن جي دڙي کان به اڳاٽي تاريخ رکن ٿا. هن سيشن جو ماڊريٽر حبيب ساجد رهيو.

"خيرپور جو اسٽيج ۽ ريڊيو ناٽڪ" جي موضوع تي ٿيل نشست ۾ ويچار ونڊيندي مهمانن هاشم پٽي، ابراهيم ڪرل، جبار گلال ۽ ذوالفقار ٻرڙي، چيو ته خيرپور ۾ رياست جي دور کان وٺي ناٽڪ منڊلين جو بنياد پيو، اڳتي هلي خيرپور ۾ سئنيمائن ڊرامو ۽ فلم ڏسندڙن جو وڏو حلقو پيدا ڪيو. ريڊيو خيرپور ايم.يحيٰ پٽو، سعيد واگهو، مظهر شيخ جهڙا وڏا صداڪار پيدا ڪيا جن اڳتي هلي ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ به پاڻ مڃايو. هن نشست جو ماڊريٽر محمود سومرو رهيو.

"خيرپور جو تحقيقي ۽ تنقيدي ادب" جي موضوع تي رٿيل نشست ۾ خيالن جو اظهار ڪندي قربان منگي، ڊاڪٽر مهر خادم، هادي ڀٽ ۽ خواجه ذوالفقار چيو ته خيرپور جي تحقيقي ۽ تنقيدي ادب ۾ ڊاڪٽر عطا محمد حامي، جو ٽالپر حڪمران دور ۽ سچل سرمست جي فڪر جي حوالي سان ڪم ڪيل ۽ تنوير عباسي، شاهه لطيف جي شاعري، تي ڪيل اڀياسي ڪم وڏي حيثيت رکن ٿا. خادم عباسي ۽ محمد علي حداد جو تحقيقي ڪم به بيمثال آهي. هن سيشن جو ماڊريٽر حسن شيخ رهيو.

"منهن ٽنين مشعل" جي عنوان سان ادل سومري، اياز گل ۽ رسول ميمڻ سان خاص نشست منعقد ٿي. هن نشست ۾ رسول ميمڻ ڪهاڻي ۽ ادل سومري ۽ اياز گل شاعري پڙهائي ۽ پنهنجي تخليقي سفر جون ڳالهيون ڪيون. هن نشست کي صدارتي خطاب ڪندي تاج جويو چيو ته ادل سومرو ۽ اياز گل جديد سنڌي شاعري، جو پنهنجي لهجي وارا منفرد ۽ سرموڙ شاعر آهن ۽ رسول ميمڻ سنڌي، ۾ اڻ ڳڻيون سرريئلسٽڪ ڪهاڻيون ۽ ناول لکي وڏي سڃاتا ماڻي آهي. هن سيشن جو ماڊريٽر اختر درگاهي رهيو.

ڪتابن جي مهورت واري نشست ۾ ادل سومري جي شعري مجموعي ”نيروليءَ جو خواب“، اختر درگاهيءَ جي مقالن جي مجموعي ”سچل سائين ۽ درازي فيض“، ڪوثر برڙو جي يادگيرين جي ڪتاب ”پنهنجيون پرايون ڳالهڙيون“، ابراهيم ڪرل جي ڪهاڻي ڪتاب ”موٽي اينڊس مان“، تاج جويو جو شيخ اياز تي لکيل مقالن جو ڪتاب ”رابيل رُت مايا نگر“، حبدار سولنگيءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”سنڌي غزل جو ارتقا“ حزب الله آءِ سومري جي مضمونن جي ڪتاب ”اک اُڀي ڏار“ ۽ علي حسن سرڪيءَ جي شعري مجموعي ”وساري ڇڏيو ٿي“ ۽ رسول ميمڻ جو ”اسٽيل جا 5 گلاس“ جي مهورت ڪئي وئي. هن سيشن لاءِ ميزبان نشاء ڪنول رهي.

مشاعري جي صدارت ايازگل ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان رسول ميمڻ، پارس حميد، منظور خاموش، آڪاش عامر، وحيد انصاري، حفيظ باغي، رحيمداد جوڻي، توقير شاهه ۽ ٻيا رهيا. مشاعري ۾ پنجاهه کان مٿي شاعرن شاعري پڙهي. مشاعري جي ميزباني روشن شيخ ڪئي. راڳ رهاڻ واري نشست ۾ آصف سومري، مختلف شاعرن جو ڪلامُ ڳائي محفل کي مهڪايو.

خيرپور لٽريچر فيسٽيول جو ٽيون ۽ آخري ڏينهن پڻ پُروقار انداز ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ هزارين مهمانن شرڪت ڪئي. ڪريئيٽوز فورم خيرپور پاران جيم خانه ڪلب خيرپور ۾ منعقد ٿيل هن فيسٽيول جي پهرين نشست ”خيرپور جا مصور“ جي موضوع تي منعقد ٿي جنهن ۾ سعيد منگي، نعمت خلجي، مجيد منگي، شڪيل خاصخيلي ۽ عدنان منگيءَ ڳالهائيندي چيو ته خيرپور رياست جي دؤر ۾ تعمير ٿيل دلشاد منزل جي ديوارن ۽ ڇتين تي جيڪي تصويرون اُڪريل هيون اهي آرٽ جو شاهڪار هيون، جيڪي هاڻي ميسارجي ويون آهن، پر آرٽ جو سفر جاري آهي. هن نشست ۾ قرارداد پاس ڪئي وئي ته لطيف يونيورسٽيءَ ۾ فائن آرٽس جو شعبو قائم ڪيو وڃي. هن سيشن جو ماڊريٽر ڪليم شيخ رهيو.

”خيرپور جا ادبي ۽ ثقافتي ادارا“ جي موضوع واري نشست ۾ مهمانن پروفيسر شاهه محمد لهراڻي، قربان منگي، ابراهيم ڪرل، ضمير لاشاريءَ چيو ته سچل اڪيڊمي، ريڊيو پاڪستان خيرپور، سچل يادگار ڪاميٽي، حامي يادگار ڪاميٽي، سچل چيئر ۽ ٻيا ادارا هڪ تاريخ رکن ٿا جن ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي. ادبي ۽ ثقافتي تنظيمن جي پڻ هڪ الڳ تاريخ آهي. هن سيشن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته خيرپور آرٽس ڪائونسل سميت مختلف ادارن تان سياسي غلبو ختم ڪيو وڃي. هن سيشن جو ماڊريٽر سعيد سانگري رهيو.

خيرپور سول سوسائٽي جي موضوع واري نشست ۾ خيالن جو اظهار ڪندي مهمانن پروفيسر غلام قادر ڦلپوٽو، ڊاڪٽر خادم ڏهوٽ، ضمير لاشاري ۽ اڪرم شيخ چيو ته سڀني سميت، مزدور استاد ۽ شاگرد تنظيمن، صحافين، تاجر تنظيمن، وڪيلن ۽ انساني حقن جي تنظيمن ۽ ٻين سرڪاري تنظيمن ۽ گروپن بهتر حُڪمراني، سياسي سماجي سجاڳي، شهر جي ترقي ۽ ٻين مسئلن تي پاڻ پتوڙيو آهي. هن سيشن جو ماڊريٽر رياض منگلو رهيو.

”ادب ۽ سوشل ميڊيا“ جي موضوع واري نشست ۾ مهمانن نثار ڪوکر، فياض امر برڙو، سليمان وساڻ، لطيف انصاري ۽ آصف نظاماڻي چيو ته سوشل ميڊيا سنڌي ادب جي ڦهلاءَ ۾ هاڪاري ڪردار ادا ڪيو آهي. ادبي ويب سائيٽن تي موجود هزارين ڪتابن لغتون ۽ انسائيڪلوپيڊيائون ٻوليءَ جي ترقيءَ جو سبب بڻيون آهن ۽ سنڌي ادب عالمي ڌارا سان جڙي پيو آهي. هن سيشن جو ماڊريٽر غفور چانگ رهيو.

”سگهڙ ڪچهريءَ“ ۾ فياض مهيسر، محرم اُڄڻ، ملهار ڪٽوهر، صابل ناريجو، قلندر بخش شيخ، محرل هُليو، مجاهد ڦلپوٽو ۽ ٻين سگهڙن لوڪ شاعريءَ جون مختلف صنفون پيش ڪري پنهنجي ڏات جا واهڙ وهايا. خيرپور جي تاريخ جي حوالي سان ڊاڪيومينٽري پيش ڪئي وئي، تنهن بعد ابراهيم ڪرل جو لکيل اسٽيج ڊرامو ”ڏور ٿيندا وڃن روز

جوڳيئڙا“ پيش ڪيو ويو جنهن جو ڊائريڪٽر فهيم يحيٰ پنهور رهيو. هن ڊرامي ۾ جبار گلال ۽ فهيم يحيٰ پنهور ڪردار ادا ڪيا. هن موقعي تي اسرار لغاري، ايس پنهور، شمع منگي، نائمہ خان، تانيہ خان، عباس گل، جبار گلال، هاشم پنهور، غلام حسين منگي، فهيم يحيٰ پنهور سميت ڊرامہ سيريل ”سرڪار“ جي سٽ ڪي اجرڪن جون سوکڙيون پڻ پيش ڪيون ويون. ناميا ري شاعر ادل سومري جي صدارت هيٺ مشاعري ۾ سيد نور رضوي، مظهر ابڙو، قدير انصاري، خواجہ ذوالفقار، حاجره ناز ملڪ، مفتون ڪورائي، اظهر ٻانيڻ، سجاد ميراڻي، مهر خادم خاص مهمان رهيا. جڏهن تہ 50 کان مٿي شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪيو. اختتامي تقريب ۾ فيسٽيول آرگنائيزر محمد علي سهتي ٽن ڏينهن ۾ آيل هزارين مهمانن ۽ 25 مختلف نشستن ۾ حصو وٺندڙ شخصيتن جا ٿورا مڃيا.

هن موقعي تي ادل سومري، ايازگل، اختر درگاهي، قربان منگي، رخسانہ ميراڻي، ممتاز بخاري، نياز نديم سميت مختلف مهمانن جي هٿان ميڄتا سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. اختتامي تقريب جي مهمانن پهرين خيرپور لٽريچر فيسٽيول کي خيرپور جي تاريخ جو نہ وسري سگهجندڙ باب قرار ڏنو. جيڪو خيرپور جي تخليقڪارن پنهنجي مدد پاڻ جي جذبي تحت منعقد ڪيو. راڳ رهاڻ جي نشست ۾ اختر درگاهي، شازيہ ماروي ۽ نادره پروين سنڌ جي صوفي ۽ جديد شاعرن جو ڪلامُ ڳايو. راڳ رهاڻ جي نشست ۾ ٺيڪ ٻارهين بجي ڪيڪ ڪاٽي نئين سال جي آجيان ڪئي وئي. خيرپور لٽريچر فيسٽيول جي راڳ رهاڻ واري نشست رات دير تائين جاري رهي.

◙

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** تاريخ بازيدپور
**ليکڪ:** ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو
**قيمت:** -/600 رپيا
**ڇپائيندڙ:** بازيد پبليڪيشن بازيدپور

◙

پروفيسر لعل بخش جسڪاڻي



# ڪتاب: ڪٽي مان ڪيڇَ جو مختصر جائزو

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جيڪي استاد، محقق، اديب، عالم لکن ٿا، اها هڪ ذات آهي، جو ته انهن پنهنجون سڀ محبتون ڪتابن کي ارپي ڇڏيون. اهڙن خوشنصيبن ۾ پروفيسر رشيده پٽي پڻ آهي جيڪي لاڳيتو لکندي اچي ۽ موجوده ڪتاب ’ڪٽي مان ڪيڇَ‘ سندس چوٿون ڪتاب آهي. جيئن ته پاڻ فزيالاجيءَ جي پروفيسر رهي آهي، جيڪو سندس دلپسند موضوع پڻ آهي. هيءُ ڪتاب نِج علمي ۽ سائنٽيفڪ تحقيق جي بنياد تي آڌاريل موضوع جي لحاظ کان منفرد ضخيم ۽ تفصيلي معلومات جو خزانو چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. هن ڪتاب کي پڙهي محسوس ٿيو ته گهڻي وقت کانپوءِ تحقيقي سائنٽفڪ ڪارائتي علمي ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو آهي، ۽ خوشي ٿي ته اسان جي مادر علميءَ ۾ محقق ۽ لائق فائق استاد موجود آهن، جن تي اسان سڀني کي فخر ڪرڻ گهرجي.

هيءُ ڪتاب موضوع جي لحاظ کان ڇهن بابن تي ٻڌل آهي، جنهن جي هر باب ۾ معلومات جا انمول خزانا ملن ٿا. هن ڪتاب ۾ غذا بطور شفا، ميوا ڀاڄيون ۽ اناج جي اهميت ۽ طبي فائدا شامل آهن. علم بدن، صحت صفائي، غذا ۽ ان جي اهميت کانسواءِ متفرقات ۾ گهڻا دلچسپ موضوع شامل ڪري ليکڪا ڪتاب ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ڪرڻ لاءِ انيڪ ۽ منفرد اندازَ جهڙا رنگ ڀري ڪتاب کي تدريسي مقصد لاءِ بهتر کان بهترين بڻايو آهي. ڪتاب جي آخري ڇهين باب ۾ چڻ ڪيئي ڪتاب موجود آهن، جيڪي ليکڪا جو ڪارنامو ۽ ڪمال چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.




ليکڪا وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪري ڏڪشنري آف هيماٽالاجي لکي ميڊيڪل جي هڪ اهم برانچ جو سنڌيءَ ۾ نهايت اهميت وارو ڪتاب پڙهندڙن تائين متعارف ڪرايو آهي، جيڪي سندس سنڌي ٻولي ادب ۽ پنهنجي لاڳاپيل شعبي سان محبت ۽ ڪمٽمينٽ جو تمام وڏو مثال آهي ۽ اسان جي نئين نسل لاءِ اُتساهه جو سبب پڻ بڻجي ٿو. چوندا آهن ته علم آزاديءَ جو دروازو کولي ٿو ۽ رشيده پٽي ان دروازي کان نڪري علم ادب ۾ پير پائي مادر علميءَ جي خدمت وسيلي علم جي آبياريءَ ڪئي، سندس اباڻي تاريخي شهر روهڙيءَ ۽ والدين جون ساروڻيون هن ڪتاب جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ اضافو ڪيو آهي.

جيئن ته فزيالاجي ڪي هڪ جديد سائنسي علمن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو، انڪري سڀ ڪتاب انگريزي ٻوليءَ ۾ موجود آهن، ليڪڪا هن علم جي اهم حصن ڪي سنڌيءَ ۾ آڻي تمام وڏو ڪارنامو ڪيو آهي ۽ هيءُ ڪتاب سنڌيءَ ۾ مني انسائيڪلوپيڊيا جي اهميت چئجي، ته ڪتاب سان انصاف ڪري سگهجي ٿو. مثال طور: ماءُ جي کير جي باري ۾ لکي ٿي ته ماءُ جي کير ۾ ٻارن جي بيمارين خلاف سڀ کان وڌيڪ قوت مدافعت موجود هوندي آهي ۽ ساڳي وقت ماءُ جو کير ٻار ڪي ايڊز جهڙي موزي مرض کان بچائي سگهي ٿو. ڪتاب ۾ جتي علم بدن ڪي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي ان سان گڏ ميون ۽ ڀاڄين سان علاج ۽ غذا جا حيات پرور جوهر جو اُپٽار پڻ ملي ٿو. ٽماٽي ڪي ايسپرين جي نعم البدل ٻڌائي اسان ڪي ليڪڪا حيران ڪيو ڇڏي، ڇا ته ان جي طبي اهميت ۽ افاديت آهي جنهن جي اسان گهڻن کي ڄاڻ به ڪانهي.

ڇاهين (هنداڻو) ۽ ڪارڪن کان وٺي ڏاڙهونءَ جي غذائي اهميت ۽ طبي فائدن جي باري ۾ هن ڪتاب ۾ اُپٽار ملي ٿو ته ساڳي وقت جَوَ ۽ انجير ۽ ڇاهين جي باري ۾ جيڪي آسان ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ وسيلي مواد ملي ٿو، اها هڪ وڏي ڪاوش ۽ تحقيق جو نتيجو آهي ۽ عام ماڻهن لاءِ جتي هيءُ ڪتاب وڏي اهميت رکي ٿو ته ساڳي وقت استادن، شاگردن، محققن لاءِ هڪ لاثاني ۽ علمي تحفو آهي.

مولانا روميءَ جي روحاني استاد شمس تبريز ڪٿي چيو هو ته توهان پڙهڻ وسيلي سِکي سگهو ٿا، پر محبتن کان سواءِ سمجهي نٿو سگهجي، ليڪڪا هن ڪتاب ۾ گهڻو پيار ۽ محبتون شامل ڪري جَس لهڻي.

هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت ڪي نظر ۾ رکندي ان چوڻ ۾ ڪابه هٻڪ نه ٿيندي ته هيءُ ڪتاب سنڌ جي سيني اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي لائبريرين ۾ مهيا ڪيو وڃي، جيئن استاد، شاگرد، اديب ۽ عالم ماڻهو پڻ انمول تحفي مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

◘

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** کُليل اکين جا سپنا

**ليکڪ:** قاضي خادم

**موضوع:** يادگيريون

**قيمت:** -/350 رپيا

**ڇپائيندڙ:** ڪويتا پبليڪيشن. 9- ربي چيمبر. حيدر چوڪ. حيدرآباد. سنڌ

◘

**ميرزا فياض علي بيگ**



# رثائي ادب جو شاهڪار
# سياه پوش حرم آ، سرخ پوش حسين

حيدرآباد جي معروف مرثيہ گو شاعر ۽ مرثيہ خوان ميرزا فتح علي بيگ 'فتح' جي ٽئين نمبر فرزند ميرزا قاسم علي بيگ 'قاسم' جي سنڌي زبان ۾ چيل سلامن کي ميرزا ڪاظم رضا بيگ سهيڙي، اُن تي بهترين مقدمو لکي، "سياه پوش حرم آ، سرخ پوش حسين" جي نالي سان مرتب ڪيو. جيڪو موج وحدت پبليڪيشن روهڙيءَ طرفان سال 2017ع جي ايام عزا ۾ ڇپجي پڌرو ٿي، پڙن، امام بارگاهن ۽ بارگاه حسينيءَ ۾ بلڪ هيئن چوان تہ جناب سيده سلام الله عليها جي حضور ۾ پهچي، مقبوليت جي سَنَدَ ماڻي چڪو آهي.

هِن ڪتاب جو ٽائيٽل تمام بهترين ۽ جاذب آهي. اڳيئن ورق تي ڪعبة الله ۽ موليٰ امام حسين عليه السلام جي روضي جي تصوير ۽ پوئين ورق تي ميرزا قاسم علي بيگ جي تصوير ڏنل آهي. هيءُ ڪتاب 102 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جي قيمت -/100 رپيا آهي.

انهيءَ ڪتاب جي "اداري پاران" ۾ انجنيئر عبدالحسين موسوي صاحب لکي ٿو تہ:

"بين اصناف سخن ازين قسم مثنوي ۽ رباعي وغيره تي عروض جي عالمن پاران چند مقالا تہ لکيا ويا، پر ڪو جامع ڪتاب جنهن ۾ مذڪور صنفن جي فني، علمي ۽ ادبي ڄاڻ کان علاوه انهن صنفن جي شاعرن جو ڪو جامع تذڪرو هجي، سامهون نہ اچي سگهيو آهي."

محترم موسوي صاحب بلڪل صحيح لکيو آهي، تہ "مثنوي" ۽ "رباعي" بابت ڪوبہ جامع ڪتاب سنڌن سامهون نہ اچي سگهيو آهي، بلڪ آءٌ هيئن چوان تہ انهن صنفن تي ڪوبہ جامع ڪتاب ڇپيو ئي ڪونهي! البتہ شاعريءَ جي انهن ٻنهي صنفن تي منهنجي محترم استاد ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل' جا جامع ۽ ضخيم ڪتاب لکيل آهن، جيڪي اڻڇپيل، پر هاڻي تہ الائجي ڪهڙي ڪنڊ ۾ دفن ٿيل آهن!

پهريون ڪتاب ڊاڪٽر صاحب "سنڌي مثنويون" جي نالي سان لکيو، جنهن جون ڪي قسطون ماهوار رسالي 'نئين زندگي' ۾ ڇپيون. اِهو ڪتاب الڳ الڳ پنجن ڪاپين تي لکيل آهي، جن مان ٽي ڪاپيون منهنجي مامي ميرزا سلطان حيدر بيگ جون ۽ ٻہ ڪاپيون راقم الحروف جون نقل ڪيل آهن. ان ڪتاب ۾ سنڌي مثنويءَ جي فن جي ڄاڻ، ارتقا ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل جيڪي مثنويون ڊاڪٽر صاحب کي ملي سگهيون، تن جو ۽ انهن مثنوين جي شاعرن جو مفصل احوال قلمبند ٿيل آهي.




ڊاڪٽر صاحب جو ٻيو ڪتاب رباعيءَ تي ٻہ لکيل آهي، جنهن جو نالو "فن رباعي ۽ سنڌي رباعي-گو شاعر" آهي. هيءُ ڪتاب ٻن ڪاپين ۾ اٽڪل ست سؤ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب رباعيءَ جي فن تي ڀرپور نموني ۾ وضاحت سان

لکيو آهي ۽ ان کان علاوه سنڌي رباعيءَ جي شاعرن جون رباعيون ۽ رباعي-گو شاعرن جو احوال پڻ ڏنو ويو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب، ميرزا مراد علي بيگ 'سائل' کي سنڌيءَ جو پهريون رباعي-گو شاعر ثابت ڪيو آهي ۽ نموني خاطر سندس اٽڪل پنجويهه رباعيون پڻ ڏنيون آهن. هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر صاحب 1966ع ۾ لکيو هو. هن ڪتاب جي لکجڻ بابت منهنجو تفصيلي احوال لکيل آهي، جيڪو طوالت سبب هِتي نه ٿو ڏئي سگهان. علاوه ازين راقم الحروف به رباعيءَ تي هڪ ڪتاب "رباعي جا راوي ۽ رباعي جا راهي" نالي لکيو آهي، جيڪو وڏي فل سائيز رجسٽر تي لکيل آهي، جيڪو اڍائي سؤ صفحن جي لڳ ڀڳ آهي. اهڙيءَ ريت ڇپيل مواد ۾ ميرزا علي محمد بيگ 'مظفر' جي سنڌي رباعين جو مجموعو "عظمت فصاحت" جي نالي سان راقم الحروف جي ڀاءُ ميرزا فتح علي بيگ 'شاهد' مرتب ڪيو، جنهن ۾ پڻ رباعيءَ جي فن ۽ تاريخ تي مشتمل هڪ جامع مقدمو لکيل آهي. هِن ڪتاب کي گلشن پبليڪيشن حيدرآباد سال 1993ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ممڪن آهي، ته انهن ٻنهي اصنافِ سخن تي سنڌي اديبن ۽ شاعرن ڪي جامع ڪتاب لکيا هجن، جيڪي اڃا ڇپجي منظرعام تي نه اچي سگهيا هجن!

هن ابتدائي ڪلمات بعد آءٌ ڪتاب 'سياه پوش حرم آ، سرخ پوش حسين' تي تبصري ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو.

ميرزا قاسم علي بيگ جي شاعريءَ جي ابتدا اٽڪل روءِ 1855ع جي لڳ ڀڳ ٿئي ٿي. شاعريءَ ۾ سندس استاد سندس والد محترم ميرزا فتح علي بيگ 'فتح' هو، جنهن کيس فنِ شاعري ۽ علم عروض جي مڪمل تعليم ڏني. جنهن جي نتيجي ۾ هن پوري ذوق، شوق ۽ محنت سان عروضي اصنافِ سخن تي خوب طبع آزمائي ڪئي ۽ سندس ڪلام ۾ حمد، نعت، منقبت، قصيدا، سلام، مرثيا، رباعيون وغيره اچي وڃن ٿيون. سندس اِهو سمورو ڪلام 'ڪليات قاسم' جي نالي سان مشهور آهي، جنهن مان في الحال سندس 39 سلام ميرزا ڪاظم رضا بيگ مرتب ڪري، شاعر جي مختصر سوانح حيات لکي ۽ سلامن تي بهترين معلومات افزا تبصرو ڪيو آهي. هِن ڪتاب ۾ اِها وڏي خوبي آهي، ته هر سلام جي مٿان اُن جو بحر وزن پڻ ڏنو ويو آهي، جيڪا محنت ۽ عروضي فن جي ڄاڻ مرتب ميرزا ڪاظم رضا بيگ جي قابلِ داد آهي.

اسان جي بزرگن جي بياضن مان ميرزا قاسم علي بيگ جا سلام ميرزا سلطان حيدر بيگ (ڪتاب مرتب ڪندڙ جو والد) سال 1960ع ڌاري پنهنجي ڪن بزرگ شاعرن جي سلامن جي چونڊڪري "بحرالبڪا" جي نالي سان بياض لکيو، جنهن ۾ هِن پنهنجي پڙڏاڏي ميرزا قاسم علي بيگ جا سلام پڻ لکيا. وري احوال بابت، ته جڏهن غلام رسول بلوچ 'سنڌي مرثيه نويسي' تي ايم.فل لاءِ مقالو پئي لکيو، تڏهن ڪيس راقم جي والد ميرزا حامد علي بيگ، پنهنجي بزرگن ميرزا فتح علي بيگ، ميرزا قاسم علي بيگ، ميرزا غلام رسول بيگ ۽ ميرزا هيل بيگ جا مرثيا ۽ انهن جو مختصر احوال لکي ڏنو، ان سان گڏ ڪيس خواجه ناصر علي جو مرثيو پڻ ڏنو، جن مرثين مان هڪ هڪ بند بلوچ صاحب پنهنجي ان مقالي ۾ ڏنو آهي. اِهو مقالو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو سال 1970ع ۾ شايع ڪيو.

ميرزا حامد علي بيگ، ميرزا قاسم علي بيگ جو ڏهٽو هو ۽ هن ئي پهريون ڀيرو پنهنجي ناني ميرزا قاسم علي بيگ جو مختصر احوال ۽ سندس چيل مرثيو 'جڏ شه جا اقارب ٿي ويا شه تان فدائي' اشاعت لاءِ غلام رسول بلوچ صاحب کي ڏنو. جنهن بعد ئي سنڌي ادبي تاريخ ۽ شاعريءَ تي جيڪي به ڪتاب ڇپيا، تن ۾ ميرزا قاسم علي بيگ جو احوال شايع ٿيندو اچي.

ميرزا قاسم علي بيگ جو مرثيو 'جڏ شه جا اقارب ٿي ويا شه تان فدائي'، جيڪو بلوچ صاحب کي ڏنو ويو، سو ميرزا حامد علي بيگ سال 1940ع کان 1960ع تائين عصرِ عاشور امام بارگاه علي آباد ۾ ٿيندڙ مجلس ۾ ڏوهيڙي جي سوز ۾ پڙهندو هو. هن مرثيه جا ڪي بند ايترا ته پُردرد آهن، سي جڏهن هيءُ پڙهندو هو، تڏهن سامعين تي شدتِ غم کان رقت طاري ٿي ويندي هئي.

ميرزا قاسم علي بيگ جا سلام بيشڪ مذهبي رنگ ۾ رڱيل رثائي اشعار آهن، پر جڏهن انهن سلامن جو فني نقطه نگاهه سان مطالعو ڪجي ٿو، تڏهن انهن سلامن ۾ اهڙا به شعر نظر اچن ٿا، جيڪي غزل، ناصحانه بي ثباتي دنيا جي زمري ۾ اچي وڃن



علي نواز آريسر

# ڪهاڻين جو ڪتاب: ”ترورو“

ڪي ماڻهو پنهنجن ملوڪ مهاندن جي ڪري وڻندا آهن، ڪي شخصيتون پنهنجي ڪردار ۾ مانائتيون هونديون آهن، ڪي شهر پنهنجي سونهن جي ڪري موهيندا آهن، اهڙيءَ طرح ڪي ڪتاب پاڻ ڏانهن ڇڪيندا آهن ۽ مون ڪي سدائين سُٺن ڪتابن جي اُڃ رهي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مهينا گذري ويندا ڪنهن سُٺي ڪتاب لاءِ واجهائيندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته روز جو سنا ڪتاب پڙهڻ لاءِ پيا ملندا آهن پوءِ چين، دل توڙي اکين جي اُڃ لهي ويندي آهي، جيئن ريگستان ۾ رهندڙ هرڻ لاءِ اهو مشهور آهي ته هُو سال ۾ هڪ ڀيرو پاڻي پيئندو آهي، جڏهن برسات پوندي آهي ۽ برسات جو پاڻي هُن جي اُڃ لاهيندو آهي، پر پڙهندڙ جي اُڃ عارضي لهندي آهي، ڪجهه ڏينهن گذرندا ته وري اُڃ ستائيندي آهي، منهنجي ڪيفيت به ڪجهه اهڙي ئي آهي. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۾ پناهه ورتي آهي، ڪيترا تاريخ جا ڪتاب پڙهيا آهن، ڪيترا ناول رَٽيا آهن، ڪيتريون ڪهاڻيون پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪيون آهن، پوءِ به اُڃارو آهيان ۽ هر پل ڪنهن نئين ڪتاب جي ڳولا ۾ ڀٽڪندو آهيان.

اسان جي مانائتي ڪهاڻيڪاره ثمينه ميمڻ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”ترورو“ ڪنهن حد تائين پڙهندڙ جي اُڃ اُجهائڻ جهڙو آهي. سندس هن مجموعي ۾ ڪُل 15 ڪهاڻيون شامل آهن، جيڪي سيئي گهريلو زندگيءَ ۽ عورت سان ٿيندڙ اتياچار تي آڌاريل آهن ۽ واقعي عورت جو درد عورت ئي سمجهي سگهي ٿي ۽ اُها ئي ان سان انصاف ڪري سگهي ٿي. مون ڪيترين اهڙين عورتن کي به ڏٺو آهي، جيڪي اندران پور پور ٽٽل هوندي به مُرڪندي ۽ ٽهڪندي نظر اينديون آهن، ڇاڪاڻ جو اهي حالتن سان سمجهوتو ڪري وٺنديون آهن ۽ ڪيتريون اهڙيون عورتون به ڏٺيون آهن، جيڪي ڪمپرومائيز نه




ڪرڻ ڪري پنهنجو گهر ٻار وڃائي ويهنديون آهن. آئون اهو نه ٿو چوان ته هر عورت کي ڪمپرومائيز ڪرڻ گهرجي ۽ هوءَ سڀ ڪجهه ڏسندي ۽ سهندي خاموش رهي، پر اهو ضرور چوڻ چاهيان ٿو ته جذبات ۾ اچي ڪو اهڙو قدم به نه کڻجي جيڪو پڇتاءُ جو باعث بڻجي. ثمينه جي ڪهاڻي ”رُوح رڙيو جنهن لاءِ“ اهڙي پڇتاءُ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ’پريت‘ پنهنجي انا جي ڪري ’سُندر‘ کي وڃائي ٿي ويهي ۽ پوءِ سڄي زندگي ان پڇتاءُ جي نالي گذاري

”اندر رُوح رَهيام“ هيءَ ڪهاڻي هڪ ڳوٺاڻي عورت جي ڪٿا آهي، جنهن کي نہ ڪيل ڏوهہ جي سزا سڄي زندگي ڀوڳڻي پئي هُئي. هيءَ ڪهاڻي ڳوٺن جي ذهنيت کي ظاهر ڪري ٿي.

”آنت“ هيءَ ڪهاڻي دل ۾ ريهون ڪيائيندڙ ڪهاڻي آهي. چاڪاڻ جو سڪينہ ٻي شادي ان لاءِ ٿي ڪري تہ سندس پُٽ پڙهي سگهي ۽ ان کي پيءُ جو نالو ۽ سهارو ملي، چاڪاڻ جو سڪينہ کي اڳئين مڙس طلاق ڏئي ڇڏي هئي، ان کان پوءِ هوءَ پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهيل هئي، جيتوڻيڪ سڪينہ کي پيءُ ۽ ڀاجائي هر طرح جو پيار ڏنو هو، ان جي باوجود هن کي پنهنجي گهر جو اونو هو، پنهنجي پُٽ جي پريشاني هئي، اهو ڄاڻي هن پاڻ کان وڏي عمر جي مرد سان شادي ڪئي هئي، جنهن شروع ۾ تہ ڪيس ۽ پُٽ کي گهڻو گهُريو هو، پر پوءِ آهستي آهستي اها محبت گهٽبي وئي هئي ۽ هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ آيو هو جو اهو پُٽ پنهنجي اصلي پيءُ ڏانهن هليو ويو هو ۽ هُوءَ هڪ ڀيرو ٻيهر اڪيلي رهجي وئي هُئي.

”ڏولي ڪير کڻي“ هيءَ ڪهاڻي، موجوده برگر ڪلاس تي آڌاريل آهي، جيڪو نہ مُٺي جو آهي نہ ڄيڀري جو. ڪو ماڻهو مري ٿو وڃي تہ ان جا گهر ڀاتي بجاءِ پريشاني ۽ روڄ راڙي جي تيل ڦليل ڪري سينگارجي سنوارجي اچي ويهندا آهن، جڻ ڪو ڪاڄ هجي، ان حد تائين جو ميت کي ڪُلهو ڏيڻ بہ عيب سمجهيو ٿو وڃي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏولي کڻڻ وارو منظر لڱ ڪانڊاريندڙ آهي:

”ادي! ڳالهہ ئي ڇڏي ڏي، ماڻهو مرن هڪڙن جا ۽ ڏوليون وري اسين کڻي مسجدن ۾ پهچايون.“

ميت جا گهر ڀاتي ميت کي مئيءَ مڻ حوالي ڪري ڪپڙا ڇنڊي گهر هليا ٿا وڃن. ڏوليءَ بہ کڻڻ لاءِ تيار ڪونہ آهن، اهڙي بيحسي، ماڻهن مان احساس ئي موڪلائي ويو آهي.

”ڏاهيون ڏک ڏسن“ هيءَ ڪهاڻي ٻن مردن جي سوچ تي مشتمل آهي. هڪڙو مرد اهو آهي، جيڪو پنهنجي زال تي ڀين جي چوڻ تي شڪ ٿو ڪري ۽ ٻيو مرد اهو آهي جيڪو پنهنجي ڀيڻ جو چوڻ ڪندي اُن عورت جي مڙس کي سمجهائڻ لاءِ راضي ٿئي ٿو. هيءَ سڄي ڪهاڻي هن پيراگراف تي ٻڌل آهي:

”ڪوهيلاري پاڻ سان ئي جنگ ڪرڻ لڳي. وري پاڻ کان ئي سوال ڪرڻ لڳي تہ ڇا سڀ مرد هڪجهڙا آهن؟ ڇا ايئن هميشہ ٿيندو رهندو؟ نہ نہ ايئن تہ ڪونهي. مرد تہ منهنجو پيءُ بہ آ، ڀاءُ بہ آهي. پوءِ...نہ نہ ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي. چو تہ هڪ اِهو بہ تہ مرد منهنجي سامهون آهي، جيڪو مون سان گڏجي هڪ عورت جي زندگي برباد ٿيڻ کان پيو بچائي.“

ثمينہ جي هن ڪتاب ۾ سڀئي ڪهاڻيون احساس تي ٻڌل آهن ۽ سڀني ڪهاڻين ۾ عورت جا سماجي پهلو، مجبوريون ۽ نا انصافيون ظاهر ڪيون ويون آهن. ۽ ثمينہ پنهنجي ڪردارن سان خوب نباهہ بہ ڪيو آهي. هيءَ ڪهاڻيون رُڳو فليش بيڪ ڪونہ آهن، پر هنن ۾ سندس مشاهدو بہ شامل آهي، چاڪاڻ جو ڪنهن وڏي ڪهاڻيڪار چيو آهي تہ:

”اُئون جيڪي ڪهاڻيون لکان ٿو، اُهي رُڳو منهنجيون تہ ڪونهن، اُهي اوهان جون بہ آهن.“

۽ واقعي اديب تہ سماج جو نمائندو آهي جيڪو انهن جا درد توڙي خوشيون پيو هڪبئي تائين پهچائيندو آهي، جنهن کي اياز پيغمبر ڪوٺيو آهي.

”اديب پوسٽ مئن نہ پيغمبر ٿيندا آهن ۽ انهن جو پيغام قومن جي تقدير بدلائي وجهندو آهي.“

پوپٽ پبلشنگ هائوس پاران ڇپيل هن ڪتاب جو مهاڳ ناليواري ڪهاڻيڪاره ۽ محقق ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو لکيو آهي.

◙

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

1. ”مهراڻ“ جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت ”مهراڻ“ جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي تہ اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن بہ رسالي يا اخبار کي نہ موڪليل آهن.
3. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڏيڻو آهي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون ٻہ عدد ڪاپيون ايڊيٽر ’مهراڻ‘ کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.
5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.
6. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي تہ هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ بہ کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشہ قائم رکن.
7. مواد سمجهہ ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي تہ اُهو بہ لکجي. (نئون نکور فوٽو موڪلڻ نہ وسارجي).
8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻڌل نہ رهندو.
9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
10. نظرثاني کان سواءِ ۽ تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ بنهہ گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي تہ مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
11. اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. ڇونڊ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻڌل نہ رهندو.

■

# پهريون خيرپور لٽريچر فيسٽيول




پهرئين خيرپور لٽريچر فيسٽيول جي مختلف سيشنس ۾ ساڃاهه وندَ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري رهيا آهن



پهرئين خيرپور لٽريچر فيسٽيول ۾ شريڪ مهمان

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly



سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جو مڙهه غلام شاهه ڪلهوڙو
جي مقبري ڏانهن جنازي نماز لاءِ نيو پيو وڃي



جلال محمود شاهه، پروفيسر سليم ميمڻ، ڊاڪٽر مظهر جميل، جامي چانڊيو
تاج جويو زيب سنڌي، محسن جويو ۽ ٻيا
سائين محمد ابراهيم جويو صاحب جي جنازي نماز ۾ شريڪ آهن